بوگ راسشت سذانة ساعر

Metaphysics | तत्त्वज्ञान

Book 3. | ग्रन्थ ३.

تتو گيان

گرنٿ ٽيون

عرف

شري يوگ واسشٽ سڌانت سار

لکندڙ

گوڪلداس ايسرداس پاڳيا

ليڪچرار انجنيرنگ ڪاليج ڪراچي.

دفعہ پهريون] جلد ١٠٠٠ [آگسٽ ١٩٤١

پيسا { ڪپڙي جو جلد ٠-١٣-٠
د فتريءَ جو جلد ٠-١٠-٠

ڇپائيندڙ- ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل

حيدرآباد- سنڌ

ڪِڪيءَ جي يادگيريءَ ۾



شريمتي لڇمي باءِ بولچند ميرچنداڻي
مسز شنڪر سنگهه - اي - آڏواڻي

جنم — ٢٠ سيپٽمبر ١٨٩٧

ديهانت — ١٠ جنوري ١٩٤١

ڇپائيندڙ جو نوٽ

هي سندر پستڪ سري يوگ واسشٽ جو سار اسانجي پريتم پروفيسر ياڳيا ڪيترن هندي ۽ انگريزي ڪتابن جي مدد وٺي سنڌ جي پريمي جگياسين لاءِ بلڪل گهڻي محنت ڪري لکيو آهي ۽ جنهن لاءِ اسين سنڌ نواسين ٻاران ڪيس ڌنيواد ٿا ڏيون.

اسين پڻ شڪرگذار آهيون ديوان اُڌارام منيرام ميرچنداڻي ڪليڪٽر حيدرآباد سنڌ جا جنهن پنهنجي پياري پيءُ جي پوتر يادگيري ۾ هن پستڪ لاءِ سهائتا ڏني آهي.

اسين اُميد ٿا ڪريون ته ست سنگي پاڻ هي پستڪ خريد ڪري پاڻ پڙهي ٻين سنگين کي به پڙهڻ لاءِ همٿائيندا.

مهرباني ڪري شڌي پتر واريون چڪون سڌاري پوءِ پڙهندا.

شيوا ۾

هري سندر روپچند

منتري

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل

سڌار سڀا حيدرآباد سنڌ.

٥ آگسٽ ١٩٤١

فهرست

شڌي پٽر

نوٽ- پاٺڪ ڪرپا ڪري ڪتاب اندر هيٺيون درستيون ڪري پوءِ پڙهڻ شروع ڪندا.

صفحو	سٽ	اشد	شد
٢	١٣	پرسپرا ڪان	پرمپرا ڪان
٤	١٩	۽ گدائي	۽ گدا
٧	١٢	غريب ڪي	غريب ڪي ورسندو
١٣	٤	جو سڪ	جو سِڪ
١٣	٧	بيسنگ ساڪا	ڪنبير! سنگ ساڪا
١٤	١٥	مجرا صاف	هجرا صاف
١٤	آخر	هيٺن ذارئي	هِٺين ذارئي
١٥	١	جي خواهشي	بي خواهشي
١٥	٢	ڪر ذارئي	ڪر ڏارئي
١٥	٣	چاٽندي نون	چاٽندي نون
١٥	٣	روپ هيءَ	روپ هيءِ
١٥	٤	ديوين	ايوين
١٧	٧	۽ اننت	۽ اننت
١٧	١٢	جو پوجن	جو پوجن
٢٠	٧	پنجنهي	پنهنجي
٢٠	١٥	پڙهڻ ڪي	پڙهڻ جي اڇا ڪي
٢٣	١٧	سنت سان	سنتن سان

صفحو	سٽ	اشد	شد
٧٢	١٩	اَڳٽي ۽ ناس	اُڳٽي ۽ ناس
٧٢	٢١	سڀ ٻراٽي	سڀ ٻراٽي
٧٣	١٥	ٻاٻڻ ڪري	ٻکيڻ ڪري
٧٤	٢	دکہ جو روپ	(دکہ) جو روپ
٧٧	١٩	اھا جلي	اھا جلڻ
٨٠	١٢	ڪرٻا ڪري ٿي	ڪريا ڪري ٿي
٨٥	٣	سان گھيڙيل	سان گھيريل
٨٨	٢٢	مارگہ آھي.	مارگہ آھي،
٩٤	٢٢	۽ ڏنو	۽ ڏنوُ
٩٦	١٥	سنگہ سمت	سنگہ سھت
٩٧	١٦	جي اڌ ين	جي اڌ ين (مطالع ڪرڻ)
٩٨	١٦	ڀشاڄ	ڀشاڄ
١٠١	١٩	ڏسي رھيو	ڏسجي رھيو
١٠٣	٩	سرسوسٽي	سرسوٽي
١٠٩	٣	سٿر نظر	اسٿر نظر
١١١	١٤	اندر سرشٽين جون سرسٽيون	اندر سرشٽيون
١١٢	٣	ڪلپنا مي	ڪلپنا ميہ
١١٦	٩	من، ٻڌي	من، ٻڌي،
١١٨	٤	ٻاونا ٿري	ٻاونا ٿري
١١٨	١٩	سون ڪي	سون ڪي ٻلاٿي اٿو
١٢٥	٣	ٻاھريون الدريون	ٻاھريون اندريون


صفحو	سٽ	اشڌ	شڌ
٢٥	٧	ٻيا پرڪارين	ٻيا پرڪار
٢٥	١٤	ته مٿيا	نه مٿيا
٢٦	١٩	جائي ڪارڻ	جا ئي ڪارڻ
٣٠	١٤	ورني پرياڪرم	ورني پرياڪرم
٣١	٨	سڄي جڳت	سڄي جڳت جي
٣٩	١٥	”انويتا“	”اَنوستا“
٤٠	٥	سته ستانس	سته ست انس
٤٠	١٢	سڄو	سڄو
٤١	٢	سچ جو	سچ جو
٤٧	١٢	سوڳو جواب	ساڳو جواب
٤٩	١٩	جڳت جي استتا	جڳت جي ستتا
٥٠	١٦	پان آهي	يان آهي
٥١	٩	سگهه يا وندڻا	سگهه ۽ وندڻا
٥٣	١٩	گپان نيٺ	گيان نيٺ
٥٣	١٩	برهم گيان	برهم گيان
٥٣	٢٢	پراڻي پاسڪستا	پراٽيپاسڪ ستا
٥٥	٨	استمت هتا	استمت نه هتا
٥٨	آخر	(ايپيد نيٺ	(ايپيد نشي
٦٠	١٠	روپ	روپٺ
٦٠	١١	هوا سنسڪار	اهو سنسڪار
٦٥	٢٠	وستو گرٺ	ستو گرٺ
٦٦	١٢	وندڻا جو پترو	وندڻا جي پترو

صفحو	سٽ	اشد	شد
١٩٧	٣	ورلي ڦرڙ روپ	ورلي ڦرڙ روپ
٢٠٠	١٥	اچا جي ويچارڻا	اچا ۽ ويچارڻا
٢٠٠	٢٢	هڪ نيتيءَ	هو نيتيءَ
٢٠١	١٢	هسنا ملڪ	هستا ملڪ
٢٠٢	١٢	نتر مکہ	انتر مکہ
٢٠٢	آخر	شپ سندڀهہ	سپ سندڀهہ
٢٠٣	٢	لاٿ وانگر	لاٿ وانگر
٢٠٤	٣	اسنپدن	اسپندن
٢٠٥	٩	جنهن سد	جنهن شمت
٢٠٧	٨	سيتل ڀوش	ستل ڀوش
٢٠٨	١٩	ڪمند ڀيهڙ	ڪمند ڀيڙ
٢١١	١٧	منتر ڀہ	متر ڀہ
٢١٥	١٠	وارتا لاپ	وارتا لاپ
٢٣٠	٢١	ستوُ	سَتِوُ
٢٣٢	١٣	ستر گڙ	سَدَ گڙ

هيءَ ڪتاب ڀائي مورجمل ايسرداس
ڀاڀيولو (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس، فوجداري روڊ،
حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽
مسٽر هري سندر روپچند سيڪريٽري
ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل سدار سپا ڪاهي رستو
حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

صفحو	سٽ	اشد	شد
١٢٧	١٨	ڪروت	ڪروٽ
١٢٩	٢٠	جا وسٽو	جدا وسٽو
١٣١	١٤	ڳڻن جو	ڳڻوءَ جو
١٣٥	١١	جڳت روپي	جڳت روپ ۾
١٣٨	٧	سارو وسٽو	سار وسٽو
١٣٨	١٨	برهمانند جي	برهمانڊ جي
١٣٩	٥	۽ اڇٽيہ	۽ اُڇيٽيہ
١٣٩	٦	ورڻ ڪن ٿا	ورڻن ڪن ٿا
١٤٨	١٠	برهم اڄڙ	برهم اڄو
١٥٤	١٣	ديئوي ڀوڳن	د ليوي ڀوڳن
١٥٨	١٥	پڱل ان	پُڱل اَن
١٦٢	١٠	وغيره جي جڳياسوءَ	وغيره جڳياسوءَ
١٦٨	١٣	من جي ڪن	من جي ڪُنَ
١٦٩	١٨	گيانواي	گيانوان
١٧٢	١٧	اڇيٽو.	اڇيٽو،
١٧٤	٢	هزارن جنهن	هزارن جنمن
١٧٥	١٩	يوشمت (لون) يشمد	يشمد
١٨٧	١١	سپاري جي	سياري جي
١٨٨	٥	جو پوئنيا ڳہ	جو بہ پوئنيا ڳہ
١٩١	٣	عصو گهٽو	غصو گهٽو
١٩٦	١٩	مڪہ ۾ ملي	مڪہ ۾ هلي

يوگ واسشت سدانت سار



مهرشي والميڪ
(يوگ واسشت لکي رهيو آهي)

ٻه اکر

(ساڌو ليلا شاه)

هن کان اڳ تتو گيان مالها جا ٻه پستڪ ڇپجي چڪا آهن. پهريون پستڪ آهي "پنچيڪرڻ"، جنهن ۾ ويدانت جي سولي پرڪريا (Systemetic exposition) سوال جواب رستي ظاهر ڪيل آهي؛ جنهنڪري هرڪو جگياسو ٿوريءَ ئي محنت سان ويدانت جي اُصول کي همت ڪري وٺي ٿو. ٻيو پستڪ آهي "شري وچار ساگر"، جنهن ۾ ويدانت جي باريڪ سڌانتن جي سمجهاڻي ڏنل آهي: هندو فيلسوفيءَ جو هيءُ هڪ اعليٰ گرنٿ آهي. ڪنهن جاڻوءَ جي مدد وٺي هن گرنٿ کي غور سان پڙهبو ته ويدن جي فيلسوفيءَ جا اَمولڪ رتن سولائيءَ سان حاصل ٿيندا. هيءُ ٽيون گرنٿ آهي "يوگ واسشٽ" جي سڌانتن جو نچوڙ. پاڻڪن کي خبر هئڻ گهرجي ته برهم وديا جي شاسترن ۾ يوگ واسشٽ هڪ اُتم جاءِ والاري ٿو.

برهم وديا جو مُول (بنياد) ويد آهن. ويد اَنادي مڃيا وڃن ٿا جو هر هڪ ڪلپ جي شروعات ۾ ايشور سماڌيءَ ۾ ويٺل رشين دوارا اُنهن کي ظاهر ڪري ٿو؛ جيئن گيتا جي چوٿين اڌياءَ جي شروع ۾ ڀڳوان ارجن کي چيو آهي ته "هيءُ پراڻو يوگ توکي ٻڌايان ٿو جو اڳيم سورج کي ٻڌايو هوم، سورج منوءَ کي ٻڌايو هو وغيره".

ويدن ۾ ڪرم اُپاسنا ۽ گيان جا منتر آهن. اُنهن منترن کي "سنگهتا" پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. آڳاٽي زماني ۾ اُنهن منترن تي رشين سمجهاڻيون لکيون جي **براهمڻن** جي نالي سان ڪوٺجن ٿيون. براهمڻن ۾ ذڪر آهي ١- ودي، ٢- اَرٿ واد، ۽ ٣- ويدانت جو. "وديءَ" ۾ ڪرم ڪانڊ جي ڪول ڪيل آهي، جهڙوڪ ڪهڙو يگيه ڪهڙي مطلب جي سڌ ڪرڻ لاءِ آهي؛ ۽ اُن يگيه ڪرڻ جو طريقو پڻ اُت بتايل آهي. "اَرٿ واد" ۾ ڪرم ڪانڊ جي سڌ ڪرڻ لاءِ دليل بازي ڪيل آهي ۽ اُن لاءِ مثال پڻ ڏنل آهن. "ويدانت" ۾ ڌيان ڪرڻ جا طريقا ڏيکاريا ويا آهن ۽ پرماتما وشيه جو بيان آهي. "ويدانت" لفظ جي معنيٰ آهي "جاڻ جنهن کان پوءِ جاڻڻ يوگ باقي ڪجهه نه رهي".

پراچين وقت ۾ رشين جگياسين کي ويد جي منترن جو آڌار وٺي گيان جون سمجهاڻيون ڏنيون، جن تي نالو پيو **اُپنشد**. ائين ڪٿي ڇنڊجي نه ويد جي گيان ڪانڊ جي اُڌار لاءِ ٿي اُپنشد تيار ٿيا. ان ڪري اُپنشدن کي پڻ "ويدانت" چيو ويندو آهي.

يوگ واسشٽ پڻ والميڪ رشيءَ آڳاٽي زماني ۾ تيار ڪيو. هن ۾ ڇهه پرڪرڻ آهن جن ۾ اٽڪل ٻٽيهه هزار شلوڪ آهن:-

ڪتابون ڇپيل آهن جن مان مکيه ست ڪتابون هن
”سدانت سار“ ۾ ڏنل آهن.

يوگ واسشٽ هڪ مٿن شاستر آهي، تنهنڪري هن شاستر جي پڙهڻ مان پورو فائدو تڏهن ٿيندو جڏهن پهرين پورن گروءَ وٽان تتو گيان گرنٿ پڙهيون ۽ پڻ ڇهون پرڪريا جو گرنٿ ڌارڻ ڪيل هوندو. هن گرنٿ جي پرمڪا ۾ پڻ ويدانت جي ڪن سدانتن تي وويچن ڪيل آهي جو شروع ۾ مٿن ڪال ۾ خاص ڪارائتو ٿيندو. ان ڪري پرمڪا پوريءَ طرح سان سمجهي پوءِ مول گرنٿ پڙهبو ته وڌيڪ ڦل دائڪ ٿيندو.

برهم وديا جي سدانت جي جيتري ڪول يوگ واسشٽ ۾ آهي، تيتري ٻئي ڪنهن ٻه شاستر ۾ ڪانه آهي. هيءَ شاستر انيوي پرشن ڪي خاص پيارو آهي. **سوامي رام تيرٿ** هڪ دفعو وياکيان ڏيندي چيو ته ”سنسار جي سڀني گرنٿن کان يوگ واسشٽ اُتم گرنٿ آهي. اهو ناممڪن آهي جو يوگ واسشٽ جو پوريءَ طرح سان چنتن ڪجي ۽ گيان نه ٿئي“. (رام بادشاه جو ستون ڪتاب، صفحه ٦٥، ڇاپو ١٩٣٢ع وارو.) بنارس هندو يونيورسٽيءَ جو **ڊاڪٽر آتريه** * لکي

---

* هن گرنٿ جي جوڙڻ ۾ خاص مدد ڊاڪٽر صاحب جي ”يوگ واسشٽ سدانت“ نالي گرنٿ مان ورتي ويئي آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب جو اُپڪار مڃيو وڃي ٿو.

جي - آءِ - پاڇيا

١- وَنُراگيہ پرڪرڻ ۾ ١٥٠٠ شلوڪ
٢- مُمڪشُو " ١٠٠٠ "
٣- اُتپتي " ٥٠٠٠ "
٤- سٿتي " ٣٠٠٠ "
٥- اُپشم " ٥٠٠٠ "
٦- نِرواڻ پرڪرڻ جي
پهرئين ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ١٦٥٠٠ "

يوگ واسشٽ کي مها رامائڻ، آرش رامائڻ، واسشٽ رامائڻ، گيان واسشٽ ۽ واسشٽ آدڪ نالن سان پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. هي گرنٿ برهم وديا جو هڪ اَدِتيہ شاستر آهي. هماليہ پهاڙ مثل هن جو سدانت اوچو آهي. ويدانت جو سڀ کان اُتم سدانت آهي "درشٽي سرشٽي واد" ۽ "اَجات واد"، سا يوگ واسشٽ جي خاص وشيہ آهي. (هن سدانت جي سمجهاڻي پرمڪا جي آخر ۾ پڻ ڏني وئي آهي.) تنهن کان سواء ونراگيہ وغيره جيڪي ٻيا سادن آتم گيان جي جگياسوء لاء ضروري آهي تن جو پڻ هن گرنٿ ۾ وستار سان ورنن ڪيل آهي. ويدانت جي وشيہ سوکم آهي، تنهن کي جگياسوء جي ٻڌيء ۾ پوريء طرح سان وهارڻ لاء ڪيترا درشٽانت ۽ اَلنڪار ورنن ٿيل آهن. البت درشٽانت اهڙي پرڪار جا آهن جو عام سمجهہ واري پرش لاء ٻي مطلب ڏسڻ ۾ ايندا، مگر آتم گيان جي جگياسوء لاء بلڪل ڪارائتا آهن. هن ۾ ڪل ٥٥

هيءُ گرنٿ پڙهن، بلڪ مراد اِها آهي ته هن گرنٿ دوارا مول يوگ واسشٽ ۾ پروڙڻي ٿئي.

جيتوڻيڪ سنسڪرت يوگ واسشٽ جو پورو پورو ترجمو هنديءَ، اُردوءَ خواه سنڌيءَ ۾ ڪونه آهي، ته به جيڪي ترجما موجود آهن سي مُول ڪان گهٽو ڦوريل نه آهن ۽ اُنهن ۾ ودنن ٽيل سدانت مُول جي اَنُوسار ٿي آهي. هندي يوگ واسشٽ جي قيمت آهي ست رپيا؛ سنڌي يوگ واسشٽ جي سوا ٽيرهن رپيا. سنڌي يوگ واسشٽ جو اُلٽو اُردو ترجمي تان ڪيل آهي؛ ۽ اُردو خواه هندي ترجما وري پنجابي اُلٽي تان ڪيل آهن. پنجابي اُلٽو هن طرح تيار ٿيو جو اٽڪل ١٧٥ سال اڳ پٽيالا رياست جي مهاراجا صاحب سنگهه وٽ سنڌس ٻه وڏواڻون پيئر رهنديون هيون. مهاراجا اُنهن جي ست سنگ خاطر ڪونه ڪو پرپنت ڪندو رهندو هو. هڪ وقت مهاتما رام پرساد نرنجنيءَ کي پرارٿنا ڪري پنهنجي بغيچي ۾ رهايائين ۽ هو راجا جي پيئرن کي روز يوگ واسشٽ جي ڪٿا ٻڌائيندو هو. سڄو گرنٿ جڏهن راڄ پيئرن ٻڌو تڏهن کين ايلاڪا ٿي ته هڙو سنڌ گرنٿ جيڪر اسانجي ڀاشا ۾ هجي ته اُنجو چڱيءَ طرح سان منن ڪجي. مگر ڄاڻائون ٿي ته سوامي رام پرساد جهڙو ورڪت ساڌو نه اهڙو ڪاريه هٿ ۾ ڪين ڪٽندو. تنهنڪري اٽڪل ڪري راجا ڪون سنت

ته ”هيءُ مها گرنٿ ساگر سمان اٿاهه ۽ وشال آهي. هن ۾ انيڪ قيمتي رتن موجود آهن، جيترا هن ۾ غوطا لڳائبا اوترا وڌيڪ رتن هٿ ايندا جي مهان آنند دائڪ ٿيندا.“ **وديارڻ سواميءَ** ”جيون مڪتي وويڪ“ نالي گرنٿ ۾ يوگ واسشٽ مان ٢٥٣ سلوڪ درج ڪيا آهن. ٽنهن کان سواءِ وراڳيه شتڪ، مالبوڪيه ڪارڪا، وويڪ چوڙامڻي، ويدانت سڌانت مڪتاولي وغيره انيڪ گرنٿن ۾ يوگ واسشٽ جا اداهرڻ درج ڪيل آهن. ان مان ثابت آهي ته پراچين خواه اڄوڪي وقت جي مهاتمائن يوگ واسشٽ جو گهڻو آدر ڪيو آهي. خود يوگ واسشٽ جو ڪرتا يوگ واسشٽ لاءِ جاني چوي ٿو ته ”هن گرنٿ جي شروڻ، منن ۽ ندياسن ڪرڻ کان پوءِ موکش لاءِ تپ، ڌيان، جپ آدڪ ڪنهن به ٻئي ساڌن جي ضرورت ڪانه رهندي. هيءُ شاستر سڀني دکن جي ڪيءَ ڪرڻ لاءِ، بڌيءَ کي پورو بڻائڻ لاءِ ۽ پرم آنند جي پراپتيءَ لاءِ ڪافي ساڌن آهي“.

يوگ واسشٽ سڌانت سار ۾ يوگ واسشٽ جي سڌانتن جي ڇانڊ ڪري جدا جدا ورڻن ڪيو ويو آهي، ان آشا سان ته هن گرنٿ جي اڌين ڪرڻ سان يوگ واسشٽ جي سڌانتن کي وڌيڪ چڱيءَ طرح سان هٿ ڪري سگهجي. ٽنهنڪري هن گرنٿ جوڙڻ ۾ اهو ڀاو نه آهي ته جگياسو مول يوگ واسشٽ جي بجاءِ

يوگا

”يوگ واسشٽ شاستر“

وويڪ:- جيو جو مکيه اُديش (مقصد) آهي اکنڊ آنند (نت سک) حاصل ڪرڻ. اهو واکيه هن مان ئي ثابت آهي جو اسان مان هرڪو سک لاءِ ئي چاهنا ڪري رهيو آهي، بلڪ ٻاڻ پتوڙي رهيو آهي؛ مگر اسان جي اڻ ڄاڻائي ايتري قدر گهري آهي جو اسين اکنڊ آنند کان پلجي صرف ڪڻ ڀنگر (ناسونت) سک پٺيان پنهنجو سميه ۽ شڪتي برباد ڪري رهيا آهيون. هر روز آزمودا پيا ٿيون ته جنهن وستوء پٺيان ڪالهه حيران هئاسين ان مان اڄ اسان کي آنند ڪونه ٿو ملي، ته به اسين دنيوي پدارٿن جي پٺيان پريشان آهيون. جڳن ته ڪو ڌن پٺيان حيران آهي، ته ڪو استريءَ پٺيان، ڪو پٽ پٺيان ته ڪو مان مرتبي پٺيان.

وري عجب اهو آهي ته ائين ڪندي به اسين پاڻ کي عقلمند ڳڻيون ٿا؛ درحقيقت آهيون منجهل. پلي اسان مان ڪو هوشيار ڊاڪٽر ڪونه ٿو يا ڪو چالاڪ راجنيتڪ ليکجي ٿو يا ڪو بي مثل وڪتا (orator) سڏجي ٿو، پر جي اسين پنهنجي اندرئين حال تي گهري نظر ڪنداسين ته ڄاڻ پيندي سين ته اسين بلڪل اڻ ڄاڻ آهيون، جو اها به خبر ڪانه ٿي پوي ٿي ته اها ٻاهرين

کي پراڻا ڪرايائون نه وري به ٻيو ٻيو يوگ واسشٽ جي ڪٿا ڪين ٻڌائي، جو سنت قبول ڪيو. هو ڏانهن راجا ڪٿا جي وقت پڙدي اندر به گپت ليکاري وهاري ڇڏيندو هو. ڪٿا وقت سنت جيڪي چوندو ويندو هو سو اُهي ليکاري درج ڪندا ويندا هوا. اهڙي نموڪار يوگ واسشٽ جو ترجمو پنجابيءَ ۾ تيار ٿيو. راجا وري عام لوڪن جي ڀلي لاءِ لٿو ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڪاشيءَ جي "اُچت گرنٿ مالا" وارن يوگ واسشٽ جي سنسڪرت شلوڪن جو سلسليوار هندي ترجمو ڇپائڻ شروع ڪيو آهي جو وڏيڪ سندر ٿيندو. اُچت گرنٿ مالا وارا اُنکي ماسڪ پتر جي صورت ۾ ڇپيندا اچن ٿا. اُن ماسڪ پتر جو ساليانو چندو سايا چار رپيا آهي. جڏهن گرنٿ اهڙيءَ طرح ڇپجي پورو ٿيندو تڏهن پستڪ جي صورت ۾ پڻ وڪرو ٿيندو.

يوگ واسشٽ جي پڙهڻ جو نمونو اهڙو هئڻ گهرجي جو ٻڌي ارٿ ۾ لين ٿي وڃي. اهڙي ڀڳتي پورن مهاتمائن جي سنگ مان هٿ اچي ٿي.

خزاني جي سڀني هيرن جواهرن جي پرک ڪري ڇڪو
ڏٺو ان جي ردي ۾ اهو ويچار اُٿيو ته وڏن جا هيرا
جواهر به ڏسان ۽ انهن جي پرک ڪريان. مٿين ٽن وزيرن
سان تنهن لاءِ صلاح ڪيائين. وزيرن چيس ته ”هي
راڄن، اها به تن دولت اوهان جي ئي آهي، مگر
ڏسجو مٿان لوڀ وس ٿي وڏن جي اُصول کي آڏو
ڦرو يعني اهو تن به پنهنجي خزاني ۾ ملائي ڇڏيو. ان
تي راجا خاطري ڏني ته ائين ڪين ٿيندو منهنجو ته
فقط اُن جواهرات کي پرکڻ جو ويچار آهي. ان تي
وزيرن وڏن واري سڀ جواهرات راجا جي آڏو آڻي
حاضر ڪيا. راجا ويهي هيرن جواهرن کي پرکڻ لڳو،
پرکيندي پرکيندي هڪڙو هيرو اهڙو نڪتو جو راجا ان
جو ملهه ڪٿي نه سگهيو. پنهنجي علم جا گهڻائي حيلا
هلايائين پر ڪيس پتو پئجي نه سگهيو. راجا اها مشڪلات
وزيرن کي ٻڌائي چيو ته ڪو ماهر جواهري آڻيو جو هن
هيري جو ملهه ڪٿي ٻڌائي. وزيرن هڪ ٻئي پٺيان ڪيئين
جواهري آندا پر هيري جو ملهه ڪو به ڪٿي ڪونه سگهيو.
آخر راجا کي خبر پئي ته هڪ ڏيڍ سو
ورهين جو پيرسن جواهري راڄڌانيءَ کان ٥٠
ميلن جي مفاصلي تي رهي ٿو جو هوشيار ۽ انڀوي آهي.
اهو شايد هن هيري جو ملهه ڪٿي سگهي، پر ٻرڌ
اوستا سبب ان جو اچڻ ڏکيو آهي. اهو ٻڌي راجا
کي اميد جاڳي ۽ وزير کي حڪم ڪيائين ته ٽون پاڻ

وڏائي ڪاڏي ٿي اٿيئون؛ اسان جو سچو پڇو اُديش ڪهڙو آهي ۽ اسين ڪريون ڇا پيا؟

انهيءَ تي هڪ اتهاس آيل آهي:-

ٻڍي جواهريءَ کي انعام:- هڪ راجا کي اچي شوق چڙهيو ته هيرن جواهرن جي پرک جو علم حاصل ڪريان. ڏهاڪو کن هوشيار جواهري دربار ۾ رکيائين ۽ لڳو انهن کان علم سکڻ. ڪن سالن پڄاڻان هيرن جواهرن جي پرکڻ جو چڱو علم حاصل ڪيائين. پوءِ اچي اهو خفت لڳس جو جيڪو هيرو يا جواهر ڏسي، ان کي وٺي پرکي. ائين ڪندي ڪندي سندس خزاني ۾ جيڪي هيرا جواهر هئا تن سڀني جي پرک پوري ڪري ڇڏيائين.

راجا جي ڪل جي پرمپرا کان اهو دستور هو جو جڏهن ڪو راجا مرندو هو تڏهن سندس هيرن جواهرن سان جڙيل قيمتي پوشاڪ ۽ ڇٽ جدا خزاني اندر رکيا ويندا هئا ۽ جيڪو نئون راجا تخت تي ويهندو هو ان لاءِ نوان تاج وغيره ٺهرايا ويندا هئا. جنهن خزاني ۾ اڳين راجائن جون پوشاڪون رکيل هيون تنهن جون ڪنجيون ٽن وزيرن جي حوالي رهنديون هيون. خود راجا به اها جواهرات ڪم لڳائي نٿي سگهيو؛ فقط ڏڪر يا دشمن جي ڏکاهه وقت سو به جڏهن پيو خزانو کٽي وڃي تڏهن اها جواهرات ڪم ۾ آڻڻ جي هئي. هاڻي هيءُ راجا جڏهن پنهنجي

ڪري راجا کي چيائين تہ هي راڄن هن هيري جو ملھہ آهي "نوانوي لک رپيا." اهو ٻڌي راجا ويچار ڪيو تہ جواهري سچ ٿي چوندو هوندو، ڇو تہ جيڪڏهن ڏکو هڻي ها تہ نوانوي لکن جي بدران ٻيو ڪو ٻڌو انگ جهڙوڪ اڌ ڪروڙ يا ٻہ ڪروڙ ٻڌائي ها. پر راجا انهيءَ حيرانيءَ ۾ رهيو تہ جواهريءَ کهڙي قسم جو علم ڪم آندو جو هيري جو اهو ملھہ ڪٿيائين. گهڻو ٿي ويچار ڪيائين پر ڪيئن اها ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ آئي. تڏهن جواهريءَ کي راجا چوڻ لڳو تہ هي جواهري تون بيشڪ جواهرين جو سرو آهين. مون کي ڪو اهو شڪ ڪونهي تہ تو ڪو پرک پوريءَ طرح سان نہ ڪٿي آهي؛ فقط پٽ هنيو آهي؛ نڪو منهن جو مطلب آهي تہ تنهنجو امتحان وٺان. پر مونکي اهو ويچار آهي تہ مون بہ گهڻوئي سمو جواهرن پرکڻ ۾ ويتيت ڪيو آهي، مگر جنهن چڪاس سان تو هي هيرو پرکيو سا چڪاس هٿ ڪين آئي اٿم. جيڪڏهن تون ڪرپا ڪري انهي ڪان واقف ڪرين تہ تنهن جو احسان سمجهندس. جواهريءَ چيس تہ هي راڄن! مان بہ اچي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتو آهيان. منهنجي اها اڇا نہ آهي تہ اهو علم پاڻ سان ٿي کڻي وڃان، تنهن ڪري توکي ڏسيندي مون کي پاڻ خوشي ٿيندي، تنهن لاءِ ٻڌ. پهريائين مون سمجهو تہ هي هيرو متان چندرمڻي هجي، ان ڪري مون پورنماسيءَ جي رات جو هيري کي چندرمان جي

ان ٻڍي جواهريءَ وٽ وڃ ۽ مان شان سان ۽ سڪيءَ ريت وٺي اچينس.

وزير ٽورن ڏينهن بعد انهيءَ جواهريءَ کي پالڪيءَ ۾ آڻي راجا وٽ حاضر ڪيو. راجا جواهريءَ کي سمورو احوال ٻڌايو ته هڪڙو هيرو آهي جنهن جي پرک ڪو به جواهري ڪري نٿو سگهي، ان لاءِ توهان کي تڪليف ڏني ويئي آهي. جواهرين جي * قانون پٽاندر راجا ان ٻڍي جواهريءَ جي ڪپڙن ۽ شرير جي تپاس ڪرائڻ بعد کيس اهو هيرو ڏنو. جواهريءَ ان هيري کي جاچي چيو ته هن جي پوري طرح سان پرک پورن ماسيءَ جي رات ئي ٿي سگهندي. انهيءَ ۾ باقي چار پنج ڏينهن هئا، اهي ڏينهن راجا جواهريءَ کي پاڻ وٽ محل ۾ مهمان طور رهايو.

پورن ماسيءَ جي چنڊ ڏَڙڻ تي ٻڍي جواهريءَ هيري جي پرک ڪرڻ شروع ڪئي پر اڇا به کيس پورو پٽو پئجي نه سگهيو. تڏهن راجا کي چيائين ته هڪ سؤ سچا هيرا گهرائي ڏيو. اهي ترت گهرايا ويا ۽ انهن جي مدد سان لڳو جواهري هيري کي تپاسڻ. نيٺ پرک

---

* جواهريءَ جي ڪپڙن ۽ گدائي خواه مک آدڪ انگن جي تپاس ڪرائي ڏنو ويندو آهي ته متان نڪلي هيرو لڪائي پاڻ سان آندو هجيس ۽ متائي سچو هيرو ڪڻي نه وڃي.

ڏيندس. هاڻي ٻڌاءِ تہ تو هن لاءِ ڪهڙو انعام سٽيو آهي؟

تڏهن وزير چيو تہ سائين هن جواهريءَ لاءِ مون تہ اها ڪٿ ڪئي آهي تہ هن جي اڳهاڙي مٿي تي هڪ سؤ پادر ڳڻي هڻجن. اُن تي راجا وزير کي چيو تہ مون جواهريءَ جي گهڻي ساراهہ ڪئي آهي، ان ڪري تون مون کي ڪجهہ انعام لاءِ انهن تو چوين. پر تون چوچا چڱي صاف ٻڌاءِ تہ تو هن عقلمند جواهريءَ لاءِ ڪهڙو انعام خيال ۾ آندو آهي؟ وزير جواب ڏنو تہ هي راجن آءٌ ڪل ڪو نہ ٿو ڪريان. جيڪي مان سمجهان ٿو سو پيش ڪيو اٿم.

تنهن تي راجا چيو تہ هي وزير اهو سچ چيو اٿئي تہ وزير جي ذات ڏاڍي ذات آهي جو ڪنهن غريب کي ڏسي خوش ڪو نہ ٿيندا آهن. توکان بہ اهو سٺو نہ ٿو وڻي جو آءٌ هن جواهريءَ جي واکاڻ ٿو ڪريان ۽ کيس ڪنهن وڏي انعام ڏيڻ جو ارادو ڏيکاريو اٿم. ان تي وزير نمرتا سان اُچاريو تہ هي منهنجا ان داتا مون کي حسد ڪو نہ ٿو ٿئي؛ توهين پنهنجي خزاني جا مالڪ آهيو، جنهن وڻيو تنهن ڪنهن کي بہ ورسايو؛ آءٌ اُرهو جو ڏيندس. توهان مونکان انعام لاءِ پڇيو تڏهن مون کي جنهن نيڪ نظر ۾ اچي ٿو تنهن چوان ٿو تہ هن جواهريءَ جي اُگهاڙي مٿي تي هڪ سؤ پادر هڻڻ گهرجن. تڏهن راجا عاجز ٿي پڇيو تہ هي وزير، ويچار

پرڪاش ۾ رکيو، پر ڏٺم تہ هيري جي تيج ۾ ڪو بہ ڦيرو ڪونہ پيو. اُن مان سمجهم تہ چندرمڻي تہ نہ آهي. اُن کان پوءِ سؤ هيرا گهرائي هڪ هڪ هيرو تنهنجي هيري جي چوڌاري رکندو ويس تہ تنهن جو هيرو ويو ٻين هيرن جي پرڪاش کي ڇڪيندو ۽ تيج ۾ وڌندو ۽ ٻيا هيرا تو واري هيري سان گڏ هڪڙو ٻڪو هيرو ٿي پرتيت ٿيڻ لڳا. اهڙي طرح سان تو وارو هيرو نوانوي هيرن جو پرڪاش ڇڪي سگهيو باقي پڇاڙيءَ جي هڪ هيري جو پرڪاش ڇڪي نہ سگهيو. اهڙي طرح تو واري هيري جو ملهہ نوانوي لک رپيا ڪٿيو ويو.

راجا اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. وزير کي چيائين تہ هي وزير هن جواهريءَ جي ٻڌيءَ کي شاباس آهي! بيشڪ هن جو عقل بي مثل آهي! هن کي چڱو چوکو انعام ڏيڻ اماڻ؛ پر آءٌ پنهنجي مک سان ان انعام جي باري ۾ ڪجهہ نہ چوندس ڇو تہ جيڪي چوندس سو هن لاءِ ٿورو آهي؛ تنهن ڪري تون پنهنجي سمجهہ هلائي هن کي جهجهو انعام ڏيئي خوش ڪر.

وزير ڪجهہ وقت ماٺ ڪري چپ چوريا تہ هي راجن توهان کي غصو نہ لڳي تہ آءٌ انعام ٻڌايانو. راجا ڪيس چيو تہ هي وزير تون هن عقلمند جواهريءَ کي ڪيترو بہ انعام ڏيندين تہ مون کي غصو ڪو نہ ٿيندو پر الٽندو خوشي ٿيندي. مان هن جواهريءَ مان ايترو خوش ٿيو آهيان جو منهنجي راج جو اڌ وراهي ڏيندس تہ بہ مان رنج ڪونہ

ٻاجهون آهڻي آپ دي سهي ڪيتي -
رهيو وچ وسوڙ دي دک ڀاري.
هور لک اپاو نا سک هووي،
پيچ ديک سياڻڙي جگ ساري
سک روپ اکنڊ چيتن هيءِ تون -
”بلا شاه“ پڪار دي ويد چاري.

تنهن ڪري اسان لاءِ لازم آهي ته پنهن جي ڏن، شڪتي ۽ وقت جو گهڻو حصو پرمارٿ طرف خرچ ڪريون. ان لاءِ سنڌرو ٻڌي جيڪڏهن اسين گيان مارگ ۾ هلنداسين ته ٿوري ئي وقت ۾ پرتڪش ڦل ڏسنداسين. گيان جي ڦل لاءِ ڪو ٿرسٽو ڪونه پوندو ته سرڳ آدڪ لوڪن ۾ مرڻ کان پوءِ اهو ڀوڳيو وڃي، بلڪ هلنڊڙ وقت ۾ هن ديهه ۾ ئي پرتڪش ڦل پراپت ٿيندو. اهڙو هي عجيب مارگ آهي.

هن مارگ ۾ انڌ وشواش جي ڪابه ضرورت ڪانهي، نڌهن به گروءَ جي ضرورت آهي، جنهن مٿي اتهاس ۾ ڏيکاريل آهي ته راجا کي جواهريءَ جي فن سکڻ لاءِ جواهرين جي هدايتن جي گهرج رهي؛ بلڪ انهن هدايتن تي هلندي اڃا به ان جواهريءَ جي هدايت جي ضرورت ٿي؛ تنهن پرمارٿ جي سڌ ڪرڻ لاءِ به ست سنگ ۽ گروءَ جي ضرورت آهي. انهن تحقيق آهي ته هيرن پرکڻ جو علم راجا پنهن جي ٻڌيءَ ۾ انپن ڪيو ۽ جواهرين کو گهوڻي سنڌس مک ۾ اهو علم ڪونه وڌو، نه به

جا ويڙ، ڀلا ڪولي سمجهاءِ ته انهيءَ ۾ ڪهڙو راز رکيل آهي؟ ان تي وزير هيٺيون جواب ڏنو:-

هي راجن هيءُ جيو جڏهن چوراسي لک جوٽين جو چڪر پورو ڪري ٿو، يا جيو جو ڪو مهان پڃ اُديه ٿئي ٿو تڏهن کيس منش جنم ملي ٿو. منش ۾ به وري ٻڌيءَ جي ٽار تميتا يعني گهٽ وڌتائي آهي. جنهن منش کي ٻڌي اوچي پراپت ٿئي ٿي ان لاءِ سمجهڻ گهرجي ته ان جو ضرور ڪو پورب ڪرم جو مهان پڃ ڦليو آهي. اهڙيءَ ريت وڏي مشڪل سان پراپت ٿيندڙ اتم ٻڌي هن جواهريءَ فقط ٻڻن جـــي پرکڻ ۾ ئي ڪونه ڇڏي. ان ڪري کيس ڌڪار آهي. کيس لازم هو ته اهڙيءَ اتم ٻڌيءَ کي پرمارٿ طرف لڳائي ها ته جوٽين جي چڪر کان مڪت ٿي پرم آنند کي حاصل ڪري اننت جنمن جي پاپن کان ڇٽي ها. افسوس ته هاڻ شريو ڇڏڻ وقت اهو ٻڻن پرکڻ جو هنر ان کي ڪهڙي هٿي ڏيندو، يا پرلوڪ ۾ ڪهڙي ڪم ايندو.

سڌانت:- اهڙي پرڪار اسين ڀلي ڪهڙا به قابل ۽ سياڻا ڪوٺيون پر در حقيقت مهان مورک آهيون جو اسين اکنڊ آنند کي ڀلائي ويٺا آهيون. بلا شاه پڻ پنهنجي سه حرفيءَ ۾ فرمايو آهي:-

الف- آپڻي آپ نُون سمجهه ڀلي-

ڪي وست هيءُ تيرڙا روپ پياري،

ساڌ سنگم:- ڪي ساڌو جگياسن کي اُپديش ڪن ٿا تہ ”جگياسوءَ کي فقط هڪ گروءَ جوئي سنگ ڪرڻ کپي، ٻئي ڪنهن **ساڌو** سنت جو سنگ ڪرڻ نہ گهرجي. ۽ ان ۾ اهو درشٽانت ڏين ٿا تہ جئن پتورتا استري پنهنجي ڀتار کان سواءِ ٻئي پرش جو سنگ نٿي ڪري تئن سچي جگياسوءَ کي بہ پنهن جي گروءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ساڌ سنت جو سنگ نہ ڪرڻ گهرجي.“

اهو اپديش شاسترن جي ورڌ آهي. هڪ هنڌ چيل آهي تہ گرو، سنت ۽ هري ٽيئي هڪ صورت ڄاڻڻ گهرجن. سامي صاحب بہ پنهن جي هڪ سلوڪ ۾ فرمايو آهي تہ ”ستگرو کان ملپل هيرو پڻ پورن پرشن کان پرکائڻ گهرجي.“

سلوڪ

ستگر ڏيکاري هيرو ڏنو هٿ ۾،
چيائين چيٽن ٿيءُ، ٺڳڙي نهاري
* **پرکائي پورن کون**، تن من سڀ ٺاري
سامي سنڀاري رکي دل دليءَ ۾.

اهڙي اُلٽي اپديش ڏيڻ ۾ انهن ساڌن کي شايد اهوئي اونو ٿو رهي تہ سندن شش متان ڪين ڇڏي وڃن ۽ سندس آجيوڪا کي جوکو رسي- ان لاءِ هڪڙو درشٽانت آهي:-

روئي رکي ڪٽڻ:- هڪ غريب ڪٽنب هو

* پين سنتن يا پورن پرشن کان پرکائي.

وقت بوقت جواهرين جي سمجهاڻين جي واجاڪي ضرورت رهي ٿ انهيءَ ڪري جگياسوءَ کي گيان جيترو ٽيڪ پنهنجي پڌيءَ ۾ ني اُٿن ڪرڻو آهي ؛ گرو ڪو پيالو پياري يا جادو پڙهي منجهس گيان ڪونہ اُٿن ڪندو، تہ بہ وقت بہ وقت گروءَ جي سمجهاڻيءَ (اُپديش) جي جگياسوکي اليمت ضرورت آهي. گرو نانڪ صاحب جن بہ ٺ فرمايو آهي :-

مت ڪوئي پرم ڀوُلي سنسار- گر بن ڪوئي نہ اُترس پار.

سادن جو جوتو پوڄن ڪائڻ :- ڪن جگياسن ۾ سچي سنگ نہ ملڻ سبب اُبتا سنسڪار گهر ڪري وڃن ٿا. جيئن تہ ڪن کي اهڙو خيال ويٺل آهي تہ سنتن مهاتمائن جي جوتي پوڄن ڪائڻ ڪري انهن جي آتمڪ شڪتيءَ جو انگ سندن اندر واس ڪندو، پر اها سندن ڀل آهي. گيتا ۾ (١٧-١٠) ڪرشن ڀڳوان جوتي پوڄن کي تامسي پوڄن ڪوٺيو آهي ؛ تامسي پوڄن جي ڪائڻ سان من ۾ تامسي وڪار اُٿن ٿين ٿا. ان ڪري جيڪي جگياسو سادن جو جوتو پوڄن خواه پاڻي ورتائن ٿا، تنهي پرمارت ۾ اُنتيءَ بدران هاڃي ٿئي ٿي ؛ ؛ اُهي سادو جيڪي جگياسين کي پنهن جو جوتو پوڄن ڪائڻ يا جوتو پاڻي پيڻ لاءِ هٿائين ٿا سي خود پاپ جا ڀاڳي ٻڻجن ٿا. اُن تي ڪبير صاحب جن فرمايو آهي تہ:-

ڪبير گرو جسڪي اندلي، چيلي اند بہ اند ؛
هوءِ دکي سنسار ۾ ڦري جم کي ڦند.

ڪڇ، مان ڪري پيٺي ۽ ڏاڍي شرمندي ٿي.

سڌانت:- ساڳيءَ طرح مٿي ڏيکاريل اپديش ڪندڙ ساڌو پڻ اپديش ڏوهي ڏنڻ هٽڻ وقت اُن پديءَ وانگر اهوئي اونو ڏکن ٿا ته ڪٿي اسان جو سڪو اکري نه وڃي. اهڙن ساڌن سان هيٺيون سلوڪ ڪبير صاحب جن جو فرمايل لاڳو آهي:-

بيسنگه ساڪا[1] ڀهٽي[2] ڪيئي - ڪيشو ڪيئو نه ميت
چالي ٿي هر ملن ڪو- پيڇي اڱيو ڇيٽ

شاهه صاحب پڻ چيو آهي:-

جنهن سنياسيءَ ساڌيو گندي ۽ گراهه
تنهن کون الله اڃا آڳاهون ٿيو.

هن باري ۾ ڪڇ لکڻ جي ضرورت هن ڪري ٿي آهي جو اهڙن ساڌن جا آچار وهنوار ڏسي پڙهيوان جو من ڦريو ٿو وڃي (mind revolts) ۽ اهڙا پڙهيوان سمجهڻ لڳن ٿا ته ڪلجگ جي پوري ۾ سچو سنت ملڻ ناممڪن آهي؛ پر ائين ڪين آهي. سچا سنت هر ڪال ۾ موجود آهن. اسان کي انهن جي ڏسڻ جون اکيون ڪين آهن.

سوامي وويڪانند فرمايو آهي ته اسين پاڻ کي لائق جگياسو بڻايون ته پوءِ سچي گروءَ ملڻ ۾ دير ڪانه ٿيندي. تتو گيان گرنٿ پڪارين خواهه پٺي ۾ جگياسوءَ جا لڇڻ

١- سڪٽيون. ٢- پرماتما.

تنهن ۾ هڪ پاڻيءَ جو موت ٿي پيو. تنهن ڪري روز پوپاڙيءَ جو پاڙي اوڙي جون زالون سندن گهر ۾ پرچاڻي ڪرڻ اينديون هيون ۽ ڪٽنب جون زالون پڻ وچائي روئڻ پٽڻ ويهنديون هيون.

ان گهر ۾ هڪ پيڙهي عورت به هئي جنهن جا ڏند پڄي پوي ويا هئا جنهن ڪري روٽي کائڻ ۾ هن کي گهڻو وقت لڳي ويندو هو. منجهند جي روٽي جڏهن کائڻ ويهندي هئي ۽ اڃا اڌ روٽي مس کائيندي هئي ته زالن اچڻ جي مهل ٿيندي هئي. ان ڪري هيءَ ويچاري اڌ ۾ روٽي رکي وڃي رڻ پٽڻ ويهندي هئي، ان ويچار سان ته زالون ٿي وڃن ته باقي روٽي پوءِ آهستي آهستي کائينديس. پر پاڻ وڃي ويهندي هئي پٺ لي ته گهر جي پارن کي لڳندي هئي بک، سي وڃي سندس رکيل روٽي کائي ڇڏيندا هوا ۽ هن ويچاريءَ کي بک ڪيڏي پوندي هئي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٻه ٽي ڏينهن گذريا ۽ کيس بک وياڪل ڪرڻ لڳي تڏهن ڇا ڪيائين جو بچيل روٽي رکي وڃڻ جي بدران، ڪڇ ۾ ڪري وڃي زالن سان رڻ پٽڻ ويٺي. جڏهن هن ڇاتيءَ تي ڌڪ ٿي هنيا ته هڪ هٿ پوري ڪري چڱي طرح سان پٽي ڪٽيائين پر بيو هٿ گهڻو پوري ڪري نٿي سگهي. تڏهن انهن زالن مان ڪن چيو ته اڄ ويچاريءَ پيڙهي کي ڇا ٿيو! پانهن سگهي ته ڪانه پيس!! جڏهن سندس پانهن جاچي ڏٺائون ۽ ڇڪي مٿي ڪيائونس، تڏهن روٽي پيڙهيءَ جي

ڀيرين پاءِ زنجير جي خواهشي دي، اِس نفس
نون قيد ڪر ڏاڙني جي ؛
جاڻ جاڻندي نون جاڻ روپ هيءَ نون، بلاشاه
ڪاڙيون خوش گذارني جي.

ساڌوءَ جا ڌرم:- دنيوي ڪامنائن جو تياڳ ڪري ستسنگ ڪندا ايندا سين ته اسان ۾ اهڙي سمجهه اچي ويندي جو سچو ساڌو سڃاڻي سگهنداسين. اسان جي سنڌڙيءَ ۾ برابر پورن مهاتمائن جو ڏڪار آهي. ورڪت مهاتمائون ملڻ مشڪل ٿيا. ڪيترا مهاتمائون ڏسجن ٿا جي گرهست آشرم تياڳ ڪري وري وڃي ٽڪاڻا ۽ آستان ٺاهن ٿا ۽ دنيا ڪٺي ڪن ٿا. اهو انهن آهي جهڙو التي ڪري وري التي کيل گند کي مک ۾ وجهڻ.

ڪرم علي درويش ڀلي فرمايو آهي ته:-

جوڳي هن جڳ جا، جن جو اٿي سان آرو،
هڪ مار وجهن مائي تي، ٻيو ڳالهين ڳنڪارو؛
ويچارن وجود کي، ڏک نه ڏيکاريو؛
سي ڪنهن لهن چارو، ڪرم جو ڪرمعلي چوي.

ڪن ساڌن جو وهنوار ته ماڳهين وتشائن جهڙو آهي. جنهن ويشيا ڌنوان کي سنمان ڏني ٿي ۽ نرڌن کي ڀڄي ڇڏي، اهڙو حال ڪيترن ساڌن جو آهي. آچارين چار آشرم- برهمچريه، گرهست، وان پرهست ۽ سنياس مقرر ڪيا آهن. شاستر جو فرمان آهي ته سنياس

ڏيکاريا ويا آهن. ڪوشش ڪري جگياسوءَ کي اهي سمورا لڇڻ ڌاري پاڻ کي لائق ڪرڻ گهرجي.

واشنائن جو تياڳ:- جگياسو لاءِ پهرين ڳالهه ضروري جا آهي سا آهي دنيوي واشنائن جو تياڳ.- سوامي شيورام جن فرمائيندا آهن ته ڪمند ۽ مائي گڏ ڪائي ڪونه سگهبا، جو ته ڪمند روپي واشنائون ڇباڙي چوڙو ڪري ٻاهر ڦٽا ڪرڻا آهن ۽ مائيءَ روپي پرمارٿ ڇباڙي اندر نيٺو آهي. ان لاءِ ٻئي ورودي (برخلاف) ڌرمن واريون وستو گڏ ڪين رهي سگهنديون. جئن شاه عبداللطيف پڻ فرمايو آهي "خودي ۽ خداءِ ڪين مائيندا هڪ من ۾، ٻن ترارين جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾."

ساڳيءَ طرح دنيوي واشنائون ۽ پرمارٿ ٻئي ورودي پدارٿ آهن. انهن مان هڪڙوئي رکي سگهبو. ٻئي گڏ هٿ ڪري ڪونه سگهبا. ان تي هڪ مهاتما فرمايو آهي:-

دل ڪا حجرا صاف ڪر، جانان ڪي آني ڪي ليئي
ڌيان غيرون ڪا اُٺا، اُسڪي بٺاني ڪي ليئي؛
ايڪ دل لاکون تمنا، اس پہ اور زياده هوس؛
ڦر ٺڪانا هي ڪهان، اُسڪي ٺڪاني ڪي ليئي؟

بلا شاه پڻ پنهنجي سي حرفي ۾ فرمايو آهي:-

ب- ٻن اکيان تي ڪن دووي، گوشي ٻهنڪي باس
وچارئي جي،
ڇڏ خواهشان جگ جهان ڪوڙا، ڪهيا عارفان دا
هڪڙين ڌارئي جي؛

کو پنهنجون ڪرم ساڌوءَ واسطي ڪونہ آهي. (شلوڪ ٤٠)

سنتن جا لڇڻ ڀرٿري مهراج ”ويراڳ شتڪ“ ۾ وستار سان ورنن ڪيا آهن - انهن مان ٿورو بيان هيٺ ڏجي ٿو:-

١- ”هٿن روپي پاٽر ۾ ڀڪيا جو ان گرهڻ ڪري ڀوڄن ڪري ٿو، دشائن روپي سندس پوشر وستر آهن ۽ اننت پرٿوي سندس سيڄا آهي جٿي سک سان آرام ڪري ٿو. اگيان سندس ناس ٿي ويو آهي؛ دينتا نورت ٿي ويئي اٿس؛ مان اپمان ۾ هڪجهڙو آهي؛ برهم ويچار ۾ هر وقت رتو رهي ٿو.

٢- ديون جي ديوهڪ آتما (پنهنجي سروپ) جو پوڄن ڪري ٿو. سندس گهر پهاڙن جي ڪندرائن ۾ ٿئي ٿو. سندس وستر چار دشائون آهن. ڪال سندس ستر آهي. نردينتا جو ورت ڌارڻ ڪيو اٿس. آتم پدي سندس استري آهي ۽ برج سان سندس محبت آهي. نرويرتا سندس ڌيءُ آهي ۽ برهم جو ويچار سندس پٽ آهي.“

٣- ”سندس نواس پوتر بن ۾ ٿئي ٿو. سندس آهار ورونهہ جهنگل جي مرگهن سان آهي. ڦل ڦول سندس آهن. ڪڏهن نديءَ جي ڪناري رهي ٿو، ڪڏهن مساڻن ۾ ڏسجي ٿو، ڪڏهن پٿر جي شلا تي براجمان آهي، ڪڏهن برڇ جي ڇايا ۾ ويٺو ڏسجي ٿو، سندس چت محل ۾ ٽوڙي بن ۾ هڪجهڙو رهي ٿو، تڏهن بہ سندس نواس ايڪانت ۾ ٿئي ٿو.

خاص ان حالت ۾ ڌارڻ ڪرڻو آهي جڏهن چت ۾ ٽيهر يعني زبردست ويراڳ اُٿڻ لڳي، وهنوار دک روپ ڀاسي ۽ برهم جي ويچار لاءِ جگياسوءَ جو من تڙڦندو رهي. اهڙين حالتن ۾ پوش سنياس گرهڻ ڪري سڀ وهنوار کان فارغ ٿي هڪ آتم ويچار ۾ مشغول رهي. ثابت ٿيو ته سنياسيءَ کي آتم ويچارئي هڪ ڪرتويه (duty) آهي- هاڻي ڪو ساڌو آتم ابياس کي ڇڏي ڪو بيو وهنوارڪ ڪاريه ڪريٿو ته ان کي پنهن جي فرض کان ڪريل سمجهڻ کپي.

آتم ابياس پنج دشي ڪارڻ يڪار يو آهي: ١- ويدانت جوئي ويچار ٢- ويدانت جو پرسپر ڪٿن ۽ ٣- ويدانت جوئي اُپديش. سچي ساڌوءَ کي فقط آتم ويچار ڪرڻو آهي ۽ آتما جوئي اپديش ڪرڻو آهي. بيا پرورتيءَ جا ڪاريه ته ڇڏيو پر خود گئوشالائون هلائڻ، پاٺشالائن ۾ پڙهائڻ، دواخانا کولڻ خواهه ڌرمسالائون سنڀالڻ جهڙي پر اپڪاري ڪم جي ڪرڻ جو به اڌڪار ساڌوءَ کي نه آهي اهو ڌرم گرهست جوئي آهي. گهٽي ۾ گهٽو ته ساڌو اهڙن ڪارين لاءِ گرهستين کي پرپرڻا ڪري سگهيٿو.

دکش سمرتي جي ستين اڌياءَ ۾ چيل آهي:-

" وياکيان ڪرڻ ۽ شش بنائڻ پنهن جي پوڄا ڪرائڻ لاءِ آهن؛ اهڙي پرڪار جون پرورتيون تپسوين جا پرپنچ روپي جار آهن-" (شلوڪ ٣٩)

" ڌيان، شوچ، يکشا ۽ ايڪانت نواس کان سواءِ بيو

ديس ديسانتر وڃڻو پوي ته اُني پڻ وڃي ڪري پرمارٿ سڌ ڪريون.

شاهه صاحب فرمايو آهي:-

ڏوريندين ڏسن جڏهن ڪڏهن پرين کي
پڇنديون پسن اڳڻ عجيبن جا-

پر اسانجو حال اُبتو آهي. سوامي سيوارام جن درشٽانت ڏيندا آهن ته جئن اسين پساريءَ کون خريد ڪريون آني پن جو ٻاماهو ۽ رونگه ۾ گهرونس تولو ڪن مشڪ جو ته کهڙي نه کل جهڙي ڳالهه ٿئي! تئن وهنوار جو ٻاماهي موافق آهي ان ۾ رهون انٿي پهو غلطان ۽ پرمارٿ جو مشڪ (ڪستوريءَ) برابر آهي تنهن لاءِ سانگي سان هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو ڪنهن مهاتما جو درشن يا ست سنگه ڪري گهرون ٿا پرمارٿ جي سڌ تا يعني حاصلات. ڪيڏي نه اسان جي مورکتا آهي.

شاستر جو اُپديش:- سري ڪرشن ڀڳوان

ارجن کي چيو آهي ته ”سچ جا ڄاڻون مهاتمائون توکي گيان جو اپديش ڪندا.“ جگياسوءَ جو فرض آهي ته ساڌو جو ورڻن جئن برتري مهراج ڪيو آهي، اهڙي سچي ساڌوءَ کي ڳولهي سندس سنگه ڪري ۽ وٽانئس ويدانت شاستر مطالع ڪري ۽ انجو ابياس ڪري- ڪي ٻاڪنبڌي جگياسن کي برغلائيندا آهن ته ويدانت شاستر جو علم ڪچو پيو آهي ۽ اُنيو جو علم وڌي پيو آهي؛ ۽ اپديش ڪندا آهن ته شاستر نه ويچاريو پر اسان جا اپديش ڌارڻ ڪريو، ڇاڪاڻ جو اُنهو شاسترن کان ٻه اوچو آهي.

سامي صاحب جن پڻ فرمايو آهي :-
۱- سو ساڌو جن جاڻ، جو ساڌي من شڌ ڪري؛
دک سک، لاڀ الاڀ ۾، رهي ثبوتيءَ ساڻ؛
سامي چئي سيکنهن جو، ڪيول گهري ڪلياڻ؛
ڪٽي ڦنهن جو ڦاڻ، چکي پياري رام رس.
۲- ڪيڏي وڏائي، ڳڻيان سا پرسن جي؛
سم درسي سيتل سدا، سڀ جا سک دائي،
ممتا ميل اندر ۾، رکن نه رائي؛
سامي سدائين، ڪن اپڪار اڇاه تي.

سنت جي ڳولا:- اڄ ڪلهه اهڙي نموني سان ساڌن کي پنهنجي ڌرم تان ڪريل ڏسي عام ماڻهو چون ٿا ته اسين ڇا ڪريون. هن زماني ۾ پورن گرو ڏسجيئي ڪونه ٿو. اهڙيءَ ريت پرشارٿ ڇڏي ۽ آلس ڌاري انهن تي پيا چون ته، جڏهن مالڪ مهر ڪندو تڏهن ڪامل گرو اچي ملندو ۽ ايشور جو درشن ڪرائيندو. پر اها اسان جي ڀل آهي. دنيوي ڪامنائون اسان تي سوار آهن، ويراڳ جي اسان ۾ گهٽتائي آهي، پرشارٿ ڇڏائي ويو آهي، تنهن ڪري فقط اهي بهانا ڪريون ٿا. ڏسو ته جڏهن اسان جو شرير ڪنهن پيانڪ روڳ ۾ مبتلا ٿئي ٿو تڏهن اسان ان جي علاج لاءِ ديس ديسانتر پڪون ٿا، سو ان ڪري جو اسان جو شرير سان راڳ يعني پريت آهي. ساڳيءَ طرح اسان کي گهرجي ته موکش لاءِ به اوتري پريت رکي ٻلوان پرشارٿ ڪريون؛

ڏهين اڌياءِ جي نائين شلوڪ جي ٽيڪا ۾ لکيو آهي ته ”جئن ڪمل جو گل جڏهن پورڻ اوستا کي پراپت ڪري ٿو تڏهين پنهنجي اندر جو مڌرس ڪنهن به حالت ۾ لڪائي رکي نٿو سگهي، بلڪ راجا ڪان وٺي ڪنگال تائين سڀني پرشن جي آڏو سم ڀاءِ سان ظاهر ڪري ٿو، تئن گيان وان پڻ گرو دوارا حاصل ڪيل پنهنجي انڀو کي سڀني پرشن جي اگيان بادلن وانگر گوڄندي ظاهر ڪري ٿو“. ان ۾ شڪ ڪو نه آهي ته ويدانت جي وشيه سوکيم آهي، هرڪا بڌي ان کي گرهڻ ڪري نٿي سگهي. ويدانت جي سوکيم اپديش کي گرهڻ ڪرڻ لاءِ بڌي به سوکيم کپي.

سڦلتا جا ساڌن:- جگياسوءِ کي پنهنجي بڌي سوکيم بڻائي منزل مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين چئن ساڌنن جو نرنتر سيون ڪرڻ گهرجي:-

۱- ويراڳ، ۲- اڀياس، ۳- ست سنگ، ۴- ست شاستر چنتن.

۱- ويراڳ:- ويراڳ جي معنيٰ آهي ڀوڳن جي ڪامنائن جو ناس Desirelessness. جيسين هن لوڪ خواهه پرلوڪ جي ڀوڳن جي چاهنا من ۾ هوندي تيسين گيان جي حاصلات ٿيڻ نا ممڪن آهي. هن تي هڪ درشٽانت آيل آهي.

ڀونئر جو درشٽانت:- ڀونئر گلن جي خوشبوءِ جو پياسي آهي. هڪڙو ڀونئر ڪٿي اڏامندو ويو ته رستي

افسوس، اهڙا اپديش ڪرڻ کهڙي ڀورڪتا ڏيکارين ٿا. ڪين خبر ڪانهي آهي ته ويدانت جو شاستر سارو رشين منين جي انڀو انوسار آهي؛ ۽ جنهن پرش جو اپديش ويدانت شاستر انوسار نه آهي سو اپديش ڪوڙو آهي. تنهن ڪري جگياسوءَ کي گهرجي ته گروءَ جو اپديش به اهو گرهڻ ڪري جو شاستر انوسار هجي. اهڙي اپديش کي جڏهن پنهنجي انڀو سان شامل ڪندو تڏهن ئي منزل مقصود کي حاصل ڪندو. شاستر اڌين ڪرڻ (پڙهڻ) ۾ جگياسوءَ کي اهڙو خيال نه ضرور رکڻو آهي ته شاستر اڌين پڌي کي چتر بنائڻ لاءِ نه ڪريان بلڪ شاستر انوسار ويچار ۽ ابياس ڪري آتما ۾ استٿت ٿيان. اهو به ضروري نه آهي ته هر ويو پنهنجن يا ڏهن شاسترن جو جٿو (course) ضرور پڙهڻو آهي. بلڪ جڏهن هڪ ئي شاستر پڙهڻ سان سنسا نورت ٿئي وڃن ته پوءِ وڌيڪ زور ابياس تي ڏيڻ گهرجي. گهڻن شاسترن جي پڙهڻ کي ”شاستر واشنا“ چيو ويو آهي ۽ گيان حاصل ڪرڻ ۾ شاستر واشنا پڻ ديهه واشنا وانگر هڪ رڪاوٽ آهي.

لڪل اپديش:- ڪن سادن ۾ ڪوئي عادت پيئي آهي جو پنهنجن ششن کي خلاصو وهاري ڪجهه اپديش ڪندا آهن ۽ ڪليو اپديش ڪرڻ کان نٽائيندا آهن. اها دل جي ڪملتا ظاهر ڪري ٿي. ڇو ته پاپ جهڙي ڪرم کي لڪايو ويندو آهي. سچي اپديش کي ته ظاهر ڪرڻ ئي لازمي آهي. **گيانشوري مهراج** گيتا جي

خوشبوءِ حاصل ڪري نہ سگھندو جيئن يوڳين جي ڪامنائن روپي وشنا جو تياڳ نہ ڪندو.

٢- **اڀياس**:- اڀياس جي معنيٰ آهي "وري وري ڪوشش". (training-application). مداري اڀياس سان اوڙيءَ تي هلي سگھي ٿو، تارو اڀياس سان درياءَ پار اُڪري سگھي ٿو، هٺ يوگي اڀياس سان زهر هضم ڪري سگھي ٿو. مطلب تہ ڪنهن بہ ڪارج کي سڌ ڪرڻ لاءِ اڀياس گھرجي ٿو. اهڙيءَ طرح گيان جي حاصلات واسطي بہ اڀياس گھربل آهي. اهو آهي ويدانت وديا جو *شروڻ، منن ۽ ندڌياسن. جگياسوءَ کي گھرجي تہ پورن گروءَ کان ويدانت شروڻ ڪري ۽ ان جي رهبريءَ هيٺ شروڻ ڪيل ارٿ جو خوب منن ۽ ندڌياسن ڪري پرم شانتي ۾ استٿت ٿئي.

٣- **ست سنگ**:- ست سنگ جو ارٿ آهي "ست وستو سان سنگ." اهو سنگ آهي جت ست وستو جو ويچار هلندڙ هجي. سامي صاحب پڻ فرمايو آهي:-

جنهن جنهن پد پاتو - سامي سنتن سان ملي؛
سنتن ري ڪنهن پاٺهي، سار نہ سڃاتو؛
رهي جيءَ جنجال ۾، اوديا رنگ راتو؛
گرمک سو گياتو، جو سمجھائي اسمجھہ کي."

اسان جيڪڏهن منڊل ۾ وڃي مٿو ٽيڪي آياسين

---

*هنن جو ارٿ لنو گيان عرف پنچيڪرڻ جي ٣٢ صفح ۽ لنو گيان عرف ويچار ساگر جي پهرين ترنگ ۾ ڪوليل آهي

۾ ڏٺائين ته * هڪ ننڍو ٻوٽو وسٽا لئي ويٺو آهي. اهو ڏسي کيس ڏاڍو ارمان ٿيو سو ان ننڍي ٻوٽي وٽ ويو ۽ کيس سمجهائڻ لڳو ته وسٽا ۾ ڇو تون خراب ٿي رهيو آهين. هل ته توکي گلن جي سڳنڌ جي بهاري ونايان. پر ٻئي ٻوٽي پورو ڌيان به ڪونه. ان تي وڏي ٻوٽي کي غصو لڳو ۽ ننڍي ٻوٽي کي چيائين ته جي نه هلندين ته چڪ ۾ جهلي ڪڍي هلندو سانءِ. تڏهن لاچار ننڍو ٻوٽو هن سان گڏ جي ويو ۽ وڃي گلن واري باغ ۾ رهڻ لڳو. ٻئي ٽئي ڏينهن وڏو ٻوٽو جان سنڀال لهي ته ڏسي ته ننڍو ٻوٽو گلن تي آهي ئي ڪونه. سو ڳوليندي ڳوليندي ڏٺائين ته هڪ پاسي ڪنب ۾ پيل ڪچري مٿان پيو آهي. تڏهن ان جي پرسان وڃي جاچي ڏٺائين ته ان ننڍي ٻوٽي جي سونڍ ۾ وسٽا جي ذري لڳي پيئي آهي، جا هو پاڻ سان کڻي آيو هو. تڏهن اهو وڏو ٻوٽو ننڍي ٻوٽي کي جهلي هڪ تلاءَ تي وٺي آيو جتي ان کي خوب ڌوئي وسٽا جي ذري ڪڍي ڪرايائينس. پوءِ وري اچي کيس گلن جي باغيچي ۾ چاڙهيائين، جتي هو آهستي هوري ويو ۽ پوءِ گلن جي خوشبوءِ کان پل به پري نٿي ٿي سگهيو.

هن درشٽانت جو **سڌانت** آهي ته وڏي ٻوٽو روپي گرو ننڍي ٻوٽو روپي جگياسوءَ کي پاڻ ڪيترو به ڪڍي اپديش ڪري، ته به جگياسو گيان روپي گل جي

---

*هن کي "ٻونڊ" چوندا آهن.

پاڻنا نوڙيءَ جي آهي ۽ نانگ جو نام ۽ روپ مٿيا آهن، لٺن جڳت جي پرليتيءَ وقت پڻ سڻا پاڻنا برهم جي آهي ۽ نام روپ وارو جڳت مٿيا آهي.

ويدانت اهڙيءَ طرح ڪيترا سندر دشٽانت ۽ دليل ڏيئي لنو ڪي سمجھايو آهي. پر نيايڪ آدڪ وادي جڳت کي ست مڃين ٿا ۽ انهن جي مت سڌ ڪرڻ لاءِ نوڙي ۽ نانگ جي مثال ۾ پڻ بيا پرڪاريءَ ڪٿن ڪن ٿا جي هيٺ ڏيکارجن ٿا.

ڪياتيون:- نيايہ شاستر وارن جو چوڻ آهي تہ ويدانت جيڪو نوڙي ۾ نانگ جو دشٽانت ڏنو آهي ان ۾ ڀورين ڏسون تہ نوڙي ۾ سچي نانگ جي پرليتي آهي يا ڪوڙي نانگ جي. جيڪڏهن اها پرليتي سچي نانگ جي ثابت ٿي تہ سڌانت ۾ پڻ جڳت کي ست سمجھڻ گهرجي ۽ نہ مٿيا.

نيايہ شاستر وارن جو چوڻ آهي تہ نوڙيءَ ۾ جو نانگ ڏسجي ٿو سو نانگ "مٿيا" نہ آهي پر "ست" آهي، انهن لاءِ هيٺين ريت ڪٿن ڪن ٿا:-

انيٿا ڪياتي:- انڌاري ۾ وانهڙوءَ جي نظر جڏهن پٽ ۾ پيل نوڙيءَ تي پوي ٿي تڏهن انڌاري سبب وانهڙوءَ کي نوڙيءَ جو پورو گيان نٿو ٿئي ۽ پوءِ ڪنهن ٻئي ڪو نانگ ويٺو آهي سو سچو نانگ ڪيئن نوڙيءَ جي جاءِ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙي پرڪار وانهڙو کي سچو نانگ ڏسڻ ۾ اچيٿو، انڪري انکي مٿيا چوڻ ڀل آهي.

يا ڪلاڪ اڌ واڳه روپ يا ٻين ٻڌي آياسين ته اهو ڪافي نه آهي.

ڪنهن مهاتما فرمايو آهي ته:-

نچڻ منجهان نام ڪنهين پاڻ ڪين ڪي،
سودا ساوا ٿيا جي راڳين ريڌو رام،
آنيوي آرام ڪن پاڳ پرين پاڳي ٿيو.

۴- **ست شاستر چنتن**:- ست شاستر اهو آهي جيڪو ست وستو جو اپديش ڪري. اهڙو آهي ويدانت شاستر. ويدانت شاستر جي وارون وار ويچارڻ سان جيو جي ٻڌي وڌيڪ سوکيم ٿئي ٿي ۽ هو پرم تتو کي گرهڻ ڪرڻ ۾ سمرٿ ٿئي ٿو. ست شاستر جي چنتن سان چت جون شنڪائون نورت ٿين ٿيون ۽ نهه سنديهه آتم پد ۾ استٿي ٿئي ٿي.

ويدانت جو سڌانت:- ويدانت جو سڌانت آهي "برهم ست جڳت مٿيا" پر اسان جي وهنوارڪ درشٽي بلڪل ٻيءَ طرح جو انڀو ڪري ٿي. برهم اسان کي اپروڪه (ظاهر ظهور) ڪونه آهي، پر جڳت ظاهر ظهور ڏسون ٿا ۽ ان جي ستا جو پڻ انڀو ڪريون ٿا. تنهن ڪري ويدانت جي مٿين سڌانت کي سمجهڻ اسان جي لاءِ ڏکيو ٿئي ٿو- ان سڌانت کي سولي نموني سمجهائڻ لاءِ ويدانت درشٽانت ڏئي ٿو ته جهڙيءَ طرح نوڙيءَ ۾ ڪوڙو نانگ ڏسجي ٿو تهڙيءَ طرح برهم ۾ ڪوڙو جڳت ڀاسي ٿو- نانگ جي پرتيتيءَ ۾ جڻ ستا

ھيءَ آھن:- ١- پرميشر جو دوش، ٢- پرماتما جو دوش
٣- پرماڻو جو دوش. ھنن ٽن ڪارڻن جو بيان ھيٺ
وستار سان ڪري ڏيکارجي ٿو. جتي جتي ڀرم ٿئي
ٿو، اُتي اُتي ٽي ڪارڻ رھن ٿا، جنھن ڪري انھن کي
گڏي "اڌياس" يعني ڀرم جي "سامگري" چئبو وڃي
ٿو. جڳت جي ڀرم ھئڻ ۾ اھا سامگري سڌ ٿي نٿي سگھي
جنھن ڪري جڳت کي ڀرم روپ چئي ڪونہ سگھبو؛
اھو آھي نيايڪن جو چوڻ.

اڌياس جي سامگري:- ١- پرميشر جو دوش:- يعني
وستوءَ ۾ دوش. واديءَ سوال اٿارين ٿا تہ نوڙيءَ ۽ نانگ
جي مثال ۾ نوڙي جو اھو دوش آھي جو نوڙي نانگ سان
مشابھت رکي ٿي؛ انھيءَ ڪري نوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم ٿئي
ٿو. لوٽو يا ڏلو نانگ سان مشابھت نٿا رکن، تہ لوٽي يا ڏلي
۾ نانگ جو ڀرم ڪونہ ٿو ٿئي.

ھاڻي جڳت جي ڀرم ۾ پرميشر (وستوءَ) جو دوش
بڻي نٿو سگھي چو تہ برھم جي ۽ جڳت جي پاڻ ۾ ڪا
بہ مشابھت ڪانھي؛ برھم چيتن سروپ آھي ۽ جڳت
جڙ آھي.

٢- پرماتما جو دوش:- يعني من جو دوش. جڏھن
سج لٿي مھل پنھنجي ماڻھو رستي تان لنگھن ٿا
ان رستي تي نوڙي پيئي آھي تہ ڪن کي
اھو ڀرم ٿئي ٿو تہ رستي تي نانگ پيو آھي پر ڪي
وري انھن کي دلجاءِ ڏين ٿا تہ ھي ڀائي اھو نانگ نہ

هو وٽ يڪ چون ٿا ته ويدانت نوڙيءَ ۾ نانگ جو مثال ڏيئي جڳت کي مٿيا ڪوٺي ٿو ۽ اسان ثابت ڪيو ته نوڙيءَ ۾ نانگ جيڪو ڏسجي ٿو سو به مٿيا نه آهي ته پوءِ جڳت مٿيا ڪيئن چئي سگهبو! نيايڪن جي هن مت کي **انيٿا کياتي** * چيو وڃي ٿو.

ويدانت ان تي جواب ٿو ڏئي ته نيايڪن جي هيءَ ”انيٿا کياتي“ درست نه آهي، ڇو ته جيڪڏهن پو وارو سچو نانگ نوڙيءَ هنڌ ڏسڻ ۾ اچي ته پو ۽ نوڙيءَ واريءَ جاءِ جي وچ جي وٿ نڪ ۽ جايون جڳهيون آهن سي پڻ نوڙيءَ هنڌ هوند ڏسڻ ۾ اچن، بلڪ نانگ سان گڏ پر به اُتي ڏسڻ ۾ اچي، پر ائين ڪونه ٿو ٿئي. تنهن ڪري مڃڻو پوندو ته نوڙيءَ هنڌ سچو نانگ ڪونه ٿو ڏسجي بلڪ مٿيا نانگ ٿي پرتيت ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح ست جڳت جي پرتيتي ڪانه ٿي رهي آهي پر مٿيا جڳت ٿي نوڙيءَ ۾ نانگ مثل پرتيت ٿي رهيو آهي.

وري نيايڪن جو ٻيو مت آهي جنهن موجب **انٿا کياتي** هن پرڪار ٿا سڏ ڪن- پٽ ۾ پيئي آهي نوڙي، پر اُن ۾ نانگ ڏسجي رهيو آهي ۽ نانگ جو ڪٿن ٿو ٿئي، جنهن جائي ڪارڻ آهن. هڪ شيءِ جي ٻي ڏسڻ ۽ تنهن جو ڪٿن ڪرڻ ان کي چئجي ”انٿا کياتي“- اُهي ٽي ڪارڻ جن ڪري پرم ٿو ٿئي سي

---

* کياتي = پان ۽ ڪٿن.

اڳ سڌ نٿو ٿئي تڏهن جيو جو پرماڻ يعني اندريون جڳت جي پرم کان اڳي ٻڻي ڪين سگهنديون ۽ نڪو پرماڻ يعني اندرين جو دوش جڳت جي پرم کان اڳ ٿي سگهندو. ان ڪري جڳت پرم نه آهي پرست آهي.

ويدانت ثابت ڪري ٿو ته اهو ڪو نيم ڪونه آهي ته هر ڪنهن پرم ۾ ٻيئي ڪارڻ موجود آهن- ڏسو جڏهن ٽپ واري ماڻهوءَ کي مصري ڪوڙي لڳي ٿي تڏهن مصريءَ جي مٺاڻ ۽ ڪوڙاڻ جي ڀاڻ ۾ مشابهت ڪانه آهي. پت واري ماڻهوءَ کي ڪيو وغيره اڇون شيون هيڊيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تڏهن به اڇاڻ ۽ هيڊاڻ جي ڪا مشابهت ڪانه آهي. آڪاش نروپ آهي پر هر ڪنهن کي گنبذ واري شڪل وارو ۽ آسماني رنگ وارو ڏسجي رهيو آهي. هت روپ واري جي نروپ سان ۽ بي رنگ جي رنگ واري سان ڪهڙي مشابهت ٻڻي سگهندي! ارٿات پرميه جو دوش جيڪو نيايڪن ڏيکاريو آهي سو نيم ڪري پرم ۾ ڪارڻ ٻڻجي نٿو سگهي- تنهن ڪري جڳت ۽ آتما جي ڀاڻ ۾ مشابهت نه هوندي به "آتما ۾ [ج]ڳت جو پرم آهي." ان مڃڻ ۾ ڪو دوش نٿو [ٿي] سگهي.

اهڙيءَ طرح پرماتا جو دوش به نيم ڪري پرم ڪارڻ نه آهي، ڇو ته بنا اُج لڳڻ جي به رج ڀاٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

آهي يا ٿوڙي آهي. پٺي ويچار ڪري ڏسڻ ته برابر ٿوڙي آهي. هاڻي نانگ جو ڀرم فقط انهن کي ٿيو جن جا من ڪمزور هئا ۽ نانگ جو خوف هون. پر جن جي من ۾ اهڙو خوف ڪونه هو تن کي ٿوڙي، ٿوڙيءَ روپ ٿي ڏسڻ ۾ آئي. جڳت جي ڀرم لاءِ من ۾ اهڙو (پرماتا) جو دوش هئڻ گهرجي سو ٿي نٿو؛ ڇو ته ويدانت جو مت آهي ته جيو جڳت کان اڳ اُپڻ ڪونه ٿيو آهي، بلڪ جيو ۽ جڳت جي ساڳئي وقت پرتيتي آهي. تنهن ڪري جڳت جي ڀرم کان اڳي جيو جي اُپتي ٿي نٿي سگهي، ان ڪري جڳت جي ڀرم کان اڳ جيو جو من به سڌ ٿي نٿو سگهي. جڏهن من ئي سڌ نٿو ٿئي ته من جو دوش ڪٿان سڌ ٿيندو!

٣- پرماڻ دوش:- يعني اندري جنهن سان گيان ٿئي، ان جو دوش. وادي سوال اٿاري ٿو ته ٿوڙي جيڪڏهن ڏينهن ڏٺي جو پٽ ۾ پيئي آهي ته ان ۾ نانگ جو ڀرم نٿو ٿئي؛ مگر جڏهن ڪجهه انڌارو آهي تڏهن ٿوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم ٿئي ٿو؛ يا جنهن جي نظر گهٽ آهي ان کي ڏينهن ڏٺي جو به ٿوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم ٿئي ٿو. هاڻي جڳت جي ڀرم لاءِ اهڙو ڪو "پرماڻ جو دوش" پڻ هئڻ گهرجي؛ سو سڌ ٿي نٿو سگهي، ڇو ته ويدانت موجب جيو ۽ جڳت جي اُتپتي اڳي پوءِ نه آهي، يعني جڳت جي ڀرم کان پهرين جيو سڌ ٿي نٿو سگهي. جڏهن جيو جو ئي هجڻ ڀرم کان

۾ "ست وستوءَ جي گيان جو سنسڪار" هجڻ گهرجي يعني اسان ٻهرين نانگ جو سچو سروپ ڏٺو آهي جنهن ڪري انجو سنسڪار اسان جي چت ۾ رهي ٿو - ۽ نوڙيءَ ۾ جڏهين نانگ جو ڀرم ٿئي ٿو تڏهن اهو سنسڪار ان جو ڪارڻ بڻجي ٿو. جنهن جو اڳم سچو نانگ ڏٺل نه آهي ان کي نوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم ٿيندو ئي ڪونه. مگر جڳت جي ڀرم ۾ هيءَ ڪارڻ حاضر نه آهي؛ ڇو ته ويدانت سچي جڳت جي هستي قبول نٿو ڪري. پوءِ سچي جڳت جي ڏسڻ کان سواءِ جڳت جو ڀرم ٿي ڪين سگهندو. تنهنڪري جڳت کي مٿيا چوڻ دليل جي برخلاف آهي؛ جڳت کي ست مڃڻ ئي ٺيڪ آهي.

ان جو جواب ويدانت ڏئي ٿو ته جنهن سنيما ۾ ڪوڙو نانگ ڏٺو آهي ان کي به نوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم ٿي سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪوڙي جڳت کي ڏسندا اچون ٿا؛ انهن سنسڪارن ڪري وري وري ڪوڙو جڳت ڏسندا رهون ٿا - اهڙيءَ طرح انادي ڪال کان اهو چڪر هلندو ٿو اچي -

نيائڪ وري ٻيون سوال اٿارين ٿا ته نوڙيءَ ۾ نانگ جو ڀرم تڏهن ٿئي ٿو جڏهن نانگ جي آڌ شڪل نوڙيءَ جي وشيش انش جو اگيان رهي ٿو. نوڙيءَ جو وشيش انش آهي نوڙيءَ جا ور وڪڙ ۽ مچ. ڀرم وقت نوڙيءَ جي سامانيه انش جو گيان رهي ٿو. سامانيه انش آهي

ساڳئي پرڪار پرماڻ جو دوش هئڻ به نيم ڪري سڌ نٿو ٿئي. مثلا ڪو پرش پنهنجي متر جي انتظار ۾ ويٺو آهي ۽ ٻيو ڪو پرش ان هنڌ اچي ٿو اکري ته هو ان پرش کي پنهنجو متر سمجهي ڏانهس وڃي ٿو. هن حالت ۾ پرماڻ جو دوش نه هوندي به ڀرم ٿئي ٿو.

مطلب ڇا ته اهو ڪو نيم ڪونه آهي ته ڀرم ۾ ٻئي دوش ضرور هجن- جهڙيءَ طرح مايا وي پرش پنهنجي مايا سان ڪئين اڻ هوندا پدارٿ ڏيکاري ٿو تهڙيءَ طرح * اوديا برهم ۾ اڻ هوندو جڳت پرتيت ڪرائي ٿي-

نياڪ وري ٻيو سوال اٿاري ٿا ته ڀرم جي حالت

---

* نوٽ - ويچار ساگر ۾ ساڌو نشچلداس ڏيکاريو آهي ته ”بنا ڪنهن دوش جي ڀرم ٿي سگهي ٿو.“ ان لاءِ پاڻ وري ورلي پريا ڪرم لکيو اٿس ته اها پرويي واد آهي. يعني يڪتيءَ جي ٻل سان سڌ وستوءَ کي به اسڌ ڪري ڏيکاريو ويو آهي، نه ته درحقيقت دوش کان سواءِ ڀرم پئي نٿو سگهي-

ويچار ساگر ۾ آڪاش ۾ نيلتا ۽ گنبذ پڻي جي ڀرم واسطي چيل آهي ته ان ۾ ڪو به دوش نه آهي- پر الي به دورپڻي جو دوش آهي. جنهن ڪري ان کي پرماڻ جو دوش چئبو- جيڪڏهن دورپڻي جو دوش نه هجي ته هوند گهر اندر آڪاش ۾ به نيلتا وغيره ڏسڻ ۾ اچي.

مٿي ويٺي آهي. جنهن ڪري مٺو پوندو ته اوديا جو آڌار برهم آهي. پر اوديا برهم جي آسري رهي برهم کي وشيه ڪري ڪندي يعني ان تي پنهنجو اثر ڪري ظاهر ڪري سگهندي.

هن ڳالهه جي سمجهڻ لاءِ درشٽانت ڏنو وڃي ٿو: ڏسو پهاڙ ۾ غفا جي آسري ان غفا ۾ انڌڪار رهي ٿو، وري اهو انڌڪار ان غفا کي وشيه ڪري ٿو يعني ڍڪي ڇڏي ٿو ۽ خبر نٿي پوي ته غفا ڪيتري ڊگهي ۽ ڪيتري چوڙي آهي. ساڳئي ريت اوديا برهم جي آسري رهي جڙ ته سامانيه ۽ وشيش انش پرتيت ٿي ڪرائي ۽ وشيش انش کي ڍڪي ڇڏي ٿي-

اهڙي پرڪار سڌ ٿيو ته نيايڪن جا دليل ۽ ترڪ ٺيڪ نه آهن ۽ ويدانت جو سڌانت دليل ۽ ترڪ سان پڻ سڌ ٿئي ٿو ته ٺيڪ آهي. ويدانت ايتري انش ۾ "انتاکياتي" مڃي ٿو ته اوديا جي پرڀاو ڪري ست چت آنند آتما ۾ اسٽ جڙ دک روپ جڳت مٿيا پرتيت ٿي رهيو آهي سو اهڙي پرڪار جيئن سفٽڪ (سفيد بلور) جي هيٺان رکيل ڳاڙهي ڪاغذ جي لعلاڻ سفٽڪ ۾ ڏسبي آهي.

وري سانکيه ۽ يوگ وارن جو چوڻ آهي ته "مٿيا پدارٿ" جو گيان ٿيڻ نا ممڪن آهي. ان ڪري ويدانت جي اها ڀل آهي جو انين سمجهائي رهيو آهي ته ٿوڙيءَ ۾ مٿيا سرپ جو گيان ٿي رهيو آهي. حقيقت ڪري اهو مٿيا گيان نه آهي پر سچو گيان آهي جو هن طرح ٿئي ٿو:-

نوڙي جي ڏيکھ ۽ ٽولھ. "سامانيہ انش" اھو آھي جو گھڻي ڪال ۾ رھي؛ جيئن نوڙيءَ جي ڏيکھ ۽ ٽولھ پرم وقت ۾ پرتيت ٿئي ٿي ۽ نوڙيءَ جي گيان وقت ۾ ڏسجي ٿي. "وشيش انش" اھو آھي جو ٿوري وقت لاءِ رھي؛ جيئن نوڙيءَ جا وروڪڙ ۽ مڇ پرم وقت اتا پاسن، فقط نوڙيءَ جي گيان وقت ڏسجن ٿا.

نيايڪن جو چوڻ آھي تہ پرم جي حالت ۾ وشيش انش جو اگيان پڻ ھڪ ڪارڻ آھي. جڳت پرم روپ [illegible] اڌھن چئجي جڏھن ان جي اڌشٽان برھم جي وشيش انش جو اگيان سڌ ٿئي، سو اتو بڻي؛ ڇو تہ برھم کي ويدانت ھڪ رس مڃي ٿو تنھن ڪري ان ۾ وشيش ۽ سامانيہ انش اتا بڻي سگھن تہ ڀوءِ وشيش انش جو اگيان پڻ بڻي ڪيئن سگھندو جنھن ڪري جڳت پرم روپ نہ آھي پرست آھي.

ان جي جواب ۾ ويدانت چوي ٿو تہ ھڪ رس برھم ۾ اوديا وشيش انش ۽ سامانيہ انش پرتيت ڪرائي ٿي. ھر ڪنھن پدارٿ ۾ جا سٽا (ھئڻپڻو) پاسي رھي آھي سا برھم جي آھي- اھڙي پرڪار پرم ڪال ۾ بہ برھم جي سامانيہ انش "سٽا" جي ڄاڻ رھي ٿي، مگر برھم جي وشيش انش پانتا (ڄاڻ) ۽ آنند جي اپرتيتي آھي- جڳت جي پرم دور ٿيڻ تي برھم جي وشيش انش پانتا ۽ آنند جي پڻ ڄاڻ ٿئي ٿي.

ان تي سوال اٿندو تہ اوديا پڻ برھم ۾ ڪلپت

هجي ته هوند چئجي ”سو ناڳ“. پر ان وقت انهن ته ڪونه ٿو چئجي بلڪ چئجي ٿو ته ”هي ناڳ“. پيو ته جيڪڏهن ناڳ جي فقط يادگيري آيل هجي ته هوند ڀپ نه ٿئي ۽ نه ناڳ کي مارڻ جي ڪوشش ڪجي. پر ڏسجي ٿو ته جڏهن نوڙيءَ ۾ ناڳ جو ڀرم ٿئي ٿو تڏهن ڏسندڙ کي خوف به ٿئي ٿو ۽ ان جي مارڻ جي به چاهنا ڪري ٿو. ان ڪري اها ناڳ جي يادگيري نه چئبي پر چئبو ته مٿيا ناڳ سچي ناڳ وانگر پرتيت ٿي رهي ٿو. وري يوگ ۽ سانکيہ وارن جو چيو ته مٿيا ناڳ جو گيان ٿيڻ ناممڪن آهي، ان ڪري نوڙيءَ ۾ ناڳ جو ڏسجڻ مٿيا ڪين چئي سگهبو؛ ان جي جواب ۾ ويدانت جو چوڻ آهي ته اهو هر ڪنهن جيو جو انڀوُ يعني آزمودو آهي ته جڏهن ٻٽي آٿي ڏسجي ٿو ۽ خبر پوي ٿي ته رسي ۾ ڀيل ناڳ نه آهي پر نوڙي آهي تڏهن انهن چئجي ٿو ته ”آءٌ ڪوڙو ناڳ ڏسي رهيو هوس“، يا چئجي ٿو ته ”نوڙيءَ ۾ مون کي ڪوڙو ناڳ ڀاسي رهيو هو.“ پر انهن ڪونه ٿو چئجي ته ”مون کي ناڳ جي يادگيري ٿي آئي هئي.“ ان ڪري اها انڀو سڌ ڳالهه آهي ته نوڙيءَ ۾ ڪوڙي ناڳ جي پرتيتي ٿئي ٿي.

ويدانت اهڙيءَ پرتيتيءَ کي انروچني کياتي ڪوٺي ٿو. ”انروچني“ يعني جنهن جو نروچن (ذڪر)

انڌاري ۾ واڳوڙوءَ جي لفظ پٽ تي پيل نوڙيءَ تي ٿوي ٿي ۽ ڪيس اکين سان پرکيه گيان ٿئي ٿو ته هتي ڪجهه پيو آهي ۽ هيءُ گيان سچو آهي، ڪوڙو نه آهي. پوءِ انڌاري سبب نوڙيءَ جي نوڙي پڻي جو گيان واڳوڙوءَ کي ٿي نٿو سگهي، تڏهن ڪيس اڳي ڏٺل ناڳ جي ”يادگيري“ من تي تري اچي ٿي، جنهن ڪري ڪيس اهو گيان ٿئي ٿو ته ”هيءُ ناڳ آهي“ ان ڪري هن گيان کي مٿيا چئي ڪين سگهبو. ڇو ته پهريائين جو واڳوڙو کي گيان ٿيو ته ”هيءُ ڪجهه پيو آهي“ سو به سچو گيان آهي ۽ وري جو اڳي ڏٺل سچي ناڳ جي ”يادگيري“ سندس من تي تري آئي سا يادگيري به ڪوڙي ڪانه چئبي ڇو ته يادگيريءَ سان به ڪئين ڪارج سڌ ٿين ٿا، تنهن ڪري نوڙيءَ ۾ جو ناڳ ڏسجي ٿو انکي ڪوڙو گيان ڪونه چئي سگهبو. پوءِ جڏهن نوڙيءَ ۾ ناڳ جو گيان ٿي مٿيا سڌ نٿو ٿئي. ته جڳت کي مٿيا ڪئن چئي سگهبو؟ سانکيه ۽ يوگ جي انهي مت کي **اکياتي** ڪوٺيو وڃي ٿو.

ويدانت انهي مت جي جواب ۾ چئي ٿو ته ”اکياتي مت“ به درست نه آهي. ڇو ته سانکيه ۽ يوگ وارن جو چوڻ آهي ته ناڳ جي يادگيري دل تي تري اچي ٿي، پر ائين نه آهي- ڇو ته جڏهن ڪنهن پدارٿ جي يادگيري ايندي آهي تڏهن چئبو آهي ته ”سو پدارٿ“؛ ان ڪري جي ناڳ جي فقط يادگيري ان وقت آيل

منجهايو آهي. برهم شروتريءَ ۽ برهم نيشٺيءَ رهبر وٽان ويدانت شاستر شروڻ ڪري ان جو خوب منن ۽ ندڌياسن ڪر ته تنهنجو پورو نورت ٿي وڃي ۽ تون پنهنجي ست - چت - آنند سروپ کي پراپت ڪرين.

ان ئي پڌمت جا وگيان وادي **آتم کياتي** مڃين ٿا جنهن جو مطلب آهي ته جڳت برابر نوڙيءَ ۾ نانگ مثل آهي پر جڳت جو اڌشٽان ست - چت آنند سروپ آتما نه آهي بلڪ ڪڻ ڪڻ ۾ بدلجڻ واري وگيان (بڌيءَ) جي ڌارا آهي جنهن کي "ڪڻڪ وگيان" چئجي ٿو.

نوڙيءَ ۾ جڏهن نانگ جو ڀرم ٿئي ٿو تڏهن به نانگ جي رچنا وگيان جي آسري ٿئي ٿي - جنهن هت نانگ جو آڌار وگيان آهي تنهن سچي جڳت جو آڌار وگيان آهي. اهو وگيان نت نه آهي بلڪ اهڙيءَ طرح ڪڻ ڪڻ ۾ بدلجڻ وارو آهي جهڙي پرڪار وهندڙ نديءَ جو پاڻي ڪڻ ڪڻ ۾ بيو آهي، جيئن ٽيڪ پرواهه هڪ يڪو نظر ٿو اچي - "وگيان وادي" چون ٿا ته هر ڪنهن جو انڀو به اهو آهي جو جڏهن دلي جو گيان ناس ٿئي ٿو تڏهن ميز جو گيان ٿئي ٿو. تنهن ڪري مڃڻو پوندو ته وگيان يعني بڌي ڪڻڪ آهي ۽ نت نه آهي ۽ "ڪڻڪ وگيان وادي" ان کي ئي آتما مڃين ٿا -

اُن ئي ويدانت سمجهائي ٿو ته جڳت جو اڌشٽان

ٿي نه سگهي. ناٽڪ مٿيا هوندي به ڏسجي رهيو آهي، ان ڪري انروچني چيو ويو آهي. يعني ته اڪي ان جو "ست" لفظ سان بيان ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته واستوڪ ڪين آهي ۽ پرمرٿي آهي؛ اڪي ان کي "است" لفظ سان نروپڻ ڪري سگهجي ٿو ڇو ته "است" وانجهيءَ جو پٽ پرتيت اٿو ٿئي ته نوڙيءَ ۾ سرپ به جيڪر پرتيت نه ٿئي. * ويدانت چوي ٿو ته هي جڳياسو، ساڳيءَ طرح انروچنيه جڳت جي لوڪي ست طور پرتيتي ٿي رهي آهي؛ جئن ڪوڙي ناٽڪ کي ڏسي وانهڙوءَ کي خوف ٿو ٿئي تئن ڪوڙي جڳت جي ڪوڙي خوف لوڪي خوام خواه

---

* نوٽ:- اهڙيءَ طرح اڻيڪ دليلن سان ويدانت ثابت ڪيو آهي ته جڳت مٿيا آهي ۽ جيڪي مٿيا جڳت کي ست مڃين ٿا تن جو يُڪتين ۽ دليلن دوارا کنڊن ڪيو ويو آهي- هتي انهن دليلن جو وستار نه ڪيو ويو آهي ته متان مضمون ڪٺن ٿئي. جنس طور کي ڏيکاريا ويا آهن انهي مراد سان ته جڳياسوءَ جي شردا پڪي ٿئي ته ويدانت جي فيلسوفي دليلن ۽ ترڪ تي ٻڌل آهي- جڳياسوءَ کي وڌيڪ جڳياسا ٿيڻ بعد گهرجي ته برهم نيشٽي ۽ برهم شروتري گروءَ جي مدد وٺي هندي ۽ سنسڪرت گرنٿ ويدانت جا اڀياس ڪري ته اڃا به ڪيس اڻ وينجهل موتي هٿ لڳندا.

آهي- دلو، ميز، وغيره جڙ پدارٿ آهن ۽ ٻاڻ انهيو جا
وشيہ آهن، انهن کي ساکي چئي نٿو سگهجي. وري
جي چئجي ته وگيان ني ساکي آهي ته سوال اٿندو ته
اهو وگيان کهڙو! جيکو وگيان دلي، ميز وغيره کي
نو گرهڻ کري سو يا کو ٻيو. جيکڏهن ٻيو گيان
مڃبو ته وري سوال اٿندو ته هن ٻئي وگيان کي ڪير
نو پرڪاشي! ٻهريون وگيان مڃبو ته "انيونيہ آشرت"
دوش ايندو. يعني جئن ٻه پرش آڪاس ۾ هڪ ٻئي
جي آسري رهي نٿا سگهن تئن ٻهرين وگيان جو
پرڪاشڪ ٻيو وگيان ۽ ٻئي وگيان جو پرڪاشڪ ٻهريون
وگيان چوڻ دوش يڪت آهي- پر جي ٻئي وگيان جو
پرڪاشڪ ٽيون وگيان چئبو ته وري سوال اٿندو ته ان
ٽئين وگيان جو پرڪاشڪ ڪير. جي ٻهريون وگيان
چئبو ته وري "چڪريء" جو دوش ايندو ۽ جيڪڏهن
چوٿون وگيان مڃبو ته "انوسٿا" دوش ايندو يعني اهو
هڪ ٻئي پٺيان سلسلو جاري رهندو ۽ ڇيڙو ڪونه
ٿيندو. اهڙي پرڪار جي دلي ميز وغيره جي ڪٽڪ
وگيان جو ساکي ڪو ٻيو ڪٽڪ وگيان سڌ ٿي نٿو سگهي
تنهن ڪري مڃڻو پوندو ته ان ڪٽڪ وگيان جو پرڪاشڪ
ساکي آهي جو نت آهي، جنهن جي آسري دلي ميز
وغيره جا جدا جدا گيان ٿي رهيا آهن. جهڙيء طرح
ناٽڪ ماليا ۽ لکڻ جي جدا جدا پرليتيء وقت ته هڪ
نوڙي ٿي پرم سٿل ۾ حاضر آهي ۽ انهن جو اڌشٽان

ڪٽڪ وگيان نہ آهي بلڪ نت گيان سروپ آتما آهي جو ڪٽڪ وگيان جو ادشٽان آهي. جيڪڏهن ادشٽان نت نہ هجي تہ ايڪيا پرليڪيا روپ جدا جدا نمونن جو گيان نہ ٿئي. پهرين جڏهن ڪو ماڻهو ڏسجي ٿو تڏهن ان گيان کي "ايڪيا گيان" چئجي ٿو- وري جڏهن پيهو اهو ماڻهو ڏسجي ٿو تڏهن پرتڪش گيان سان گڏ اڳہ ڏٺل جو سنسڪار بہ قوي اچي ٿو. تنهن ڪري هن گيان کي "پرليڪيا" چئجي ٿو- اهڙي پرڪار ايڪيا ۽ پرليڪيا گيانن جو سڀڪنهن کي انڀو ٿئي ٿو جنهن ڪري جڳت جو ادشٽان ڪٽڪ وگيان نہ آهي بلڪ نت چيتن روپ آتما آهي.

وري سکوپت ۾ ڪٽڪ وگيان ليءِ پاو کي پراپت ٿئي ٿو. پر درشٽا سکوپت اوستا ۾ بہ حاضر آهي تڏهن تہ ننڊ مان اٿي ننڊ جي حالت جو انڀو ٻڌائي ٿو تہ آءٌ سکہ سان سمهيو پيو هوس. اها سمرتي انڀو کان سواءِ نٿي ٿئي. تنهن ڪري مڃڻو پوندو تہ اهڙي انڀو جو آڌار چيتن آتما ننڊ وقت بہ حاضر هو جيتوڻيڪ ڪٽڪ وگيان ليءِ ٿيل هو. تنهنڪري سڌ ٿيو تہ آتما ڪٽڪ وگيان سروپ نہ آهي بلڪ چيتن سروپ ۽ نت آهي.

وري ويچار ڪرڻ گهرجي تہ وگيان جي اتپتي ۽ ناس کي جاڻڻ وارو ڪو * ساکي آهي يا نہ! ساکيءَ کان سواءِ جاڻ سڌ ٿي نٿي سگهي. تنهن ڪري ساکي ضرور مڃڻو پوندو- هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ ساکي ڪيئن

* ساکي = پرڪاشڪ

وانگر جو اسٽ پدارٿ آهي تنهن جي هستيءَ کي مڃي ٿو سگهجي. جيڪڏهن چون ته هانو سچ جو انڀو ڪيو اٿئون ته ثابت ٿيو ته سڀ ڪان نرالو اُنڀؤ ڪرڻ وارو ڪو ٻيو آهي، ويدانت اُن کي درشٽا چوي ٿو، جو ست- چت- آنند سروپ آتما آهي.

سوئي وادين چيو ته گهريءَ ننڊ جي حالت سڀ روپ آهي، سو به برابر نه آهي ڇو ته گهريءَ ننڊ جي سک جو انڀؤ ڪندڙ ساکي موجود آهي.

اهڙي پرڪار ويدانت جي ويچار سان نت مڪت پد کي حاصل ڪيو وڃي ٿو جو حقيقي پنهنجو سروپ آهي.

نت پراپتيءَ جي پراپتي:- هنن سوال ٿو اُٿي ته ويدانت جيو کي نت آنند روپ ٿو ڪٿن ڪري پوءِ وري ائين ڇو ٿو چيو وڃي ته آنند سروپ کي پراپت ڪر. اُن جي جواب ۾ هڪ درشٽانت آهي:-

هڪ استريءَ کي سنڌس ڳچيءَ ۾ لڙيءَ سان هار پيو آهي. جنهن وقت هوءَ ڇڪي ٻيهڻ وهي ٿي اُن وقت لڙيءَ جي لڏڻ ڪري ڪيس ٻيهڻ ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي. اُن ڪري لڙي ڦيرائي پٺيان ڪري ڇڏي ٿي. ڇڪي ٻيهڻ واندي ٿي وري پٺي ڪم کي لڳي وڃي ٿي ۽ ڪانئس اها يادگيري پلجي وڃي ٿي ته لڙي ڦيرائي پٺيءَ ڏانهن ڪئي هئم. ڪم ڪار ڪندي

آهي تنهن هڪ سٽ - چت - آنند سروپ سڀني وگيانن جو اڌشٽان آهي.

ويدانت ٿو فرمائي ته هي جگياسو مٿي ڏسيل وچار پٽاندڙ مڃن ته ڏياس، ڪوڙ سان ٿون ان آتم پد کي پراپت ڪندين جو سته سدانند آنند سروپ آهي.

ٻڌ مت جا "سونيه وادي" **است کياتي** مڃين ٿا جنهن پٽاندڙ ڪٿن ڪن ٿا ته جڳت جا پدارٿ مٿيا سچ روپ آهن. جئن نوڙيءَ ۾ نانگ ٽنهين ڪالن ۾ ڪونه آهي تئن واهنوارڪ جڳت جا پدارٿ پڻ ٽنهي ڪالن ۾ ڪونه آهن. سچ روپ آهن. گهڙيءَ ننڍ ۾ ڪو به پدارٿ ڪونه ٿو رهي فقط سچ ٿي رهي ٿي، اهو سڀڪنهن کي انڀو آهي. اهڙي پرڪار در حقيقت سڄو جڳت سچ روپ آهي - سچ کان سواءِ ٻيو ڪو تتو ڪونه آهي.

ان تي ويدانت پڇي ٿو ته سچ ۾ جڳت اُپن ڪرڻ جي شڪتي آهي يا نه. جي شڪتي موجود آهي ته ان کي سچ ڪونه چئبو، ڇو ته سچ معنيٰ ڪي ڪين. جيڪڏهن شونيه وادي چون ته سچ ۾ جڳت اُپن ڪرڻ جي شڪتي ڪانه آهي ته انهن کان پڇو وڃي ته پوءِ جڳت ڏسجڻ ۾ ڇو ٿو اچي - ويدانت وري ٻيو سوال ٿو پڇي ته ان سچ جي تتو جو ڪنهن سونيه واديءَ اَنڀوُ ڪيو آهي؟ جيڪڏهن چون ته ڪنهن اَنڀوُ ڪونه ڪيو آهي ته پوءِ سچ اسڌ وستو آهي. وانجهيءَ جي پٽ

ماڊوڪ اُپنشد تي ڪارڪائون لکيون آهن. اُنهن ڪارڪائن ۾ هن صاف ڏيکاريو آهي ته هي جڳياسو توکي جڳت جو مٿياپڻو تڏهن انڀو ۾ ايندو جڏهن "ڪاريه ڪارڻ" جو اپاو پليءَ ڀانت سمجهندين. جڳت ۾ ڪارڻ مان ڪاريه جي اُتپتي پرتيت ٿئي ٿي پر آهي سڀ ڪوڙ. سپني ۾ جيڪي ڏسجي ٿو سو پاڻهجي سڀ ست ٿيو، پر آهي سڀ ڪوڙ. سپني ۾ ڏسين ٿو ته گانءِ کي گابو اُتپن ٿيو يا پتا کي پٽ پيدا ٿيو سو پڻ ڪوڙ آهي. ڇو ته تون جاڳڻ تي ٺيڪ جاچين ٿو ته جيئن ٺيڪ پتا پهريائين ڪارڻ طور، پٽ پوءِ ڪاريه طور، گانءِ پهرين ۽ گابو پوءِ اُتپن ٿيل ڀاسيا ٿي، تنهن هوندي به واستو ۾ سپني جا سڀ پدارٿ هڪئي وقت ڏسجڻ ۾ اچن ٿا. ائين ڪونه آهي ته پتا پهرين ۽ پٽ پوءِ اُتپن ٿيو يا گانءِ پهريائين ۽ گابو پوءِ پيدا ٿيو. سپني مان جاڳڻ تي سڌ پوي ٿي ته پهريائين جي ۽ پوءِ جي مٿيا ڪلپنا هئي؛ يعني "ڪاريه ڪارڻ" جو ڀاو مٿيا ڪلپت هو. تنهن ڪري پتا پٽ وغيره پڻ مٿيا هوا. اهڙيءَ طرح هي جڳياسو جاڳرت ۾ به ڪارڻ ڪاريه جي مٿيا ڀاونا پرتيت ٿي رهي آهي ۽ ان ڪري جاڳرت وارا پدارٿ به مٿيا آهن. تنهنڪري تون اها ڪارڻ ڪاريه واري ڀاونا چت مان ڪڍي ڇڏ.

ديش ڪال جي آسٿا:- هيءُ سڄو جڳت ديش، ڪال ۽ نمت (ڪاريه ۽ ڪارڻ) جي ڀاونا ڪري ڀاسي

جان ڪٽي ڏسي ٿو. ڇاليءَ لي لڪڙي ٿهي ٿي ڪاڻ، ان ڪري وسي ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس ڀرم ٿئي ٿو ته هار ڪٽي ڪري پيو. ڪم ڪار اڌ ۾ ڇڏي سڀو گهر ڳولي ٿي پر هار نه ملڻ ڪري ڏاڍو وياڪل ٿئي ٿي. ايتري ۾ ڪا ساهيڙي ساڻس ملڻ لاءِ اچي ٿي ۽ ڪيس وياڪل ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو ڏسي ڪانئس ان جو سبب پڇي ٿي. هوءَ پنهن جي ساهيڙيءَ کي ٻڌائي ٿي ته منهنجي گلي جو هار ڪري پيو آهي. ساهيڙيس جان ڪٽي سندس ڳچيءَ ڏانهن نظر ڦيرائي ته ڏسي ته هار ته سندس گلي ۾ ئي پيو آهي. تڏهن چويس ٿي ته ڀيڻ هار ته تنهنجي گلي ۾ ئي پيو آهي. اهو ٻڌي جان ڪٽي گلي کي هٿ لڳائي ته ڏسي ته هار سندس گلي ۾ برابر آهي. اهو ڏسي ڪيس ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي ۽ چوي ٿي ته ”هار لڌم“. هاڻي ويچار جي ڳالهه آهي ته هار ته ان مانيءَ حقيقت ۾ وڃايو ئي ڪونه هو تڏهن ٻه چوي ٿي ته هار لڌم جڏهن ته اڳي هار وڃايو هئائين.

ان ٿي ويدانت فرمائي ٿو ته جهڙيءَ طرح اُن استريءَ پنهن جو هار وڃايل ڀانيو هو، تهڙيءَ ريت تون به پنهن جي سچي آنند سروپ کي ڀلي ڀاڱ کي دکي ۽ پريشان جيو مڃي ويٺو آهين. ان ڀل کي ڪڍ ته تون پنهنجي اکنڊ آنند سروپ کي پائين يعني ته نت پراپتيءَ جي پراپتي حاصل ڪرين.

ڪاريه ڪارڻ جي استيتا:- گروڙ ڀاد آچاريه

تو ڇوي ته سپني ۾ موڪلي پدارٿن جي ياد گيري آئي ۽ ڇوي تو ته مون سپني ۾ پدارٿ ڏٺا.

ان ڪري مٿو پوندو ته سپني جا پدارٿ مٿيا آهن، جو ديش ڪال آدڪ يوگيه سامگري معجود ڪان آهي، اهو اڳ ڏٺڪاري آيا آهيون، ساڳيءَ طرح جاڳرت جا پدارٿ پڻ ڪلپت آهن.

هڪ پريت وان پرشن ڪيو ته ويدانت ڇوي تو ته جڳت مٿيا آهي. ۽ پدارٿ جيڪي اکين سان ڏسان ويٺو تن کي مٿيا ڪيئن مڃان؟

ڪيس اتو ڏنو ويو ته سپني جا پدارٿ سپني وقت هو بهو ست ڀاسن ٿا؛ ان وقت ڪو ڇوي ته هي پدارٿ مٿيا آهن ته هونئن ان کي پڻ سوڳو جواب ڏين ته هيءُ پدارٿ اکين سان ڏسان ٿو؛ ڇوڙيءَ سان ڇهان ٿو، مگر جاڳرت وقت انهن ۾ مٿيا ٻڌي نشچيه ٿئي ٿي. اهڙي پرڪار هي مترا جڏهن ستـ چتـ آنند سروپ آتما جو انڀو ڪندين تڏهن تون از خود چوندين ته جڳت مٿيا آهي. جنهن رج جو ڀاڳي فقط پرتيتيءَ ماتر آهي ۽ واستو ۾ سندس ستا نه آهي، تنهن هيءُ جڳت به جاڻ. جهڙي پرڪار ڪنب جي ٽولڙن ۾ ستا؛ ڀاننا فقط ڪنب جي ئي آهي، تنهن پدارٿن ۾ ستا؛ ڀاننا آتما جي ئي آهي.

پريڻام واد:- جيڪي جڳت جي اُلپتي مڃين ٿا سي ٻليل آهن. سانڪيه؛ يوگ وارن جو مٿو آهي

ٻاهر نڪري پوءِ اها ڪاروبار هلائي ها ته اها ڪاروائي پڻ رات ۾ هلائي ها ۽ رات کي جيڪر ڏينهن ڪري نه ڏسي ها.

ان مان سڌ پيو ته سوکيم جيو اسٿول شرير مان ٻاهر نڪري ڪونه ٿو وڃي مگر هيءُ جيو سپني ۾ مٿيا پدارٿ ٿي ڏسي رهيو آهي.

وري ڪن جو چوڻ آهي ته سپني ۾ جيو ڪُوڙا پدارٿ ڪونه ٿو ڏسي پر جيڪي پدارٿ جاڳرت ۾ ڏٺا اٿس تن جي يادگيري ڪيس سپني ۾ اچي ٿي. اها يادگيري مٿيا ڪين چئبي بلڪ سَت ٿي چئبي. ان ڪري ايئن چوڻ غلط آهي ته جڳت سپني وانگر مٿيا آهي.

ويدانت ان جو جواب هن نموني ڏئي ٿو:- ڪنهن به پدارٿ جي سمرتي ٿيندي آهي تـه اهـو پدارٿ سامهون پرتڪش ڪين ڏسبو آهي مگر سپني جا پدارٿ پرتڪش ٿين ٿا، جنهن ڪري سمرتي روپ نه آهن، پر مٿيا گيان روپ آهن. ٻيو سمرتي من ۾ ٿي ٿيندي آهي مگر سپني جي درشٽا کي پدارٿن جو جڙ نه اندرين دواران پرتڪش گيان ٿئي ٿو ته آءٌ اکين سان ڏسان ٿو، ڪنن سان ٻڌان ٿو، جڀ سان چکيان ٿو، نڪ سان سنگهان ٿو وغيره. ان ڪري سپني ۾ به پدارٿن جي سمرتي يعني يادگيري آيل ڪانه چئبي پر مٿيا پدارٿ ڏسجي رهيا آهـن. وري سپني جو درشٽا سپني مان اُٿي ائين ڪونه

صورت ۾ پرتيت ٿي رهيو آهي. اهو ويدانت جو مت آهي.

آروپ واد- جگياسوءَ کي جيسين جگت جا سنسڪار درڍ (پڪا) آهن تيسين هن جي دل ۾ اها شنڪا اٿندي رهي ٿي ته ڀلا برهم جو آهي ست - چت آنند روپ ان ۾ اسٽ، جڙ، دک، روپ وارو جگت ڪٿان اتپن ٿيو؟ اهڙن سوالن جي حل ڪرڻ واسطي ويدانت اوديا آروپ ڪري سمجهائي ٿو ته نام روپ وارو جگت واستو ۾ ڪو اتپن ڪونه ٿيو آهي پر اوديا جي ٻل ڪري استي، ڀانتي ۽ پريه روپ برهم ۾ نام ۽ روپ واري انروچيتيه (ڏسو کياتيون) جگت جي صورت ۾ اٿين ڀاسي رهيو آهي جيئن ڌاڳا ڪپڙي جي صورت ۾ ڀاسي رهيا آهن. ان ۾ اهو سوال اٿاريو ويندو آهي ته ست - چت - آنند برهم ۾ ڪلپت نام روپ جي پرتيتي اوديا ڇو ڪرائي رهي آهي. ان جو جواب ويدانت ڏئي ٿو ته اها مايا جي مهما آهي، جهڙيءَ طرح اها آڳ جي مهما آهي جو پدارٿن کي جلائي ٿي.

اپ واد:- آروپ واد جي سمجهڻ سان جگياسوءَ جي چت مان جگت جي آستٿا ته نڪري وڃي ٿي پر وري ڪيس اها شنڪا رهي ٿي ته تڏهن ست چت آنند برهم کان سواءِ اوديا جي ٻه ڪا واستوڪ هستي آهي. اهڙي ڀل جي ڪيڻ لاءِ ويدانت اُپديش ڪري ٿو ته هي جگياسو ويچار ڪري ڏسي ته اوديا جو لڇڻ يعني وصف

ته هن جڳت جي اُتپتي اهڙي پرڪار ٿيل آهي جهڙيءَ طرح کير مان ڏڌو اُتپن ٿئي ٿو. سندن چوڻ آهي ته جئن کير مان پيدا ٿيل ڏڌو ست آهي تئن ايشور مان پيدا ٿيل جڳت به ست آهي. هن مت کي ”پرڻام واد“ ڪوٺيو وڃي ٿو.

ويدانت ان تي سوال اُٿاري ٿو ته جيڪڏهن مڃبو ته ايشور مان جڳت ائين پيدا ٿئي ٿو جئن کير مان ڏڌو ته کير وانگر ايشور پڻ وڪاري مڃڻو پوندو ۽ جا وستو وڪاري آهي سا ناسونت آهي. تنهن ڪري ايشور پڻ ناسونت مڃڻو پوندو جنهنڪري ناستڪتا سد ٿيندي. ان ڪري ويدانت پرڻام واد کنڊن ڪري ٿو.

نيايه ۽ ويشيشڪ وارا وري ”آرنڀ واد“ ٿا مڃين. هنن جو چوڻ آهي ته پرماڻن مان جڳت جي اُتپتي ٿي آهي، جيئن ڀاڻ ۽ ڀاڻيءَ مان وڻ جا پن ٿڙ وغيره ٿو ٿئي. ويدانت آرنڀ واد جو پڻ ساڳيءَ يڪتيءَ سان کنڊن ٿو ڪري.

وِورت واد- ”وِورت“ جو مطلب آهي ”اصلوڪي سروپ جو تياڳ نه ڪندي به ٻئي روپ ۾ پرتيت ٿيڻ“. جئن ڏاڳا پنهن جي اصلوڪي سروپ کي نه تياڳيندي به ڪپڙي روپ ۾ پرتيت ٿين ٿا، اهڙي پرڪار برهم به پنهنجي اصلوڪي سروپ ”استي، ڀاتي ۽ پريه“ کي نه تياڳيندي به نام روپ واري جڳت جي

ٿي ڪين سگھندي ڇاڪاڻ جو ست وستو معنيٰ جنهن جو ٽنهي ڪالن ۾ ناس نہ ھجي. مگر جنهن پدارٿ جي اُتپتي ٿجي تنهن جو اُهو ھجڻ ڀھوڻ سدا ٿيندو تنهن ڪري اُن پدارٿ کي ست ڪين چئبو. ان ڪري ست وستوءَ جي اُتپتي ٿجي ڪين سگھي. وري ”اسَت“ پدارٿ جي اُتپتي بہ ٿي ڪين سگھندي، ڇو تہ جا وستو اسَت آهي ان جي اُتپتي يعني ھجڻ ڪٿان ٿي سگھندو! سھي جا سنگ يا وَنڌيا (سنڍ) جو پٽ اسَت آھن تہ اُنھن جي اُتپتي ناممڪن آهي. اھڙيءَ طرح دليلن سان گوڙ پاد آچاريہ سِڌ ڪري ڏيکاريو آھي تہ ڪنھن بہ پدارٿ جي واسطو ڪري اُتپتي ڪانہ ٿي ٿئي فقط سنسڪارن وس انين پاسي رھيو آھي تہ پدارٿ اُتپن پيا ٿين. ھن سدانت کي ”اجات واد“ چيو ويو آھي. ”اجات“ يعني نہ ڄاول يا اُتپتيءَ رھت. يوگ واسشٽ جي مکيہ وشيہ اجات واد آھي.

آلات چڪر:- اجات واد کي وڌيڪ سمجھائڻ لاءِ مانڊوڪيہ اُپنشد ۾ گوڙ پاد آچاريہ ”الات“ يعني اُماڙيءَ جي چڪر جو درشٽانت ڏنو آھي. اُماڙي ڦيرائڻ سان باھہ جو چڪر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اھو باھہ جو چڪر ڪڏھن بہ يا ڪٿان بہ اُتپن ڪونہ ٿو ٿئي. فقط اُماڙي ئي آھي. ساڳيءَ طرح نام روپ وارو جڳت بہ برھم مان يا ڪنھن ٻئي پدارٿ مان پيدا ڪونہ ٿيو آھي.

ڪهڙي کيل آهي. اوديا جي وصف آهي "پنهنجي سٽا نه ڌاريندڙ". هاڻي جنهن وستوءَ جي سٽا ئي ڪانهي تنهن وستوءَ جي هستي ڪٿان ٿيندي! ان ڪري هي جڳياسو هڪ ست - چت - آنند آتما جي ئي هستي آهي ۽ ان جو ئي اپيو آهي. ان ۾ هڪ درشٽانت آهي.

ٻه چنڊ:- هڪ ٻالڪ پنهنجي اک جي پنبڙي کي زور ڏيئي آسمان ڏي رات جو نهاري ته ڏسي ته ٻه چنڊ بيٺا آهن. تڏهن ٻالڪ پنهنجي پتا کان پڇيو ته آسمان ۾ ٻه چنڊ ڪٿان آيا. تڏهن پتا ٻالڪ کي جواب ڏنو ته "هي پتر آڱر ڪي ٻري ڪري پوءِ اهو سوال پڇ." ٻالڪ جان آڱر ٻري ڪري ڏسي ته چنڊ فقط هڪڙو آهي. اهڙي پرڪار هي جڳياسوءُ شروع، منن ۽ ندڌياسن ڪري اڻيوُ ڪر ته توکي معلوم ٿيندو ته نه جڳت جي سٽا آهي ۽ نه اوديا جي. هڪ ست - چت - آنند آتما جي ئي هستي آهي ۽ ان جو ئي پان آهي. اهڙي پرڪار جي سدانت جي ڪٿن کي "اپواد" ڪوٺيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ جو آروپ واد جو ٻه کنڊن ڪري جڳياسوءَ کي واسنو هنڌ لي وئي وڃي ٿو.

آجات واد:- مانڊوڪيه اپنشد جي ڪارڪائن ۾ گوڙ پاد آچاري، ڪٿن ڪيو آهي ته جڳت جي اُپتيءَ جو مٿيا ڀرم آهي. اُپتي ڪنهن به پدارٿ جي سڌ ٿي نٿي سگهي: "ست" وستوءَ جي اُپتي

ايشور جي اڇا اَنوسار جڳت جي اُتپتي، استٿتي ۽ پرلئه ٿئي ٿي. جڏهن جيون جا ڪرم ڦل ڀوڳي ڏيڻ لاءِ اَڀمکه (ظاهر) ٿين ٿا تڏهن ايشور جي اڇا سان سرشٽي اُتپن ٿئي ٿي. اُن کان پوءِ پرلئه ٿئي ٿي ۽ جيون جا ڪرم سوکيم ڀاڳ ۾ اوديا ۾ رهن ٿا، وري پرلئه پڄاڻان سرشٽي ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح انادي ڪال کان "مول اوديا" سبب چڪر ڦرندو رهي ٿو. هن جڳت جي هستي کي "وهنوارڪ سٽا" ڪوٺيو وڃي ٿو. ان 'مول اوديا' ۾ انش (جدا) مڃيا وڃن ٿا. هڪ هڪ اوديا جو انش چيتن ۾ جيو ڀاونا ڪرائي ٿو، جيڪو انش چيتن ۾ جيو ڀاونا ڪرائي ٿو ان کي تُول اوديا چيو وڃي ٿو، جيو کي گيان ٿيڻ سان سندس تول اوديا نورت ٿي وڃي ٿي ۽ مڪتي کي حاصل ڪري ٿو باقي ٻين جيون جي تول اوديا ٻڌي رهي ٿي ۽ جوٽين جي چڪر ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. اهڙي پرڪار سان هن سڌانت جي ريتيءَ موجب گيان سان "جيو ڪرت" سرشٽي نورت ٿي وڃيٿي.

انداري سبب نوڙي ۾ نانگ ڏسڻ ۾ اچيٿو. نندرا دوش سبب سپني جو جڳت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نوڙي جي گيان ٿيڻ تي نانگ نورت ٿي وڃي ٿو ۽ برهم گيان نه ٿيندي به سپني جا پدارٿ گم ٿي وڃن ٿا. ان ڪري نوڙيءَ واري نانگ ۽ سپني جي پدارٿن جي هستيءَ کي "پراتي ڀاسڪ سٽا" چيو ويو آهي. پراتي ڀاسڪ جي معنيٰ آهي پرتيتي ماتر. جنهن مهل انهن پدارٿن جي

وري جڏهن اُماڙي ڦيرائط بس ٿي ڪجي تڏهن ٻاهه جو چڪر گم ٿي ٿو وڃي. سوال ٿو اٿي ته اهو چڪر ڇا ۾ گم ٿي ويو؟ جواب ملندو ته اهو چڪر نه ڪنهن پدارٿ مان اُتپن ٿيو ۽ نه ڪنهن ۾ گم ٿيو. ٽنهي ڪالن ۾ ٻاهه جو چڪر ڪوڙ هو. "اُلات" يعني اُماڙي ٿي چڪر روپ ۾ ڀاسي رهي هئي. ساڳيءَ طرح گيان ڪال ۾ اُليڙ ٿيندو ته نام روپ وارو جڳت ٽنهي ڪالن ۾ ڪوڙ آهي. واستوڪ وستو ست - چت - آنند روپ آتما ئي نام روپ جڳت ۾ ڀاسي رهيو آهي.

ٽين سڌانت:- ويدانت جي پرڪريا گرنٿن ۾ ڏيکاريل آهي ته برهم جي هستي نت آهي. نام روپ جڳت جي اُتپتي هوندي به برهم ۾ ڪو وڪار ڪونه ٿو اچي. پنج دشي ڪار درشٽانت ڏنو آهي ته ناٽڪ جي پنڊال ۾ بتي پرڪاش وان آهي. ناٽڪ چالو هجڻ مهل به بتي پرڪاش وان آهي ۽ کيل ختم هجڻ بعد به بتي پرڪاش وان آهي. ساڳيءَ طرح سرشٽيءَ جي اُتپتي ڪال ۾ خواهه پرلئه ڪال ۾ برهم ست - چت - آنند روپ پنهنجي سڀاءَ ۾ دائم استٿت آهي. ان ڪري برهم جي هستيءَ کي "پرمارٿ ستا" ڪوٺيو ويو آهي.

برهم جي آسري جا اوديا رهي ٿي اُن کي **مول اوديا** ڪوٺيو ويو آهي. ان مول اوديا جي پرڀاو سان برهم ۾ نام روپ واري جڳت جي اُتپتي ۽ استٿتي ٿئي ٿي جنهن کي "**ايشور ڪرت** سرشٽي" چيو ويو آهي.

سپني جو جڳت پڻ جاڳرت جي جڳت وانگر انادي پيو ڀاسي. سپني ۾ انهن به پيو معلوم ٿئي ته سپني جي پدارٿن جي * اگيات ستا آهي. پر سپني مان جاڳڻ تي خبر ٿي پوي ته اها اسان جي ڀل هئي جو سپني جي جوني جڳت کي ست ۽ انادي سمجهي ويٺا هئاسين. جاڳرت ۾ اسان کي سڌ ٿي پوي ته سپني جي پدارٿن جي اگيات ستا ڪانه هئي جو ته سپني جا پدارٿ سپني جي وِرت پرتيتي ٿيڻ کان اڳ ۾ استت هئا ۽ نه پوءِ ٿي استت رهيا.

ساڳيءَ طرح اگيان ڪال ۾ اسين انهن مڃي ويٺا آهيون ته وهنوارڪ پدارٿ انادي ڪال جا آهن ۽ ست آهن ۽ انهن جي اگيات ستا آهي، پر گيان ٿيڻ تي انڀو ٿيندو ته سپني جي پدارٿن وانگي جاڳرت جا پدارٿ پڻ پرتيتي ماتر آهن، جاڳرت جي پدارٿن جي به اگيات ستا ڪانه آهي.

ان ڪري حقيقت ۾ سپني جي پدارٿن ۾ ۽ جاڳرت جي پدارٿن ۾ ڪو به تفاوت ڪونه آهي. ڏسو تنب اچڻ تي سپنو اچي ٿو، وري ان سپني ۾ ٿي تنب ڪجهي ٿي، وري ان سپني ۾ ٻيو سپنو اچي ٿو؛ ان ٻئي سپني مان

---

* جنهن پدارٿ جو گيان نه هوندي به ان جي هستي قائم هجي، تنهن کي چئجي **اگيات ستا**: جيئن درشٽانت ۾ آهي نوڙيءَ جي "اگيات ستا" ۽ سدانت ۾ آهي آتما جي "اگيات ستا".

پرليتي آهي ان مهل ٿي اهي آهن، اڳي پوءِ نہ آهن.
ان ڪري پراتي ڀاسڪ چيا ويا آهن.

مٿي ڪٿن ڪيل سڌانت کي "تين ستاواد" چيو ويو آهي ڇاڪاڻ جو هن سڌانت موجب پرمارٿ ستا، وهنوارڪ ستا ۽ پراتي ڀاسڪ ستا جملي ٽن پرڪارن جي هستي جو نروپڻ ڪيو ويو آهي.

دو ستاواد:- جگياسوءَ کي ائين ڀاسي رهيو آهي تہ سپني جا پدارٿ ڪوڙا آهن ۽ جاڳڻ تي ناس ٿي وڃن ٿا جنهن ڪري پراتي ڀاسڪ آهن پر جاگرت جا پدارٿ سچا آهن ڇو جو جڏهن جيو ننڊ ۾ آهي تڏهن بہ جاگرت جا پدارٿ موجود رهن ٿا. جگياسوءَ جي اهڙي رواجي درشٽيءَ جو انواد ڪري شاستڪارن ٽي ستائون نروپڻ ڪيون آهن، نہ تہ ويچار درشٽيءَ سان ڏسبو تہ وهنوارڪ ستا ۽ پراتي ڀاسڪ ستا ۾ تفاوت ڪونہ آهي. اسين ڏسون ٿا تہ ننڊ اچڻ کان اڳ جن جاگرت جا پدارٿ ڇڏيا ائون تن وري ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ بہ ڏسجنتا جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ جاگرت جي پدارٿن جي اگيات ستا آهي يعني جنهن وقت اسان کي انهن جو گيان نہ آهي تنهن وقت بہ اهي پدارٿ رهن ٿا.

پر ويچار ڪري ڏسبو تہ اسان کي خبر پوندي تہ اها اسانجي ڀل آهي. ڏسو اسانکي سپنو اچي ٿو تہ اسين سپني ۾ ڏسون ٿا تہ سپني جا پدارٿ ڪو هاڻي اچون ڪونہ ٿيا آهن پر اڳ جا آهن ۽ سپني ڪال ۾

پيو هلي، پر جاڳڻ تي سپني درشٽا کي اهو ٿو ٿئي تہ سپني جو جيو جڳت ۽ ايشور ٻيئي واسنوڪ نہ هئا. سپني جو ايشور بہ سپني درشٽا جو ڪلپيل هو. ساڳيءَ طرح جاڳرت جو ايشور پڻ جيو جو ڪلپيل مڃڻ گهرجي. تنهن ڪري ايشور ڪرت سرشٽيءَ جي هستي پڻ پرالي پاسڪ آهي. گيان ٿيڻ سان جيو ڀاو، جڳت ۽ ايشور ٽنهي جو باڌ ٿي وڃي ٿو.*

ٽين ستاواد موجب جنهن جيو کي گيان ٿئي ٿو سو مڪتي پائي ٿو، باقي ٻيا جيو ڦٽڪندا رهن ٿا ۽ سرشٽيءَ جو پرواهہ چالو رهي ٿو. دو سٽا واد موجب ايڪ جيو واد جو سڌانت مڃيو ويو آهي.

ايڪ جيو واد:- سپني ۾ ڪيترا جيو ڏسجن ٿا جن مان ڪي سکي ۽ ڪي دکي آهن، ڪي مموکشو آهن، ڪي اگياني آهن، ڪي گيان وان آهن وغيره. جڏهن اهو سپنو کلي ٿو تڏهن سپني درشٽا اهو ڪري ٿو تہ نہ اننت جيو هئا، نہ مموکشو هئا، نہ اگياني هئا ۽ نہ گياني هئا. نندرا دوش ڪري ٿي

* **نوٽ**:- ٽنو گيان عرف سنڌيءَ ۾ پنچيڪرڻ جي صفحي ١٠٣ ۾ جو جيو ڪرت سرشٽي ۽ ايشور ڪرت سرشٽيءَ ۾ تفاوت ڏيکاريو ويو آهي سو بہ ٽين ستا جي ريتيءَ موجب.

جاڳي پهرئين سپني ۾ جيو پڌائي ٿو ته مون کي سپنو آيو هو. اهڙي پرڪار او پوئين سپني کي سپنو ٿو سمجهي ۽ اوائلي سپني کي جاڳرت ٿو مڃي پر آهن ٻئي سپنا. جهڙي طرح پل ڪان جيو ٻن سپنن ۾ تفاوت ٿو ڏسي ۽ انهن مان هڪ کي سپنو ۽ ٻئي کي جاڳرت ٿو ڪوٺي تهڙيءَ طرح سپني ۽ جاڳرت ۾ پڻ جيو پل ڪان تفاوت ٿو ڏسي. حقيقت ۾ تفاوت ڪونه آهي. ان ڪري جاڳرت خواه سپني جي هڪ سمان هستي آهي جنهن کي "پراتي ڀاسڪ ستا" ڪوٺيو ويو آهي. برهم جي هستي پرمارٿ ستا چئي ويئي آهي، ڇوته برهم سٽ آهي يعني ڪنهن به ڪال ۾ سندس ناس نٿو ٿئي. هڪ برهم جي ئي اگيات ستا آهي ڇوته جڏهن اگيان سبب برهم جي پرتيتي ڪانه آهي تڏهن به برهم جيئن جو ٿيون پنهنجي سروپ ۾ استٿت آهي. اهڙي پرڪار فقط ٻن ستائن جو نروپڻ ڪيو ويو آهي. هن سڌانت کي "دو ستا واد" چيو ويو آهي.

دو ستا واد موجب ايشورڪرت سرشٽي ۽ جيوڪرت سرشٽي جدا نه آهن. هن سڌانت موجب جيو ٿوڙي جڳت ٿوڙي ايشور ٿيئي اگيان ڪري ڪلپيل آهن ۽ اهو سارو کيل مول اوديا جي، آسري ئي رهيو آهي. اُن ۾ درشٽانت ڏنو ويو آهي ته سپني ۾ جيو جڳت ۽ ايشور ٽنهي جي ڀاونا ٿئي ٿي. انهن پيو پرتيت ٿئي ته ايشور جي اڇا انوسار سپني جي جڳت جو وهنوار

جو گيان "اپروکش" ٿئي ٿو. هت من جي ورتي
دلي سان ملي دلي جو آڪار ڌاري ٿي. اسان سان
ڪنهن ڳالهه ڪئي ته "سرڪاري باغيچي ۾ پن مٿن
سان هڪ ٻڪري آندي ويئي آهي." اهو ٻڌي اسان
کي "پروکش گيان" ٿئي ٿو ڇو ته اسان جي ورتي ان
ٻڪريءَ جو آڪار نه ڌاريو پر سو رهيو من جي اندر؛
ان جو ٻڪريءَ سان ميلاپ نه ٿيو.

پرماتما جو اهڙو پروکيه گيان ويدانت جي آوانتر
واڪين سان ٿئي ٿو. پرماتما جي پروکيه گيان ڏيڻ
سان "است آپادڪ" آورڻ نورت ٿئي ٿو- (جيو
کي جو پرماتما جو اگيان رهي ٿو ته "ايشور آهيئي ڪونه"
ان کي است آپادڪ آورڻ چيو وڃي ٿو) . آوانتر واڪيه سان
اهڙو است آپادڪ آورڻ نورت ٿي وڃي ٿو، پر ٻوءِ ٻه
جيو کي "ايان آپادڪ" آورڻ رهي ٿو؛ يعني چوي
ٿو ته پرماتما جو ڪيس انڀو ڪونه ٿو ٿئي. اهڙي اگيان
جي نورتيءَ لاءِ اپروکش گيان گهرجي. پرماتما
جو اهڙو اپروکش گيان ويدانت جي مهاواڪ
جي ٻڌڻ سان ٿيندو. ان ڪري ويدانت جا مها
واڪيه هت ٻڌايا وڃن ٿا. ويدانت جا مهاواڪيه ڪل
چار آهن. هرهڪ ويد ۾ ڌار ڌار هڪ مهاواڪ ڏنل آهي.

١- تتو مسي، (سام ويد جي ڇاندوگيه اُپنشد ۾
ڏنل آهي). تت - توم - اسي، يعني سو (پرماتما)
تون آهين.

أهي سڀ ڀاسي رهيا هئا. ساڳيءَ طرح جاڳرت ۾ ٻڌ اوديا دوش ڪري جڳت ڀاسي رهيو آهي. نه اننت جيو آهن، نه موڪش آهن، نه اگياني آهن ۽ نه گيان وان آهن. هڪ ئي سَت - چت - آنند آتما سروڙ (جت ڪت) پرڪاش ڪري رهيو آهي.
ويدانت جو شروڻ، منن ۽ ندڌياسن ٻڌ انلاء آهي نه پرم نڪري، ۽ پوءِ اهو ئي انڀو ٿيندو ته نڪو گيان آهي، نڪو اگيان آهي، نه ويدانت آهي ۽ نه پاڻي آهي، نه گرو آهي نه شش آهي ۽ نه ٻنڌ آهي نه موڪش آهي. "ويدانت واڪ" نشچيه ڪرائين ٿا نه هڪ ئي چد وستو آهي جا پنهنجي سڀاو ۾ جيون جو ٿيون استت آهي.

مهاواڪيه:- ويدانت جا واڪيه ٻن پرڪارن جا آهن: ١- آوانتر واڪيه ٢- مهاواڪيه. **آوانتر** واڪيه انهن کي ٿو چئجي **جيڪي پرماتما جي سروپ جو بوڌ** ڪرائين ٿا ۽ جئن اُپنشدن ۾ ڪٿن ڪيل آهي ته "برهم جي هستي نت آهي"، "پرماتما کان ئي سرشٽي جي اُتپتي، استتي ۽ ليءِ ٿئي ٿي" وغيره. **هنن** آوانتر واڪين جي **شروڻ ڪرڻ سان پروکش گيان** ٿئي ٿو.

اپروکش گيان اُهو آهي جنهن ۾ انتشڪرڻ جي ورتي پدارٿ جو آڪار ڌارڻ ڪري ۽ پدارٿ سان (اپيد ٿيڻ يعني) ميلاپ ڪري. جئن اکين **سان دلي**

دلو، جل ۽ جل ۾ مها آڪاش جو پرڇانو، اهي سڀ گهٽ آڪاش کي ڍڪي ڇڏين ٿا يعني پرتيت ٿيڻ نٿا ڏين. سدانت ۾ گهٽ جي برابر آهي سٿول شرير، جل جي برابر آهي بڌي، گهٽ آڪاش جي برابر آهي * ڪوٽسٿ يعني آتما، ۽ مهاڪاش جي برابر آهي برهم. جئن جل ۾ آسمان جو عڪس (پاڇو) ٿو پوي، تئن بڌيءَ ۾ چيتن جو آڀاس يعني پرڇانو ٿو پوي جنهن کي چيو وڃي ٿو "چد آڀاس". آتما، گهٽ آڪاش وانگر اسنگ آهي. بڌي جڙ آهي چاڪاڻ جو پنجن ڀوتن جو ڪاريه آهي. ان ڪري دک سک آدڪ چد آڀاس جا ڌرم آهن. **بڌي چد آڀاس ۽ آتما کي گڏي جيو چيو وڃي ٿو.** وري ايشور جي سمجهاڻي لاءِ آڀاس واد موجب گهٽ يعني دلي بدران سروور يعني تلاءَ جو درشٽانت ورتو وڃي ٿو. تلاءَ جي جل ۾ آسمان جو آڀاس يعني پرڇانو پوي ٿو جنهن ۾ تارا

---

* ڪوٽ = سنداڻ. ڪوٽسٿ = سنداڻ وانگر سٿت. سونارو سنداڻ تي ڪيترا مٿيا گهڙي ٿو تڏهن به سنداڻ ۾ ڪو وڪار ڪونه ٿو اچي. ساڳيءَ طرح چد آڀاس ۾ دک سک آدڪ پرتيت ٿيندي به آتما نروڪار آهي- ان ڪري آتما کي ڪوٽسٿ چيو وڃي ٿو- ڪوٽسٿ جو ٻيو ارٿ پڻ هن ريت ڪيو ويندو آهي. ڪوٽ= ڪوڙ، ڪوٽسٿ يعني ڪوڙ ۾ اسٿت. يعني سڀ آدڪ جي مٿيا آهن تن جو اڌشٽان آتما آهي ڪوٽسٿ.

٢- اهنگ برهما سمي، (يجرويد جي برهدارڻڪ اپنشد ۾ ڏنل آهي). اهم- برهم- اسمي، يعني آءٌ برهم آهيان.

٣- اَيم- آتما- برهم: يعني هيءَ آتما برهم آهي؛ اٿرو ويد جي ماڊوڪيه اپنشد ۾ ڏنل آهي.

٤- پرگيانم- آنندم- برهم؛ يعني ڄاڻندڙ (آتما) آنند روپ برهم آهي. رگ ويد جي انترييه اُپنشد ۾ ۾ ڏنل آهي.

اهڙي پرڪار **هرهڪ مهاواڪ جيو ۽ ايشور جي ايڪتا جو نروپڻ** ڪري. پر جگياسو کي جو اهڙا سنسڪار پڪو ٿيل آهي ته ايشور سرو شڪتيوان، سروگيه ۽ سرو وياپڪ آهي، ۽ جيو الپ شڪتيوان، الپگيه ۽ پريڇن آهي، ته جگياسوءَ کي اهڙن سنسڪارن هوندي اهو ميڙ ڏکيو لڳي ٿو ته ايشور ۽ جيو هڪ آهي. جگياسوءَ جي ان سنسي کي نورت ڪرڻ لاءِ شاسترڪارن **جيو ۽ ايشور جي سروپ جو ورنن** ڪيو آهي.

آڀاس واد:- جيو جي سروپ جو نروپڻ ڪرڻ لاءِ **درشٽانت** ونجي ٿو، دلو پاڻيءَ سان ڀريل آهي، اُن ۾ آسمان (يعني مها آڪاش) جو (آڀاس يعني) پاڇو پوي ٿو جنهن ۾ تارا وغيره ڏسجن ٿا. اُن دلي ۽ پاڻيءَ جو آڌار آهي (گهٽ آڪاش يعني) آڪاس جيڪو دلي ۽ جل کي (اَوڪاش) جاءِ ڏيئي رهيو آهي. مگر

يعني مک کان نيارو آهي ۽ سامهون آهي. پر ويچار ڪرڻ سان ڏسبو تہ مک مان رسميون (rays) نڪري درپڻ يعني درسنيءَ سان ٽڪر کائي ڦيرون ڏانهن موٽن ٿيون جنهنڪري ڦيرو مک (بنب) کي وشيہ ڪن ٿا. پل کان ائين سمجهڻ ۾ ٿو اچي تہ پرتبنب (Image) ڏسڻ ۾ اچي ٿو. واستو ڪري پرتبنب، بنب ئي آهي.

(Image is nothing else than the object itself.)

ساڳيءَ طرح اوديا روپي درپڻ ۾ چيتن روپي بنب سان جيو روپي پرتبنب جي جدائي پرتيت ٿئي ٿي؛ نہ رڳو جدائي ٿي پرتيت ٿئي پر اوديا جا ڌرم الپگيتا آدڪ پڻ جيو ۾ پرتيت ٿين ٿا، جهڙيءَ طرح درپڻ جا ڌرم مک ۾ پرتيت ٿين ٿا: درپڻ ۾ ڪو ڪارو داغ آهي ۽ درپڻ ۾ نهار جي ٿو تہ ائين پيو لوڏي ٿو تہ منهنجي منهن ۾ اهو داغ آهي. پر واستو ڪري منهن صاف آهي. ساڳيءَ طرح الپگيتا آدڪ ڌرم جيو چيتن ۾ نہ آهن. جئن بنب ۽ پرتبنب پولي ڪري هڪ ٻئي کان جدا پرتيت ٿين ٿا پر واستو ڪري پرتبنب بنب جو روپ آهي، تئن جيو ايشور جو روپ آهي.

اوچيد واد :- واچس پتي مشر جو چوڻ آهي تہ آڀاس خواه پرتبنب*روپ واريءَ وستوءَ جو روپ واري وستو درپڻ يا جل

---

* **نوٽ** :- مثال ڏنو ويندو آهي تہ آڪاش جو آڀاس (پرڇانو) پاڻي ۾ پوي ٿو جيتوڻيڪ آڪاس نرآڪار آهي مگر هت تہ آڀاس وٺندڙ جا اُپاڌي آهي پاڻي، سو تہ روپ وارو آهي- ٻيو مثال ڏنو ويندو آهي تہ روپ

آدڪ ڏسجن ٿا. تلاءَ ۽ تلاءَ جي جل کي اوڪاش
(جڳهه) ڏيڻ وارو آڌار، سروور آڪاش آهي. سدانت
۾ **سروور** جي برابر آهي **ورات شرير** ۽ **سروور**
جي جل برابر آهي مايا. جنهن جل ۾ آسمان جو
آڀاس پوي ٿو تنهن مايا ۾ چيتن جو آڀاس پوي ٿو. مايا،
چد آڀاس ۽ چيتن ٽنهي کي گڏي چئجي ٿو
ايشور. هاڻي ويچار ڪري ڏسبو ته سروگيتا آدڪ ڌرم
جڙ مايا ۾ به ڪونه آهن، نڪو وري شڌ چيتن ۾ ڀي
سگهندا ڇو ته شڌ چيتن سڀني ڌرمن کان پري آهي.
اهي سروگيتا آدڪ ڌرم فقط آڀاس ۾ آهن. سروور آڪاش
مها آڪاش خواه گهٽ آڪاش جنهن هڪ آهن تنهن **ايشور-**
چيتن، **برهم ۽ جيو چيتن يعني آتما هڪ ئي**
چيتن روپ آهن. دک سک ۽ الپگيتا آدڪ ڌرم جيو جي
چد آڀاس ۾ آهن ۽ سروگيتا آدڪ ڌرم ايشور جي چد
آڀاس ۾ آهن. باقي چيتن هڪ رس جنهن جو تنهن پنهنجي
سروپ ۾ استت آهي. اهڙيءَ طرح "ڀاڳ تياڳ لکشڻا"
سان آڀاس واد جي ريتيءَ موجب مهاواڪين ۾ ٻڌايل
جيو برهم جي ايڪتا لکشڻا ڪئي وڃي ٿي.

ٻنب پرتبنب واد:- جيو برهم جي ايڪتا جي
لکشڻا ڪرڻ لاءِ وورڻ ڪار وري ٻنب پرتبنب واد هن
طرح سان نروپڻ ڪئي آهي. درشنيءَ ۾ نهارڻ سان
پنهنجي مک جو پرتبنب يعني پرڇانو (Image) ڏسڻ ۾
اچي ٿو ۽ پرتيت ٿئي ٿو ته پرتبنب، ٻنب (object)

وياپڪ چيتن ۾ مايا * اپاڌيءَ ڪري مايا - اوڇن-
چيتن پرتيت ٿئي ٿو جنهن کي ايشور چئجي ٿو ۽ اوديا
اپاڌيءَ ڪري اوديا اوڇن چيتن پرتيت ٿئي ٿو جنهن
کي جيو چئجي ٿو. جئن گهٽ اپاڌيءَ ڪري گهٽ
اوڇن آڪاش ننڍو پرتيت ٿئي ٿو ۽ مٺ اوڇن آڪاش
وڏو پرتيت ٿئي ٿو، تئن مايا اپاڌيءَ ڪري مايا اوڇن
چيتن (ايشور) سروگيہ، سرو شڪتيوان سمجهڻ ۾ اچي
ٿو. ۽ اوديا اپاڌيءَ ڪري اوديا اوڇن چيتن (جيو)
الپگيہ ۽ الپ شڪتيوان سمجهيو وڃي ٿو.
واستو ڪري جئن اپاڌين رهت آڪاش ۾ ننڍائي،
وڏائي ڪانہ آهي تئن اپاڌين رهت شڌ چيتن ۾ پڻ
سروگيتا، الپگيتا ۽ سرو شڪتيوان پڻو ۽ الپشڪتيپڻو
ڪونہ آهي، چيتن هڪ رس جئن جو تئن پنهنجي
سروپ ۾ استٿت آهي؛ ۽ جئن گهٽ اوڇن آڪاش ۽
مٺ اوڇن آڪاش ٻئي هڪ آڪاش روپ آهن تئن
جيو ۽ ايشور بہ هڪ چيتن سروپ آهن.

درشٽي سرشٽي واد:- سدانت مڪتاولي ڪار
جو چوڻ آهي تہ چيتن اسنگ، نت مڪت، پرمارٿ

---

*مايا ۾ شڌ ستوگڻ رهي ٿو جنهنڪري سروگيتا
وغيره ڌرم مايا جا آهن. اوديا ۾ ملين ستوگڻ
رهي ٿو جنهن ڪري اوديا جا ڌرم الپگيتا آدڪ آهن
ملين ستوگڻ يعني رجي گڻ ۽ تمي گڻ سان دٻيل
ستوگڻ.

آدڪ ۾ نٿي ٿو؛ پر روپ رهت چيتن جو پرڪاش يا
آڪاس روپ رهت ملڪ انوا پڌي ۾ ٻڌي ڪين سگهندو.
ان ڪري وويڪي جگياسوءَ جي شرڌا آڪاس واد انوا
پرڪاش واد ۾ ئي ڪائم سگهندي ۽ شرڌا کان سواءِ پوڻ
ٿيڻ نا ممڪن آهي. ان ڪري واچس هتي مٿو اوچيد
واد جو نروپڻ ڪيو آهي جو هن ريت آهي:- گهڙي
جي اپاڌيءَ سبب مها آڪاش کان جدا ٿيل گهٽ اوچن
يعني گهڙي ڪري ڇنل آڪاش نظر اچيٿو. مٺ يعني
گهر جي اپاڌيءَ ڪري مها آڪاش کان ڌار ٿيل مٺ
اوچن آڪاش پاسڻ ۾ اچي ٿو. گهٽ اوچن آڪاش ۽
مٺ اوچن آڪاش جا ڌرم پڻ جدا جدا پرتيت ٿين ٿا
جهڙوڪ مٺ اوچن آڪاش ۾ گهڻا ماڻهو ويهي سگهن
ٿا پر گهٽ اوچن آڪاش ۾ هڪ به ماڻهو ويهي نه ٿو سگهي.
پر ويچار ڪري ڏسبو ته آڪاش هڪڙو ئي سرونر وياپڪ
آهي، گهٽ ۽ مٺ اپاڌين ڪري آڪاش ۾ گهٽ
آڪاش ۽ مها آڪاش جي جدائي پرتيت ٿئي ٿي،
در حقيقت هڪڙو ئي آڪاش گهٽ آڪاش ۽ مها آڪاش
جي صورت ۾ پرتيت ٿي رهيو آهي. ساڳيءَ طرح

رهت شبد جو آياس پراڌي جي، صورت ۾ روپ رهت
آڪاش ۾ نٿي ٿو- پر هت به ڏسبو ته پراڌي جو هيٺو
روپ واري گنبذ اپاڌي آدڪ آهن- جيڪڏهن انين نه هجي
نه هوند هرهند پراڌو بدڻ ۾ اچي، جو آڪاس جي
اپاڌي هرهند وياپڪ آهي.

سڀ مٿيا سمجهي ٿو لڳن گيان ٿيڻ تي اهو ٿيندو ته جيو، جڳت ۽ ايشور سڀ درشٽيءَ ۾ ئي آهن. واستو ڪري ست - چت - آنند برهم، گيان اگيان هر ڪال ۾ پنهنجي شڌ روپ ۾ سٿت آهي. هن سڌانت جي سمجهائڻ لاءِ سوامي شنڪر آچاريه برهدارڻڪ اپنشد جي ڀاشيه ۾ ڪنتيءَ جي پٽر ڪرڻ جو درشٽانت ڏنو آهي. ڪنتيءَ جي پٽر ڪرڻ کي اهو خيال ويٺل هو يعني اهڙي درشٽي هئي ته آءٌ داسيءَ جو پٽر آهيان. تنهن ڪري ارجن جڏهن ڪيس داسيءَ جو پٽر ڪري سڏيندو هو تڏهن ڪرڻ جو ٻل هٽي ويندو هو.

ڪرڻ کي پڪو سنسڪار ويٺل هو ته آءٌ داسيءَ جو پٽر آهيان- سوريه ڀڳوان ڪيس ايڪانت ۾ ٻڌايو ته هي ڪرڻ تون منهن جو پٽر آهين ۽ ڪنتيءَ جي ڪک مان ڄاول آهين. سوريه ڀڳوان پنهن جي زره ۽ ڪنڊلن جي ڪرڻ کي نشاني ٻڌائي نشچيه ڪرايو ته تون داسيءَ جو پٽر نه آهين پر منهنجو آهين. تڏهن ڪرڻ کي سچو نشچيو ٿيو ۽ پاڻ کي ڪنتي ڄاڻڻ لڳو ۽ داسي پٽر جو سنسڪار ڀلائي ڇڏيائين. اهڙي پرڪار ڪرڻ روپي جگياسوءَ کي سوريه روپي برهم نيشٺي ۽ برهم شروتري گرو ڪٿين سهت مهاواڪيه جو اپديش ڪري ٿو ته سندس ڀرم نورس ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس پنهن جي ست- چت - آنند سروپ جو اپروڪش گيان ٿئي ٿو. منن ند ڌياسن سان اهو گيان درڍ ٿئي

وستو آهي ۽ اوديا ۽ مايا وغيره ڪلپت آهن. ان ڪري اوديا ۽ مايا جو چيتن سان ڪو به سنبنڌ ٿي نٿو سگهي، جيئن رڄ جي ٻاٽيءَ مان ڪپڙو آلو ڪري نٿو سگهجي. ان ڪري اوديا خواه مايا ۾ چيتن جو آڀاس يا پرتبنب ٿي نٿو سگهي ۽ نڪا چيتن ۾ اوديا يا مايا ڪري اوڇيد ڪلپنا ٿي ٿي سگهي. اوڇيد ڪلپنا وغيره ائين ٿي سگهندا جيئن اوڇيدڪ (جدا ڪندڙ) ۽ اوڇيد ۾ (جنهن ۾ جدائي ڪجي وڃي) جي ساڳي سٽا هوندي. آڪاش، گهٽ ۽ مٺ ٻيئي وهنوارڪ سٽا وارا آهن، جنهن ڪري وهنوارڪ گهٽ خواه مٺ وهنوارڪ آڪاش کي اوڇن ڪري سگهن ٿا يعني ان ۾ جدائي آڻي سگهن ٿا. پر وندياچل پربت کان سهي جي سگهه مان ٺهيل ڌاڙي جي مدد سان ۽ رڄ جي ٻاٽيءَ سان ڳوهيل مٽيءَ مان ٺهيل دلي سان جيئن وهنوارڪ آڪاس جي اوڇنتا ٿي نٿي سگهي، تيئن ڪلپت مايا ۽ اوديا سان پرمارٿ چيتن جي اوڇنتا ٿي نٿي سگهي. چيتن اسنگ ايڪ رس جيئن جو تيئن پنهنجي سروپ ۾ استٿ آهي، تنهن ۾ جيو ڀاو ۽ ايشور ڀاو ٻئي مٿيا آهن. جيئن سپني ۾ ڪو پرش پاڻ کي ڪنگال ڏسي ٿو ۽ سپني جي راجا جي سيوا ڪرڻ سان سپني ۾ ڌن جي پراپتي ڪري ٿو تيئن مٿيا ايشور جي اپاسنا سان اگيان ڪال ۾ مٿيا ڦل جي پراپتي ٿئي ٿي. وري جيئن مٿي ورنن ڪيل پرش سپني مان جاڳڻ تي ڪنگالپڻو، راجا، ۽ ڌن

شري يوگواسشٽ سڌانت سار

گرنٿ آرنڀ

---

(۱) اُپڪرم (شروعات)

شري رامچندر مهراج جن بالڪ اوستا مون جڏهن جوين اوستا کي پهتا تڏهن سندن مَن ۾ ويچار اُٿڻ لڳا ته ”هن سنسار ۾ ڪا به سار وستو ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي اچي. سنسار ۾ ڪٿي به شانتي ۽ آنند ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. سڄو سنسار دکن ۾ ڦاٿو پيو آهي، ته به مورک جيوُ آشائن ۽ ترشنائن روپي رڄ جي ڦاٽيءَ پٺيان بي سُڌ ڀوڙندي ڀوڙندي پنهنجي حياتي ناس ڪري رهيو آهي.“

رامچندر کي استري، پتر خواه ڌن آدڪ دنيوي سمپتيءَ ۾ دوش روپي سرپ نظر اچڻ لڳا. دنيا جي جنهن جنهن پدارٿ تي سندس نظر پوڻ لڳي سو پدارٿ کيس انهن نظر اچڻ لڳو ته اُو دکن روپي پوتڙين سان ويڙهيل آهي ۽ اُنهن پدارٿن کي گرهڻ ڪرڻ سان اُهي وڪارن روپي پوتڙيون کيس اَڌوگتيءَ ۾ گهلي وينديون.

تو ۽ موکش جي پراپتي ٿئي ٿي.

جيو ايشور جي ايڪتا نشچہ ڪرائڻ لاءِ آڀاس واد، بنب پرتبنب واد، اوڇيد واد ۽ درشٽي سرشٽي واد ڪل ڇهن پرڪارن جو نروپڻ ڏيکاريو ويو. هنن ۾ ڪنهن بہ واد جي کنڊن منڊن جو پريوجن نہ آهي ڇو تہ سڀني ۾ جيو برهم جي ايڪتا جو سڌانت ساڳيو آهي. ان ڪري جگياسوءَ کي جيڪو طريقو انڪول پوي سو گرهڻ ڪري جيو برهم جي، ايڪتا نشچہ ڪري.

۽ ويچار اُنهن ٻنهي تا سي منهنجي آڏو ظاهر ڪر". اِها آگيا ٻڌي سري رامچندر هن طرح چوڻ لڳو:-

(٢) سنسار دوشن سان ڀريل ۽ اَنِت آهي.

(سري رامچندر جو وئراڳ)

"جڳت ۾ ڪهڙي اهڙي وستو ڏسڻ ۾ اچي ٿي جنهن ۾ دوش نه آهي! ڪهڙي اهڙي اوستا (حالت) آهي جنهن ۾ دک روپي اگنيءَ جو نواس نه آهي! ڪهڙو اهڙو پدارٿ اُتپن ٿيل آهي جو ناشوان نه هجي! ڪهڙي اهڙي ڪريا آهي جا ڪپٽ * کان رهت هجي! ارٿات سنسار ۾ جيڏانهن به نظر ڦيرائجي ٿي اوڏانهن دوش، دک نيستي ۽ نابودي پسجي ٿي.

هي گرو مهراج! هيءَ استاور (غير متحرڪ) جنگم (متحرڪ) روپ جڳت جيڪو ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو سڀ سپني جي وهنوار سمان اَنتيه آهي. ٻال اوستا، جوڀن اوستا ٻئي اچڻ وڃڻ واريون آهن. هيءَ شرير پڻ ڪڻ ڀنگر آهي. ڌن جو ڪٺو ڪرڻ پڻ قائم نه آهي؛ ارٿات سنسار جا سڀ پدارٿ سمندر جي لهرين وانگر چنچل ۽ هوا ۾ رکيل ڏيئي سمان ڪڻ استائي (ڪڻ ماتر رهڻ وارا) آهن. پدارٿن جي سوڀيا، بجليءَ وانگر ڪڻ ماتر رهڻ واري آهي. هي ڀڳون! هميشه هڪ روپ ۾ رهڻ وارو،

* جڳت ۾ جيڪا به ڪريا ڪجي ٿي سا جيو کي ٻاهر مک ٻڻائي آتما کان پري رکي ٿي اهو ئي وهنوارڪ ڪريائن جو ڪپٽ آهي.

اهڙي قسم جو تيبر ويراڳ سري رامچندر جي هردي ۾ اُٿڻ ٿيو. سندس وهنوار بند ٿي ويو ۽ هڪ اڪيلي استان ۾ گذارڻ لڳو. سري رامچندر جي اها حالت ڏسي سندس نوڪر چاڪر ڊڄي ويا ۽ ڊوڙي وڃي راجا دسرٿ کي سمورو احوال ٻڌايائون. راجا دسرٿ پنهن جي گرو وسشٽ مهراج سان ڳالهه ڪئي ته رام جي وچتر حالت ٿي رهي آهي. خبر نه آهي ته ڪهڙي روڳ منجهس واسو ڪيو آهي. ڪرپا ڪري اُن جو ڪو اُپاءُ سوچو. وسشٽ مهراج اها ڳالهه ٻڌي چنتا ڏيکارڻ جي بدران ڏاڍي خوشي ظاهر ڪئي ۽ راجا دسرٿ کي ڌيرج ڏيئي سمجهايو ته "چنتا ڪرڻ جو ڪو به سبب ڪونه آهي. رامچندر کي وئراڳ اُٿڻ ٿيو آهي جو مهان نشڪام پڻ جو ڦل آهي. اُن وئراڳ جي ڪري هو برهم وديا جو پاتر بڻيو آهي. توهين رامچندر کي هت گهرايو ته کيس برهم وديا جو اُپديش ڪريان، جنهن جي ٻڌڻ سان هن جا سڀ دک اهڙيءَ طرح سان نورت ٿي ويندا جهڙيءَ طرح سورج سان اندڪار بنا ڪنهن سنديه جي دور ٿي وڃي ٿو."

اُن تي راجا دسرٿ سري رامچندر کي دربار ۾ گهرايو. سري رامچندر دربار ۾ پهچي پنهنجي پتا، گرو وسشٽ ۽ ٻين بزرگن کي نمسڪار ڪري پنهنجي آسن تي براجمان ٿيو. وسشٽ مهراج رامچندر کي آشيرواد ڪري چوڻ لڳو ته "هي پتر! تنهن جي چت ۾ جيڪي

روپي وڻن ۾ اڻڪي ساميو وانگر جيون (Life) روپي جهنگل ۾ ناس ٿي رهيا آهن. ترشنا روپي ٻن ۾ وچرڻ وارو من روپي باندر، ڪام روپي وڻ جي انيڪ ٽارين تي ٽپي رهيو آهي؛ جنهن جو ڪجهه به حاصل مطلب نه آهي. هي منهن جا سائين! پتر، استريون ۽ ڌن جنڪي منش مورکتا سان لاڀدايڪ سمجهي رهيو آهي سي هن جو ڪجهه به اُپڪار نٿا ڪن. جهڙيءَ طرح سان وڻ ۾ ٻن اُتپن ٿي جلدي ناس ٿي وڃن ٿا. اهڙي پرڪار مورکه لوڪ جنم وٺي ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ ناس ٿي وڃن ٿا. جهڙيءَ طرح گهوري سمندڙ ڪي به * ٻڙوانل گرسي رهي آهي ساڳيءَ طرح سنسار ۾ اهڙو ڪوئي پدارٿ نه آهي جنهنکي ڪال گراس نٿو ڪري. ڇا لڪشمي، ڇا راڄ پاٽ، ڇا شرير، انهن سڀني کي ٿوري ئي وقت ۾ ڪال کائي ٿو ڇڏي. هيءَ مها ڪنور آچرڻن وارو ڪال جوڀن واري شرير کي بيدايي ٽائين پچائي لائين † پکيڙ ڪري ٿو ڇڏي جئن سرپ وايوءَ کي.

ڇا! هيءَ سنسار جو پرواه سک دائي ممبو! هت نه جيؤ مرڻ جي لاءِ اُتپن ٿين ٿا. سنسار جون جيترون به چنتائون (وهنوار) آهن سي سڀ چنچل آهن؛ جيڪي به وشيه يوگ پراپت ٿين ٿا سي دک جو ڪارڻ

---

* ٻڙوانل معنيٰ سمندر ۾ رهندڙ اگني جنهن مان اڄ ڪلهه بجلي (Electricity) بڻائي وڃي ٿي.

† گرڪائي ٿو ڇڏي.

ڪوئي پدارٿ نه آهي. جڏهن هيءُ شرير ٿي گهٽندو وڌندو رهي ٿو تڏهين ٻين پدارٿن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ٻال اوستا ٿورن ڏينهن تائين رهڻ واري آهي، وري ٻڍاپو ٻه چند روز رهڻ لاءِ اچي ٿو. جهڙيءَ طرح بازيگر ڪڻ ڪڻ ۾ پنهنجا روپ بدلائي ليلائون ڪري ٿو، ساڳيءَ ريت هي من به ڪڻ ۾ آنند وارو؛ ڪڻ ۾ شوڪ وارو ٿئي ٿو؛ وري ڪڻ ۾ شانت ٿيو وڃي.

آيو (حياتي) بلڪل چپل آهي، مرتيو ڪٺور آهي، جواني چنچل آهي؛ ٻالڪ اوستا نه اگيان يعني اڻڄاڻائيءَ ۾ ئي پوري ٿيو وڃي، سڀني لوڪن کي چنتا جو ڪلنڪ لڳل آهي. سڀ سٻنڌي سنسار جا زنجير آهن. جيڪي ڀوڳ آهن سي مها روڳ آهن؛ ترشنا ۽ مرگهه ترشنا ۾ ڪو تفاوت نه آهي؛ اندريون ئي پنهنجا دشمن آهن؛ * من ئي من جو دشمن آهي. اهنڪار ٻڌيءَ کي ناس ڪري ڇڏي ٿو. اهڙي پرڪار سڀ ڀاو روپ (هستي وارو) جڳت اڀاوَ کي پراپت ٿئي ٿو. تڏهين هن ڀاو روپ واري جڳت جو ڪهڙو راز آهي، تنهنجو ڪجهه پتو پئجي نٿو سگهي!

سڀ پدارٿ اُتپتي ۽ ناس ٿيڻ وارا آهن. وشين جي ڀاونا ئي ٻنڌن روپ آهي. خبر نٿي پوي ته هي سڀ پراڻي موهه جي وس ٿي ڪاڏي گهليا پيا وڃن. سڀ جيو دکدائي آشائن جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌجي؛ دوش

---

* اوپڪار وارو من سرپشٽ من جو دشمن آهي.

وڏي ڏک جي ڳالھ آھي جو اسين موھ ٻڌيءَ وارا
جيئُ ڪوڙي سک جي پٺيان ائين گھلبا پيا وڃون جئن
پت جي پاٽيءَ * پٺيان موھ مرگھ گھلجي ويندو آھي.
نہ اسانکي ڪنھن وڪيو آھي ۽ نہ ڪنھن خريد ڪيو
آھي تہ بہ اسان جي حالت غلامن کان بھتر نہ آھي.
غلامن جي حالت ڏسي ۽ ٻڌي اسانجي دل ۾ سيات
پئجو وڃي! اسانکي اکين مان لڙڪ لڙيو پون ۽ سندن
مدد لاءِ اَچانڪ اسانجو ھٿ اوچو ٿيو وڃي. پر افسوس!
جو اسانکي پنھن جي حال تي نڪو ڪو رحم ٿو اچي
۽ نہ وري اُن حالت کي سڌارڻ لاءِ ڪا ڪوشش ئي
ڪريون ٿا. سمجھون بہ ٿا تہ ھيءُ پرپنچ سڀ مايا جو
کيل آھي تہ بہ ان لي موھت ٿي رھيا آھيون. وشين
مان اُتپن ٿيل سک جي ڪابہ ھستي ڪانہ آھي. فضول
اسين ان پٺيان لڳا رھون ٿا.

ھي يڳون! **لکشمي** (ڌن) جو واڌارو سک جي
ڏيڻ وارو نہ آھي پر ڏکدائي آھي؛ ڌن جي رکيا پڻ
ناس جو ڪارڻ آھي جئن سانپي (سانڍي) وکيل زھر جي
گولي مرتيوءَ جو ڪارڻ بڻجي پوي ٿي. لکشمي استري
سمان منوھر روپ ڌارڻ ڪري چت جي ورتيءَ کي
ڪينچي وٺي ٿي جنھن ڪري من دشٽ ڪرمن ۾
پرورت ٿئي ٿو.

آيو (حياتي) اھڙي پرڪار ناسوان آھي جھڙي

---

* رج جو پاٽي

آهن ۽ پاپ جا پيدا ڪندڙ آهن. سڀ سمپتي آپتيءَ (دک) جو روپ آهي. سک فقط دک جي لاءِ آهي ۽ ڄمڻ مرڻ جي لاءِ آهي. آها! ڪهڙو نه مايا جو وستار آهي. هي گرو مهاراج مونکي ته ڪوبه يوڳ سکدائي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ڇو ته سڀ يوڳ جيسين ٽائين ڀوڳڻ يوڳيه معلوم ٿين ٿا جيسين ٽائين جيو جي درشٽي وويڪ واري نه ٿي آهي. اهو نسچيه آهي ته سڀ يوڳ ناس ٿيڻ وارا آهن، آهي خوفناڪ نتيجي وارا آهن، سڀ يوڳ جلد ٿي وڪارن کي پراپت ٿين ٿا ۽ ڪڻ ڀنگر آهن؛ سنسار جي ڪيچڙ ۾ ڦاسائڻ وارا اهي يوڳ دک ڏائي آهن فقط شروع ۾ اوويڪ سبب رمڻيڪ معلوم ٿين ٿا. جيڪي ٻه ورلمان پدارٿ آهن انهن سڀني جي سر مٿان نابودي ڪڙي آهي. سڀني رمڻيڪ پدارٿن جي مٿان دک بيٺو آهي، نه ڀوءِ ڪهڙيءَ وستوءَ جي شرن وٺان. هرڪنهن يوڳ جي وشيه ۾ وڪه سمان دک اسٿت آهي. استريون موهه کي پيدا ڪن ٿيون؛ رس ويچاروان پرش ۾ ٻه اويچار اُتپن ڪن ٿا؛ ته ڀوءِ انهن پدارٿن جي پٺيان ڀڄڻ ڪري ڪير ناس ٿيڻ کان بچي سگهندو! وشين جا يوڳ زهريلي سرپن جي ڦڻين سمان آهي جي ڇهڻ سان ئي ڏنگ هڻي وٺن ٿا. سڀني سمپتين ۽ وڻندڙ پدارٿن جي سندرتا سمندر جي ترنگن (لهرين) مثل ڪڻ ڀنگر آهي. هيءُ سڄو سنسار دکن کي اُپجائڻ وارو اسٿان آهي ته ڀوءِ هن ۾ رهڻ سان سک ڪيئن پراپت ٿي سگهندو!

چت کان آنءُ وياڪل ٿيو آهيان. آتم پد کان پلجي آنءُ اهڙي پرڪار وڳاڙو ٿيو آهيان، جئن هرڻ پنهنجي جهنڊ کان پلجي اڪيلو ٿي دکي رهندو آهي. هي منيشور! وقتي چت اُدار (نرواشنيڪ) ۽ همت وارو ٿئي ٿو پر پوڳن کي ڏسڻ لئي انين موهجي وڃي ٿو جئن سڻ ماس جي ٽڪر کي ڏسي آڪاس مان لامارو ڏيئي زمين تي لهي ايندي آهي، ۽ پوءِ پوڳن جي وس ۾ ڦاسي وڃيٿو، جنهن ڪري وڏا دکه پائي ٿو. هي منيشور! مونکي پوڳن جي اڇا ڪانهي آهي، تنهن هوندي به انهن ڏانهن انين گهلجي وڃان ٿو جئن بادلن جي اڇا نه ڪندي به، چندرما برسات جي رت ۾ پاڻڪان پاڻهي ڪڪرن سان ڍڪجي وڃيٿو. جئن مڇي جار ۾ ڦاسي دکي ٿيندي آهي تئن واشنائن روپي ڌاڳن واري چت روپي جار ۾ آءٌ ڦاسي دکي ٿيو آهيان، تنهن ڪري توهين ڪرپا ڪري اهڙو اُپاءُ ٻڌايو جنهن کان هي چت روپي جاري ڪاٽي ڇڏيان.

هي مهراج! ترشنا روپي اگني مونکي اهڙو جلائي رهي آهي جو مونکي شڪ ٿو پوي ته شايد امرت سان به اها جلڻ شانت نه ٿي سگهندي. وشين روپي ڪومل سپرش واري ۽ دکه روپي زهر هارڻ واري هيءَ ڪاري سرپڻي روپي ترشنا ڇهڻ ماتر ساڻ ئي ڏنگ هڻي وٺي ٿي. هيءَ ترشنا روپي چنچل ٻانڊري هرهنڌ پهچي وڃي ٿي ۽ ترپتي پائي وري پوڳن روپي ڦلن جي اڇا

پرڪار سمنڊ جون لهرون ۽ ٻيل ڪان سواءِ ٿيو. جهڙي
پرڪار ڪوئو روز بروز پرکي ڪوئيندو رهي ٿو تهڙيءَ
ريت ڪال پڻ آهستي آهستي آيوءَ کي کائيندو
رهيٿو. هي پڳون! اهڙي پرڪار هيءُ جيون سک ڪان
رهت مرتيوءَ جو پالو مونکي ٿيڄ نظر اچي ٿو.

جهڙيءَ طرح شينهن پڃري اندر هڪ هنڌ اسٿر
ٿئو رهي پر هيڏانهن هوڏانهن پيو اچي وڃي اهڙيءَ
طرح من انهن جي چنچل ورتيءَ ڪري ۽ چنتائن
سان ڀريل هئڻ سبب ڪڏهين به ٿهر ٿئو پائي. چت
وشين جي پٺيان ائين ڊوڙي ٿو جئن سونڻ ماس
جي پٺيان ۽ وري گهڙيءَ ۾ پدارٿن ڪان ائين ڪٿو ٿئي
ٿو جئن پالڪ راند يڪن مان. ارٿات من ۾ ذرو به اسٿرتا
نہ آهي. هي منيشور! جهڙي پرڪار مور جو پڇ هوا ڪان
لڏندو رهي ٿو، تهڙي پرڪار وشين جي طوفان ڪان
چت پٽڪندو رهيٿو. جئن ڪتو ٽڪر لاءِ در در
ڀونڪيندو رهيٿو تئن چت به وشيہ پدارٿن جي پائڻ لاءِ
ديس ديسانتر ڦري ٿو ۽ انيڪ پرڪارن جا جتن ڪري
ٿو. جيئن ٻوڙ جي ٽنگن مان پاڻي وهي وڃي ٿو ۽
ٻوڙ پاڻيءَ سان ڀرجي ٿئو تئن چت به ڀوڳن مان ڪڏهن
به ڍاپي ٿئو. هي منيشور! چت روپي نديءَ ۾ ترشنا
روپي پائيندڙ اٿي ٿي جا سرسنتوش روپي وڻن کي گهلي
وڃي ٿي. جهڙيءَ طرح سڪيءَ جو پکي پاڻيءَ ۾
ٻوڙ ڪري وياڪل ٿئي ٿو، تهڙيءَ طرح هي منيشور!

وڏا ڏيو جوان پرش ٻہ وويڪ کان اندا ٿي وڃن ٿا. هي منيشور! باهہ ۾ جلڻ، تلوار کان گهايل ٿيڻ، ۽ وڄ سان چوٽ کائڻ کان ٻہ اينترو دک پراپت نٿو ٿئي جيترو دک ترشنا ٿي ڏئي. تنهن ڪري اهڙو اپاءُ ٻڌايو جو ترشنا روپي دکن کان ڇٽي وڃان.

ناڙين، هڏين ۽ ماس مان ٺهيل * **استريءَ** جي سرير روپي پتري ۾ ڪهڙي سندرتا آهي، جنهن ۾ موهت ٿي ڪامي پرش پنهنجي پلي ۽ آتمڪ اُنتيءَ جو ناس ڪري رهيو آهي! چمڙي، رت، ماس ۽ روڳ انهن جو الڳ الڳ ويچار ڪري ڏسبو تہ استريءَ جي سرير ۾ ڪائي سندرتا ڏسڻ ۾ نہ ايندي. هي منيشور! استريءَ جي منوهرتا صرف اُويچار واري ڪلپنا ۾ ئي آهي ۽ سندس سندرتا جو ڏسڻ ڀرم موهہ کان آهي. استريءَ جو سرير باهران وڻندڙ نظر اچي ٿو، پر اندر ۾ پي رس ۽ نرڪ جي ڀيانڪ اگنيءَ کي جلائڻ لاءِ لڪڙيءَ جو روپ آهي. استري اُن زهريلي ٻوٽي جي سمان آهي جنهن جا گل سندر ڏسڻ ۾ اچن ٿا مگر سپرش ڪرڻ سان بيهوش ڪري ڇڏي ٿي. هي منيشور! گهوڙن کي ٻڌڻ لاءِ ڪلا ٿين ٿا، هاٿين کي ٻڌڻ لاءِ انڪس ٿين ٿا ۽ سرپن کي ٻڌڻ لاءِ منتر ٿين ٿا، ساڳيءَ طرح استري منش جي ٻنڌن جو ڪارڻ آهي. هي ڀڳون!

* نوٽ - هت يوگ وسشٽ واري استريءَ ۾ يوگ ٻڌيءَ جي نندا ڪئي آهي.

ڪرڻي. ۽ ڪنهن هڪ آستان تي هڪ پل لاءِ به ٺهر
نٿي پائي. سنسار جي سڀني دوشن کان ترشنا وڌيڪ
دک ڏيڻ واري آهي. جرا (ٻڍاپي) مرڻ ۽ دک، انهن
سڀني جو پيدار ترشنا آهي. وشا سمان ترشنا مانسڪ
دکن جي پراپت ڪرائڻ واري آهي. جڏهين چت
روپي آڪاش ۾ رالوي روپي ترشنا واسو ڪري ٿي
تڏهين ڪام ڪروڌ آدڪ دوشن روپي چمڙن جون
قطارون ظاهر ٿين ٿيون. ترشنا ڪري سنتاپيل منش ڏين
۽ مرده دل ٿئي ٿو؛ ذواليت کي وڃي رسي ٿو ۽ ليچتا
کي پراپت ڪري ٿو؛ موه ۾ قاتل ڪريل ۽ ونڌو نظر
اچي ٿو. ٻڍي ٿيڻ سان پراڻيءَ جا وار ڏند ۽ ماس سڀ
جيرڻ (زبون) ٿي وڃن ٿا. پر هڪ ترشنا جيرڻ نٿي
ٿئي. جهڙيءَ طرح سورج جي گرمي پاري کي ڳاري
ٿي ڇڏي، تهڙيءَ طرح ترشنا جو تاپ سنتوش کي ناس
ڪري ٿو ڇڏي. هي منيشور! جيڪو چت آتم ڀاونا
کان خالي آهي سو ڀيانڪ بن وانگر آهي. اُن ۾ ترشنا
روپي جنڙي موه آدڪ پنهنجي ٻالڪن سان ڦرندي
رهي ٿي. مطلب ته سڀني دکن جي پاڙ ترشنا ئي آهي.
جڏهن آءٌ سنتوش آدڪ شڀ گڻن کي گرهڻ ڪريان ٿو
تڏهين ترشنا اُنهن کي اُئين ناس ڪري ڇڏيندي جيئن
ڪوئُو سندر سارنگيءَ کي ڪتري ڇڏيندو آهي.
هي منيشور! گيان روپي ڪنول کي بند ڪرڻ واري
ترشنا روپي مها ڀيانڪ ڪاري رات آهي، ۽ اُن ۾ وڏا

ڇٽو سگهي.

هي منيشور! جوڀن اوستا کي ناس ڪرڻ واري استري روپي آگ آهي. استريءَ لاءِ اڇا پنهنجي ناس ڪرڻ جو ڪارڻ آهي. جهڙيءَ طرح پتنگ پنهن جي ناس ڪرڻ لاءِ باهه جي اڇا ڪريتو، تهڙيءَ طرح هي ڪامي پرش ناس ٿيڻ لاءِ استريءَ جي اڇا ڪري ٿو. هي منيشور! استري هڪ وڪ جو پوٽو آهي، جنهن جا ڇاتي ۽ پيٽ انجو ٿڙ آهن، ٻانهون ۽ ٽنگون انجون ٽاريون آهن ۽ هٿن ۽ پيرن جون آڱريون انجا پن آهن، وار اُن جي پوُر جا ڇڳا آهن، نيتر، مک، ڪن، وغيره اندريون اُن جا ٽڙيل گل آهن، جن تي ڪامي پرشن روپي پونئر اچي وهن ٿا ۽ ناس ٿي وڃن ٿا. اهڙيءَ دکن ڏيڻ واريءَ استريءَ جي جو پرش چاهنا ڪري ٿو سو وڏو مورک آهي. هي براهمڻ! جنهن پرش کي استريءَ روپي نانگڻ جي ڦوڪ لڳي ٿي تنهن جو وئراڳ روپي ڪنول ڪومائجي وڃي ٿو. هي منيشور! نانگڻ نه جڏهين ڪکي ٿي تڏهين اُن جو زهر چڙهي ٿو. پر استريءَ روپي نانگڻ جي نه فقط ڇهونا ڪرڻ سان ئي ڪام روپي زهر چڙهي وڃي ٿو. اُن ڪري هي منيشور! آءٌ استريءَ کي نٿو چاهيان ۽ مون کي پرم ڪلياڻ جو ڪو اُپاءُ ڏسيو.

هي منيشور! هيءُ سرير سڀني روڳن جو استان آهي ۽ سڀني وياڌين (روڳن) جي سوکيم ٻجن سان

سو دکن روپي دلدن سان ڀريل ڀينئي روپ-ي استريءَ
سان منهن جو ڪو به مطلب نه آهي. هي برهمڻ!
اوويڪ ڪرينڙي يوڳي وڻندڙ لڳن ٿا. اهـي مـن کـي
سنتوش ڪرائڻ ۾ سمرٿ نه آهن؛ ڀنئور جي پنکن وانگر
چنچل آهن ۽ مرليوءَ ۽ روڳ سان ڀريل آهن، تنهنڪري
انهن ڀوڳن جي مونکي چاهنا نه آهي. مونکي انهيءَ
پد جي اڀلاکا آهي جيڪو پرم شانتي ڏيڻ وارو آهي.

هي منيشور! ڪام جي يوڳڻ لاءِ پرش جنهن
استريءَ جي چاهنا ڪري ٿو سا وشٽا ۽ موتر سان ڀريل،
رت ۽ ماس جي پتلي آهي. جهڙي طرح ڪل جي پتلي
ڪل جي آسري کيل ڪري ٿي تهڙي طرح هيءَ هڏين
ماس جي پتلي پرانن جي آسري ڪريا ڪري ٿي. هن
۾ رت ماس ۽ هڏين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪينهي.
جو پرش هن کـي وچار سان نٿو ڏسي تنهن کـي هوءَ
تمام سندر ڏسڻ ۾ اچي ٿـي، جئن ٻهاڙ جون چوٽيون
پري کان وڻندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، پر جڏهين ويجهو
وڃي ڏسبو آهي تڏهن رڳا پٿر ٿي ڏسڻ ۾ ايندا آهن.
جهڙي پرڪار نانگڻ جو بدن تمام ڪومل ڏسڻ ۾ ايندو
آهي، مگر اهُو ڇهڻ سان ڪاٽي ڇڏي ٿي، تهڙي طرح
جو پرش استريءَ سان سپرش ڪري ٿو سو ناس ٿي وڃي
ٿو. هي منيشور! مورک پرش جو چت روپي هاٿي ڪام
روپي زنجير سان ٻڌو رهي ٿو، ۽ استري روپي استان
کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ست سنگ وغيره پاسي وڃي

آهي. تنهن ڪري توهين اهڙو اپاءُ ٻڌايو جنهن ڪان هن سوال جو ايمان مٽجي وڃي.

ٻالڪ اوستا ۾ آشڪتي، موڙهه ٻڌي، پدارٿن جي ابلاشا، چنچلتا ۽ دينتا اهي سڀ دوش موجود آهن. ارٿات دوش ۽ ڀئنڪر پريتا وارا روڳ ٻالڪ اوستا ۾ اهڙي پرڪار موجود رهن ٿا، جهڙن سڀني مڪانن ۾ چڙا. هي منيشور! ٻالڪ وڏيون وڏيون اڇائون ڪري ٿو پر ان جي ڪابه اڇا پوري نٿي ٿئي ۽ سدائين ترشنا ۾ جلندو رهي ٿو. جهڙي طرح جهنگلي هاٿي زنجيرن سان ٻڌجڻ ڪري دين ٿئي ٿو، تهڙيءَ طرح جيو آتما ٻالڪ اوستا ۾ رهڻ ڪري دين ٿئي ٿو. ٻالڪ جي جيڪا اڇا آهي سا وچار رهت آهي تنهن ڪري هو ڏک پائي ٿو. اها اوستا گونگي ٿئي ٿي تنهن ڪري ان اوستا ۾ ڪوبه ڪارج سڌ نه ٿو ٿئي. ٻالڪ کي ماتا ۽ پتا، پاڻ ڪان وڏي منش ۽ پسون پکيءَ جو ڀپ رهي ٿو تنهنڪري اهڙي ڏک روپ اوستا کي آءُ نٿو چاهيان.

جوڀن اوستا بجليءَ جي چمڪ وانگر چنچل آهي ۽ ٿوريئي ڪال لاءِ پرڪاش ڪري ٿي، تنهن ڪري جوڀن اوستا ۾ مون کي ڪجهه به سار نظر نه ٿو اچي. شڌ ڀاونا ڪان رهت ٿوري وقت لاءِ پو ٻم رکندڙ ويشيا وانگر هي جوڀن پڻ جيو کي ٺڳيندڙ آهي. نديءَ جو پاڻي جيئن ورڪا رت ۾ ميرو ٿي وڃي ٿو تيئن جوڀن

ڀريل آهي. ماس ۽ رت سان ڀرپور آهي. پوءِ هن
کي سندر ڏيکڻ ڪوئي سگهبو! جيڪي لوڪ سرير
۽ جڳت جي اسٿتيءَ ۾ وشواس رکن ٿا سي موهه
روپي مدرا سان مست ٿيل سمجهڻ کپن. هي منيشور!
هن سرير روپي وڻ ۾ ترشنا روپي زهر سان
ڀريل من روپي نانگ رهي ٿو ۽ جو منش ڪامنائن
جي سڌ ٿيڻ لاءِ اُن وڻ جو آسرو وٺي ٿو سو
ان ترشنا روپي زهر کان ٻيڙجي مري وڃي ٿو.
هن سرير روپي غفا ۾ اندرين روپي ڀيانڪ جانور
رهن ٿا جن کان هي جيو ڏاڍو دک پائي ٿو. هي
سرير* ڪرتگهن آهي. ڇو ته جيو جيترو ٺيڪ ڪيس
ڪارائي پياري خوش رکي ٿو ته به ان سان ساٿي نٿو
هلي ۽ جيو کي اڪيلو ڇڏي ڏئي ٿو. هي منيشور!
مون ڄاتو آهي ته جيئن پاڻيءَ جي بوند گاهه جي
پن مٿان ڪڻ ماتر رهي ٿي تيئن هي سرير به هن
سرشٽيءَ ۾ ٿورو ڪال رهي ناس ٿي وڃي ٿو. تنهن
ڪري ان ۾ موهه رکڻ ڀل آهي. هن کي پوڄي پوڄائي
ٿلهو متارو ڪرڻ بي سود آهي. جيترا دک آهن،
سي سڀ سرير جي سنجوڳ کان ٿين ٿا. مان، اپمان،
بيماري، موت، موهه، ڪشٽ وغيره انيڪ پرڪارن
جا ڪليش ان منش کي پراپت ٿين ٿا جيڪو ديهه
سان پريت ٿو رکي. مطلب ته هي سرير دکن جو گهر

* ڳڻ چور، احسان فراموش.

کي ناس ڪري ڇڏي ٿي تهڙي پرڪار پيدا ٿيو جوڀن سڄو کي ناس ڪري ڇڏي ٿو. هي مهراج! اهڙي پيدائش سان گهيرٻل هن حياتيءَ مان ڪهڙو لاڀ! ٻرڌ اوستا ۾ سڄو نبل ٿي پوي ٿو ۽ ٻڌي گهٽجي وڃي ٿي، تنهن ڪري جيئڻ جنجال ٿي پوي ٿو. هي منيشور! جيڪي بيماريون آهن سي سڀ پيدائش ۾ اچي لڳن ٿيون ۽ سڄو گندو ٿي پوي ٿو. اُن وقت استري، پٽ ۽ ٻيا سنٻنڌي اُن مان ڪڪ ٿي پون ٿا. ٻڍي پرش تان جوان پرش کلن ٿا. ٻڍي اوستا ۾ بدن ڪٻو ٿي پوي ٿو، وار اڇا ٿي وڃن ٿا، منهن ۾ گهنج پئجي وڃن ٿا، ڏند ڀري وڃن ٿا، ۽ اکيون ۽ ڪن پورو ڪم ڪري نٿا سگهن. مطلب ته سڀ اندريون ۽ عضوا ڪيڻ ٿي وڃن ٿا. هي منيشور! جهڙي طرح اُتاهين وڻ تي اُلو اچي وهي ٿو، تهڙي طرح ٻڍي ماڻهوءَ ۾ ڪروڌ اچي نواس ڪري ٿو. هي منيشور! جڏهين ٻرڌ اوستا اچي ٿي تڏهين موت انهين وجهو اچي پوي ٿو جئن سانجهي ٿيڻ تي رات وجهي اچي پوندي آهي.

هي منيشور! جهڙي پرڪار پڪل ڦل وڻ مان اوس ڪري پوي ٿو، تهڙي طرح هن جيو کي **ڪال** نهه سنديهه ڪيري ڇڏي ٿو. ڪڻ ڪڻ ۾ آيو انهين ناس ٿيندي پيئي وڃي جئن ڦٽل گهڙي مان پاڻي وهندو رهندو آهي. دنيا جا پدارٿ پڻ اهڙي پرڪار ڪال جو ڀک ٿي وڃن ٿا، جهڙي پرڪار پکي پڪل اناج کي کائي

اوستا ۾ شڌ چت ٻڌ ملين ٿي وڃي ٿو. جهڙي پرڪار متاڻ ٿي ماڪوڙا اچي مڙندا آهن، تيئن سڀ دوش جوين اوستا ۾ اچي ڪنا ٿين ٿا. هي منيشور! ڪام ڪروڌ روپي چور جوين اوستا روپي اندازي وات ۾ آتم آنند روپي ڌن کي لٽي وڃن ٿا، جنهن ڪري هي جيو گهڻو دک پائي ٿو. انهي جي وڻ ۾ انڌڙين جي اُچڻ ٿيڻ ٿي جنهن وڻ جو پُور سڙي وڃي ٿو، تيئن جوين اوستا جي پراپت ٿيڻ ٿي ووبيڪ، ويراڳ ۽ سنتوش ناس ٿي وڃن ٿا. هي منيشور! جنهن رج جي پاڻيءَ کي ڏسي مورک هرڻ ڊوڙندو آهي ۽ پاڻيءَ جي پراپت نه ٿيڻ ٿي دکي ٿيندو آهي تئين جوين اوستا وارو پرش سک جي اڇا ڪان وشين جي پٺيان ڊوڙي ٿو پر ترپتي حاصل نه ڪرڻ ڪري سدائين جلندو رهي ٿو. جهڙي پرڪار آڪاش ۾ چندرما جي نڪرڻ ٿي تارن جو پرڪاش ڦڪو پئجي وڃيٿو تهڙي پرڪار جوانيءَ جي اچڻ ٿي منش جا ڪميا ۽ ڌيرج آدڪ شڀ گڻ گهٽجي وڃن ٿا.

هي منيشور! سڀ روپي مانس کي پکيڻ (آهار) ڪرڻ واري **ورڌ اوستا** (ٻڍاپو) روپي ٻلي، جوين روپي ڪٺي کي کائي پوسن ٿئي ٿي- جو پرش ڪڌهن به جڌ جي ميدان ۾ جيتيو نه ويو آهي، ۽ جو پرش پهاڙ جي ڪندرا ۾ سلامتيءَ سان رهي ٿو، تنهنکي به ٻڍاپي روپي ڏائڻ سولائيءَ سان جيتي وٺي ٿي. جهڙي پرڪار برف ڪملن کي، هوا بادلن کي ۽ درياه جي وهڪ وڻن

منيشور! ڪرپا ڪري اهڙي يڪتي ڏسيو جو هن ڪٺور ڪال کان بچان.

هي منيشور! جڳت جا جيترا پدارٿ ڏسڻ ۾ اچن ٿا سي سڀ ناس ٿي ويندا، تن جو آسرو ڪرڻ مورکتا آهي. اگياني جيو جيڪي ڪرم ڪري ٿو سي سڀ دک جو ڪارڻ آهن تن مان ڪوبہ ارٿ سڌ نٿو ٿئي. بالڪ اوستا مورکتا ۾ ختم ٿيو وڃي ۽ جوين اوستا ۾ جيو وشيہ ڀوڳن ۾ ڦاسي ٿو جنهن ڪري سندس ويچار ناس ٿيو وڃي. هي منيشور! هيءَ ٻي ٻڍا جيون مونکي اسار نظر ٿو اچي. آيو پهاڙي ڌارائن وانگر تڪڙو ٻ وڙندي پئي وڃي. جوين جا رنگ اندر جال جي درشيہ (بازيگر جي بازيءَ) وانگر استت آهن. سک اهڙو جلد پڄي وڃي ٿو جهڙو ڌنش مان ڇٽل باڻ. پرسالي ٻد ٻدن مثل هيءَ جيون ڪڻ ڀنگر آهي. ويچار ڪرڻ سان سارو وهنوار ڪيوڙي جي ٽڙ وانگر اسار ڏسڻ ۾ اچيٿو. ڌن ۽ استري آدڪ وڻندڙ وستن جي پراپتيءَ سان خوش ٿيڻ مورکتا آهي؛ ڇو ته مرگهہ ترشنا جي نديءَ جي وهي اچڻ سان ڪڏهن بہ پياس نورت نٿي ٿئي. ڌن آدڪ پدارٿن جي وڌڻ سان آنند مڃڻ ته ته گهر جي ٻڍ دک مڃڻ گهرجي ڇو ته موهہ جي وڌڻ سان جيو جو شانتيءَ روپي سوراج نٿو رهي سگهي.

هي منيشور! هن جڳت روپي ٻن ۾ ڀوڳہ روپي اگني سڀني جيون کي جلائي رهي آهي. جهڙي طرح

ڇڏي ٿو. وڏن وڏن پوڙن ۽ سورمن کي پڻ هي
ڪنور ڪال اهڙيءَ طرح ڪاٽي ڇڏي ٿو، جهڙي طرح
نور ٿانگه کي ڪاٽي ڇڏيندو آهي. مطلب ته ڪتلي ڪان
وٺي برهما تائين سڀ هن ڪال جو بک ٿي وڃن ٿا.
ڪال روپي وڻ جون راتين روپي ٽاريون ۽ ڏينهن روپي
گل آهن، جن ٿي جيون روپي ڀنئور ويهي پاڻ کي ناس
ڪن ٿا. جئن پکي ڦل کي ٽڪي ٽڪي ڪاٽي ڇڏيندو
آهي تئن ڪال روپي پکي ڏينهن رات روپي چهنب
سان جيون روپي ڦلن کي ٽڪي ٽڪي ڪاٽي ڇڏي ٿو.
مطلب ته جو پرش جڳت جي پرپنچ ۾ آهي سو ڪال
جي مک ۾ آهي. هي منيشور! هي مها ڀيٺوڙي ڪال
ڪڏهن به ڌاپي نٿو. هنڪي ڪنهن تي به ديا نٿي اچي.
اِندر جهڙي راجا کي ڪنگال بڻائي ڇڏي ٿو ۽ سميرو
جهڙي پربت کي ڌور سان ملائي ڇڏي ٿو. هيءُ
ڪنور ڪال جيون روپي مڇرن کي شڀ اَشڀ ڪرمن
روپي ڇريءَ سان وڍيندو رهي ٿو. هي منيشور! جيون
جي مالها ڪال جي ڳلي ۾ ائين لٽڪي رهي آهي جئن
ڪاليءَ ديوي جي ڳلي ۾ کوپڙين جي مالها. هيءُ ڪال
سڀ جنب روپي ڪيئوڙن کي ڪيڏاريءَ وانگر هيٺ مٿي
اُڇلائي رهيو آهي. مطلب ته ستي گڻ وارا وڏا وڏا
رکيشور، رجي گڻ وارا وڏا وڏا راجائون ۽ تمي گڻ وارا
ڀيانڪ راڪش، تن مان به ڪنهن کي اهڙي سمرٿي
ڪانهي جو ڪال جي هيٺ نه اچي سگهي! هي

تلاءَ ۾ هاٿيءَ جي پيرن هيٺان ڪنول جا گل چيچجي وڃن ٿا، تهڙيءَطرح وشين جي ڀوڳن کان پيسجي هي جيو اڪمو ٿي پوي ٿو. درآچار کان شيءِ گهڻ اهڙي پرڪار مٽجي وڃنٿا جهڙي پرڪار هوا بادلن کي اُڏائي ڇڏيندي آهي. جهڙي طرح بجلي جو چمڪو استر نٿو رهي، يا مٽ ۾ پاڻي نٿو ٺهري تهڙيءَ طرح ڀوڳ ۽ آيو قائم نٿا رهن. جيئن مڇلي ڀيٽيءَ جي "اڇا" کان ڪنڍيءَ ۾ ڦاسي دک پائي ٿي، تيئن هيءُ جيو ڀوڳن جي اڇا کان دک پائيندو رهي ٿو. تنهن ڪري هي ميٺشور! هن جڳت جي پدارٿن کي نٿو چاهيان. موکي اهو اُپديش ڪريو جنهن کان چت جي شانتي پراپت ٿئي.

هي منيشور! ڪارائيءَ جي ڏندن سان چيڙجڻ ٿي سهارو ڪري سگهان ٿو پر سنسار جي وهنوار مان اڳين ٽيل آشائن ۽ وشين مان پراپت ٿيل دک کي سهي نٿو سگهان. ان ڪري هي ساڌو! دکن رهت، اپادين رهت ۽ ڀرمن رهت، اها ڪهڙي استٿي آهي جنهن ۾ شوڪ مٽجي وڃي ٿو. موکي ٻڌايو ته منهن جو ڪلياڻ ڇا ۾ آهي؛ پراپت ڪرڻ يوگ ڪهڙو ڦل آهي؛ هن منجهائيندڙ سنسار ۾ ڪهڙي پرڪار وهنوار ڪرڻ گهرجي؛ اهو ڪهڙو منتر آهي، جنهن سان سنسار روپي ڀوتڻي، جا اَيڪ ڪشٽ ڏيئي رهي آهي، تنهن کان ڇوٽڪارو ملي. ڪهڙو اهڙو اپاءُ آهي، ڪهڙو اهڙو مارگ آهي، ڪهڙو اهڙو ويچار آهي، ڪهڙو اهڙو آسرو آهي جنهن

جي ڏنارن هي جيون روپي جهنگل ڏکڻائي ڀڄي ٿي.
اهو ڪهڙو ساڌن آهي جنهن سان سنسار جي پرواهه ۽
رهي ڪري ٻي جيو ڪمل وانگر جل کان متي رهي
بنڌن ڪي پراپت نہ ٿئي. هي مهراج مونکي اها اُتم
يڪتي ٻڌايو جنهن ڪري راڳ دويش جي سنتاپ
کان بچان.

(٣) سکديو جي ڪٿا.

سري رامچندر جا ويراڳ ڀريل وچن ٻڌي مهرشي
وشوامتر رامچندر کي چوڻ لڳو تہ هي رام! تون تتو گيان
جو پورو پورو اڌڪاري آهين. توکي گيان پراپت ڪرڻ
۾ ڪابہ مشڪلات ڪانہ ٿيندي. تنهن جو اگيان جو
پڙدو ڪمزور ٿي رهيو آهي. وسشٽ مهراج جي اُپديش
سان تنهنجو اگيان ناس ٿي ويندو ۽ جيون مڪتيءَ کي
حاصل ڪندين. وياس جي پتر سکديو وانگر گيان پراپت
ڪري آنند ۾ جيون گذاريندين. اُنتي سري رامچندر
پڇو تہ هي مهراج! سوامي سکديو ڪهڙي پرڪار گيان
پراپت ڪيو.

اُنتي وشوامتر چوڻ لڳو تہ وياس جو پٽ سکديو
سڀني شاسترن جو ڄاڻو هو. هڪ دفعي اُنجي من ۾
ويچار آيو تہ مون سڀ شاسترن پڙهيا آهن تہ بہ نہ مونکي
پرمانند جو انڀو ٿيو آهي ۽ نہ هن جڳت جي تتو جي
ڄاڻ ٿي آهي. اُن ويچار ڪري وياڪل ٿي پنهن جي
پتا وياس سان اچي احوال ڪيو. وياس ڀڳوان ڪيس



سکديو کي وياس ڀڳوان راجا جنڪ جو ڏس ڏيئي رهيو آهي

جي پراپتي ٿي سگهي ٿي. ان ڪري مون ٿي ڪرپا ڪري گيان جو اُپديش ڪري ڪرتارٿ ڪريو. راجا جنڪ وراڳي ڏني ته هي سکديو تون برهم وديا جو اَڌڪاري آهين جو سڀني واشنائن کي تياڳي هڪ آتم گيان جي پراپت ڪرڻ جي خواهش رکي اٿيئي. ائين چئي راجا جنڪ سوامي سکديو کي * برهم وديا جو اُپديش ڪيو جو پڌي سوامي سکديو جا سڀ سنسا نورت ٿي ويا ۽ مترا ديش مان رواني ٿي سميرو پربت تي وڃي سماڌيءَ ۾ براجمان ٿيو.

وشوامتر جا اهي وچن پڌي سري رامچندر گد گد ٿي ويو ۽ وسشٽ مهراج کي نمرتا سان وينتي ڪرڻ لڳو ته هي پڳون! هيءَ دکايل بند و توهان جي شرڻ آيو آهي ڪرپا ڪري مونکي اهڙو اُپديش ڪريو جو منهن جو اگيان ناس ٿي وڃي ۽ شوڪ مٽي وڃي. مونکي پوريءَ طرح سان نشچيه آهي ته توهين منهن جي اگيان نورت ڪرڻ لاءِ سمرٿ آهيو.

(۴) دک نورتيءَ جو اُپاءُ

سري وسشٽ مهراج جن فرمائڻ لڳا ته هي رامچندر! وڏي آنند جي ڳالهه آهي جو توکي آتم ويراڳ اُپجن ٿيو آهي. تنهن جو ويراڳ آتم آهي چاڪاڻ جو ڪنهن سنسارڪ دک سبب پيدا ڪونه ٿيو آهي. بلڪ سنسار

* هن گرنٿ ۾ اڳتي سمورو برهم وديا جو ئي اُپديش آهي.

صلاح ڏني ته هي پٽ! راجا جنڪ پوري ريت تتو ويتا آهي، تون اُن وٽ وڃ ۽ اُتي تنهن جون شنڪائون نورت ٿي وينديون. اُتي سکديو متڙا نگريءَ روانو ٿيو ۽ راجا جنڪ جي محلات وٽ پهتو. دوارپال کي ٻڌائين ته مونکي راجا سان ملڻو آهي. دوارپال وڃي راجا جنڪ کي ٻڌايو. راجا جنڪ ڄاڻي ويو ته سکديو تتو گيان جي پراپت ڪرڻ لاءِ آيو آهي. ڪجهه سوچي حڪم ڏنائين ته ڀلي ٻاهر دروازي تي ويٺو هجي. سکديو ست ڏينهن ٻاهر ويٺو رهيو. اٺين ڏينهن راجا پڇيو ته سکديو ويٺو آهي ڪين ويو هليو. اُن تي دوارپال ورائي ڏني هو ته نسچل ۽ ڪيپ رهت اُتين جو اُتين دروازي تي ويٺو آهي. راجا فرمايو ته کيس وٺي وڃي انتهپور (حرم خاني) ۾ سندر استرين جي وچ ۾ واريو ۽ کيس هر پرڪار جا اُتم ڀوڄن کارايو ۽ ڀوڳ ڀوڳايو. سکديو اُتي به ست ڏينهن گذاريا پر اُتي رهڻ ڪري به نه ڪو کيس خوشي ٿي نه ارمان، نه ڪنهن وستوءَ لاءِ ڌڪار ٿي نه ڪا چاهنا. راجا جنڪ کي سموري خبر چار ملندي رهي. اٺين ڏينهن راجا کيس پاڻ وٽ گهرايو. اُتي پهچندي سکديو راجا جنڪ کي پرنام ڪيو. راجا کانئس پڇيو ته هي سکديو جي! تون ڇا جي لاءِ هت آيو آهين. سکديو ورائي ڏني ته هي راجن! آءٌ اکنڊ آنند جي پراپتي ڪرڻ ٿو چاهيان. مون پنهنجي پتا وياس ڀڳوان کان ٻڌو آهي ته گيان سان ئي سڀني دکن جي نورتي ۽ پرم آنند

ٻڌيوان پرش ڀيانڪ سنسار سمنڊر کان سولائيءَ سان پار ٿي ويندو. تون واڻ ٻڌ، جنهن کي پراپت ڪرڻ سان منش جو وري جنم مرڻ نٿو ٿئي، سو گيان سان ئي پراپت ٿئي ٿو. هي رامچي! سنسار کي پار ڪرڻ جو **هڪڙو اُپاءُ گيان** آهي ۽ تپ، دان ۽ تيرٿ وغيره اُپاءُ ڪارگر نه آهن.

ڪنهن کي ڀلي ٽنهين لوڪن جو راڄ ملي وڃي. چاهي بادلن يا سمنڊ جي اندر ڪو پرويش ڪري وڃي، نه به هي رام! آتم گيان جي پراپتيءَ کان سواءِ شانتي پراپت ٿي نٿي سگهي. جنهن کي پنهنجي ڪلياڻ جي چاهنا آهي اُن کي گهرجي ته آتم گيان لاءِ اُدم ڪري ڇاڪاڻ جو سڀني دکن جو ناس آتما جي اُنڀوءَ سان ٿئي ٿو. جڏهين آتما جو گيان ٿئي ٿو تڏهين دکن جو پرواهه انهن ناس ٿي وڃي ٿو جيئن وڪ جي ڇپاو ختم ٿيڻ تي * وشوچڪا جو روڳ شانت ٿي ويندو.

(٥) پرشارٿ جي وڏائي

هي رامچي، سنسار جي دکن جي نورتي ۽ پرمانند جي پراپتي پرشارٿ سان سڌ ٿي سگهي ٿي؛ اُن لاءِ پرشارٿ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونه آهي. سنسار روپي کاڻ ۾ اهڙو ڪو به رتن نه آهي جو شڌ پرشارٿ ڪرڻ سان پراپت نه ٿئي. هي مها ٻڌيءَ وارا رام، ٽنهين

* وڪ جي ڀکشڻ ڪرڻ سان سرير ڪارو ٿي وڃي ٿو جنهن کي ”وشو چڪا“ جو روڳ ڪوٺجي ٿو.

جي سيڻي سکن حاصل هوندي ۽ وويڪ ڪري تنهن جي هردي ۾ سنسار ڪان ڪٿائي پيدا ٿي آهي. ان ڪري تون برهم وديا جو بيشڪ لائق آهين. آءٌ توکي اهو اُپديش ٻڌايان ٿو جو مون هڪ دفعي برهما جيءَ کان شروط ڪيو هو. ان برهم وديا جو اُپديش ٻڌڻ سان تنهن جا ٽنهين پرڪارن جا تاپ ۽ آڌيوُن (من جا روڳ) وياڌيوُن (سريرجا روڳ) سڀ نورت ٿي وينديون. اُن ڪري تون منهنجي اُپديش کي ساوڌان ٿي ٻڌ.

سنسار جو راڳ (پريت) دکدائي آهي ۽ هيءُ سرپ وانگر ڏنگ هڻي ٿو، تلوار وانگر گهايل ڪري ٿو، نوڙيءَ وانگر ٻڌي ڇڏي ٿو ۽ باهه وانگر جلائي ڇڏي ٿو. جو وچار رهت پرش هن ۾ ڪري ٿو اُنکي اهو سنسار جو راڳ پٿر وانگر دٻائي ڇڏي ٿو، ٻڌيءَ کي ڪسي وٺي ٿو، استرتا کي ناس ڪري ڇڏي ٿو، موهه روپي انڌي کوهه ۾ ڪيرائي ڇڏي ٿو ۽ ترشنائن روپي ڪاتين سان وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي ٿو. ارٿات اهڙو ڪوئي دک نه آهي جو سنسار ۾ راڳ رکندڙ پرش کي سهڻو نه ٿو پوي. سنسار روپي وڻ جو سيڻي دکن جي ڏيڻ وارو آهي سو اگياني جيو ئي پنهن جي دک جو اُٿو پٽدا ڪري ٿو. انڪري پربل يتن ڪري اگيان کي ناس ڪرڻ گهرجي. جهڙي پرڪار بارش سان پنل ٻـڙ کي اگني نٿي جلائي سگهي تئن گياني پرش تي سنسار جو دک اثر ڪري نٿو سگهي. گيان روپي ٻيڙيءَ دواران

ڀاڳه اڪر موکه لوڪن جي ڪلپنا آهي ۽ موکه ان جي آسري رهي ناس ٿي وڃن ٿا. ٻڌيمان لوڪ پرشارٿ دواران اُنتي ڪري اوچي پد کي پراپت ڪن ٿا. سنسار ۾ مردي کان سواءِ سڀني جيون ۾ ڪريا ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ يوڳيه (گهربل) ڪريا دواران ئي ڦل جي پراپتي ٿئي ٿي. انڪري دئو (ڀاڳه) جي ڪلپنائي بيسود آهي. ٿوريءَ ٻڌيءَ وارن پرشن کي دک وقت دلجاءِ ڏيڻ واسطي دئو جي ڪلپنا ڪئي ويئي آهي. واستو ڪري دئو (ڀاڳه) ڪجهه به وستو نه آهي. ڪيل پرشارٿ جي ڦل جو نالو ئي دئو آهي. ان ڪري سڌ ٿيو ته اڳيم ڪيل پرشارٿ کان سواءِ دئو ڪا به وستو نه آهي؛ تنهن ڪري پرشارٿ ئي سچي وستو آهي.

اڳيم ڪيل پرشارٿ ۽ هن وقت جي پرشارٿ جي پاڻ ۾ ٻن گهٽين وانگر ڪشم ڪشا ٿئي ٿي. انهن ۾ جو وڌيڪ ٻلوان ٿئي ٿو سوئي فتح پائي ٿو. جيئن اڳين ڏينهن جي بگڙيل ڪاريه کي ٻئي ڏينهن جو پرشارٿ سڌاري ڇڏي ٿو، تيئن هلندڙ وقت جي پرشارٿ سان اڳين وقت جي بگڙيل پرشارٿ کي سڌاري سگهجي ٿو. ان ڪري منش کي اُدم جو آسرو وٺڻ گهرجي. اهو پرتکش ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اڳيم ڪيل ڪرم جي ڀيٽ ۾ هلندڙ وقت جو ڪرم وڌيڪ ٻلوان ٿئي ٿو. (جيئن ورهين جي مترکي هن وقت هڪڙي ڪڻ جي بيواجبي هلت

ليڪن مون اهڙو ڪوئي پدارٿ نه آهي جو پرشارٿ کان سواءِ پراپت ٿي سگهي. هميشه چڱي پرشارٿ ڪرڻ سان ئي سڦلتا حاصل ٿي سگهي ٿي. جو جنهن پدارٿ جي اڇا ڪري ٿو سو لڳاتار پرشارٿ ڪرڻ سان ئي ان پدارٿ کي پائي ٿو. چپ چاپ ويهي رهڻ سان ڪجهه به پراپت نٿو ٿئي. جهڙو جهڙو يتن ڪجي ٿو اهڙو اهڙو ڦل پراپت ٿئي ٿو. جو جيو سمجهي ٿو ته ايشور ئي ڪيس نرڪ کان سورڳ ۾ موڪلي ٿو سو سدائين پر آڌين رهي ٿو. اهڙو پرش پسوُنءَ سمان غلام آهي، ان ۾ ڪو به شڪ نه ڄاڻ. هي رگهونندن! جو ائين سمجهي ٿو ته ڪو ٻيو ڪيس پريرڻام ڪري ٿو يعني هلائي چلائي ٿو ۽ ائين سمجهي پريتن (ڪوشش) کي ڇڏي ڏئي ٿو سو اَڌم (نيچ) منش ڄاڻ ۽ پري کان ڪيس تياڳ ڪر. جو اُدم کي ڇڏي ڀاڳ تي ڀروسو رکي ٿو سو پنهنجو پاڻ دشمن آهي، ۽ ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش جي ناس ڪرڻ وارو آهي. جيڪي اُلٽيءَ ٻڌيءَ وارا لوڪ ائين سمجهن ٿا ته سڀ ڪجهه ڀاڳ جي آڌين آهي سي ناس ٿي وڃن ٿا، سو پرتڪش ڏسڻ ۾، ٻڌڻ ۾ ۽ ڄاڻڻ ۾ اچي ٿو. جي سوروير آهن، اُدمي ڪرڻ وارا آهن، گياني آهن، ودوان آهن، ٻڌاءِ ته اُنهن مان ڪير ڀاڳ جو آسرو وٺندو.

هي رامجي! دئو (ڀاڳ) ڪائي چيز نه آهي، اسٿ آهي ۽ دئو ڪجهه به نٿو ڪري. اهو جو سمجهو وڃي ٿو ته ڀاڳ ڪري ٿو سو فقط ڪلپنا ماتر آهي.

جڳت ۾ اهڙو ڪو به آنند ڪونهي جهڙو آنند پرماتما ۾ استٿت ٿيڻ کان ملي ٿو. تنهن ڪري تون پرشارٿ جو آسرو ڪري ٻنهي دنو کي پري کان ئي ٽياڳ ڪر. جهڙيءَ طرح ٻيڙيءَ کي ملاح وٺي وڃي ٿو ۽ ملاح کي ٻيڙي وٺي وڃي ٿي تهڙي طرح ڀوڳن جي ٽياڳ کان ويچار اپجي ٿو ۽ ويچار کان ڀوڳن جو ٽياڳ ٿئي ٿو. تنهنڪري تون دنو جو آسرو ڇڏي پرشارٿ ڪر ۽ ڏندن سان ڏند پيڙي ڀوڳن جي پريت کان فنائي اختيار ڪر ۽ پرشارٿ سان آتما ۾ انوراڳ (پريم) کي پيدا ڪر.

(٦) گيان جا ساڌن.

هي رامجي! جگياسوءَ واسطي سڀ کان پهريون ساڌن آهي، "چت جي شڌي". تنهنڪري شاسترن جي شروڻ سان، سڄڻن جي سنگ سان، ۽ پرم ويراڳ سان پهريائين من کي پوتر بڻاءِ. اُدارتا آدڪ گڻ ڌارڻ ڪري چت کي ملين سنسڪارن کان مٿي رک. شاسترن جي اڌين، ست سنگ ۽ شڀ ڪرمن جي ڪرڻ سان جنهن جا پاپ دور ٿي ويا آهن، انهي ٻڌي ديپڪ سمان پرڪاش واري ٿئي ٿي، ۽ سار وستوءَ کي سڃاڻڻ ۾ سمرٿ ٿئي ٿي. جڏهين ڀوڳن جون واشنائون ٽياڳ ڪجن ٿيون، اندريون ضابطي ۾ اچن ٿيون ۽ من شانت ٿئي ٿو تڏهين ست گروءَ جو ست اپديش من ۾ اچين پرويش ڪري ٿو، جيئن ڪيسر جو رنگ ڌوتل ۽ صاف ڪپڙي تي چڙهي ويندو آهي. جڏهن من مان واشنا

ساڌن شمن ٻڌائي سگهجي ٿو.) مطلب ته هلندڙ وقت
جو پرشارٿ پرارٻڌ کي اُهين جيتي وٺي ٿو جيئن جوان
پرش ٻالڪ کي. ان ڪري هي رامجي! پرم پرشارٿ
جو آسرو وٺي شڀ ڪرمن دواران اڳين پاپن کي ناس
ڪر- اهڙو ويچار دل مان هٽائي ڇڏ ته پرارٻڌ توکان
ڪم ڪرائي رهي آهي. ڪنهن به حالت ۾ پرشارٿ
کان پرارٻڌ وڌيڪ نه آهي. منش کي اينتري قدر
زبردست پرشارٿ ڪرڻ گهرجي جو اڳين اشڀ ڪرمن
جو اثر مٽجي وڃي.

هي رامجي! پرشارٿ ٻن پرڪارن جو آهي. هڪڙو
شاستر انوسار (پٺاندڙ) ۽ ٻيو شاستر ورڌ (برخلاف). پهرئين
قسم جي پرشارٿ سان پرمارٿ کي حاصل ڪجي ٿو
پر ٻئي قسم جي پرشارٿ سان انرٿ جي پراپتي ٿئي
ٿي. ان ڪري هي رگهنندن! شاسترن ۽ سڄڻ پرشن
جي سنگ سهت پرشارٿ جو آسرو وٺي ٻڌيءَ کي
نرمل ڪري سنسار سمندر کان پار ٿي.

جيڪڏهن جڳت ۾ آلس روپي انرٿ نه هجي
ته جيڪر ڪير ڌنوان ۽ ودوان نه هجي. آلس جي
ڪري ئي ساري پرٿوي نرڌن ۽ مورک لوڪن سان
پري پيئي آهي.

هي رام! هيءُ جيو يوڳن جي تياڳ ۽ پرمارٿ
لاءِ جتن ڪرڻ سان برهم پد ۾ وسرام پائي موکش
پد کي پراپت ڪري ٿو. برهما کان وٺي ڪک تائين

ٿيون، جئين راجا جي چاڪريءَ ۾ راجا جو نوڪر حاضر رهندا آهن. هي رامجي! سنتوشي پرش ان کي چئجي ته جيڪو اڻ پراپت شيءِ جي اڇا نٿو ڪري، پراپت ٿيل پدارٿ جو سم ڀاو سان ورتاءُ ڪري ٿو، ۽ جنهن کي نه کيد ٿئي ٿو ۽ نه هرش ٿئي ٿو.

هي رامجي! **سجن پرشن جو سنگ** ست مارگ ڏيکاري ٿو ۽ هردي جي اگيان روپي انڌڪار جي مٽائڻ لاءِ سورج جي پرڪاش جو ڪم ڏئي ٿو. جو منش ست سنگ روپي سيتل ۽ نرمل گنگا ۾ اشنان ڪندو رهي ٿو، ان کي تيرٿ، دان، تپ خواه يگيه جي ڪهڙي ضرورت. اگر اهڙو مهاتما ملي وڃي جو راڳ رهت هجي، سنديه مٽجي ويا هجن ۽ هردي جي ڳنڍ جنهن جي کلي ويئي هجي ته پوءِ تيرٿن تي ڀٽڪڻ مان ڪهڙو لاڀ!

هي پاپ رهت رام! **ويچار** کان سواءِ ڪو به تتو چڱيءَ طرح سان ڄاتو نٿو وڃي. ويچار مان ئي تتو گيان اُتپن ٿئي ٿو ۽ تتو گيان سان شانتي حاصل ٿئي ٿي. آءٌ ڪير آهيان؟ سنسار ڪيئن اتپن ٿيو آهي؟ جنم مرڻ ڪيئن ٿو ٿئي؟ انهن مسئلن جي دليلن پٽاندر سوچ ڪرڻ تنهن کي ٿو چئجي "ويچار". اهڙي ويچار سان هي رامجي، تون اوچي پد کي پراپت ڪري سگهندين.

(٧) گيان ۾ انيو پرماڻ آهي.

هي رامجي! جنهن پڄ آتما اهي ساڌن ساڌيا آهن

روپي ميل دور ٿئي ٿي، تڏهين گروءَ جي وچن جو هردي ۾ پرويش ٿئي ٿو، جهڙي پرڪار ڪمل جي صفا ٿيل تلاءَ مان نير سولائيءَ سان نڪري وڃي ٿو.

هي راما جي! سنسار سمندر مان تري وڃڻ لاءِ *شم، سنتوش، ساڌ و سنگ ۽ ويچار اهي چار اپاءَ آهن. اڃا به انهن چئني ۾ موڪش جا اهي چار دوارپال آهن. انهن جي سيون ڪرڻ سان موڪش روپي راج محل جا دروازا کلي وڃن ٿا.

هي راما جي! **شم** يڪت پرش جي اندر سڀني جيون واسطي متر ٿا جو ڀاءُ اتپن ٿئي ٿو، ۽ اهڙي پرش کي پنهنجو پاڻ آتم تتو جو پرڪاش ٿئي ٿو. شم يڪت ان کي چئجي ٿو جيڪو پنهنجي اندرين کي جيئن سڀني پرائين سان هڪ جهڙو وهنوار ڪري ٿو. اهڙو پرش نه ڪنهن وستوءَ جو تياڳ ڪري ٿو ۽ نه ڪنهن وستوءَ جي اڇا ڪري ٿو. شم يڪت پرش کي پشاچ (ڀوت)، راڪش، دئيت، شير، سرپ، خواه دشمن ڪو به هاڃي پهچائي نٿو سگهي.

هي رگهنندن! جهڙي پرڪار ملين آرسيءَ ۾ مک جو پرتبمب نٿو پوي اهڙي پرڪار آشانت ۾ قائل، سنتوش رهت چت ۾ گيان جو پرڪاش نٿو ٿئي. سنتوشي پرش جي شيوا ۾ رڌيون ۽ سڌيون هر وقت انهن حاضر رهن

---

* اندرين گڻ کو روڪنا، شم تهن کهت سڌ پر (تتو گيان گرنٿ پيو)

انوڀوي پرش اهو آهي جنهن سنسار جي پدارٿن کان موهه هٽائي چت کي استر بڻايو آهي. ٻئي کي انيو ٿيل وستوءَ جي ڄاڻ درشٽانت دواران ڪرائي وڃي ٿي. جيئن رات جي وقت ديپڪ کان سواءِ ڪنهن جڳهه ۾ پيل پدارٿن جو گيان نٿو ٿئي، تئين درشٽانت کان سواءِ اَپوُروُ (ڀهرين نه ڄاتل) پدارٿ جو گيان ٿي نٿو سگهي. درشٽانت جي* دارشٽانت سان بيان ڪيل انش ۾ ئي مشابهت ٻڌي سگهي ٿي ۽ نه سڀني اَنشن ۾. [جيڪڏهن سڀني انشن ۾ مشابهت هجي ته پوءِ درشٽانت کان دارشٽانت جدا سڏ نه ٿيندو.] ان ڪري هميشهه اهو خيال رکڻ گهرجي ته درشٽانت جو هڪڙو انش کنيو وڃي.

(٨) ڪلپنا واد.

هي رامجي! هي سنسار ڪلپنا کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي. ٽنهي پرڪارن جو جڳت من جي منن ڪري پرتيت ٿي رهيو آهي. من سنڪلپ جي ٻل سان سنسار کي اُتپن ڪري ٿو جيئن سٿل پرش سپني جي جڳت کي رچيندو آهي. هي رامجي! سرج، پرٿوي، وايو، آڪاس، پهاڙ، نديون ۽ دشائون وغيره جو ڪجهه ڏسي رهيو آهي سو سڀ سپني جي جڳت وانگر ڪلپنا ماتر آهي.

ڪال ۽ ديش جي ڪلپنا پڻ، سنڪلپ ۾ ڪئي

---

* جنهن جي ڄاڻائڻ يا سمجهائڻ لاءِ درشٽانت ڏنو وڃي ٿو.

۽ ھردو شڌ ڪيو آھي انڪي آتما جو گيان اپيو پرماڻ
سان ٿئي ٿو. اپيو پرماڻ کي * پرتڪش پرماڻ پڻ چيو
وڃي ٿو. پدارٿ گيان جو ٺالوئي پرتڪش گيان آھي.
پرتڪش پرماڻ جو ارٿ نيتر آدڪ اندرين نہ سمجھڻ
گھرجن، پر جيڪو سڀني اندرين جو آڌار ۽ سار آھي ۽
پنھن جو پاڻ سڌ آھي ان کي ئي "پرتڪش" ڪوٺيو
ويو آھي. ان سار وستوءَ ۾ جيڪو جيڪو † سمويدن
اٿي ٿو تنھن کي "پدارٿ" ڪوٺجي ٿو ۽ پدارٿن کي
سڌ ڪندڙ جا پاونا (جاڻ) آھي، انکي "اپيو" چئجي
ٿو. ھي پيچ آتما رام! جھڙيءَ طرح پنھنجي اپيوءَ کان سواءِ
ڪنڊ جي ميٺاج جي جاڻ ٿي نٿي سگھي تھڙيءَ طرح
واستوڪ اپيوءَ بنان آتما جي سروپ جي جاڻ نٿي ٿئي.
آتما جو گيان انومان خواه شابدي پرماڻن سان ٿي نٿو
سگھي، پر اپيوءَ سان ئي ٿي سگھي ٿو. شاستر ۽ گرو آتما
جو درشن ڪرائي نٿا سگھن. اُن جو درشن فقط پنھنجي
اپيوءَ سان ئي ٿي سگھي ٿو. آتما جو اپيوءَ ان کي ئي
ٿئي ٿو جيڪو آتما ۾ استٿت آھي ۽ آتما ۾ لين ٿي ويو
آھي؛ فقط شاسترن جي واڪين ٻڌڻ سان آتما جو ديدار
ٿي نہ ٿو سگھي.

---

* پرماڻن جو نرنو تتو گيان عرف پنچي ڪرڻ جي صفحي
نمبر ١٥١ ۾ ڏنل آھي.

† جيڪن شانت ھوا ۾ جا چرپر شروع ٿئي ٿي تنھن
حالت کي چئجي سمويدن.

بلڪل گهڻو پير هو، ايتري قدر جو ڪلپنا ۾ ٻه ٻنهن
جي ٻنهيءَ کان جدا نه ٿيندي هئي. سندس اهائي آشا
هئي ته سندس پتي هميشه زنده رهي. ليلا هوشيار
پنڊتن ۽ جوتشين کي گهرائي پڇو ته اهڙو ڪو اُپاءُ ڏسيو
جنهن ڪري منهن جو پتي مرتيو کي پراپت نه ڪري.
اُنتي ودوانن جواب ڏنو ته هي ديوي اهڙو ڪو به اُپاءُ
نه آهي جنهن سان سنسار ۾ اُتپن ٿيل منش مرڻ کان
بچي. جو اُتپن ٿيو آهي سو اوس ناس ٿيندو. اُنتي
ليلا تپاس ڪئي، سرسوتي ديويءَ جي اُپاسنا شروع
ڪئي. سندس زبردست اُپاسنا ڪرڻ ڪانپوءِ سرسوتي
اُن تي راضي ٿي ڪيس درشن ڏنو ۽ ور گهرڻ لاءِ چيو.
اُنتي ليلا سرسوتيءَ کان ور گهريو ته جيڪڏهين منهن
جو پتي مونکان اول مرتيو ٿئي ته سندس جيو آتما منهن
جي ڪمري ۾ ئي رهي. سرسوتي ديوي چيو ته چڱو
ائين ئي ٿيندو ۽ تون جڏهين جڏهين مونکي ياد
ڪندينءَ تڏهين تڏهين آءٌ تو اڳيان اچي پرگهٽ ٿينديس
۽ ائين چئي انترڌيان ٿي ويئي. ڪجهه ڪال گذرڻ
بعد پدم راجا جو مرتيو ٿيو. اُن تي ليلا کي
ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ روئڻ لڳي. اُن تي آڪاس واڻي ٿي
ته هي ليلا تون گهٻراءِ نه. راجا جو جيو آتما تنهن جي
ڪمري ۾ ئي موجود آهي. تون راجا جي سرير کي
پوري طرح سنڀالي رکه جيئين پران وري منجهس موٽي
اچن. اها آڪاس واڻي ٻڌي ليلا کي خوشي به ٿي ۽

ويٺي آهي. سپني ۾ گڏوءَ جي ڪو جيترو اسٿان ڀوڳين جو وستار ڌارڻ ڪري وٺي ٿو، اک ڇنڀ جيترو وقت ڪلپ جي ڏيکاري ڏئي ٿو. ساڳيءَ ريت جاڳرت ۾ به ديش ۽ ڪال ڪلپنا ماتر آهي. هي رامجي! چت جو سڀاءُ حيرت ۾ وجهندڙ آهي جو او هڪ ڪڻ ۾ ڪلپ جي ڪلپنا ڪري ٿو ته اها ڪڻ ڪلپ ٿي پاسي اچي ٿي. اُن ۾ ڪو به شڪ نه سمجهه. دکي پُرش کي هڪ رات ورهيه ٿي پاسي ٿي ۽ سکي پُرش لاءِ اها رات ڪڻ برابر نظر اچي ٿي، ۽ ڪلپ، پلڪ ٿي نظر اچي ٿو. برهما جو هڪڙو مهورت يعني هڪ گهڙي منوءَ جي سڄيءَ عمر برابر ٿئي ٿي، وري برهما جي ساري عمر وشنوءَ جي هڪ ڏينهن جي برابر ٿئي ٿي. وشنوءَ جي ساري عمر شوُ جي هڪ ڏينهن برابر ٿئي ٿي. هي رگهنندن! من جي گهڙي نه عجيب ليلا آهي! هريچندر هڪڙيءَ رات ۾ ٻارهن ورهين جو انڀو ڪيو هو. ڌيان ۾ من جي لين ٿي وڃڻ تي نـ ڏينهن پاسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نـ رات. هي رامجي هن ڳالهه جي سمجهائڻ لاءِ توکي هڪ اِتهاس ٻڌايان ٿو سو ڌيان ڏئي ٻڌ.

ليلا جي ڪٿا

پرٿوي منڊل ۾ ڪنهن سمي پدم نالي راجا راڄ ڪندو هو. پدم راجا گڻوان ۽ پراڪرمي هو ڪيس هڪ راڻي هئي جا پڻ گڻوان ۽ اَتي سندر هوندي هئي، جنهن جو نالو ”ليلا“ هو. ليلا جو پنهن جي پتيءَ سان

مان ڪيس مرليو ٿئي اڃا ٻه ٽي پل مس گذريا هئا. اُن ٽي ليلا وسمٽي ۾ پئجي ويٺي ته ٻن ٽن پلن ۾ سورهان ورهيه ڪيئن گذريا ۽ سندس ڪمري اندر ايڏي سرشٽي ڪيئن ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. اُنتي سرسوتي ديويءَ ليلا کي سمجهايو ته هي ليلا تون حيران نه ٿيءُ، اِها سڀ مايا جي گهٽنا آهي. ديش ۽ ڪال جي اڻوءَ اڻوءَ ۾ مها جڳت ۽ سرشٽي آهي. ان ڪري جا گهٽنا هڪ سرشٽي جي هڪ ڪڻ ۾ ٿئي ٿي سا گهٽنا ٻيءَ سرشٽيءَ جي هڪ ڪلپ ۾ ٿئي ٿي. جهڙي طرح منش پنهنجي بستري ۾ هڪ ڪڻ جي سپني ۾ ڪئين سال گذرندا ڏسي ٿو ساڳيو حال سپني سرشٽين جو ڄاڻ.

هي ليلا! ان ۾ توکي ڇو ٿو عجب لڳي. ڇو ته هن کان وڌيڪ حيرانيءَ جي نه اها ڳالهه آهي ته هڪ هفتو ٻه نه گذريو آهي جو تنهنجو پتي پدم راجا جي صورت ۾ اچڻ کان اڳ هڪ برهمڻ هو ۽ تون ان جي استري هئينءَ. اهو اڃيو به توکي ڏسڻو هجي ته هل ته توکي ڏيکاريان ته ان برهمڻ دمپتي (زال مڙس) جي ڪٽيا هاڻي خالي پيئي آهي ۽ ان جا ٻار ماڻهن جي مرليو جو شوڪ ڪري رهيا آهن. اهو ٻڌي ليلا کي ان جاءِ جي ڏسڻ جي گهڻي الڪنا ٿي. ان تي ديوي ليلا کي ان سرشٽيءَ ۾ وٺي ويئي. اتي وڃي ليلا اها جهوپڙي ڏٺي جتي پدم راجا وسشٽ برهمڻ جي روپ ۾ ۽ ان جي پتني اَرُنڌتي رهندا هئا. ديوي ڪيس ٻڌايو ته هڪ ڏينهن ان وسشٽ هڪ راجا جي سواري وڏي

حيرت ۾ لڳي ۽ سرسوتي ديويءَ جو ڌيان ڪيائين ۽ انجام موجب سرسوتي ديوي اچي پرگهٽ ٿي. ليلا ديويءَ کان پڇيو ته هي ديوي مونکي ٻڌاءِ ته منهن جو سوامي ڪٿي آهي. اُنتي ديويءَ جواب ڏنو ته تنهنجي ڪمري ۾ ئي آهي ۽ ٻيءَ سرشٽيءَ ۾ آهي جا سرشٽي هن سرشٽيءَ کان سوکيم آهي ۽ هن سرشٽيءَ جي اندر آهي. هي ليلا تون منهن جا اهي وچن ٻڌي منجهه نه جو ته مايا وچتر آهي. هڪ جڳت جي اندر ٻيو جڳت ۽ ٻئي جڳت جي اندر ٽيون جڳت، ٽئين جي اندر چوٿون ۽ چوٿين جي اندر پنجون اهڙي طرح هڪ ٻئي ۾ اننت جڳتن جي ڌارا استت آهي. ٻهرين سرشٽي ٻيءَ سرشٽيءَ واري جيون کي ڏسڻ ۾ نٿي اچي ۽ ڪو جيو پرشارٿ ڪري ته سڌي پراپت ڪري ٻيون سرشٽيون ان ڏسي سگهي ٿو. ليلا اها ڳالهه ٻڌي ٻي سرشٽيءَ ۽ پتيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍي آتر ٿيڻ لڳي. اهو ڏسي سرسوتي ديوي ليلا کي اُها يڪتي (وسٿو) ٻڌائي جنهن سان ٻيءَ سرشٽيءَ جو وهنوار ڏسي سگهي.

پوءِ سرسوتي ۽ ليلا ٻنهي اُن سرشٽيءَ ۾ پرويش ڪيو جنهن ۾ پدم راجا پنهنجي اڳين واشنائن انوسار يوڳ يوڳي رهيو هو. اُتي ليلا ڇا ڏٺو ته سندس پتي نئين سرشٽيءَ ۾ ودورٿ راجا جو جنم پائي سورهن ورهين جي ڄمار جو ٿي چڪو هو ۽ هڪ وڏي ملڪ جي راجائي ڪري رهيو هو؛ جيتوڻيڪ اڳئين سرشٽي

جي چت ۾ پدم نيٺ جي واشنا اُڀرڻ ني. ڪجهہ وقت
ڪان پوءِ ودورٿ جي راڄ تي دشمن ڪاهي آيو ۽ وڏي
جنگ ٿي ۽ ان ۾ راجا ودورٿ ماريو ويو ۽ سندس
جيو آتما موٽي ليلا واري ساڳي دنيا ۾ پدم راجا جي
شريو ۾ آيو ۽ پدم راجا جو شريو چيتن ٿي پيو ۽ اٿي
سان اڳين (پدم راجا واري اصلوڪي) سرشٽيءَ جو
انيڀو ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي سامهون ٻنهي ليلائن کي
ڏٺائين، جن ۾ سندس گهڻي واشنا هئي. پنهنجي ٻنهي
استرين سان سک سان وقت گذارڻ لڳو.

هي رامچي! هن مان ڏسي سگهبو ته ديش ڪال
جو پسار ۽ پدارٿن جي وچترتا (ڪثرت) حقيقت ڪري
اڻ هوندا آهن، ۽ پلڪ ۾ ڪلپنا سان پيدا ٿين ٿا. ڪڻ،
ڪلپ ۽ جڳت درحقيقت ڪجهہ به نہ آهن. اُلٽي ايياس
پڇاڻڻ ڪري انهن جي پاونا چت ۾ پڪي ٿي انهيءَ جي
روپ ۾ ائين ڀاسي رهي آهي، جئن ٻالڪ کي ڀوت جي
ڪلپنا هئڻ سان ٻاڇي ۾ ڀوت نظر اچي ٿو، ويران استان
۾ سهيل پرش کي به سپني ۾ شهر نظر اچي ٿو، سپني
جي ڪوڙي استري به پرش کي سچيءَ استريءَ وانگر
سک ڏئي ٿي.

اُن تي شري رامچندر وسشٽ مهراج ڪان پڇڻ لڳو
تہ هي منيشور! جاڳرت جو جڳت جيڪڏهن ڪلپنا
ماتر آهي تہ پوءِ ان ۾ قدرت جا * نيم ۽ قانون ڇو ٿا

* باهہ جو ساڙڻ، پاڻيءَ ڪان اُڃ لهڻ، ڪشش ثقل
جو قانون وغيره.

دٻدٻي واري ڏني! اهو ڏسي وسشٽ جي من ۾ ٿيو
واشنا اُٿڻ ٿي لڳي ته هن راجا جهڙو سک ۽ دٻدٻو آءٌ به
ماڻيان. ان ڏينهن وسشٽ برهمڻ جو شرير ڇڏي ويو
۽ اروندتي پڻ اڳيئي اهو ور وٺي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن
وسشٽ ڪانئس اڳي مري ته انجو جيو آتما سندس جهونپڙيءَ
کان ٻاهر نه وڃي ۽ اهڙي پرڪار پاڻ هميشه وسشٽ
سان گڏ رهي. وسشٽ برهمڻ جي مرڻ تي سندس پتني
اروندتيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان جي چکيا تي ويهي
ستي ٿي. سرسوتيءَ ليلا کي چيو ته هي سڀ ورتانت
ان سرشٽيءَ جي هڪ هفتي ۾ ٿي گذريو آهي ۽ توهان
ٻنهي جو جيو ان ڪٽيا کان ٻاهر نه ويو آهي. ان تي
ليلا کي وڏو اچرج لڳو. ديويءَ ۽ ليلا هاڻي موٽي ان
لوڪ ۾ آيون جتي پدم راجا ودورٿ راجا جي روپ ۾
راڄ ڪري رهيو هو. ليلا اتي ڇا ڏسي ته ايتري ۾
ودورٿ راجا سترهن ورهن جي ڄمار جو ٿي ويو آهي.
انجي استريءَ جو نالو به ليلا آهي. هو پدم راجا جي
ديهه ۾ ليلا کي بلڪل گهڻو پيار ڪندو هو، ان ڪري
ڪيس هن جنم ۾ پڻ ليلا ئي ملي. هن ليلا پڻ اهو ور
حاصل ڪيو هو ته آئينده جنم ۾ پڻ سائين پنهنجي
پتيءَ جي استري ٿي رهي. راجا ودورٿ جڏهين ايڪانت
استان ۾ وڃي ويٺو تڏهين ليلا ۽ سرسوتي ٻئي ان جي
سامهون وڃي پرگهٽ ٿيون ۽ ڪيس اڳئين جنم جي
پدم راجا واري يادگيري ڏياريائون. اهو ٻڌي ودورٿ

هي رامچي! جاڳرت ۽ سپني ۾ ٽالن کان سواءِ ڪو بہ ڀيد نہ آهي. ٻنهي جو انيؤ هر طرح سمان آهي. سپني وقت سپني جا پدارٿ ٻڻ جاڳرت وانگر استر نظر اچن ٿا. وري جاڳرت جو گذريل انيو ٻڻ سپني وانگر فقط يادگيريءَ وانگر رهي ٿو. پرمارٿ درشٽيءَ سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ جاڳرت ۽ سپني ۾ ڪو بہ ڀيد نہ آهي. جهڙي طرح هڪ ديالي ۾ ڪيترن ئي سپنن جو انيؤ ٿئي ٿو، ساڳي طرح جيو کي جيسين اوٻاڻ ٻد پراپت نہ ٿيو آهي ۽ هو اگيان روپي جيوت ۾ گذر ڪري رهيو آهي تيسين اوُ انيڪ جاڳرت اوستائن جو انيؤ پيو ڪري. ان ڪري هي رامچندر! اهو نشچيہ ڪر تہ سپني وانگر جاڳرت بہ ڪلپت آهي، ست نہ آهي. سپني ۾ سپني جي سرشٽي ست پيئي ڀاسي ۽ جاڳرت ۾ هي جگت ست پيو ڀاسي، پر حقيقت ۾ آهن ٻئي ڪوڙا. جيئن سپني ۾ چداڪاش ئي پدارٿن جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو، چداڪاش ئي پرڪاش ڪندڙ سورج چندر جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو ۽ چداڪاش ئي وهنوار ڪرڻ وارو بڻي ٿو، تيئن هي وهنوارڪ جگت ٻڻ درحقيقت چداڪاش جو ئي وڪار آهي. جيئن سپني ۾ ديهہ وغيره جو انيو ٿئي ٿو تيئن جاڳرت ۾ ٻڻ ٿئي ٿو. جيئن سپني ۾ پدارٿن کي ڏسندڙ اکيون درحقيقت ڪو نہ آهن، تيئن جاڳرت ۾ بہ اکيون ڪنن وغيره جا پرماڻ ڪو نہ آهن، هڪ چيتن ستا جي آسري ئي پدارٿن جو ڀان ٿي

نظر اچن؟ اُن تي وسشٽ مهراج جن فرمائڻ لڳا تہ هي
ڪمل نئن رام! سرشٽيءَ ۾ قانون ۽ نيم پڻ ڪلپنا ماتر
آهن، جهڙي پرڪار ڪلپت سپني جي سرشٽي پڻ نيم
بڌ نظر ايندي آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ چيتنتا (جاڻ) پڻ جڙ پدارٿن
مان اُپن ٿئي ٿي، جئن گڙ وغيره وستن جي ملائڻ
سان ”نشي“ پئدا ڪندڙ شراب اُپن ٿئي ٿو. هي
رامجي، اهو مت مورکن جو آهي. وچار ۽ اڀياس سان
انڀؤ ٿيندو تہ سڀ پسارو گيان جو آهي، جئن سپني ۾
سڀ پدارٿ چت مان ئي پيدا ٿين ٿا. پرٿوي آدڪ
پڃڪ (آڪاس آدڪ پنجن ڀوتن مان پئدا ٿيل) پدارٿن
۾ واسطو ڪري ڀوتڪ پڻو ڌري ماڻو ٻہ تہ آهي؛ چت ئي
ڀوتن جي ڪلپنا ڪري رهيو آهي. تئن استول شرير
پڻ ڀوتن جو ڪاريہ نہ آهي پر چت جي ڪلپنا ماتر آهي.

هي رامجي! جهڙي پرڪار جل کان جل جون لهرون
جدا نہ آهن، سورج کان سورج جا ڪرڻا جدا نہ آهن،
اگنيءَ کان چڻنگون ڌار نہ آهن، بمب (object) کان
پرتبمب (Image) ڌار نہ آهي، سون کان گهڻا ڌار نہ
آهن، آڪاش کان گهٽ آڪاش ڌار نہ آهي، تهڙي
پرڪار من ۽ پدارٿ هڪ ٻئي کان ڌار نہ آهن. جيئن
ميوي ۾ رس، ترن ۾ تيل، گلن ۾ سڳنڌ رهي ٿي، تئن
چت ۾ پدارٿ رهن ٿا. جهڙي پرڪار ڪپور مان سڳنڌي
ٻاهر ڦهلي ٿي اهڙي پرڪار چت مان جڳت ڦهلي ٿو.

ڀاونا ڪي جڳت، سنسار، بنڌن، مايا، موھ، مھا اندڪار وغيره انيڪ نالا ڏنا آهن. ڦولڻي ۾ جڳت اُڀڻ ٿيڻ ٿو؛ ۽ وري ڦولڻي جي آسري اُنجو وهنوار ڪندڙ جيو ٻڌي ٿو، جيئن سوري ۾ ڳگهر ؛ ميل جي ڪري جيڪي جوُن اُڀڻ ٿين ٿيون سي ٻڻ جيو وانگر خلاصي ڪريا ڪن ٿيون.

هرهڪ سرشٽيءَ جي اندر وري ڪيترن پرڪارن جون ٻيون سرشٽيون آهن، ۽ انهن ٻين سرشٽين جي اندر وري ٻيون آهن جيئن ڪيوڙي جي ٿڙ ۾ هڪ ٻئي اندر انيڪ تڙ موجود آهن. مطلب ته اهڙيءَ طرح انهن سلسلو ڪيوڙي جي تڙ وانگر چالو آهي. جهڙيءَ طرح پڻ ٿويءَ اندر وري ٻيا جيو رهن ٿا، ۽ جيئن هڪ جيو جي اندر ٻيا انيڪ جيو رهنتا، تيئن سرشٽين اندر ~~سرشٽين جون~~ سرشٽيون پڻ موجود ڄاڻ. هي رام، اِها حقيقت آهي ته حيرت ۾ وجهندڙ پر آهي بلڪل سچي. توکي ٻڌايم ته هڪ سرشٽيءَ جي اندر انيڪ ٻيون سرشٽيون آهن. پر جيو کي فقط اُن سرشٽيءَ جو ئي گيان رهي ٿو جنهن جو اُن انڀو ڪيو آهي. جيئن هڪ جيو جي سپني جو ئي ٻئي جيو کي انڀو ٿئي ٿو تيئن هرهڪ جيو کي فقط پنهن جي پنهن جي سرشٽيءَ جي ڄاڻ آهي. ٻـو جيو کي جڏهن ليڪو اڄا ٿئي ٿي، تڏهن ٻين سرشٽين جو پڻ انڀو ڪري

رهيو آهي. جيئن سپني ۾ پرٿوي، رستا، پهاڙ ۽ ميدان وغيره چداڪاش جا ئي نالا آهن، تيئن آءٌ، تون، هو ۽ هي وارو سنسار سڀ چداڪاش ئي آهي.

جيو جو من ئي جڳت جي اُتپتي ڪندڙ آهي. مـن جهڙي جهڙي ڪلپنا ڪري ٿـو، تهڙي تهڙي سرشٽي سندس آڏو کڙي ٿئي ٿي. هرڪنهن جيو جي چت ۾ اهڙي پرڪار جي شڪتي رهي ٿي. هي رامجي، جنگ جي ڇاوڻيءَ ۾ رات جو سمهيل سپاهين جي جدا جدا من ۾ نراليون نراليون سرشٽين جا سپنا پيدا ٿين ٿا، ساڳيءَ طرح هرهڪ جيو جي جاڳرت جي سرشٽي پڻ * نرالي نرالي سندس چت ۾ اُتپن ٿئي ٿي، ڇو ته هرهڪ جيو جو ڀرم جدا جدا آهـي. اهڙيءَ طرح هرهڪ جيو پنهنجي پنهنجي قرني جي اندر جدا جدا سرشٽي ڏسي رهيو آهي. اهڙي طرح پر برهم ۾ اَننت سرشٽيون ڀاسي رهيون آهن، جيئن سورج جي ڪرڻن ۾ انيڪ ذرا ڀاسڻ ۾ اچن ٿا.

(٩) جڳت جي اُتپتي

هي رامجي! مان ۽ تـون وغيره ڀيدن جـي مٿيا ڀاونا جو نالو ”جڳت“ آهي. جيسين اهـو ڀيد پرتيت ٿئي ٿو تيسين موڪش نٿو ٿئي. مهرشين هـن دويت

* ڀامتي ڪار واچسپتي مصر هن مت جـو ”انيڪ جيو واد“ جي نالي سان پرتيپادن ڪيو آهي.

ڪيس هڪ سپنو آيو ته آءٌ راجا آهيان ۽ ٻارڙ وٽ سٺنا ۽ نوڪر چاڪر ڏسڻ لڳو. راجا کي وري سپنو آيو ته رڊر جو سروپ ڌارڻ ڪيو اٿس. جتي برهم ودِيا جو اُپديش پراپت ڪري آتم گيان حاصل ڪيو اٿس. اِتي ڪيس خبر پيئي ته تپسوي روپ ۾ اُجان سماڌي لڳايو ويٺو آهي. تتڪال وڃي تپسويءَ کي سماڌيءَ مان اٿاريائين ۽ ڪيس سرشٽيءَ جي رچنا جي ڦرني جي ياد ڏياريائين. اُن تي اُن جو ڦرنو شانت ٿي ويو ۽ جيوت، برهمڻ، راجا، خواه رڊر سڀني جو سروپ وليءَ ٿي ويو.

هي رامجي! اهڙي پرڪار هن برهم روپ مها آڪاش ۾ انيڪ قسمن جا انيڪ جڳت اُهڙيءَ طرح اُٿپن ٿين ٿا جيئن سمنڊ ۾ لهرون. انهن سرشٽين مان ڪي پاڻ ۾ چڱيءَ طرح سان مشابهت رکن ٿيون، ڪي ٿوري ٿوري مشابهت رکن ٿيون، ۽ ڪي وري هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. ڪنهن سرشٽيءَ ۾ منش رهن ٿا، ڪنهن ۾ ديو، ديوتائون ۽ ڪنهن ۾ وري پرَوت ۽ پربت.

جيئن چيٽ مهني ۾ وڻن ۾ نوان انگور پيدا ٿين ٿا، ۽ سرو جي موسم ۾ سڀ سڪي وڃن ٿا، تيئن برهم تتو مان سرشٽيون اُٿپن ٿين ٿيون ۽ ڪجهه ڪال اِستٿت ٿي وري لين ٿي وڃن ٿيون. جهڙيءَ طرح سکوپت اوستا ۾ سپني جي سرشٽي لئه ٿي وڃي ٿي تهڙي

سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سڀني سرشٽين جو آڌشٽان هڪ ساڳيو ئي برهم آهي.

اهڙي پرڪار هي رامچي! سارو جگت ڪلپنامئي آهي. جيو پڻ پنهنجي ڪلپنا دوارا نئين هڪڙي سرشٽي مان نئين ٻئي سرشٽي ۾ پرويش ڪري ٿو ۽ ڪلپنا دوارا ئي بنڌن کان مڪت ٿئي ٿو. جو جهڙي ڪلپنا ڪري ٿو سو اهڙو روپ ئي وٺي ٿو. هن وشيه جي سمجهاڻ لاءِ آءٌ توکي هڪ اتهاس ٻڌايان ٿو جو تون شروع ڪر.

شت ردر جي ڪٿا:- پراچين ڪال ۾ هڪڙو وچار شيل ۽ شڌ آچرڻ وارو تپسوي رهندو هو. گهڻي ڪال جي اڀياس ڪري سماڌيءَ ۾ اسٿت ٿيڻ جي شڪتي حاصل ڪئي هوائين ۽ گهڻو وقت سماڌيءَ ۾ ئي گذاريندو هو. هڪ دفعي جيئن هو سماڌيءَ مان اٿڻ تيو تيئن سندس چت ۾ ڦرنو اٿيو ته پنهنجي سرشٽي وچيان. اڃان سندس چت ۾ اهو ڦرنو اٿيو ئي مس ته هڪ سرشٽي پرگهٽ ٿي پيئي. اُن سرشٽيءَ ۾ هن تپسويءَ پاڻ کي جيوت نالي پرش جي صورت ۾ ونهوار ڪندو ڏٺو ۽ هاڻي ڪانئس تپسوي روپ جي وسمرتي ٿي ويئي. خوب ڀوڳ ڀوڳڻ لڳو، شراب پيڻ لڳو ۽ مهاتمائن جي سيوا ڪرڻ لڳو. جيوت هڪ ڏينهن سمهيو. ڪيس سپنو آيو، جنهن ۾ پاڻ کي برهمڻ ڏسڻ لڳو ۽ ويدن جو پاٺ ڪرڻ لڳو. اُن برهمڻ روپ ۾ وري

اندو برهمڻ جي ڪٿا- هڪ سمي جي ڳالهه آهي ته برهما پنهنجي مها پرلئه روپي نندرا مان جڏهن جاڳيو ۽ سرشٽيءَ جي رچنا جو ويچار ڪيائين ته ڇا ڏسي ته مار سرشٽي ته اڳيئي رچي بيٺي آهي. ان تي ڪيس ڏاڍو عجب لڳو. ان سرشٽيءَ جي سورج کان پڇيائين ته منهنجي رچنا ڪرڻ کان سواءِ هي سرشٽي ڪٿان اُتپن ٿي؟ ان تي سورج وراڻي ڏني ته هي ديو! هيءَ جا سرشٽي تون ڏسي رهيو آهين ان کان سواءِ هتڙيون ٻيون به ڏهه سرشٽيون اُتپن ٿيون آهن. اهو ٻڌي برهما وسمئه ۾ پئجي ويو ۽ سورج ديوتا کان پڇيائين ته ڀلا ٻڌاءِ ته هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪنهن ڪئي.

سورج ديوتا جواب ڏنو ته هي پرجا پتي توهان جي اڳ رچيل سرشٽيءَ ۾ ڪيلاس پربت جي هيٺان هڪ جنبو ديپ نالي ديش هو اُتي "اندوءَ" نالي هڪ سشيل برهمڻ ۽ ان جي پتورتا ناري رهندا هئا. هننکي اولاد ڪونه ٿي ٿيو. جنهن ڪري گهڻو تپ ڪري شو مهراج کان ور حاصل ڪيائون ته کين ڏهه پرچنڊ (ڪلاوان) بالڪ پيدا ٿيندا. سمو پائي کين هڪ ٿي ڏهئي بالڪ اُتپن ٿيا. آخر اندو برهمڻ ۽ سندس استري ڪال جو ڀک ٿيا. اننتي بالڪن کي گهڻو دک ٿيو. آخر گڏجي صلاح ڪيائون ته پتا جي ياد گيري قائم رکڻ واسطي ڪو اهڙو ڪم ڪجي جو اڄ تائين ڪنهن منش نه ڪيو هجي. اهڙي طرح سوچيندي سوچيندي اهو ارادو

طرح ڪلپ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن پرلءِ ٿئي ٿي تڏهن سڀ سرشٽيون ليِن ٿي وڃن ٿيون. پرلءِ وقت گهري شانت رهي ٿي. ان وقت نه پرڪاش رهي ٿو نه اندڪار رهي ٿو. اُن وقت هڪ چِن ماتر تتو رهي ٿو جنهن جو واڻيءَ سان ورنن ٿي نه ٿو سگهي. اُن وقت هڪ شانت، اجر، اننت، سوڪيم اُپاڌين رهت، سرو پرڪاش وان، ڪيول برهم استت رهي ٿو.

جگت جو ڪارڻ ۽ آسرو ڪرتو آهي. اِنڪري مٿيا پرانتي روپي جگت جي اِستتي، اوستا، نيت (قانون) وغيره جو کهڙو ويچار ڪبو. ڇو ته جيئن سپني ۾ جيڪي ڏسجي ٿو اُن کي ٿي نيم مڃيو وڃي ٿو. ليڪن در حقيقت جاگرت جي جگت جو پڻ پرتيتي ماتر کان سواءِ ٻيو قانون يا نيم نه آهي. من ٿي نيم ۽ اُنيم کي ڪلپنا سان رچيو آهي. اِن ڪري هي رامچي! اُهي مورک آهن جيڪي سرشٽيءَ جو ڪارڻ نيت (قانون) يا سڀاءُ (Nature) مڃين ٿا، ڇو ته جگت جي پرتيتي ڪرتي جي آسري ٿي رهي آهي. جيو پڻ سنڪلپ جو روپ آهي- جيڪو سنڪلپ هردي ۾ اُٿي ٿو سو ئي ٻاهر آڪار وٺي ٿو. جهڙي جهڙي ڪلپنا اُٿي ٿي اهڙي اهڙي جگت جي اُتپتيءَ جي پرتيتي ٿئي ٿي. هي رامچي! هن سدانت جي سمجهاڻ لاءِ مان توکي هڪ اتهاس ٻڌايان ٿو، جو مون برهما جيءَ کان ٻڌو هو-

پدارٿن جي ڀاونا ۾ پاڻ کي منجهائي ٿو تنهن وقت برهم ڀاونا جي آنند کان پري رهي ٿو. اهڙي پرڪار سنائن برهمڻي ڪلپنا جي ڪري من چيو وڃي ٿو. من ئي پرجا پتي (برهما) جي روپ کي ڌارڻ ڪري ٿو، جهڙيءَ طرح سون ۽ سون جي گهڙڻ جي وچ ۾ هڪ ولکڻ ڀيد سمبند رهي ٿو. در حقيقت هي رامچي، آتما ۽ من ۾ ڪنهن به قسم جو ڀيد نه آهي جيئن هوا ۽ واچوڙي ۾ ڪو به ڀيد نه آهي. جهڙي پرڪار شانت سمنڊ ۾ چنچل لهر اُٿڻ لڳي ٿي ساڳي طرح شانت آتم ۾ من پرگهٽ ٿئي ٿو. سمنڊ ۾ جنهن هنڌ شپنڊ ٿئي ٿو اُتي پاڻيءَ جون چنچل لهرون اُٿڻ لڳيون پر ٻئي هنڌ سمنڊ شانتيءَ ۾ رهي ٿو. ساڳيءَ طرح برهم ۾ شپندن لڳڻ سان اُنجي هڪ ڀاڱي ۾ جڳت وغيره جي پرتيتي ٿئي ٿي. جئن سمنڊ ۾ ڪٿي چنچلتا ڪٿي شانتي ٻئي ساڳئي وقت رهن ٿا تهڙيءَ طرح نروڪار برهم ۾ جڳت وغيره پرگهٽ ٿين ٿا اهڙي پرڪار بنان ڪنهن ڪارڻ جي برهم روپي سمنڊ ۾ چت روپي جل ڦرڻ روپي لهرن کي اُٿاري ٿو ۽ جيون روپي ڪڻ (وڪڙ) ۽ سرشٽيءَ روپي ٻد ٻدا پيدا ڪري ٿو. جئن هوا جو لڳڻ، اگنيءَ جي گرمي ۽ برف جي سيتلتا سڀاوڪ آهن تيئن آتما ۾ جڳت وغيره جي پرتيتي پڻ سڀاوڪ آهي. هي رامچي! برهم ۽ جڳت جي اُتپتي موانڊ پرش مڃين ٿا. در حقيقت جڳت جي اُتپتي نه ٿيندي به اُتپتيءَ

ڪيائون ته اسين ڏهئي برهما ٻڌجون ۽ ڏهن سرشٽين
جي اُپٽي ڪريون.

اها ڌارڻا ڪري پدم آسڻ لڳائي هرهڪ اهوئي
سنڪلپ ڪرڻ لڳو ته آءٌ برهما آهيان ۽ سرشٽيءَ جي
اُپٽي ڪري سگهان ٿو. ائين ڪندي ڪندي سندن
سنڪلپ دِرڍ ٿيو ۽ ڏهن سرشٽين جي رچنا ٿي ويئي.
هي برهما جي! هي سرشٽيون تيستائين قائم رهنديون
جيستائين سندن سنڪلپ جي شڪتي ناس نه ٿي آهي.

هي رامجي! اهڙي پرڪار ڦرڻي مان من، ٻڌي،
اندريون، وغيره اُپڻ ٿين ٿا ۽ پنهنجون پنهنجون
ڪريائون ڪن ٿا. سنڪلپ ڪرڻ جو نالو من آهي.
جهڙي پرڪار وايو جو لڳڻ وايو کان سواءِ ڪا ٻي وستو
نه آهي اهڙي طرح سنڪلپ ۽ من ۾ ڪو ڀيد ڪونه
آهي. اهو من روز روز سنڪلپ دواران رچنا ڪندو
رهي ٿو، جنهن مان مايا جو جار پکڙندو رهي ٿو. من
کي نه جڙ چيو وڃي ٿو ۽ نه چيتن. من جڏهين وشين
جي پٺيان ڀٽڪي پاڻ کي منجهائي ٿو، تڏهين ان کي
جڙ ڪوٺجي ٿو ۽ جڏهين آتما جي پاسي لڳي آتما سان
هڪ ٿي وڃي ٿو تڏهين ان کي چيتن چيو وڃي ٿو.
من ئي ڀاونا جي روپ کي ڌارڻ ڪري ان ڀاونا
سان پدارٿ رچي ٿو. اهڙي پرڪار من ئي پدارٿن جي
روپ کي ڌارڻ ڪري ٿو. جيتوڻيڪ من برهم ۾ ائين
استٿت آهي جيئن ڳهڻو سون ۾، تڏهين به من جنهن وقت

(١٠) جيو جو ورنن

هي رامجي! واشنائن جي ڪري جيو پاڻ کي منجهائي رهيو آهي. سنڪلپن جي پٺيان ٻوڙڻ ڪري پاڻکي ڦاسيءَ ۾ ڦاسائي ڏکي ٿي رهيو آهي. وشين روپي اگني ۾ پاڻيهي پاڻ کي اُڇلي اُهڙي طرح ٻيوس ٿي رهيو آهي جيئن پنجوڙن ۾ ڦاٿل شينهن. انهن شڪتين جو آڌار هوندي به هيءُ جيو اُهم ڀاو جي ڪري پاڻکي اُهڙيءَ طرح ٻنڌنن ۾ ڦاسائي رهيو آهي، جهڙيءَ طرح ريشم جو ڪيڙو پاڻکي پنهنجي ئي جاريءَ سان ٻنڌ ڪندو آهي.

هي راگهو! سنسار روپي وڻ جو ٻج هي سرير آهي جنهن جي اندر شڀ ۽ اَشڀ ڪريائن روپي انگور سمايل آهن. وري هن شرير جو ٻج چت آهي، جو اڇائن انوسار شرير کي هلائي رهيو آهي. چت روپي وڻ جا وري ٻن ٻوڪارن جا ٻج آهن ۽ ان مان هڪ ٻج آهي پرانن جو سپندن (اُچڻ وڃڻ) ۽ ٻيو ٻج آهي درڍ ڀاونا سان واسنا. حقيقت ڪري واسنا ۽ پرانن جو سپندن ٻه جدا وستو نه آهن. انهن جو پاڻ ۾ اهڙو سنٻنڌ آهي جهڙو خوشبوءِ ۽ گلن جو، يا تيل ۽ ترن جو. واسنا کان سواءِ پرانن جو سپندن ٿي نٿو سگهي ۽ پرانن جي سپندن کان سواءِ واشنا اُپن ٿي نٿي سگهي. وري واشنا ۽ پرانن جو سپندن، انهن ٻنهي جو ڪارڻ آهي اناتم پدارٿن جو

جي پرليتي ٿيندي رهي آهي. اهڙي برهم جي * ليلا آهي.

جيئن آتما ۾ شفورڻ ڪري من جي ڀاونا ٿئي ٿي ساڳيءَ طرح جڏهن آتما ۾ ڀاونا ڦري اچي ٿي ته هي فلاڻو پدارٿ آهي، هي وشيه ڪهڙي نموني جي آهي وغيره تڏهن انکي **بدي** چيو وڃي ٿو. "آءُ آهيان": اهڙيءَ ڀاونا کي **اهنڪار** چئجي ٿو. جڏهن اها ڪامنا هڪڙن پدارٿن کان هٽي وري ٻين پدارٿن جو چنتن ڪري ٿي تڏهن انکي **چت** چئجي ٿو. جڏهن شپندن ڪري ڪلپنا ڪريا دوارا ڪنهن ڦل جي پراپت ڪرڻ لاءِ پرورت ٿئي ٿي، تڏهن انکي ڪرم چيو وڃي ٿو. جڏهن ڪلپنا اُڪسمات (اچانڪ) ڪنهن وشيه جو خيال ڪريٿي تڏهن انکي ڪلپنا چئجي ٿو. اهڙي پرڪار هي پديمان رام، هڪ چڻ مات آتما ۾ انيڪ ڀاوناٿون پاسي اُچن ٿيون. سمرتي، واسنا، اُوديا، مل، مايا، پرڪرتي، برهما، جيو، اُني واهڪ (آڪار رهت) ديهه انديون پريشٽڪا (سرير دواهي پري) وغيره انيڪ ڀاوناٿون آتما ۾ پاسي رهيون آهن. پر گياني اُن ۾ منجهي ٿئو، جهڙي طرح صراف ڳهڻن کي ڏسي ٻس سون کي

* جگياسوءَ کي سمجهڻ گهرجي ته ليلا جي پد جي معنيٰ آهي حقيقت ۾ نه هوندي به انين سمجهڻ ته سچ آهي.

(١) ٻيج جاڳرت - سرشٽيءَ جي شروعات ۾ چت ۾ نالي رهت ۽ روپ رهت جو نرمل ڦرڻو ائيو انکي چئجي ٿو **ٻيج جاڳرت**.

(٢) جاڳرت - منجهين ڦرڻي کي وساري جڏهين جيو اهنڪار ٿو ڪري ته "آءُ هيءُ (سريو اندريون وغيره) آهيان،" ۽ "هي (سريو گهر وغيره) منهنجو آهي" تڏهين انهي جي اوستا **جاڳرت** چئي ويئي ٿي.

(٣) مها جاڳرت - منجي ڏيکاريل اهنڪار ته "آءُ هي آهيان" ۽ "هي منهنجو آهي،" جنم جنمانترن ۾ پڪو ٿيندو وڃي ٿو تنهنکي چئجي ٿو **مها جاڳرت**.

(٤) جاڳرت سپن - جاڳرت اوستا ۾ جڏهين جيو منوراج (خيال) ۾ مگهن ٿئي ٿو تڏهين ان جي اوستا **جاڳرت سپن** چئي ويئي ٿي.

(٥) سپن - مها جاڳرت اوستا جي اندر ننڊ اچڻ تي جو پدارٿن جو انڀو ٿئي ٿو ۽ وري جاڳڻ جيو نشچيه ڪري ٿو ته اهي پدارٿ ڪوڙا هئا ۽ انهن جو انڀو ٿوري وقت لاءِ هو اهڙي اوستا کي سپنو چيو ويئي ٿو.

(٦) سپن جاڳرت - مها جاڳرت ۾ ننڊ اچڻ تي ديهه وغيره جي سڌ ڪانه رهي ان هوندي به جاڳرت وانگر ديهه پرڪش وهنوار ڪندو جڏهين جيو ٻاڻ کي ڏسي ٿو تڏهين ان اوستا کي **سپن جاڳرت** چئجي ٿو.

(٧) سشو پتي (گهري ننڊ) - منجهين ڇهن اوستائن کان رهت پرويشيه (اينڌڙ وقت) ۾ دکه ڏيڻ واري

گيان ۽ ڇو ته پدارٿن جي گرهڻ سان ئي اهي پڻ الپن ٿين ٿا. جڏهين وري وري سنڪلپ ڪجي ٿو تڏهين چت ۾ دپه، جو پان ٿيڻ لڳي ٿو. اهڙيءَ طرح چت ئي جنم مرڻ وغيره وستار کي پيدا ڪري ٿو. چت جو ٻج آهي ستا ماتر. سمويدن سهت ستا ۾ چت انين اُلپن ٿئي ٿو جيئن اگني ۾ پرڪاش. ستا ماتر ان اوستا جو نالو آهي جا ايڪتا ۽ انيڪتا وغيره وشيشڻ (خاصيتن) رهت پنهنجي سڀاو ۾ استت آهي. ان کي ستا سامانيه پڻ چيو وڃي ٿو. ستا سامانيه ۾ ڪنهن به قسم جي ڪلپنا ٻڌي نٿي سگهي. نه ان جي آد ۽ نه ان جو انت چئي سگهجي ٿو. نه ان جو ڪو ٻج چئي سگهجي ٿو ۽ نه وري ان جو ناس ڪندڙ چئي سگهجي ٿو. ست است، درش ادرش، اهنڪار پڪت اهنڪار رهت وغيره ڪلپنائون ان ۾ ٻڌي نٿيون سگهن.

هي نشپاپ رام! جهڙيءَ طرح جهرڻي مان انيڪ جل جون ڪڻيون اُٿن ٿيون ۽ درياءَ ۾ انيڪ ٻڊ ٻڊا پيدا ٿين ٿا، تئن ستا سامانيه ۾ بيشمار جيو الپن ٿين ٿا. انهن جيون ۾ ست اوستائون ٿين ٿيون. (۱) ٻيج جاگرت، (۲) جاگرت (۳) مها جاگرت (۴) جاگرت سپنو (۵) سپنو (۶) سپن جاگرت (۷) سشوپتي. هي رگهنندن! انهن اوستائن جو توکي جدا جدا ورنن پڌايان ٿو جو شروع ڪر:-

پرش جو من وس کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي، تڏهين ان ۾ ايڪ واسنائون اُڀڻ لڳن ٿيون، جن جي پوري ڪرڻ لاءِ هي جيو نہ ڪاڻ جهڙا پدارٿ ڪاٺي وڃي ٿو، نہ ڏسڻ جهڙن استانن تي وڃي ٿو، اڻ سهائيندڙ ڪم ڪري ٿو، دشٽ پرشن جي سنگ ۾ اُئي وهي ٿو، تڏهن سندس سريو جون ناڙيون پوري طرح ڪم نٿيون ڪن، جيون شڪتي ڪمزور ٿي وڃي ٿي ۽ روڳ اچي منجهس واسو ڪن ٿا، تڏهين جيو دوا درمل يا منتر وغيره اپائن سان انهن روڳن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر انهن سڀني روڳن جو مول روڳ آهي سنسار ۾ جنم وٺڻ ۽ ڇاڪاڻ جو جنم وٺڻ سان من خواه سريو جا روڳ اچن ٿا. پر جنم رهت ٿيڻ سان اُهي سڀ روڳ پنهنجو پاڻ ناس ٿي وڃن ٿا. انڪري هي رامچي! پرم پرشارٿ ڪري جنم مرڻ روپي روڳن جي مول کي ڪيڻ گهرجي.

هي رامچي! مون توکي جيو جون جيڪي ست اوستائون پڌايون سي سندس ٻاهريون حالتون آهن. جيو جي اصلي حالت سم ۽ شڌ استتيءَ واري آهي. ان ۾ اهم ڀاو ٻہ ڪونہ آهي. شڌ شانت ۽ ساکي روپ واري سڀني سنڪلپن کان رهت اها حالت آهي. ان حالت جو انڀوُ تڏهين ٿئي ٿو جڏهين اهنڪار کي ڇڏي چت شانت ٿئي ٿو. اهڙي حالت وارو جيو نہ جمي ٿو ۽ نہ مري ٿو.

واشنائن سان پوريل جڙ اوستا (حالت) جو نالو سشو پتي آهي.

هي رامجي! هيءَ جيو پرشارٿ سان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ سمرٿ آهي. پرشارٿ کي اڀياس پڻ چيو وڃي ٿو. اڀياس جي معني آهي وري وري ڪرڻ. اڀياس کان سواءِ ڪنهن پرڪار جي اُنتي ٿي نٿي سگهي. من به جهڙي جهڙي پرڪار جو اڀياس ڪري ٿو اهڙو اهڙو روپ ڌاري ٿو. من جي درڍ نشچيه کي ڪوئي هٽائي نٿو سگهي. ويچار جي اڌين من ٿئي ٿو ۽ من جي اڌين استتي ٿئي ٿي. جڙ ۽ چيتن سارو پسارو پڻ من جي اڌين آهي. من جي موورڪتنا ڪري دک پهاڙ جي چوٽين وانگر وڏي وڃن ٿا ۽ وري من جي سهاري دک انهن ناس ٿي وڃي ٿو جيئن سورج جي اُڀرڻ سان پالو ناس ٿي ويندو آهي. استول سرير پڻ من جو ٿي رچيل آهي، جيئن سپني جي جيو جو من استول سرير کي رچيندو آهي. جيستائين من ديهه جي ڀاونا ڪندو رهي ٿو تيستائين بندن کان نٿو ڇٽي.

ديهه من جي بنايل آهي ۽ من سان ئي انجو واڌارو ٿيندو رهي ٿو. ديهه جا روڳ پڻ اَشد ويچارن ۽ آچرڻ ڪري اُپجن ٿين ٿا. انهن روڳن جي دور ڪرڻ جو سڀ کان اُتم اُپاءُ آهي خيالن ۽ آچرڻن کي شڌ بنائڻ. جڏهن من شڌ ۽ پوتر ٿئي ٿو ۽ واشنا سريشٽ ٿئي ٿي تڏهين سرير نروڳ ۽ سندر رهي ٿو. جڏهين اگيان جي ڪري

اندر ويل پران مشڪلات سان ٻاهر نڪري ٿو. ناڙين ۾ خرابي وجهڻ ڪري پران ۾ گڙٻڙ پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪري پراڻيءَ جون ٻاهريون اندريون ڪم ڏيئي ڇڏيون سگهن ۽ فقط سوير جي اندر پيڙا جي ڪيس خبر پوئي. اهڙيءَ طرح سان شرير ۾ ناڙين جي خرابي وجهندي وجهندي پران جي گتي بند ٿي وڃي ٿي ۽ سواس نه ٻاهر وڃي سگهن ٿا ۽ نه اندر اچي سگهن ٿا. ان وقت ماڻهو چون ٿا ته پراڻي مري ويو. سوير مڙدو ٿي پوي ٿو ۽ پراڻ واشنا سهت وايو منڊل ۾ استٿت رهن ٿا. اهڙيءَ طرح وايو منڊل ۾ انيڪ جيون جا پراڻ استٿت آهن. جدا جدا پراڻن جي اندر وري جدا جدا سرشٽيون استٿت آهن.

هي رامجي! ڌارڻا وارو گياني پرش سوير کي سک سان تياڳي ڇڏي ٿو، پر مورک لوڪن کي سوير تياڳڻ وقت گهڻو ڏک ٿئي ٿو ۽ مرڻ وقت اگياني پرش چنتل گل وانگر ڏڪي ٿو. جنهن پرش شاسترن پڙهندڙ پنهنجي ٻڌيءَ کي پوتر نه ڪيو آهي انجي مرڻ وقت اهڙي ڏکدائي حالت ٿئي ٿي جهڙي اوچتو اگنيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪري پوڻ سان. سڦراط وقت جنهن مهل اڙيءَ ۾ ڪانگهارو اچي اٽڪي ٿو، منهن جو چهرو ڦڪو ٿي وڃي ٿو، ۽ اکين جي سامهون انڌارو اچي وڃي ٿو، انوقت وويڪ هيڻ پرش اٿي (بلڪل) وياڪل ٿئي ٿو.

(١١) موت

هي رامچي! جڳت ۾ سڀني آفتن کان وڌيڪ ڀيانڪ موت ڄاتو ٿو وڃي. پر ويچاروان پرش موت کان ڊپ نٿو ڪري. انجو سبب هي آهي ته هو ويچار هلائي ٿو ته موت کان پوءِ يا ته سڀ ڪجهه ناس ٿي ويندو يا نئين نموني جي حياتي ملندي. جيڪڏهين پهرين ڳالهه سچي آهي ته به ارمان ڪرڻ جو سبب ڪونهي ڇو ته سنسار جي دکن کان ڇٽي پئبو. جيڪڏهين ٻي ڳالهه سچي آهي ته به دک جو سبب ڪونه آهي جو پراڻي سرير کي ڇڏي نئين سرير کي حاصل ڪرڻ ۾ گهاٽو ڪونه آهي. اهڙي پرڪار ويچار ڪري موت کان ڊڄڻ جي بدران موت کي پنهنجو متر سمجهڻ گهرجي.

هي رامچي! درحقيقت موت جيو کي ناس ڪري نٿو سگهي. موت کان پوءِ جيو نرالي ديش ۽ نرالي ڪال ۽ نرالي سرشٽيءَ جو انڀو ڪري ٿو. هڪڙي سرير کي ڇڏي واسنائن انوسار ٻئي سرير کي پائي ٿو. واسنا جي ڪري ئي جيو ڀٽڪندو رهي ٿو. جهڙي پرڪار اکين جي پوٽڻ سان نانا پرڪارن جي سپني جي سرشٽين جو انڀو ٿيڻ لڳي ٿو تهڙي پرڪار موت کان پوءِ ٻيءَ ڪڻ ۾ ٻئي سنسار جو انڀو اتپن ٿئي ٿو. انت ڪال ۾ بيماريءَ جي ڪري ناڙين ۾ پرانن جو اچڻ وڃڻ مشڪلات سان ٿئي ٿو. ٻاهر ويل پران مشڪلات سان اندر اچي ٿو ۽

جتي ڪانئس حساب پڇيو وڃي ٿو. ڌرم راجا کيس نرڪن ۾ موڪلي ٿو جتي ڏاڍا ڏک ڏسي ٿو ۽ هاهاڪار ڪري ٿو. اُن کان پوءِ ويلي ۾ سندس واسو ٽٽي ٿو جنهن دوارا وري نئون جنم پائي ٿو. پاڇ آتما کي مرڻ وقت ڦرلي ۾ وري انهن پاسي ٿو تہ وشنوءَ جا پارکد کيس ونڊ اچن ٿا ۽ ومان ۾ چاڙهي کيس سرڳ ۾ وٺي وڃن ٿا جتي سرڳن جا سک ڀوڳي ٿو. پڇن پوري ٿيڻ ٿي وري ويلي ۾ واسو ڪري مرت لوڪ ۾ جنم وٺي ٿو. هي رامچي! اهڙي پرڪار جيو کي ڦرني ۾ جنم، مرڻ، نرڪ، سرڳ وغيره پرليت ٿين ٿا. جڏهين من شڌ ڪري آتما جي گيان کي پراپت ڪري ٿو تڏهين سندس ڦرنو ناس ٿي وڃي ٿو جنهن ڪري وري جنم نٿو وٺي. جهڙيءَ طرح هوا جي لهر پيت سان ٽڪر کائي شانت ٿي وڃي ٿي، اهڙي پرڪار گيانوان جو استول خواه سوکيم سرير مرڻ بعد شانت ٿي وڃي ٿو ۽ ٻيو جنم نٿو وٺي.

هي رامچي! موت روپي ڌاڙيل اُنکي ناس ڪري ڇڏي ٿو، جنهن پاپ روپي موتين جون مالهائون پنهنجي گلي ۾ پائيون آهن. مانسڪ روڳ روپي ڪروَٽ، سواس روپي ورڪشن کي ڪاٽي ڇڏي ٿو. سرير روپي وڻ ۾ نواس ڪندڙ چنتا روپي ٿڻين وارو آشا روپي سرپ پنهنجي زهر سان هن جيو کي جلائي ڇڏي ٿو. راڳ دويش روپي وِڪ سان ڀريل من روپي ٻر ۾ رهندڙ لوڀ روپي سرپ هن جيو کي ڏنگ هڻي ماري ڇڏي

مرڻ وقت گهڻو ڪري ھرھڪ جيو، مورڇت ٿئي ٿو ۽ ان وقت مها پرلئہ جي رات جهڙو انڀو ڪري ٿو. ان کان پوءِ ھرھڪ جيو واشنائن انوسار پنھنجي پنھنجي سرشٽي رچي ٿو. جيستائين موڪش حاصل نٿو ٿئي تيستائين جيو ڪسي پنھنجي واشنائن جي ڪري جنم مرڻ جو انڀو ڪندو رھي ٿو. ھيءَ جيو پنھنجي قرلي جي اندر ايڪ سرشٽيون ڏسي ٿو. سندس قرلي اندر آڪاش وغيره پنجن ڀوتن جي اُٽپتي ٿئي ٿي. قرلي جي اندر شروتن (ڪن) وغيره اندريون ۽ انھن جون وشيون شبد وغيره اُٽپن ٿين ٿيون. قرلي اندر استول ۽ سوڪيم شرير، اُتپن ٿين ٿا. ٻالڪ، جوانيءَ ۽ ٻڍاپو پڻ قرني ۾ ئي پرتيت ٿئي ٿو. قرني جي اندر ديش ۽ ڪال جا ڀيد ڏسي ٿو. مطلب تہ ھي رامچندر! جهڙي پرڪار سپني ۾ استريءَ جي سنگہ جو انڀو ڪوڙو آھي، اھڙي پرڪار ھي جيو جنم مرڻ وغيره سنسار جو ڪوڙو انڀو ڪري رھيو آھي.

ٻاھي پرشن ڪي مرڻ وقت سندن قرني ۾ انھن معلوم ٿئي ٿو تہ يم راجا جا دوت ھن کي وٺڻ آيا آھن ۽ ڪيئن ٻڌي ڪٺن مارگہ مان گھليندا ٿيا وڃن جتي ڏسي ٿو تہ ھو تتل واريءَ مان لنگهي رھيو آھي. وري گهاٽي جهنگلن مان گهليو پيو وڃي، جتي ڪنڊن ۾ ڌڪجي رھيو آھي تنھن کان پوءِ ٿڌيءَ برف مان لنگهڻو پيس ٿو وغيره ۽ پھاڙيءَ ۾ ڌرم راجا جي دربار ۾ حاضر ٿئيٿو.

برهم کي اڪي چيتن ۽ اڪي جڙ چئي ٿو سگهجي. انکي اڪي آءُ اڪي لون، نہ هڪ ۽ نہ انيڪ چئي سگهجي ٿو. تنهن هوندي بہ جڙ چيتن وغيره سڀ دوند (جوڙا) برهم جي آسري پرليت ٿي رهيا آهن. هي رامجي! ٻيءَ وستوءَ جي موجود هئڻ سان ئي ”هڪ ۽ ٻن“ جو وهنوار ٿئي ٿو. پر جڏهين برهم کان سواءِ ٻي وستو ئي ڪانهي تہ نہ هڪ ٻڌي ٿو سگهي ۽ نہ ٻہ.

هي رامجي! برهم آڪاش کان بہ وڌيڪ سوڪشم آهي پر انکي شونيہ (سڃ) چئي نٿو سگهجي؛ ڇو تہ هو سڀني پدارٿن جو آڌار ست سروپ آهي. برهم ۾ سڄو جڳت ائين رهي ٿو جيئن ڪاٺيءَ جي ٽڪري ۾ پتليون، تنهن ڪري جيئن ڪاٺيءَ جي ٽڪري کي شونيہ نہ چئي سگهبو تيئن برهم کي بہ شونيہ نہ چئي سگهبو. هي رامجي! برهم کي گيان سروپ يا اگيان سروپ پڻ چئي نٿو سگهجي. ڇو تہ گيان ۽ اگيان جو ڀيد تيستائين پاسي ٿو جيستائين ڀيد جي ڀاونا آهي. بد بدا لهرون تيستائين نظر اچن ٿا جيستائين اسين انهن کي بہ وستو سمجهون ٿا؛ نہ تہ حقيقت ۾ بد بدا لهرون هڪ ئي وستو آهن ڇاڪاڻ جو اهي ٻئي جل جا ئي روپ آهن. ساڳيءَ طرح حقيقت ۾ گيان ۽ اگيان جدا وستو نہ آهن. هڪ برهم ۾ سڀئي ڪلپت آهن. اهڙي پرڪار هي رامجي! برهم جي سروپ جو ورنن شبدن سان ڪري نٿو سگهجي. برهم ادويت ۽ آنند آهي. برهم کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن وستو جي هستي نہ آهي، جنهن ڪري واٽي

ٿو. ڪروڙ روپي ٻڙوا اگني (سمنڊ ۾ رهندڙ باهه) ۽ ويڪ روپي جل کي سڪائي سري روپي سمنڊ کي ناس ڪري ڇڏي ٿي. ڪامديو جيو کي انيڻ پيڙي ٿو جيئن چاڪي ٿون جي ٻيٻر کي پيڙي ناس ڪري ڇڏي ٿو. اهڙي پڪار رامچي! هن جگت ۾ موت جو شڪار اهو ٿي ٻڻي ٿو جيڪو واسنائن آشائن ڪام لوڀ وغيره وڪارن جو داس ٻڻجي ٿو. جنهن هنن وڪارن کي هٽائي، من کي پربرهم ۾ استٿت ڪيو آهي، تنهن کي موت ويجهو اچي نٿو سگهي.

(١٢) پرم برهم

هي رامچي! برهم صرف مهاپرشن جي انڀو ۾ اچي سگهي ٿو، پر ان جو واڻيءَ سان بيان ٿي نٿو سگهي. جنهن ڪري برهم کي "اواچيه" چيو ويو آهي. برهم کي ڄاڻندڙ ٻه ٻئي جي اگيان برهم کي پرگهٽ ڪري نٿو سگهي، جنهن ڪري برهم کي "*اناپيويڪت" چيو ويو آهي. هي رگهنندن! برهم کي اندرين سان ڄاڻي نٿو سگهجي ۽ نڪو انڪي واد وواد (بحث مباحثي) سان ڄاڻي سگهبو. مون توکي اڳ پڻ ٻڌايو آهي ته برهم کي پرتڪش انومان وغيره ڪنهن به ٻئي پرماڻ سان ڄاڻي نٿو سگهجي، فقط انڀو پرماڻ سان ئي ڄاڻي سگهجي ٿو.

---

* نه ظاهر.

نه ديس آهي، نه گيان آهي، نه اگيان آهي. هو سمويدن رهت ۽ چنتائن رهت آهي. هو سنسار جو سڀ کان اتم تتو آهي. سڀني درشٽين جو پرڪاشڪ آهي. سڀني مهمائن جي مهما آهي. ودوانن جو اتم وچار آهي. هو سڀني جيون روپي موتين جو ڌاڳو آهي. پدارٿن ۾ پدارٿ پڻ آهي. ورتمان پدارٿن ۾ ست آهي ۽ ست ۽ است ۾ ستھ سڌ آهي. سڀني وستن ۾ رهندڙ ۽ سڀني ڀاونائن کان رهت آهي. برهم سوکيم وستوءَ کان به سوکيم وستو آهي. ساڳئي وقت ستول وستوءَ کان استول آهي. هو آتم آهي وگيان آهي آنند آهي ڪلياڻ آهي. وديا روپ آهي ۽ انڀي پوم استتي آهي. برهم سڀ جو اپيو روپ انتر آتما آهي. سچي جڳت روپي ترن جو تيل روپي سار آهي. سنسار روپي گهر جو ديپڪ آهي. سرشٽي روپي وڻ جي رس آهي. مايا روپي ڳئن جو پالڻ ڪرڻ وارو گوال آهي. جڳت ۾ وياپڪ هوندي به جڳت کان پري آهي. ان کان سوريه جو پرڪاش پرگهٽ ٿئي ٿو. وشنو آدڪ ديوتائون ان ۾ ائين اڀرن ٿين ٿا جيئن سمنڊ ۾ لهرون.

هي رامچي! جيئن رج ۾ پاڻيءَ جون لهرون نظر اچن ٿيون، تئين برهم ۾ جڳت روپي ترنگ (لهرون) نظر اچن ٿا. سڀني سٽائن جي آڌار ان برهم جي ڪرڻي نيت (نيمن جو سلسلو)، ديش، ڪال، گتي (ڦيرڪ) ۽ ڪريا جي سٽا ڀاسي رهي آهي. گيان سروپ برهم ۾

برهم کي ڄاڻائي نٿي سگهي. ”ڀاو“ جو پد ”اڀاو“ جي ڀيٽ ۾ پنهنجو ارٿ ڄاڻائي ٿو؛ ”انڌڪار“ جو ارٿ ”پرڪاش“ جي ڀيٽ ۾ سڌ ٿئي ٿو؛ ”آنند“ جي ڄاڻ ”دک“ جي ڀيٽ ڪري معلوم ٿئي ٿي، پر برهم هڪ وستو آهي. پرمارٿڪ هستي برهم کان سواءِ ٻي ڪنهن پدارٿ ۾ ڪانهي. تنهن برهم جي ڀيٽ ڪنهن به پدارٿ سان ڪري نٿي سگهجي. اهڙي برهم جو ڪٿن واڻي ڪيئن ڪري سگهندي. آناتم وستن کان جدا ڪري ڄاڻائڻ جي لاءِ ودوانن برهم لاءِ ڪي نالا ڪم آندا آهن، جهڙوڪ درشٽا، ساکي، آتما، پرش، شو، ڪلياڻ، وغيره وغيره *.

هي راهجي! آڪاش جي پرماڻن جي هزارين ڀاڱي ۾ به جا شڌ چن ماتر ستا آهي، سو برهم آهي. اهو نه ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو، نه ڪٿڻ ۾ اچي سگهي ٿو؛ نه اوري آهي، نه پري آهي؛ انجو صرف انڀو ٿي سگهي ٿو. سڀ ڪجهه برهم ئي آهي. سڀ جو آتم آهي؛ سڀ کان نرالو پڻ آهي. هو نه هوا آهي، نه آڪاس آهي ۽ نه بدي آهي نه شونيه (ڪجهه به نه) آهي. تڏهين به سڀني جو آتما آهي. آڪاس کان به سوکيم آهي.

---

* انهن پدن جو واچيه ارٿ برهم کي ڄاڻائي ڪونه سگهندو. انهن جي لکيه ارٿ سان برهم کي ڄاڻي سگهبو. ڏسو تتو گيان عرف پنڇي ڪرڻ صفحه ١٢٣.

سروپ آهي. هي رامچي! جڳت برهم جو وڪاس (ظهورو) آهي. جيئن سمنڊ تي لهرون (لهرن) ٻوندون ۽ ٻڊ ٻڊن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو، تيئن جڳت جي روپ ۾ آتمائي پرگهٽ ٿي رهيو آهي. جو ڪجهه ڦهليل جڳت ٿي نظر اچي ٿو سا سڀ شڌ برهم جي پرتيتي آهي. جهڙي پرڪار چندرڪانت مڻيءَ جي چمڪ چئني طرفن ۾ ڦهليل نظر اچي ٿي، تيئن جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ وڪار رهت آتما جو پرڪاش آهي. نه ڪجهه اُپجي ٿو ۽ نه ڪجهه ناس ٿئي ٿو. جهڙي پرڪار ڪاغذ تي جدا جدا رنگين چترن جو روپ وٺي بيهن ٿا، تيئن برهم جدا جدا پدارٿن جي روپ ۾ پرتيت ٿي رهيو آهي. هي رامچي! وڏي اچرج جي ڳالهه آهي جو شڌ برهم اشڌ روپ ۾، چيتن جڙ روپ ۾، اُوڪاري وڪارروپ ۾، شانت اشانت روپ ۾، ست اسَت روپ ۾، اَدرش درش روپ ۾، انش (ذرن) رهت انش يڪت روپ ۾، ناش رهت ناشوان روپ ۾، پرڪاش وان انڌڪار جي روپ ۾، سوکيم آڪار روپ ۾، ۽ اَدويت دويت روپ ۾ پرتيت ٿي رهيو آهي. هي رامچي! اهڙيءَ حيرت ۾ وجهندڙ رچنا جي شڪتي برهم ۾ اهڙي پرڪار رهيل آهي جهڙي پرڪار مور جي آنيءَ ۾ مور جي کنڀن جا وچتر رنگ موجود رهن ٿا. هي رامچي! جڳت جي ناناپڻي (گهڻائيءَ) جو اثر برهم تتو ۾ اهڙي پرڪار نٿو ٿئي، جهڙيطرح بادلن ڪري آڪاش

سنسار جو اتيمت اڀاو آهي، جيئن ٺيڪ ڏسڻ ۾ اٿين پيو اچي ته جڳت موجود آهي. برهم ۾ شپندن رهت (سامانيه) روپ ۽ شپندن سهت (وشيش) روپ نه آهن. انجو سروپ انيو ۾ تڏهين اچي ٿو جڏهين من جون ورتيون بند ٿي وڃن ٿيون. جيو ڀاو وارو ڦرنو جڏهين شانت ٿي وڃي ٿو تڏهن جا آنند واري استتي رهي ٿي سائي برهم جو سروپ آهي.

برهم جي پرڪاش جو نه آد آهي ۽ نه انت آهي. انکي ڪو به ٻيو پدارٿ پرڪاشي نٿو؛ بلڪ پاڻ سويم پرڪاش آهي ۽ جڳت جي سڀني پدارٿن کي پرڪاشي رهيو آهي. برهم تتو جو انڀو تڏهين ٿو ٿئي جڏهين جيو، سڀاو پوروڪ اڇينيه ۽ من رهت پرم شانت ستا ۾ استت ٿئي ٿو. هي رامچي! چت جي پرڪاش اندر، آڪاس جي اندر، ۽ پدارٿن جي گيان اندر جو پرڪاش آهي اهو برهم جو سروپ ڄاڻ. جاگرت، سپن، سشوپت ۽ ترِيا اوستائن ۾ جو هر ڪال ۾ ششت آهي، آءِ انجي اپاسنا ڪريانٿو. هي رامچي! اهو برهم تتو پرتکيه آدڪ پرماڻن کان پري هئڻ سبب اُن جو ورڻن ٿي نٿو سگهي. اُن جي باري ۾ صرف ايترو ٿي چئي سگهجي ٿو ته هو مهان اُتم، سوکيم، سرو آتمڪ، ست، انڀو ماتر تتو آهي، جو ٿي سڀ ڪجهه آهي. است ۽ ست جو آڌار آهي. هو ڪجهه به نه آهي، تنهن هوندي به سڀ ڪجهه آهي؛ من يا واڻيءَ ۾ اچڻ واري وستو نه آهي. برهم آنند

واچوڙي جي سَتا، هوا جي سَتا کان ڌار نہ آهي، ليڪن جڳت جي سَتا برهم جي سَتا کان ڌار نہ آهي. جهڙيءَ طرح اگنيءَ جي گرمائش اگنيءَ کان ڌار نہ آهي، گل جي سڳنڌ گل کان جدا نہ آهي، مس جي ڪاراڻ مس کان ڌار نہ آهي، مصريءَ جو مِٺاج مصريءَ کان نرالو نہ آهي، ساڳيءَ طرح جڳت آتما کان جدا نہ آهي. جڳت جو آتما ۾ اپو اُهڙي پرڪار آهي جهڙي پرڪار مرچ ۾ تکاڻ، لوڻ ۾ ڪاراڻ، ڪمند ۾ مِٺاڻ، پٿر ۾ سختي، ديوار ۾ جڙتا، پاڻيءَ ۾ دروتا (پاڻائي)، آڪاش ۾ شونيتا (Voidness). هي رامچي! هنن درشٽانتن دوارن تون نشچيہ ڪر تہ جڳت ۽ آتما ۾ ڪوئي ڀيد نہ آهي. جڳت روپي برهم ئي پرڪاش وان ٿي رهيو آهي، جهڙيءَ طرح اسپنڊن (لڏڻ) روپ ۾ هوا، سفيد روپ ۾ سنک ۽ ڪٺن روپ ۾ پهاڙ.

(١٣) جڳت مٿيا آهي

هي رامچي! هيءَ سرشٽي مايا روپ آهي. جڳت جو ڏسجڻ سپني وانگر ڀرم روپ جاڻ. اماڙيءَ کي ڦيرائڻ سان باهہ جو چڪر نظر اچي ٿو؛ جيئن ان چڪر جي پرتيتي مٿيا آهي، ليڪن هن جڳت کي مٿيا سمجهہ.

جا وستو آد ۽ انت ۾ هستي رکي ٿي، اُنکي ٿي ست چئجي ٿو. جا وستو اُنت ۾ نٿي رهي انکي ورتمان (هلندڙ) ڪال ۾ پڻ ست نٿو چئي سگهجي. جا وستو

آلو اٿو نٿي. سپن درشٽا سپني ۾ پرويش ڪرڻ سان
به جيئن پنهنجي اصل سروپ جو لياڳ اٿو ڪري تيئن
جڳت جي پرليءَ هوندي آتما جو اصل سروپ لياڳ
نه ٿو ٿئي.

هي رامچي! سوريه اُديه ٿيڻ سان سڀني سرشٽيءَ ۾ هلچل پيدا ٿي وڃي ٿي، ته به سورج اُن هلچل جو اَڪرتا آهي، ساڳيءَ طرح برهم جي آسري جڳت جي هستي پرتيت ٿئي ٿي ته به برهم اڪرتا آهي. هي رامچي! جڳت جي پرتيتيءَ کي ائين ڄاڻ جئين آڪاش ۾ ٻن چنڊن جي پرتيتي اَڻ هوندي آهي. سپني ۾ زمين پهاڙ، سمنڊ، رستا، رٿ، گهوڙا ڪوچوان وغيره ساري سماج جيئن اڻ هوندي ڀاسي ٿي ساڳيءَ طرح جڳت جي هستي اڻ هوندي ڄاڻ.

هي رامچي! جهڙيءَ طرح گهڙو مٽيءَ جو روپ آهي، فقط نالي ڪري مٽيءَ کان جدا ڀاسي رهيو آهي، ساڳيءَ طرح جڳت نالي ڪري برهم کان جدا ڀاسي رهيو آهي. در حقيقت تون برهم آهين، آءٌ برهم آهيان ۽ سارو جڳت برهم آهي. جيئن پاڻيءَ جو ڪڻ پاڻيءَ جو روپ آهي، ۽ ڪنڊل شبد جو ارٿ سون کان سواءِ ٻيو نه آهي، تيئن جيڪي ڏسجي رهيو آهي سو سڀ برهم آهي. مورکن کي جڳت برهم کان نرالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سمنڊ جون لهرون سمنڊ کان جدا ٿي نٿيون سگهن، تيئن جڳت جا پدارٿ برهم کان ٻاهر نه آهن. جيئن

چا ڏسن ته ٻنهي سو سبز ٽن وڻن جو جهڳٽو بيٺو آهي.
اُتي پهچي ٽن وڻن جي ڇانو ۾ آرامي ٿيا. اهي ٽي
وڻ اهڙي پرڪار جا هئا جو اُنهن مان ٻه ته پيدا ئي
ڪونه ٿيا هوا ۽ ٽئين جو ٻج به ڪونه پوکيو ويو هو.
اتي انهن ٽنهي راجڪنورن آرام ورتو ۽ امبرت جهڙا مٺا
ڦل اتان چني کاڌائون. ڪجهه وقت جي آرام کان پوءِ
ڏينهن تاري گهوڙن تي سوار ٿي اڳتي هليا. هلندي
هلندي چا ڏسن ته ندي ۽ نرمل جل سان پرپور ٽي
نديون پيئون وهن. انهن ندين مان ٻه جل وهت هيون
۽ ٽين سڪل هئي. انهن ندين ۾ ٽنهي راجڪنورن آنند
سان اسنان ڪيو ۽ جل پيتو. وري گهوڙن تي سوار
ٿي اڳتي هليا. هلندي هلندي ڪين شام پئجي ويئي ۽
ٻنهي ڪين هڪ پويش نگر (جنهن جي هستي هلندڙ
وقت ۾ نه هئي) ڏسڻ ۾ آيو. اتي اندر لنگهي ويا ۽
سندن رهڻ لاءِ هڪ ڌرمسالا ۾ ٽي ڪوٺيون مليون، جن
مان ٻه اڃان ٺهيون ئي ڪونه هيون ۽ ٽين کي ڀتيون
ئي ڪونه هيون. اتي رات جو آرام ڪيائون ۽ صبح جو
اٿي ڏندڻ سنان ڪري ٽن برهمڻن کي پوڄن ڪرايائون
جن مان ٻن کي سريرئي ڪونه هو ۽ ٽئين کي وات ڪونه
هو. انهن برهمڻن جدا جدا چانديءَ جي ٽن ٿالهين ۾
ويهي پوڄن ڪيو، جن مان ٻن کي ٿوڻي ڪونه هو
۽ ٽين ٿهي ڪانه هئي. ان پويش نگر ۾ ٽنهي راجڪنورن
سون چانديءَ جو دڪان کوليو جتي سچائيءَ ۽ مٺي

آد ۽ انت ۾ نه آهي انجي سنتا ڪيئن چئجي. جا وستو ست آهي انجو ناس ڪيئن ٿي سگهندو! اهڙي پرڪار هي ويچاروان رام! انهن ٽي يڪتين دواران ويچار ڪرڻ جڳت مٿيا آهي. جيئن رڄ جي ٻاٽيءَ جو انيو مٿيا آهي تيئن جڳت جي پدارٿن جو ڏسڻ اَست آهي. جيڪي ڪي پاسي رهيو آهي سو اهڙيءَ طرح مٿيا آهي جيئن سپني جي استريءَ جو سنجوڳ. جيئن ٻيڙيءَ ۾ ويٺل پرش کي ڪناري جا پدارٿ هلندڙ نظر اچن ٿا تيئن مٿيا گيان ڪري اڻ هوندو جڳت پاسي رهيو آهي. اُنجي سمجهاڻ لاءِ هڪ اِتهاس ٻڌايان ٿو جو ڌيان ڏئي ٻڌ.

پار آڪاڻي - ڪشڪندا ديش جي راجا کي هڪ سندر ٻالڪ اُتپن ٿيو. ان جي سنڀال لاءِ راجا هڪ چتر ٻڌيوان دائيءَ کي رکيو. ٻالڪ جڏهن ڪجهه سمجهه وارو ٿيو تڏهين انکي راتجو هرروز دائي هڪ آڪاڻي ٻڌائيندي هئي. ننڍڪڻ کان پوءِ ٿي هو سمجهندو هو. هڪ ڏينهن دائيءَ کيس هيٺين آڪاڻي ٻڌائي جا ٻالڪ سچي سمجهي ڌيان ڏئي ٻڌڻ لڳو.

هڪ سڇپور نالي نگر آهي. ان ۾ ٽي راجڪمار رهندا هئا، جن مان ٻه اڃان پيدا ئي ڪو نه ٿيا هوا ۽ ٽيون اڃان گرڀ ۾ ئي ڪو نه آيو هو. هڪ وقت دشمن راڄ تي ڪاهي آيو. جنهن ڪري ٽيئي ڄڻا نگر ڇڏي ڀڄي نڪتا. هلندي هلندي بک ۽ اُڃ سبب ٿڪجي پيا.

گاڌيءَ جي ڪٿا

ڪوشل ديش ۾ گاڌيءَ نالي هڪ برهمڻ رهندو هو، جنهن جو آچار ۽ وهنوار بلڪل شڌ ۽ صاف هو. هڪ دفعي هن جي من ۾ ويچار اُپن ٿيو تہ ايشور جي مايا جنهنکي شاستر وچتر ۽ اُچنتيہ يعني جنهنجي باري ۾ من سان ويچار ڪري نہ سگهجي، اهڙي ورڻن ڪن ٿا، اُنکي ڏسان. اهو پڪو پهہ ڪري هن وشنوءَ جي اُپاسنا ڪرڻ شروع ڪئي. گهڻي وقت جي اننيہ ڀڳتيءَ کان پوءِ ڀڳوان وشنوءَ کيس درشن ڏنو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر. اُنتي گاڌيءَ وينتي ڪئي تہ هي ڪرپا نڌان مونکي پنهنجي مايا جو درشن ڪرايو. اُنتي ڀڳوان اُتر ڏنو تہ چڱو ڪنهن وقت ائين ٿيندو. ائين چئي وشنو ڀڳوان انتر ڌيان ٿي ويو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گاڌي برهمڻ گنگا تي سنان ڪرڻ ويو. ڪناري تي ڪپڙا رکي اندر پاڻيءَ ۾ گهڙيو، ۽ ٽٻي ڏيڻ جي ارادي سان مٿو پاڻيءَ ۾ اندر وڌائين تہ کيس وچتر نموني جو انڀو ڀاسي آيو.

هي رامجي! ڪڻ ماتر ٽٻيءَ جي ڪال ۾ اهو گاڌي برهمڻ ڇا ڏسڻ لڳو تہ هو گهر ۾ کٽولي تي بيمار پيو آهي. بيماري وڌندي رهي ٿي ۽ آخر موت جي ليکي ۾ وڃي داخل ٿيو آهي. نيٺ ڏسي ٿو تہ هو مري ويو

زبان سان گواهڪ وڌائيندا رهيا ۽ ڏينهون ڏينهن سندن ڏاڍو وڌندو رهيو. اهڙي پرڪار ٽيئي راجڪنور ان پويشيه لنگر ۾ آنند سان وقت گذاريندا رهيا.

اهڙي پرڪار هي رامچي! هي مٿيا جڳت پڻ مٿين آڪاڻيءَ مثل ڄاڻ. هن جڳت جي استٿي فقط ڪلپنا ۾ ئي آهي.

هن ۾ ڪجهه به سارو وستو ڪانه آهي. من جي ڀرم ڪري جيئن نوڙيءَ ۾ نانگ پرتيت ٿئي ٿو، تيئن من جي سنسڪارن سبب مٿيا جڳت ڀاسي رهيو آهي. بنان ڪنهن ڪارڻ جي جڳت جي اُتپتيءَ جي پرتيتي ٿي رهي آهي. جيئن ڦيري پائڻ سان ڌرتي ۽ ٻيا پدارٿ ڦرندا نظر اچن ٿا تيئن سنڪلپ ڪري مٿيا جڳت پڻ پرتيت ٿئي ٿو. جڳت جي نه اُتپتي ستت آهي، نه هستي ستت آهي ۽ نه ان جو ناس ئي ستت آهي. سنسار جو ڪارڻ اوديا چئي ٿي وڃي. اڻ هونديءَ اوديا جو ڪاريه (effect) ستت وانگر ڀاسي رهيو آهي. جنهن اوديا جي هڪ ڪڻ ماتر به هستي نه آهي سا اوديا برهمانڊ جي رچنا پرتيت ڪرائي رهي آهي. اوديا جو اهو سڀاءُ آهي جو جڏهين ان جي اصل سروپ جو گيان ٿئي ٿو نه وري ڏسڻ ۾ نٿي اچي. اوديا جو ٻيو نالو مايا پڻ آهي. مايا جي سروپ سمجهڻ واسطي هي رامچي! توکي هڪ اتهاس ٻڌايان ٿو سو شروع ڪر.

سنگاسن تي وهاريو. اهڙيءَ طرح اهو چنبال راجائيءَ جا
يوڳ ڀوڳڻ لڳو. استريون ۽ ٻيا پدارٿ سڀ سندس
حاضريءَ ۾ هئا. اهڙيءَ طرح سک جا اٺ ورهيه گذريا
ته هڪ ڏينهن سندس ننڍي هوندي جا چنبال دوست اچي
هن جي ملڪ ۾ نڪتا ۽ راجا جي سواري ٻاهر آئي انهن چنبالن
جي پرسان لنگهي. انهن چنبالن پنهنجي جهوني متر
کي سڃاڻي ورتو ۽ ڏاڍا خوش ٿيڻ لڳا ته سندن متر
راجا ٿيو آهي. سو خوشيءَ ۾ رڙيون ڪندا راجا ڏانهن
ڊوڙندا آيا. سپاهين جي روڪڻ تي به نه هٽيا.
ڇو ته جن جو راجا متر، تنکي سپاهين جو ڪهڙو خوف.
اهڙيءَ طرح عام کي معلوم ٿيو ته سندن راجا اصل چنبال
آهي. اها خبر سڄي راڄ ۾ پکڙجي ويئي. راڻين ۽ راجا
جي ماڻهن کي جڏهين اها خبر پيئي تڏهين چکيائون
ته هاڻي پاڻکي جيئري جلايائون. راجا هيءَ حال ڏسي
بلڪل دکي ٿيو ۽ پاڻ به اگنيءَ ۾ ٽپو ڏنائين ۽ ٻاهر جي
گرمائش ۾ بيهوش ٿي ويو ۽ وري جڏهن هوش ۾ آيو
ته ڏسي ته ٽبي ڏيئي پاڻيءَ کان مٿو ٻاهر ڪڍيو اٿائين.
اهڙي وچتر گهٽنا ڏسي گاڌي برهمڻ حيران ٿي ويو
۽ تحقيقات ڪيائين ته اينترو سمو گذريو هو جيترو ۾ پاڻ
اندر ٽبي ڏني هوائين.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گاڌيءَ جي گهر هڪ مسافر
مهمان ٿي آيو. رات جو انکي پوڄن ڪرائي کانئس
ياترا جو حال احوال وٺڻ لڳو. ياتريءَ چيو ته هي برهمڻ

آهي ۽ پرلوڪ ۾ وڃي واشنائن انوسار ڀوڳي ۽ ڏنڊ جو
انڀو ڪري رهيو آهي. پرلوڪ مان وري هن لوڪ ۾
آيو آهي ۽ هڪ چنڊال جي گهر ۾ جنم ورتو اٿس.
اتي سندس شڪل ڪروپ آهي. اهڙي پرڪار چنڊال
جي گهر ۾ بال اوستا گذاري جڏهن جوين اوستا ۾
آيو تڏهن هڪ بد شڪل چنڊال ڇوڪريءَ سان سندس
شادي ٿي. انسان گڏ گرهست جو سک ڀوڳڻ لڳو ۽
اهڙيءَ طرح وقت گذاريندو رهيو. کيس پٽ ۽ ڌيئر
پڻ اُپڄڻ ٿيون. آخر پيرو ٿيو. هي رامچي! اهڙيءَ طرح
گاڏي پورهڻ پاڻکي چنڊال جي ديهه ۾ انڀو ڪندو رهيو.
وري ڇا ڏسڻ لڳو ته ان ديش ۾ ڏڪار اچي پيو. اَن نه
ملڻ ڪري کي سندس بالڪ مري ويا. سندس استري
پڻ مري ويئي. جنهن ڪري کيس تمام گهڻو شوڪ
ٿيو ۽ روئڻ لڳو. پيٽ پالڻ خاطر اهو ديش ڇڏي
ٻئي ديش ڏانهن هلڻ لڳو. رستي ۾ اچانڪ هڪ هاٿي
کيس سونڊ سان پڪڙي پنهنجي پٺيءَ تي ڪري وهاريو.
اهو هاٿي ان ديش جي راجا جو هو، جو مري ويو هو
۽ ان هاٿيءَ کي ان لاءِ ڇوڙي ڇڏيو ويو هو ته جنهن
پرش کي اهو گرهڻ ڪندو ان کي راجا بنايو ويندو.
ان هاٿيءَ جي پٺيان راج جا منتري ۽ ڪرمچاري پڻ
ويا، جن ڏٺو ته هاٿيءَ هن کي ڪٺي پنهنجي پٺيءَ تي
وهاريو. انتي انهن کيس پرنام ڪيو ۽ انکي هاٿيءَ جي
پٺيءَ تان لاهي سنان ڪرائي، راجائي وستر پهرائي،

جو پدارٿ ڏٺيمس ۾ آهيٺي ڪو نہ اُنجو نالو ڇاجو. هي نشپاپ رام! تون بہ اُنهن پڪتين دوارن نشچہ ڪر تہ هڪ برهم تتو کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ وستوءَ کي هستي ڪانهي. جڏهين اهو ٺـوڪي برابر نشچہ ٿيندو تڏهين اهي سوال ٿي ڪو نہ اٿندا تہ "اوديا ڪٿان آئي"؟ "مايا ڪيئن اُپني؟" "اوديا ڇا ۾ ٿي رهي" ۽ "اوديا جو برهم سان ڪهڙو سنٻنڌ آهي"؟ وغيره وغيره. انڪري جگياسوءَ کي اهڙي پرڪار جي مقاڪت ڇڏي اهوئي خيال رکڻ گهرجي تہ اوديا کي مان ڪهڙي نموني اُورت ڪريان. اهڙي ويچار رکڻ سان آهستي ڪيس مايا جو اصل سروپ سمجهڻ ۾ ايندو ۽ انڀو ٿيندو تہ مايا خواہ اوديا ڪانئي وستو نہ آهي ۽ پر اُپديش ڪارڻ سمجهاڻ جي لاءِ شبدن جي ڪلپنا شاسترڪارن ڪـڙي ڪئي آهي. هي رامجي! جگياسوءَ کي انهن شبدن جي ڪلپنائن ۾ ڦاسڻ نہ گهرجي. اها شبد جي ڪلپنا بہ اُپديش جي سمجهاڻ واسطي اڳيانين لاءِ آهي. گيانوان جي نشچہ ۾ اِئين آهي تہ مايا خواہ اوديا اسٽ ۽ تڇ آهي، ۽ برهم مـايـا خواہ اوديا اپاڌين رهت نروڪار هر ڪال ۾ استٽ آهي.

هي رامجي! هيءَ ڪوڙو جڳت اُن پرش جي بڌيءَ ۾ وجر سمان سٽ ڀاسي رهيو آهي، جنهن کي آلما جـو گيان اُپن نہ ٿيو آهي. جيئن بالڪ کي ڀاڇي جو ڀوت ڏکائيندو آهي، تيئن موڙهہ بڌيءَ واري پرش لاءِ هيءَ

مان گهٽيئي ديش گهمندو آهيان ۽ هتان گهڻو پري اُتر طرف هڪ ديش ۾ اهڙو دل ڏاريندڙ واقعو ڏٺو اٿم جو منهنجي چت لٿان وسري نٿو. اُتي راڻيون ۽ ٻيا ڪيترا پرش جيئري باهه ۾ جليا جو ڪين ٻي خبر پيءِ ۾ اُت سال هڪ راجا سان گڏ رکڻو پيو جو اصل چنڊال هو. چنڊال راجا به دکي ٿي باهه ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ جلايو. اهو سڀو ڪوتڪ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو جتان پرياگ وڃي ترويڻيءَ ۾ سنان ڪري هتي آيو آهيان.

گاڌيءَ کي اهو احوال ٻڌي ڏاڍو اچرج لڳو ۽ اُن استان جي ڏسڻ جي ڪيس اچا ٿي. ياتريءَ کي ساڻ ڪري اُن راڄ ۾ ويو ۽ سڀ نشان اُهي ڏٺائين جنجو پاڻ انڀو ڪيو هوائين. اُتفون ئي وري ڪرياس ديش ۾ ويو جتي پاڻ چنڊال جي روپ ۾ رهيو هو. اُتي به ڪيس سڀ ڳالهيون لڳي آيون جنجو انڀو ڪيو هوائين.

انهن سڀني جو ويچار ڪري سمجهائين ته اهو سڀ مايا جو روپ آهي جو وشنو ڀڳوان ڪيس ڏيکاريو آهي.

هي رامجي! مايا اهڙي اچرج روپ آهي. مايا جو ڪاريه پڻ اچرج جهڙو آهي. جيو کي منجهائي ۽ ڀٽڪائي رهي آهي. ۽ جنهن لٿو وڃنا آتما جو گيان پاتو آهي، انکي انيڻ انڀو ٿئي ٿو ته مايا ۽ مايا جو ڪارڻ استت ۽ ڀرم روپ آهي. شاستر ڪارن مايا ۽ اوديا شبدن جي ڪلپنا به جگياسوءَ کي سمجهائڻ لاءِ ڪئي آهي، نه ته

هي رگهنندن! جنهن جي هردي مان ڀوڳن جي ڀاونا هٽي ويئي آهي، جنهن جو چت سيتل آهي جنهن جي من مان مل (وڪار روپي ميل) ناس ٿي ويئي آهي، جو ورڪت آهي، جنهن آشا جار کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، ان جي واسطي جڳت جو اپرڻ ڪجهه به نه آهي. جنهن جو من ترشنا ۽ موهه کي ٿياڳي سيتل ڀاو ۾ اسٿت ٿيو آهي انجي ٻڌي سنڪلپن ۽ وڪلپن کي ٿياڳي سوکم تتو ۾ اسٿت ٿئي ٿي. جنهن پنهنجي اندر آتما جي سروپ جي ڀاونا پڪي ڪئي آهي ۽ ان ۾ جڳت کي لين ڪري ڇڏيو آهي، انجي لاءِ جنم مرڻ جو ڀرم شانت ٿي ويو آهي. گيان روپي سورج جي پرگهٽ ٿيڻ سان مٿيا ڀرم جي الپن ڪرڻ وارو چت اهڙيءَ طرح ناس ٿي وڃي ٿو جهڙيطرح گيهه جي بوند باهه جي مچ ۾ پوڻ سان ناس ٿي وڃي ٿي. آتما جي گيان سان ڪٿليءَ کان برهما تائين سڄو جڳت لئه ڀاو کي پراپت ڪري ٿو، جيئن سڪل ٻن باهه ۾ جلڻ سان ناس ٿي وڃن ٿا. هي رامجي! گيان سان جڳت جو ناس چوڻ پڻ ٺيڪ اٿو؛ ڇو ته جڳت جڏهين ٽنهي ڪالن ۾ آهيئي ڪونه، تڏهين هنجي نورتي ڪيئن چئبي. جا وستو آهيئي ڪانه تنهن جي نورتي (ناس ٿيڻ) پڻ ٿي نه ٿي سگهي؛ جا وستو است آهي ان جو هجڻ ٿي نٿو سگهي؛ ۽ جا وستو ست آهي انجو اڀاو ٿي نٿو سگهي.

اُڻ هوندو جڳت دک جو ڪارڻ آهي. مرگهه ترشنا جو جل مرگهه کي ڀٽڪائي وياڪل ڪري ٿو ۽ سپني جو روڳ سپني ڏسندڙ کي دکي ڪري ٿو. اهڙي پرڪار هي ڪلپت جڳت مورکن کي دک ڏئي ٿو. ويچاروان پرش لاءِ هي جڳت آڪاش کان به وڌيڪ شونيہ آهي. هي رامجي! تو جهڙي ستوگڻي پرش واسطي مايا جي ڀاونا کي تياڳڻ اهڙو سولو آهي جهڙو نانگ واسطي پراڻي کل لاهڻ.

جيستائين اگيان آهي، تيستائين مايا جي ڪاريہ جڳت جي ستا جي پرتيتي آهي. برهم ڀاونا جي اُتپن ٿيڻ سان جڳت جي ڀاونا اهڙي پرڪار نورت ٿي وڃي ٿي، جهڙي پرڪار ديپڪ جي پرڪاش ٿيڻ سان نوڙيءَ ۾ نانگ جي ڀاونا ناس ٿي وڃي ٿي. هي رامجي! جيستاءِ هردي روپي بن ۾ آشا روپي وڪ جي بوءِ ڦهليل آهي، تيستائين ويچار روپي چڪور جو اُن ۾ پرويش نٿو ٿئي. اهڙي پرڪار جيستائين هردي ۾ اگيان، وشين ۾ پرتيتي ۽ موهه رهندا، تيستاءِ جڳت جي ست پڻي جي ڪلپنا پڻ دور نٿي ٿئي. هي رامجي! اگيات يعني پوريءَ طرح سان نہ سمجهيل اوديائي انت ڪال ٿائي جڳت روپ ۾ اُپيو ۾ اچي ٿي. پرگيات يعني جيئن جو تيئن جاڻل اوديا مرگهه ترشنا جي نديءَ وانگر ترت ئي ناس ٿي وڃي ٿي. سورج پرگهٽ ٿيڻ سان جيئن رات غائب ٿئي ٿي، تيئن گيان جي پرگهٽ ٿيڻ سان اوديا غائب ٿي وڃي ٿي.

آناويو (انگن رهت) انادي، اننت، اکنڊ، چدروپ
هڪ برهم ئي دائم قائم آهي. ٽرڪال ۾ سامانيه سروپ
وارو چيتنا رهت پرڪاش سروپ چن ماتر پرم برهم ئي
شُڌ آهي. ان کان سواءِ ٻيءَ ڪهڙيءَ به وستوءَ جي
هستي نه آهي. نه گيان آهي، نه اوديا آهي؛ نه بنڌن
آهي، نه موکش آهي؛ ورودن (ضدن) رهت شڌ ٻڌ
ٽرڪال ۾ پرڪاش وان آهي. هي رامجي! مون جهڙن
گياتوان جي درشٽيءَ ۾ نه ڪجهه اُتپن ٿئي ٿو؛ نه ڪجهه
ناس ٿئي ٿو. مونکي هڪ شانت؛ اجنما برهم کانسواءِ
ٻيو ڪجهه نظر نٿو اچي. پرم شانت برهم ۾ برهم ئي
استٿت آهي. نه سرشٽي آهي؛ نه سرشٽيءَ جي نالي
واري پدارٿ جي ڪا هستي آهي. نه ڪجهه اُتپن ٿيو
آهي؛ نه ڪجهه ناس ٿئي ٿو. برهم ۾ ڪوبه وڪار نٿو ٿئي.
تنهن جي جاڳندڙن مهاپرشن جي درشٽيءَ ۾ نه سپنو، نه
جاڳرت، نه سکوپت نه ترِيا؛ نه ترِيا اتيت حالتون آهن.
جو ڪجهه آهي سو شانت هڪ رس شڌ برهم ئي آهي.

هي رامجي! اهڙي نرآڪار شڌ برهم کي جڳت
جو اتپتي ڪندڙ ڪوٺڻ، هڪ کل جهڙي ڳالهه آهي.
برهم ڪرتا ڪرڻ ڪارڻ وغيره کان پري آهي. اُنجو
نرڻو واڻي ڪري نٿي سگهي.

اهڙي برهم کي جڳت جو ڪارڻ چوڻ اڻ جاڻائي
آهي. هي رامجي! جڏهين ڪنهن وستوءَ ۾ تبديلي
اچي ٿي تڏهين ٻهرينءَ وستوءَ کي ڪارڻ چئبو ويندو

هي رامجي! آتما جي گيان نيڻ سان جڳت انهن لين ٿي وڃي ٿو جيئن تورڙيءَ جي گيان نيڻ سان نانگ لين ٿي وڃي ٿو. جيئن هوا جون لهرون هوا ۾ لين ٿي وڃن تيئن ئي گيان نيڻ سان جڳت آتما ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

(١٤) اجات واد (سڀ کان اوچو سڌانت).

هي رامجي! درحقيقت جڳت جي هستي آهيئي ڪانه، سڀ ڪجهه درشيه يعني جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ادرش يعني جيڪي ڏسڻ ۾ نٿو اچي، سو سڀ برهم ئي آهي. اگيانين جي درشٽيءَ جو پڪش ڪٽي (خيال وٺي) ۽ انهن جي گيان ڪرائڻ جي لاءِ ودوانن يرم جي ڪلپنا ڪئي آهي. اگيانن جي اُپديش امت مهاتمائن اوديا، جيو ۽ ايشور وغيره جي سروپ جو بيان ڪيو آهي ۽ چاڪاڻ جو ڀيد جي ڪلپنا کان سواءِ اپديش ڪري نٿو سگهجي. شاسترن ۾ برهم مان جو جيو ۽ جڳت جي اُتپتي چئي ويئي آهي سو به اگيانيءَ کي سمجهائڻ خاطر آهي. حقيقت ۾ نه ڪنهن جي اتپتي آهي ۽ نه ڪنهن جو ناس آهي. هڪ چيتن وستو جيئن جو تيئن پنهنجي سروپ ۾ استت آهي.

هي رامجي! اتيانم شاستر جو سڀ کان اوچو سڌانت هي آهي ته نه اوديا جي هستي آهي ۽ نه مايا جي هستي آهي، ڪيول (فقط) شانت برهم ئي سڀ ڪجهه آهي. من جي پڻ ڪا هستي نه آهي. سڀ ڪجهه اَجر اَمر،

واٽيءَ سان ورن ني نٿو سگهي ته پوءِ اهو ورن ڪيئن
ڪري سگهبو ته برهم جڳت جو ڪارڻ آهي. تنهنڪري
نشچيه ڪر ته وڪارن کان پري شد برهم جيئن جو تيئن
پنهنجي سروپ ۾ استٿت آهي. جو پرش ائين چوي ٿو
ته برهم ۾ جڳت اهڙي پرڪار رهي ٿو جهڙي پرڪار ٻج
۾ انگور، سو پنهنجي اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪري ٿو. ڇو ته
آڪار واري ٻج ۾، آڪار واري انگور جو رهڻ ٻڌي
سگهي ٿو، پر شانت سروپ برهم ۾ آڪار واري جڳت
جو رهڻ ٻڌي نٿو سگهي. اندرين ڪري اگوچر برهم ۾
درش جڳت جو رهڻ ٻڌي نٿو سگهي. برهم کان جڳت
ائين پن آهي جيئن آس کان ڇانو، ان ڪري برهم کي
جڳت جو ڪارڻ ڪٿڻ ڪرڻ ڀل آهي. هي رامجي!
جيئن سرهه جي ڏاڙهي اندر سميرو پربت جو هئڻ ناممڪن
آهي تيئن پرم آنند (سوکيم) برهم اندر جڳت جو هئڻ
ٻڌي نٿو سگهي. نروڪار برهم نه ڪنهن جو ٻج ٿي
سگهجي ٿو ۽ نه ان مان ڪنهن پدارٿ جي اتپتي ٻڌي
ٿي سگهي. شد برهم سدائين هڪ رس پنهنجي سروپ
۾ استٿت آهي. ٻج مان جڏهين انگور اتپن ٿئي ٿو
تڏهين ٻج جو ناس ٿي وڃي ٿو، مگر برهم ڪڏهين به
ناس نه ٿو ٿئي. جڏهين ٻج جي هستي آهي تڏهين
انگور نظر ۾ نه ٿو اچي، پر هت ته جڳت نظر ۾ پيو
اچي پوءِ جڳت کي انگور سمان برهم جو ڪاريه ڪيئن
چئي سگهبو. وري ڪو ڪٿي چوي ته برهم ۾ جڳت

۽ ٻيءَ وستوءَ کي ڪاريه ڪونهي ٿو. جيئن ڪير ماڻ
ڏهي ٻڌڻ تي ڪير کي ڪارڻ چئجي ٿو ۽ ڏهيءَ کي
ڪاريه. جيئن ڏهي وري ڪير ڀاو کي پراپت نٿي ڪري
تيئن ڪاريه وري ڪارڻ جي صورت ۾ نٿو اچي. مگر
برهم جڳت جي آد، وچ ۽ انت ۾ هڪ ساڳئي سروپ ۾
قائم آهي. ان ڪري برهم نه ڪنهن جو ڪارڻ ۽ نه
ڪنهن جو ڪاريه چئي سگهجي ٿو. هي رامجي! برهم
شڌ آهي، واحد آهي، ۽ نت آهي، جنهنڪري اتپتي
ورڌي ۽ ناس وغيره ڪنهن به قسم جي تبديلي منجهس
ٿي نٿي سگهي. هي رامجي! برهم اجڙ ۽ اوڪاري آهي.
ان ۾ ڪو به وڪار ٻڌي نٿو سگهي. جڳت روپي وڪارن
جي پرتيتي ڀرم ڪري سمجهڻ گهرجي.

هي رامجي! پرم برهم، اجنما، نت سروپ، آنند
ڪري پري پورڻ آهي. پنهنجي سٺا ۾ اسٿت برهم نه
نه ڪنهن جو ڪارڻ آهي ۽ نه ڪنهن جو ٻج آهي.
ڪاريه جي اتپن ڪرڻ ۾ ڪارڻ جي سهائتا ڪرڻ وارن
پدارٿن جي ضرورت رهي ٿي، جهڙي طرح وڻ اتپن
ڪرڻ لاءِ وڻ جي ٻج کي جل پرٿوي آدڪ جي ضرورت
رهي ٿي. پر برهم کان سواءِ جڏهين ٻئي ڪنهن پدارٿ
جي هستي ڪانه آهي ته پوءِ جڳت روپي ڪاريه جي
اتپن ڪرڻ ۾ سهائتا ڪندڙ پدارٿ ڪٿان لهندا! ارٿات
ڪنهن به طرح برهم کي جڳت جو ڪارڻ چئي نٿو
سگهجي. هي رگهنندن! جڏهين برهم جي سروپ جو

ليڪن هي جڳت پڻ سچ برابر اڻ هوندو آهي. جڳت
جي اسٿولتا جا ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا بلڪل مٿيا آهي،
جهڙيطرح پٽ جو پاڻي مٿيا آهي. پرمارٿ درشن جي
درشٽيءَ ۾ سپن ۽ جاڳرت، سشوپتي ڪجهه به نه آهن.
اهڙي پرڪار هي رامچي! جڳت نه اتپن ٿيو آهي، نه
استت آهي ۽ نه ناس ٿيندو. چيتن ستائي پنهنجو پاڻ
۾ پرڪاشوان رهي ٿي. هي رامچي! هي جيڪو آتم
سڌانت مون توکي ٻڌايو آهي سو اهڙي پرش کي
ٻڌائڻ نه جڳائي جنهن جي ٻڌي وڪارن کان هٽي
نه آهي. جنهن جي ٻڌي اڃان ڀوڳن ۾ آسڪت آهي،
اهڙو پرش هن اپديش کي ٻڌي نقصان طرف پرورت
ٿئي ٿو. جنهن جي چت ۾ ڀوڳن جي اڃا نه آهي ۽
درشٽي اوچي ٿي ويئي اٿس، انهي لاءِ هيءُ اپديش
لاڀدائڪ ٿئي ٿو. ڀورين شش کي شم يعني اندرين کي
روڪڻ، دم يعني من کي روڪڻ، وغيره ساڌنن دوارا
شڌ ڪري پوءِ هيءُ اپديش ڪرڻ گهرجي. جيڪو
آچاريه، پامر خواه وشئي پرش کي هيءُ اپديش ٻڌائي
ٿو سو هنکي هٽ وٺي نرڪ جي طرف پرورت ڪري
ٿو. جنهن جي ٻڌي شڌ ٿي آهي، جنهن جي من مان
ڀوڳن جي اڃا ناس ٿي ويئي آهي، جنهن جون آشائون
ڪم ٿي ويئون آهن، ان مهاتما کي ٿي هيءُ اپديش
ڏيڻ گهرجي.

هميشه رهندڙ آهي، نه اهو ته ٻيءَ ٿي سگهي، ڇو ته
نت وستو کي وڪار وارو ڪڏهين به ڏٺو نه ويو آهي.
اهڙي پرڪار جڳت جو ڪارڻ سٺ ئي ٿي سگهي.

هي رامچي! جنهن ڪاريه جو ڪارڻ نه آهي سو
ڪاريه واستوڪ نه آهي بلڪ درشٽيءَ جوئي ڀاو آهي.
ڪارڻ رهت ڪاريه، جڏهين پرلڪش روپ ۾ ڏسڻ ۾
اچي ٿو ڏهين انکي مرگهه ترشنا جي جل سمان درشٽيءَ
جو ڀرم سمجهڻ گهرجي. انڪري اڪارڻ جڳت ڀڃڻ
ڀرم ماتر جاڻ. جيئن سپني ۾ چت جڳت جو آڪار ڌارڻ
ڪري ٿو تيئن نراڪار آتمائي جڳت جي روپ ۾ پرگهٽ
ٿي رهي آهي.

هي رامچي! جڳت نالي واري وستو نه اتپن ٿئي
آهي، نه استت آهي ۽ نه ناس ٿيندي. جڳت جڏهين
ٽنهي ڪالن ۾ آهيئي ڪونه پوءِ انجي اتپتي ۽ ناس
ڪيئن ٿي سگهيو. جيئن سپني ۾ پرٿوي ڏسجي ٿي
جا درحقيقت آهيئي ڪانه، تيئن هي نشپاپ رام! جڳت
به درحقيقت ڪونه آهي؛ نه متيا پيو آهي ۽ نه ست پيو
آهي. جو آهي سو اجنما چيتن وستو آهي. ڪارڻ جي
اڀاو سبب جڳت نه اتپن ٿيو آهي ۽ نه ناس ٿيندو. جا
وستو اڪارڻ آهي انجي سٺا ٿي نٿي سگهي. جيئن
سون جي ڪنڊل ۾ ڪنڊل پڻي جي سٺا، سون کانسواءِ
نه آهي، تيئن برهم کانسواءِ جڳت جي ڪابه سٺا نه آهي.
جهڙي پرڪار سپني ۾ اڻ هوندي پرٿوي نظر اچي ٿي،

ڏسندي ناس ٿيو وڃن. استرين جي سندرتا پاڻيءَ جي لهرن وانگر چنچل آهي. سنسار جي پدارٿن جو آسرو وٺڻ اهڙو آهي جهڙو سرپن جي ڦڻين جي ڇانيا ۾ ويهي سک جي آشا ڪرڻ. جواني، بادل جي ڇانيا وانگر استر رهڻ واري نه آهي. اهڙيءَ طرح سنسار، جو دکن جو کوه آهي ان ۾ سکن جي آشا ڪيئن ڪري سگهجي!

جهڙي پرڪار ڪل ڦل جو زمين تي ڪرڻ روڪجي نٿو سگهي تيئن موت به اٽر آهي. هرهڪ پل ۾ حياتي ائين ناس ٿيندي وڃي ٿي جيئن ڦٽل گهڙي مان پاڻي وهندو رهندو آهي. پهاڙي نديءَ وانگر جوڀن تيزيءَ سان ڀڄندو وڃي ٿو. مطلب ته هي ناسونت حياتي اهڙي پرڪار ڪوڙي آهي جيئن بازيگر جي ليلا. سنساري سک ڌنش مان ڇٽل باڻ مثل جلد گذري وڃن ٿا. هي رامجي! ويچار ڪرڻ تي سنسار جو وهنوار ڪيوڙي جي ٽڙ مثل سار رهت نظر اچي ٿو. الڪري ڌن استري پٽ وغيره جي پراپتي ٿيڻ تي خوشي ڪرڻ بي سمجهي آهي؛ ڇو ته اهي پدارٿ جيو جو دک نورت ڪري نه ٿا سگهن، جيئن مرگهه ترشنا جي ندي اُڇاڻل جي پياس لاهي نٿي سگهي.

سچو پڇو سک واشنائن جي تياڳ ۾ آهي. جيستائين جيوڪي آشا روپي پوٽلي ڪيلائي رهي آهي، تيستائين ڪيس سچي سک جي پراپتي ٿي نٿي سگهي. جيئن مرگهه ترشنا جي پوميءَ ۾ برف رهي نه ٿي سگهي، تيئن آشائن

(۱۵) پرم آنند

هي رامچي! سڀ پراڻي آنند جي واسطي جتن ڪري رهيا آهن، پر سنساري پدارٿن ۾ آنند ڪٿان آيو. وشين جا ڀوڳ ڪڏهين به سک ڏيڻ وارا نه آهن. اُهي پري کان وڻندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، مگر کڻڻ ماتر ۾ کيڻ ٿي وڃن ٿا. سنسار جا ڀوڳ سنسار ۾ ڦاسائڻ وارا آهن، دک کي پيدا ڪرڻ وارا آهن ۽ ٿوريءَ وقت ۾ ڦري دک جو روپ وٺن ٿا. جيئن باهه جي ججهي مٿان دونهين جي ڪارڻ موجود رهي ٿي، تيئن سنسار جي سڀني سکن جو انت دکن ۾ ٿئي ٿو؛ جهڙوڪ ڀاو (هستي) جو انت اڀاو (نيستي) ۾، سندرتا جو انت ڪروُپتا ۾ ۽ سک جو انت دک ۾. هي رامچي! تتو ويتا پرش ڪنهن به سنساري پدارٿن جي پٺيان نٿو ڊوڙي جو هو استر پدارٿن ۾ چنچلتا ڏسي ٿو. ان ڪي ڪنهن به پدارٿ ۾ رس نظر نٿو اچي. هنجي دشٽيءَ ۾ وشيون وک جي سمان دکدائي آهن؛ استريون ڪام جي جار ۾ ڦاسائڻ واريون آهن؛ سوادن جو انت رس رهت آهي؛ انهنجي چڪر ۾ پئي هي رامچي! ناپوديءَ کان ڪير بچي سگهندو. سنسار ۾ جيتريون سمپتيون (سک وارا پدارٿ) آهن سي آپتيون (مصيبتون) آهن؛ جيڪي سک آهن سي دک جو روپ آهن؛ زندگي مرڻ جي لائق آهي. وشين جا ڀوڳ سرپن جي ڏنگن سمان زهريلا آهن؛ فقط ڇهڻ سان ڏنگي وٺن ٿا. وشين جا ڀوڳ ايترو چنچل آهن جو

(١٦) ٻنڌن ۽ موڪش

هي رامچي! جنهن ٻنڌن کي ناس نہ ڪيو آهي تنهنکي پرمانند جي پراپتي ٿي نٿي سگهي. جڳت جي پدارٿن جي واسنائن جي پڪي ٿيڻ جو ئي نالو "ٻنڌن" آهي. دک ۽ سک جو انڀو ٻنڌن جو ڪارڻ آهي. وڻندڙ پدارٿن جي پراپتيءَ جي اڇا ڪرڻ ۽ اڻ وڻندڙ وستن سان دويش ڪرڻ، انکي ودوانن ٻنڌن ڪوٺيو آهي. * درشيہ جي ستا ۾ وشواس ڪرڻ سو ٻنڌن آهي.

هي رامچي! آشا جي ڦاسيءَ سان ٻڌل ۽ وشين جي نوڙين سان جڪڙيل هئڻ جيو سنسار ۾ اهڙي پرڪار ڀڄي ٿو جيئن پکي ڄاريءَ ۾. جنهن ڏيو پرش پنهنجي واسنا روپي رسيءَ کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪنهن بہ وستو ۾ آسڪتي نہ آهي، جو نہ ڪنهن اوستا ۾ پرسن ٿئي ٿو ۽ نہ ڪنهن حالت ۾ رنج ٿو ٿئي، اهو ڪڏهين بہ ٻنڌن ۾ نہ ٿو اچي. واسنائن روپي ڌاڳي سان جيو موڙکتا سبب پنهنجو پاڻ کي اهڙي پرڪار ٻنڌن ۾ وجهي ٿو جيئن ريشم جو ڪيڙو ڪندو آهي.

هي رامچي! جنهن پنهنجي اندر اها ڀاونا پڪي ڪري ڇڏي آهي تہ صرف ساين ئي هئڻ جو جيو آهيان سو سروگيہ ۽ سرووياپڪ هوندي بہ الپگتا ۽ پريڇنتا کي پراپت ڪري ٿو. جنهن آتما کي محدود سمجهيو آهي تنهن پاڻيهي پاڻکي ٻنڌن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جيڪو

* درشيہ = جيڪي ڏسجي.

ڪري وياڪل چت ۾ آنند جو انڀو ٿي نٿو سگهي، جنهن
مهاپرش جون آشائون نورت ٿي ويئون آهن، انجو من
شانت ٿي ويو آهي. ان جي نظر ۾ سورڳ جو سک بہ
واريءَ جي ڪڻي جي برابر آهي. هي رامچي! آشائن
رهت شانت چت ۾ اندر جو آنند ائين پرڳهٽ ٿئي ٿو
جيئن بادلن هٽي وڃڻ تي چندرما جو پرڪاش ظاهر
ٿئي ٿو.

هي رامچي! جنهن پرش سورڳ جي سک جو انڀو
ڪيو آهي. انجو من هن مرت لوڪ ۾ اُداس رهي ٿو؛
اهڙي پرڪار تتو ويتا پرش جو من وشين ۾ نٿو لڳي
جو هن آتما جي آنند جو مزو چکي ڏٺو آهي. جيئن
ڪو پرش راجائيءَ جي پدوي حاصل ڪري نوڪر ٿيڻ
جي اڇا نٿو ڪري، تيئن گيان ٿيڻ کان پوءِ دنيوي ڀوڳن
جي ڀوڳڻ لاءِ اڇا نٿي ٿئي. جيو لاءِ آتما جو آنند ئي
پرم پرشارت آهي. دنيا جا سڀ سک آتما آنند جي پاڇي
برابر آهن. هي رامچي، آتما آنند جي پراپتي ڪرڻ ئي
جيو جو پرم ڪرتويہ آهي. آتم آنند جي پراپتيءَ کانسواءِ
جيو ڪڏهين بہ پورنتا کي پراپت ڪري نٿو سگهي.
راجائي جي سک کان آتما آنند گهڻو اوچو آهي. پريميءَ
کي پريتم جي ميلاپ ڪري جو آنند ٿئي ٿو انکان آتما
جو سک گهڻو گهڻو آهي. مطلب تہ آتما آنند ئي سار
وستو آهي. وشيہ آنند، ڀڄن آنند وغيره آتما آنند جي
آڀاس برابر آهن.

ڪلي وڃي ٿي تڏهين موڪش جو انڀو ٿئي ٿو. جڏهين سڀ اندريون شانت ٿي وڃن ٿيون ۽ جيو من جي گڻن جو تياڳ ڪري ٿو ۽ برهم جي گڻن جو گرهڻ ڪري ٿو، تڏهين سرووياپڪتا جو انڀو ڪري ٿو. جڏهين جيو اهڙو پڪو نشچو ڪري ٿو تہ پاڻ من ۽ بڌيءَ کان پري آهي تڏهين هن سنسار ساگر مان تري وڃي ٿو. هي رامچي! مڪت پرش هرهنڌ آتما کي ڏسي ٿو ۽ آتما ۾ سڀ ڪجهہ پسي ٿو. آءٌ ڪريان ٿو ۽ آءٌ ڀوڳيان ٿو: اهڙي بڌي سندس ناس ٿي وڃي ٿي. سک ۽ دک کيس سپرش ڪري نٿو سگهي.

هي رامچي! جڏهين جيو جاگرت، سپن ۽ سکوپت ٽنهي اوستائن کان مٿي چڙهي چوٿينءَ اوستا جي آنند جو مزو وٺي ٿو تڏهين هو مڪت چئجي ٿو.

هي رامچي! موڪش ٻن پرڪارن جو آهي، هڪ سديهہ (ديهہ سهت) ۽ ٻيو وديهہ (ديهہ رهت). انهن جو پرڪار هن طرح آهي:- جنهن پرش کي وهنوار ڪندي بہ ڪا واشنا نٿي رهي انکي سديهہ موڪش چئجي ٿو ۽ انکي ئي "جيون مڪت" پڻ چيو وڃي ٿو. جنهن پرش کي ٽنو جو پورت ٿيو آهي ۽ وري جنم وٺڻ جي سنڀاونا (Possibility) نہ آهي ان کي وديهہ مڪت ڪوٺيو وڃي ٿو.

انتي شري رامچندر شنڪا ڪئي تہ هي ڀڳون! جيون مڪت ودوان ۽ وديهہ مڪت مهاپرش جو ڀيد

انهين سمجهي ٿو ته آءُ سرير آهيان ۽ استري ڌن آدڪ پدارٿ منهنجا آهن، اهو اوچار سبب دنيا جون آفتون پنهنجي مٿان نازل ڪري ٿو. سنسار ۾ جنمن جي چڪر ۾ ڦاسڻ جو سبب جيوپڻي جي ڀاونا آهي. جيوپڻي جي ڀاونا بندن آهي ۽ ست چت آنند پوري پورڻ برهم پڻي جي ڀاونا موڪش آهي.

هي رامجي! وچار هيڻ پرش کي دک پراپت ٿئي ٿو ۽ وچار هيڻتا اگيان ڪري ٿئي ٿي. ان ڪري اگيان ئي دک جو ڪارڻ آهي. آتما جي اگيان ڪري شوڪ پراپت ٿئي ٿو ۽ آتما جي گيان ڪري شوڪ دور ٿئي ٿو.

هي رامجي! سڀني اڇائن جي ناس ٿيڻ ڪري چت کيڻ ڀاو کي پراپت ٿئي ٿو. انهن کي ئي تتوويتا پرش موڪش چون ٿا. جڳت کي پرم روپ سمجهي، وشين کي اسار ڄاڻي واسنا رهت استٿيءَ کي نرواڻ چيو وڃي ٿو. نرواڻ اوستا ۾ منش جون ڪريائون انهين شانت ٿي وڃن ٿيون جيئن ديپڪ وسامي وڃي ٿو. من جڏهين چنچلتا کان مڪت ٿئي ٿو تڏهين انکي منوناش چئجي ٿو ۽ انکي ئي موڪش ڪوٺجي ٿو.

جڏهين جڳت جي پدارٿن ۾ ڪجهه سار نظر نه اچي ۽ انهنجي پراپت ڪرڻ جي اڇا من ۾ اٿپن نه ٿئي تڏهين ئي مڪتيءَ جو انڀو ٿئي ٿو. مٿيا گيان ڪري پرم جي ڳنڍي، جا اهم ڀاو ۾ پرتيت ٿي رهي آهي سا جڏهين

ود وان جي آهي. هن پنهنجي اڀياس جي ٻل سان من
کي ناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ واشنائن کي ڪٺ ڪري
ڇڏيو آهي جنهن ڪري انٿي ٻهر پنهنجي سروپ ۾
استٿت آهي.

هي رامچي! ويچار ڪري ڏسبو ته حقيقت ۾ سڌ ٻڌهه
۽ ود ٻڌهه مڪتيءَ ۾ ڪوبه ڀيد نه آهي. جيئن لڳندڙ هوا
۽ شانت هوا ٻنهي جو سروپ ساڳيو آهي.

هي رامچي! سکوپت اوستا کي مڪتي نٿو ڪوٺيو
وڃي، ڇاڪاڻ جو ان اوستا ۾ واشنائن جو ٻج رهي ٿو.
مڪتي ڏيڻ واري ٿريا اوستا آهي جنهن ۾ واشنائون
ناس ٿي وڃن ٿيون. تنهن ڪري سکوپت اوستا پنر جنم
ڏيڻ جو ڪارڻ آهي ۽ ٿريا اوستا جنمن جي چڪر کي
ناس ڪندڙ آهي. باهه، قرض، ويري، موهه ۽ زهر جو
ٿورو انش رهيل به جيئن دک جو ڪارڻ بڻجو پوي تيئن
ذري ماتر واشنائون به جنمن جو ڪارڻ بڻجن ٿيون ۽
ان حالت ۾ مڪتي گهٽجو پوي آهي. واشنائن کي ناس
ڪري ستا ساماڻيه ۾ استٿتي ڪرڻ کي موکش چئجي ٿو.
سجڻن پرشن سان ويچار ڪري، شاسترن جو اڌين ڪري،
اڌ ياتم ڀاونا دوارا جو برهم جو انڀؤ ٿئي ٿو تنهن کي
موکش چئجي ٿو.

هي رامچي! بنڌن ۽ موکش اها اگيانين جي ڪوڙي
ڪلپنا آهي. درحقيقت نه بنڌن آهي نه موکش آهي.
بنڌن ۽ موکش جو ڀيد اگيانيءَ جي لاءِ آهي؛ گيان-وان

مون پوري ءَ طرح سان نہ سمجھيو آهي. ڪرپا ڪري ڪولي سمجھايو. ان تي شري وسشٺ مهراج فرمائڻ لڳا تہ هي رامچي، ان جي سمجھائڻ لاءِ آءٌ توکي هڪ درشٽانت ڏيان ٿو. تون هڪ ڪٽيا ۾ ويٺو آهين جتي اندڪار لڳو پيو آهي. ڪنهن ويچار ۾ ويٺي ويٺي تون پنهنجي هٿ مان منبدي لاهي پرسان رکين ٿو؛ وري ذري ڪان پوءِ هٿن ڦيرڻ سان توکان اُها لڀي نہ سگهي؛ ان مهل پرڪاش ڪري ٿو ڏسو تہ منبدي پرسان پيئي آهي. پرڪاش جي ناس ٿي وڃڻ ڪان پوءِ بہ توکي خاطري رهي تہ منبدي ان ڪٽيا ۾ موجود آهي. اهڙي حالت وديهہ مڪت پرش جي آهي. هن اپياس ڪري آتما جو ساکياتڪار ڪيو آهي. وري جڏهين وهنوار ڪري ٿو اوقت سندس ورتي اناتمڪار رهي ٿي. اهڙي پرش جو مرڻ ڪان پوءِ وري جنم نٿو ٿئي. ان ڪري ڪيس وديهہ مڪت چيو وڃي ٿو. جهڙي طرح پڳل اَن جو داڻو ڌرڻ ۾ پين اَن جي داڻن وانگر آهي، پر ان مان سلو اڀپن ڪري نٿو سگهجي، تيئن وديهہ مڪت ودوان جا ڪرم سندس ٻئو جنم جو ڪارڻ بڻجي نہ ٿا سگهن.

هي رامچي! مٿين درشٽانت ۾ پرڪاش جي آسري منبدي ڏسڻ ڪان پوءِ سمجھہ تہ پرڪاش ناس نٿو ٿئي تہ پوءِ تون هر وقت ان منبديءَ کي پنهنجي سامهون ڏسندو رهندين. اهڙي ساڳي حالت جيون مڪت

ناس ٿي وڃن ٿا، ۽ کيس جيون مڪتيءَ جو انڀو ٿئي ٿو.
گيانوان کي ئي پرمانند جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ هو سنسار ۾
غوطا نٿو کائي. گياني سکي رهي ٿو، گياني ٻلوان ٿئي
ٿو ۽ گياني جيئرو رهي ٿو. انڪري هي سپوت رام!
تون بہ گياني ٿيءُ. گيان سان سڀني ڏکن جي شانتي ٿي
وڃي ٿي. گيان سان اگيان مٽجي وڃي ٿو. گيان سان
پرم سڌي پراپت ٿئي ٿي. جيئن وڪ جي اُٿو لهي وڃڻ
ڪري وشوچڪا جو روڳ شانت ٿي وڃي ٿو، تيئن
آتما جي گيان سان سڀ ڏک ناس ٿي وڃن ٿا. انيڪ
پرڪارن جي آفتن ۽ مشڪلاتن کي گيان ڏواران پار ڪري
سگهجي ٿو. گيان ۽ شم (من کي شانت ڪرڻ) سان هي
جيو برهم روپ ٿي وڃي ٿو. گيان کان سواءِ هي جيو
جڳت ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو.

انڪري هي رام! آتما جي پوڄا ڪر، آتما جي
آراڌنا ڪر، آتما جو درشن ڪر ۽ آتما ۾ ئي استٿت رهہ.
من کي نگرہ (قابو) ڪرڻ سان آتما جو درشن ٿئي ٿو،
جيئن صاف نيل زمين مان اَن اُپن ٿئي ٿو. وشنو
آدڪ ديوتائن جي ڀڳتي انهن پرشن کي شڀ مارگن تي
آڻڻ لاءِ چئي ويئي آهي، جيڪي مورک آهن ۽ اڌياتم
شاستر، پرشارٿ ۽ ويچار کان پري پيل ٿا. جيڪڏهن
ڪنهن کي وشنو ديوتا کي پرشن ڪرڻو آهي تہ پنهنجي
من کي شڌ ڇو نہ ٿو ڪري، ڇو تہ سڀني پراڻين جي
هردي ۾ وشنو (آتما) جو نواس آهي. پنهنجي اندر وشنوءَ

جي واسطي نہ آهي. هي رامچي، شل آتما بندن ۾ ڪيئن اچي سگهندو! جيئن ڪلپنا ۾ بندن آهي تيئن ڪلپنا ۾ ئي موڪش آهي. واستو ۾ نہ بندن آهي نہ موڪش آهي.

(١٧) موڪش جو اپاءِ گيان آهي

هي رامچي! جيتوڻيڪ بندن ڪلپنا ۾ ئي آهي ۽ حقيقت ۾ ڪونہ آهي تہ بہ اگيانين جي لاءِ اهڙو سخت آهي جهڙو اگيانيءَ جـو اهم پاڻ يا جڳت جي پرتيتي ان جي درشٽيءَ ۾ سچا آهن. ان ڪري موڪش پراپتيءَ جو جتن ڪرڻ اگيانيءَ واسطي لازمي آهي. موڪش جو اپاءِ گيان کان سواءِ ٻيو ڪونہ آهي. ٻن ۾ نواس ڪرڻ يا سوبر ڪي ڪشٽ ڏيڻ يا ڪرياڻن جو تياڳ ڪرڻ سان موڪش نہ ٿو ملي ۽ نہ وري ڪنهن خاص ڪريا ڪري تيرٿن تي اسنان ڪرڻ يا دان ڪرڻ سان موڪش پراپت ٿئي ٿو. ودياءَ، ڌيان، يوگ، تپ، يگيہ، ڪرم، ڏن، متر اٿوا ٻڌئو موڪش ڏيئي نٿا سگهن. شاستر، گرو ۽ ايشور اُپاسنا سان بہ موڪش حاصل ٿي نٿو سگهي. تپ ۽ تيرٿ وغيره سان سرڳ جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ نہ موڪش جي. انڪري هي رامچي! تون منهنجي وچن تي وشواس ڪر تہ گيان کان سواءِ ٻيو موڪش جو اپاءِ نہ آهي.

هي رامچي! پڙي وان پرش گيان روپي ٻيڙيءَ سان مها ڪٺن سنسار ساگر آسانيءَ سان پار ڪري وڃي ٿو. مٿيا گيان جو نالوئي جڳت آهي. سو گيان سان ئي شانت ٿئي ٿو. آتما جي پرتڪش گيان سان جيو جا دک

بناوٽي ديوتائن جي وڏي مورت ڪئي ويئي آهي. آتم ديو سڀ جڳهه موجود آهي ۽ گيان روپ ۾ سڀني پراڻين جي اندر آهي. انڪري ان جي پوڄا لاءِ ڪنهن سامگريءَ خواهه منتر وغيره جي ضرورت نه آهي. آتم ديو جي پوڄا لاءِ نه ڌوپ جي، نه ڦلن جي، نه چندن جي نه ڪپور جي، نه ڪيسر جي ۽ نه پوڄه لڳائڻ جي ڪا ضرورت آهي. ان جي پوڄا لاءِ فقط هڪڙي وڌي آهي، جا آهي ان جو ڌيان. ان وڌيءَ ۾ ڪنهن به پرڪار جو ڪليش نه آهي. بلڪ ان پرڪار جو ڌيان سيتلتا جي ڏيڻ وارو امرت سمان آهي. آتما جو ڌيان ئي سڀ کان وڏي اپاسنا آهي ۽ سڀ کان اتم پوڄا آهي. شم (اندرين جو روڪڻ) ۽ وچار روپي ڦولن دوارن آتما جي پوڄا ڪرڻ ئي اصلي پوڄا آهي. ڪنهن آڪار جي پوڄا ڪرڻ واستوڪ پوڄا نه آهي. هلندي، چلندي، ڏسندي، ٻڌندي، ڇهندي، سنگهندي مطلب ته سڀني ڪريائن ڪندي، آتما جو ڌيان قائم رکڻ گهرجي. هي رامجي! آتم ديو جو ڌيان روپي امرت سان پوڄن ڪر. آتم ديو لاءِ ڌيان ئي ارگهه آهي، ۽ ڌيان ئي ان لاءِ ڦول وغيره سامگري آهي. ان ڪري هي وچاروان رام! تون به ڌيان جو آسرو وٺ. ڌيان کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن به وڌيءَ سان آتما جي پراپتي نه ٿي ٿئي. هي رامجي! آتما جي پوڄا لاءِ ڪنهن به خاص سامگريءَ جي ضرورت نه آهي. آسڪتيءَ رهت ٿي کائڻ پيئڻ وغيره ڪريائن ڪرڻ سان آتما جو پوڄن ٿي سگهي ٿو.

کي ڇڏي جيڪو ٻاهر وشنوءَ جي تلاش ڪري ٿو سو نيچ پرش آهي.

هي رامچي! سنسار ۽ سنسار جي رچڻ واري مايا، آتما جي گيان ڪري شانت ٿين ٿا. ان لاءِ ٻيو ڪو بـ اپاءُ ڪونهي. آراڌنا ڪرڻ سان وشنو ڀڳوان ڪٿي پرشن بہ ٿئي پر ويچار نہ ڪرڻ واري پرش کي وشنو بہ گيان ڏيئي نٿو سگهي. جيڪي پنهنجي من کي وس ڪرڻ سان ۽ آتما کي جاڻڻ سان سڌ ٿئي ٿو، سو نہ ڌن سان، نہ گرو کان ۽ نہ هوي ڪان ملي سگهي ٿو. جيڪڏهين گرو وغيرہ جي جگياسوءَ جي پرشارت کان سواءِ ان جـو اڌار ڪري سگهن ٿا تہ پوءِ اُٺ، هاٿيءَ ۽ ٻيل جو اڌار ڇو نہ ٿا ڪن. مطلب تہ جگياسوءَ کي گهرجي تہ ٻيا آسرا سڀ ڇڏي پربل پرشارت ڪري آتما کي جاڻي.

ايشور، شو، وشنو، برهما ۽ سوري، اهي سڀ چن ماتر آتما ۾ سمايل آهن ۽ آتما کان ٻاهر نہ آهن. پنهنجي هردي روپي غفا ۾ رهندڙ ايشور کي ڇڏي جيڪو پرش ٻئي ايشور جي تلاش ڪري ٿو سو ڄڻ تہ چنتامڻيءَ کي ڇڏي معمولي عاج جي ٽڪري جي تلاش ۾ اجايو ڀٽڪي ٿو. ديون جي ديو پرم پرماتما جي پراپتي گيان دواران ئي ٿي سگهي ٿي. گيان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ساڌن سان آتما کي پراپت ڪري نٿو سگهجي.

هي رامچي! جن جي ٻڌي نرمل نہ ٿي آهي ۽ جن جو چت چنچل آهي، فقط انهن جي لاءِ ئي ٻاهرين

هي رگهنندن! جڏهين ٻنهي لوڪن ۾ چيتن آتما کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٿيوئي ڪونه آهي، تڏهين دشمن ۽ دوست ڪنهن کي چوان! ڏيهه جو جيڪڏهين سڀ ڪجهه وڃي ته آتما جو ڇا ويندو! آتما ته سڀ ڪنهن هنڌ پورڻ آهي، تنهنڪري سرير جي ڏک کان ڪو به ڏک نٿو ٿئي. مگر هيءُ مورک چت، ڏک کي چيتي پاڻيهي ڏکي ٿئي ٿو. مان پرڪاش روپ دوندن کان رهت ساکي روپ آهيان. ڪريا ۽ ڀوڳ جو صرف درشٽا ماتر نراميه (بنا ڏک) ۽ ڪلنا جي ڪلنڪ کان رهت آهيان. سرير، اندريون من ۽ جڳت مون ۾ آڀاس (عڪس) وانگر آهن، مگر مان نت پرڪاش روپ آڀاس کان پري، ادويت روپ آهيان.

هي رامجي! جنهن هن سمجهه کي حاصل ڪيو آهي ان لاءِ هن سنسار ۾ گرهڻ ڪرڻ ۽ تياڳ ڪرڻ لائق ڪا به وستو ڪانه رهي آهي. تياڳڻ اُن وستوءَ جو ٿئي ٿو جا وستو اڻ وڻندڙ آهي ۽ گرهڻ ان وستوءَ جو ٿئي ٿو جا اڳي پراپت نه هجي. مگر آتما کان الڳ ته ڪا به وستو ڪانهي، تنهنڪري آتما ۾ گرهڻ ۽ تياڳ ڪنهن جو ٿئي ۽ موکش جي اڇا ڪيئن بڻي! ڇو ته جنهن کي بندن ٿئي، موکش جي اڇا به تنهنکي ٿي ٿئي. پر آتما ۾ بندن آهيئي ڪونه ته ان ۾ موکش جي اڇا ڪيئن ٿيندي! مطلب ته هي رامجي! بندن ۽ موکش به ٻالڪن جي کيل برابر آهي. درحقيقت نه ڪو بندن

ميلن هٽڻ کي صاف ٿي ڪري. اهڙيءَ طرح جڏهين سانوڪي اوديا سان ناسي اوديا ڪيڻ ٿي وڃي ٿي، تڏهين آتما جي سروپ جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهو ٿئي ٿو ته اوديا پڻ ڀرم ڪري ڀاسي رهي آهي ۽ در حقيقت هڪ ست چت آنند آتمائي جت ڪٿ استت ٿي رهيو آهي.

(١٨) آتم پد

هي رامجي! ست ئي لوڪ چڻ مانر روپ آهن. مان به چيتن آهيان ۽ دشائون به چيتن روپ آهن. مطلب ته استي، ڀانتي، پريه روپ چيتن مانر ڪان ئي نامروپ واري جڳت جي ستاسفرتي (هلڻچلڻ ۽ جاڻ) ڀاسي رهي آهي. هيءَ جو سورج آهي تنهن ۾ پڻ چيتن ڪان ئي سورج جو پاڻ ڀاسي ٿو؛ ۽ پرٿوي کي به جيڪڏهين چيتن ستا سفرتي نه ڏئي ته پرٿوي جو پاڻ ڪونه ڀاسي. سڀ اندريون ۽ مَن پڻ چيتن جي ستا ۽ ڀانتا پائي پرتيت ٿي رهيا آهن. اهڙيءَ طرح اندر ٻاهر، هيٺ مٿي، اوري پري، سڀ چيتن ئي آهي. تون ۽ مان جو پاڻ پڻ آتما ڪان ئي شڪتي ٿيو آهي. چيتن ئي سڀني اندرين سان ملي سڀني وشين جو سپرش ڪري ٿو، ته به وشين جي سنگ ڪان نرليپ آهي. سورج چندرما، ديوتا دئيت استاور (چرندڙ) جنگم (نه چرندڙ) سڀ جيو هڪ ئي ادويت چيتن جو سروپ آهن. دويت ڪلنا جي هستي ڪجهه به نه آهي.

سک جو ڪارڻ آهي. تنهن سوڀ جي سک دک کان هو سگهي دکي ٿيو ٿئي. مگر اڳياني پرشن لاءِ سوڀ ايڪ دکن جو ڪارڻ ٿئي ٿو. چاڪاڻ جو سوڀ جي ناس ٿيڻ ڪري هو ٻاڻ کي ناس ٿيل مڃين ٿا. مگر گياناوان ٻاڻ کي سوڀ کان الڳ مڃي سوڀ نگر جو ٻنان ڪٽڪي راڄ ڪريٿو. ڪام، ڪروڌ، مان، موهه آدڪ اڳيان روپي ديس جي رهاڪن کي پنهنجي نگر ۾ اچڻ ٿيو ڏئي. گياناوان جي نگر ۾ اُدارتا، ڌيرج، سنتوش، ويراڳ، سمتا، مئتري ۽ مدتا روپي پرجا رهي ٿي، جنهن مان هو سدائين آنندوان رهي ٿو. جهڙيءَ طرح ٻن کي ٻاهر لڳڻ ڪري ٻن جو آڪاش سڙي ٿو سگهي تهڙي پرڪار گياناوان جي ديهه ناس ٿيڻ ڪري گيانيءَ کي ڪو ٻه دک ٿيو ٿئي. هو جيئن جو تيئن پنهنجي سروپ ۾ استٿت رهي ٿو. آتما اپو ناس يا تبديل ٿيڻ وارو نه آهي. آتما اپو ڪنهن خاص حالت جو تالو نه آهي. جنهن هڪ وار آتما جو درشن ڪيو آهي سو سدائين اُن پد ۾ استٿت رهي ٿو جو پورڻ آهي، شانت آهي، اننت آهي ۽ اکنڊ آهي. گياناوان جيتوڻيڪ سريرڌاري آهي تڏهين به سريرَ سان انجو سنبنڌ نه آهي، جيئن آڪاش دلي جي سنبنڌ کان آجو آهي. گياناوان سڀني ڪرمن جو ڪرتا هوندي به ڪرم ۾ ليپائمان ٿيو ٿئي ۽ سدائين هڪ آتم ديو جي رس ۾ پريل رهي ٿو. هو پنهنجي اُپو ۾ هيڪڙائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ٿيو ڏسي. هي راماجي! جهڙي پرڪار

آهي نڪو موڪش آهي. بنڌن ۽ موڪش جي ڪلپنا جنهن موڪتا کان ٿئي ٿي سا موڪتا آتما جي گيان سان مٽجي وڃي ٿي. جنهن آتما جو گيان پاتو آهي، تنهن کي ڌيان لڳائڻ مان ڪهڙو پريوجن! هنکي نڪا پرم تتو جي اڇا آهي، نڪا وديهه مڪتيءَ جي اڇا آهي؛ هو نه موئي ٿو، نه جيئي ٿو؛ نه ست آهي، نه اسٽ آهي؛ نه سکي آهي، نه دکي آهي. هي رامجي! تون پڻ آتم نشٺي کي ڌارڻ ڪر ته سڀ ۾ مان ئي آهيان. انهيءَ نشٺي ڌارڻ سان تون پرم پد کي حاصل ڪندين. هن جڳت جا ڀوڳ تڇه آهن، تن کي تياڳ ڪري پنهنجي سروپ ۾ اسٿت ره. جڳت جو پرپنچ، جو طرح طرح وڪارن سان ڀاسي رهيو آهي، سو مٿيا آهي. جنهن پرش جو من سنسار ڏانهن ڊوڙي ٿو سو هن من جي ڳنڍ ۾ ٻڌي وڃي ٿو. تنهن ڪري هي رگهننڊن! تون پنهنجي من کي هردي ۾ اسٿت رک ته جڳت جو ڦهلاءُ تنهنجي اڳيان مٽجي وڃي. تون ڪلپنا رهت آهين؛ تنهن ڪري پنهنجي، پرائي ڪلپنا کي تياڳ ڪر، جو ته اها ڪلپنا مٿيا آهي. اسٿاور (غير متحرڪ) ۽ جنگم (متحرڪ) سڀ جڳت تو ۾ پوتل آهي. تون نت شڌ ٻڌ روپ ڀرم کان رهت آهين. تون ڪيول سروپ جڳت جو ناٿ ۽ چيتن سورج سڀني کي پرڪاش ڪندڙ آهين.

(۱۹) گيانوان

هي رامجي! گيانوان کي سرير روپي نگر وڏي

ناڳ جي زهر کان هڪڙي ئي جنم ۾ موت ٿئي ٿو، پر سنسار روپي زهر کان اننت جنمن کان موٽيو ٿيندو رهي ٿو ۽ ڪڏهن به شانت حاصل نٿي ٿئي. منش کي شانت ۽ آنند جو اپيو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو پاڻ کي ستا سامانيه ۾ استر ڪري ڇڏي ٿو. جيسين جيو وڪاروان نانا پدارٿن ۾ پنهنجو اهم ڀاو رکي ٿو تيسين اُن کي شانتي ۽ پرم آنند جي پراپتي ٿيڻ جي نه آهي. گياناون جيتوڻيڪ وهنوار ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته به سدائين آنند ۾ مگهن آهي، ڇاڪاڻ جو اُن گيان روپي زره پاتي آهي، جنهنڪري سنسار جو ڪو به دک اُنکي گهايل ڪري نٿو سگهي. هي رامجي! اگيان روپي مينگهه کان پيدا ٿيل، موهه روپي ڪوهيڙو گيان روپي سورج جي رت کان ناس ٿي وڃي ٿو، تنهنکان پوءِ گياناون پنهنجي ستا کي پائي پنهنجي آنند سان پورڻ رهي ٿو. جهڙي پرڪار چندرما جي منڊل ۾ گرمي نٿي ٿئي تهڙيطرح آتم گيان ٿيڻ سان سڀ دک مٽجي وڃن ٿا.

هي رامجي! جنهن پرش پرمارٿ جي وات ڇڏي ڏني آهي ۽ سنسار جي ڪاڻ پيڻ آدڪ ڀوڳن ۾ مست ٿي رهيو آهي تنهن کي تون ڏيڏر وانگر ڄاڻ جو چڪڻ ۾ ٽان ٽان ڪندو رهندو آهي. اگياني پرش جو هردي ڪنول تيسيتاءِ ڪوماڻو رهي ٿو، جيستاءِ ترشنا روپي رات مٽي نه آهي. جيڪو آتم پرش آهي، سو واشنائن

جاڻوا ٿي ايڪ استريون ۽ پرش اچي گڏجن ٿا ۽ پاڻ ۾ ڪٺا ٿي اُن وهن ٿا پر هڪ ٻئي جي موهه ۾ نه ٿا ڦٽجن تهڙيطرح گيانوان سنسار کي مسافرخانو ڄاڻي سنسار جي پدارٿن ۾ چت نٿو لڳائي. اهڙي پرش جون سڀ واسنائون ناس ٿي وڃن ٿيون ۽ چڪرولي راجا وانگر سوڀياوان رهي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪو پرش استريءَ جي وس ٿي وڃي، ۽ استري ان جي مٿان قابو رهي اُنکي پڪائي نه اُنکي ڏسي پيا منش کلن ٿا، تهڙيطرح گياني پرش ڀوڳن جي ترشنا وارن جيون کي دکي ۽ دين ڏسي کلي ٿو.

هي رامچي! جنهن پرش ست سنگ ۽ ست شاستر دواران آتم پد کي پاتو آهي سو سکي ٿيو آهي. هو موٽي ڪڏهن به دک نٿو پائي؛ ڇو نه دک ديهه جي ايمان کان ٿئي ٿو؛ سو ديهه جو ايمان هن تياڳي ڇڏيو آهي. جنهن ديهه جو ايمان تياڳي ڇڏيو آهي سو موٽي ديهه جي بنڌن ۾ نٿو پوي. هي رامچي! جنهن ويچار دواران آتم پد پاتو آهي، سو اَبناسي آنند سان سدائين پورن رهيٿو؛ سو ساري جڳت کي آنند روپ ڄاڻي ٿو. جي سم دشٽي نه آهن، تن کي جڳت انرت (دک) روپ ڀاسي ٿو.

هي رگهنندن! سنسار روپي نانگ اگيانين جي هردي روپي ٻر ۾ گهري ويو آهي؛ سو * جوڳ روپي منتر کان سواء ٻئي ڪنهن به اپاء سان نڪري نٿو سگهي.

---

* گيان يوگ.

وڃي ٿو، تهڙيطرح اڄاڻ ناس ٿيڻ ڪري اُن پرش جو من نرواڻ ٿي وڃي ٿو.

هي رامجي! گياناوان جو آسڻ سدائين ويڪ روپي بڻ ۾ آهي؛ ۽ پوڻ روپي باغ ۾ سندس گهمڻ گهتڻ ٿئي ٿو. هن سڀ ڪان اليت پد حاصل ڪيو آهي ۽ سندس انتهڪرڻ سدائين پورڻماسيءَ جي چنڊ مان وانگر سيتل رهي ٿو.

(٢٠) اڀياس

هي رامجي! هن شاستر جو اڌين هڪڙا ماڻهو لوڪن ڪان مان ملڻ جي اڇا سان ڪن ٿا، ٻيا اُدڌپورنا لاءِ ۽ ڪي وري يوڳن جي پراپتيءَ لاءِ. هنن ٽنهي پرڪارن جي پرشن کي ٻنڌ گياني چيو وڃي ٿو. اهڙي پرش جي پيت ۾ آءِ اگياني پرش کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو.

هي رامجي! سچو گياني اهو آهي جو آتما جو اپديش پائي آتما جي چنتن ۾ ايتري قدر مجو ٿي وڃي ٿو جو آتما کان سواءِ من ۽ سرير جي ڪيس خبر نٿي پوي. جنهن جو چت اُچت ٿي وڃي ٿو ۽ ڪرم ڪرڻ وقت ڦل جي واشنا نٿي رهيس، انکي گياني ڄاڻ. هي رامجي! گياناوان جي من جون اڄاڻون ۽ هنجي شانتي بناوٽي نه آهي پر حقيقي آهي. اُنجو کاڌو پيتو ۽ ڏيتي ليتي صرف سرير جي نرواهه لاءِ آهي. جهڙو جهڙو موقعو بڻي اچي ٿو اُن موجب بنا ڪنهن واشنا جي ورتاءُ ڪري ٿو.

جو تياڳ ڪري ست سنگ ۽ ست شاستر جي ويچار سان پرم آنند روپ ترپتي پد کي پائيندو. جهڙي طرح زهر کي زهر ڄاڻي به جيڪو اُنکي کائي ٿو سو ناس ٿي ويندو، تهڙيطرح جو پرش سنسار کي اَست ڄاڻي، موٽي سنسار ۾ موهه ڪريندو سو ناس ٿي ويندو. هي رگهنندن! هن جيو جو ڪلياڻ، پائو، پٽ، مترُ، اولاد، ڌن ۽ دتو ڪان ٿيندو نه آهي؛ فقط هڪ من جي جيتڻ سان ڪلياڻ پائو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هي سنسار من جي منوت ڪان اُپجيو آهي. آتم گيان روپي هڪ وڻ آهي جنهن جا شانت روپي ڦل آهن. جنهن پرش کي اهڙو گيان پراپت ٿيو آهي سو شانت وارو ٿي سدائين نرليپ رهندو؛ هنکي سنسار جو ڀاءُ اُڀاءُ ڪجهه به ڄاڻڻ ۾ نٿو اچي.

هي رامچي! جهڙي طرح ننڊ ۾ سمهيل پرش کي جو سپني جو جڳت ڏسڻ ۾ اچيندو، سو اُن وٽ وينل ٻئي جاڳندڙ پرش لاءِ آڪاس روپ شونيه (Void) ڄاڻڻ ۾ اچيندو، اُن وانگر جنهن پرش کي سڀ جڳت آڪاش روپ ڄاڻڻ ۾ اچيندو تنهن کي واشنا ڪيئن ٿينديِ! ۽ جڏهن واشنا نٿي رهي تڏهن مـن اُپشم (شانت) ٿـي ويندو. اهڙي پرش جي ورتڻ رڳو ڏسڻ ماتر ٿئي ٿي پر من ۾ ارت روپ ڪامنا نٿي رهيس. جيئن باهه جو چترُ رڳو ڏسڻ ماتر ٿئي ٿو، مگر اُن مان باهه جو ڪو به ارٿ سڌ نٿو ٿئي، جهڙيطرح تيل ڪان سواءِ ديپڪ وسامي

هي رامچي! اَننت آتم تتو جو وچار ڪري من کي تن ميءَ بنائڻ جو جتن ڪندي ڪندي من استر ٿي ويٺو. جهڙيطرح ٻ-وسانت پورڻ ڪري نديون ٻڻجي پون نديون جي سمنڊ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ٿيون تيئن من پڻ برهم جي ڀاونا ڪندي برهم ۾ لين ٿي برهم جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو. هي رامچي! آڪاش ۾ رنگن مثل جڳت جا پدارٿ پڻ اڻ هوندا آهن. اهڙي پرڪار جي پدارٿن جي اَڀاو جي ڀاونا جي اڀياس سان راڳ، دويش آدڪ وڪار نرمول ٿي وڃن ٿا ۽ من سماڌيءَ ۾ مگهن ٿي ويٺو. جيستاءِ پدارٿن جي اڀاوُ جي ڀاونا پڪي نه ٿي آهي تيستاءِ آتما جو درشن ٿي نه ٿو سگهي. انڪري آتما جي پراپتيءَ واسطي هن پرڪار جو اڀياس اُتم آهي. جڏهين پدارٿن جي اَڀاوُ جي ڀاونا پڪي ٿئي ٿي تڏهين ڏسندڙ جو ڏسٽپڻو پڻ لئه ٿي ويٺو. تڏهن باقي جا سنا سامانيه رهي ٿي اُنکي ڪيولي ڀاو چئجي ٿو. جهڙيءَ طرح هوا جي روڪجڻ تي هوا جا ڪاريه واچوڙا وغيره شانت ٿي وڃن ٿا تهڙيطرح ڪيولي ڀاو جي پڪي ٿيڻ سان راڳ دويش وغيره پنهنجو پاڻ شانت ٿي وڃن ٿا. يوشمت (توهين) يشمد (تون) اسمد (مان) وغيره سڀ ڀرم نورت ٿي وڃن ٿا ۽ شد آتما جو ”ڪيولي ڀاو“ انڀو ۾ اچي ٿو.

هي رامچي! من سان پراڻ جو گهاٽو سنبنڌ آهي جيئن هنکي جو لڏڻ جڏهين بيهي ٿو، تڏهين هوا جو

ٻيو اهڙو گيان اَڀياس کان سواءِ حاصل نٿو ٿئي. هزارن جنمن جي ڪٺي ٿيل سنسار جي ڀاونا زبردست اڀياس کان سواءِ ناس نه ٿي ٿئي. ڪنهن ڪم جو وري وري ڪرڻ، انجو نالو آهي **اڀياس**. آتما جو اڀياس آهي انجو چنتن ڪرڻ، ورنن ڪرڻ، اُنجو ٻين اُپديش ڪرڻ ۽ اُنجي ئي ويچار ۾ تتپر رهڻ. يُڪتي (دليل) ۽ شاستر جي سهائتا سان گياتا (جيو) ۽ گيه (پدارٿ) ٻنهي جي اڀاو جي انڀوُ ڪرڻ جي جيڪو ڪوشش ڪري ٿو اُنکي آتم اَڀياسي چئجي ٿو. هي رامجي! اڀياس کان سواءِ گيان ۾ وسرانتي پراپت نٿي ٿئي. اڀياس ڪرڻ سان سمو پاڻي شانتيءَ جو انڀو اوس ٿئي ٿو.

سنسار کي پار ڪرڻ جي يُڪتي (حيلي) جو نالو يوگ آهي. اُن يُڪتيءَ جا ٻه پرڪار آهن. انهن مان هڪ پرڪار آهي آتم گيان ۽ ٻيو آهي پراڻن جو نروڌ. جيتوڻيڪ ٻنهي مارگن جو نالو يوگ آهي تڏهين به پراڻن جي نروڌ لاءِ يوگ لفظ وڌيڪ پرچلت (چالو) آهي. ڪنهنجي واسطي يوگ مارگ ڪٺن آهي ته وري ڪنهن جي لاءِ گيان مارگ ڪٺن آهي. مگر منهنجي راءِ ۾ گيان جو اڀياس وڌيڪ سهنجو آهي. گيان جي اڀياس سان پراڻ پڻ نروڌ ٿي وڃن ٿا. برهم جي ڀاونا، پدارٿن جي اَڀاو جي ڀاونا ۽ ڪيولي ڀاونا کي گيان جو اڀياس چيو وڃي ٿو.

ٿو. پران هردي ڪمل مان اڀرن ٿئي ٿو ۽ ١٢ آڱرن تائين ٻاهر اچي شانت ٿئي ٿو. اَپان سرير کان ٻاهر ١٢ آڱرن جي مفاصلي تي اڀرن ٿئي ٿو ۽ هردي ڪمل ۾ شانت ٿئي ٿو. پران جي گتي اگنيءَ جي لاٽ وانگر هردي مان مٿي وڃي ٿي. جڏهين اپان ۽ پران ملي هڪ ٿين ٿا، تڏهين شوڪ رهت پد جي پراپتي ٿئي ٿي. پران جو شانت ٿيڻ ۽ اپان جو اُديہ ٿيڻ، انهن جي وچ جي جا حالت آهي سا آتما جي نج اوستا آهي. ان ۾ استٿت ٿيڻ لاءِ ٿي يوگيءَ جو پرشارٿ آهي. هي رامچي! ان ۾ استٿي تڏهين ٿئي ٿي جڏهين پراڻن جي گتيءَ جو بلڪل نروڌ ٿئي.

پراڻن جي نروڌ ڪرڻ لاءِ جو پراڻايام جو اڀياس آهي، سو پڌ. هردي ڪمل مان پراڻن کي ٻاهر ڪڍڻ جو نالو "ريچڪ" آهي. پراڻن کي ٻاهر کينچي اندر آڻڻ جو نالو "پورڪ" آهي. هردي ۾ اچي، اپان شانت ٿي وڃي ۽ پراڻن جو اُديہ نہ ٿئي انکي اندريون "ڪنڀڪ" چيو وڃي ٿو. پراڻن جي ٻاهر وڃي شانت ٿيڻ تي جيسين اپان اڀرن نٿو ٿئي، ان اوستا کي ٻاهريون "ڪنڀڪ" چيو وڃي ٿو. اهڙي اندرين خواهہ ٻاهرين ڪنڀڪ جو آسرو وٺي يوگي شوڪ رهت ٿي وڃي ٿو. ڪنڀڪ جي اوستا ۾ آتما جي شڌ روپ جو ڀان ٿئي ٿو. ان ۾ استٿت ٿيڻ سان شوڪ مٽجي وڃي ٿو. اهڙي پراڻايام جي اڀياس ڪرڻ سان ٿوريئي وقت ۾ يوگي پرش پرم پد کي حاصل ڪري ٿو. پراڻايام جي اڀياس سان وشين مان

لڳڻ پڻ بند ٿي وڃيٿو، ليڪن پراڻن جي گتيءَ جي روڪڻ سان من به روڪجيو وڃي ٿو. من جي شانت ٿيڻ ٿي، سنسار ولين ٿي وڃيٿو. جهڙيطرح ڪنهن وستوءَ جي ٻاهي جي گتي وستوءَ جي گتيءَ موافق ٿئي ٿي، ليڪن پراڻن جي حالت پڻ من جي موافق آهي.

هي رامچي! پراڻ وديا جي ڄاڻڻ سان جيو جا سڀ ڏک ناس ٿي وڃن ٿا. سرير روپي ڪوشت جي وچ ۾ ڪومل "اِڙا ۽ پنگلا" نالي ناڙيون آهن. اُنهي ڪومل پنکڙين واري ڪمل سمان ٿي ينتر اِستٿت آهن. انهن ينترن جا پتر، وايوءَ جي پرويش ڪري ڪلن ٿا ۽ آهستي لڏن ٿا. پترن جي لڏڻ ڪري سرير جي اندر وايوءَ جو ڦهلاءُ ٿو ٿئي. جدا جدا استانن ۾ پهچي وايو جدا جدا ڪرياڻون ڪري ٿو ۽ پران، اپان، سمان، ويان، ۽ اُدان نالن سان ڪوٺيو وڃي ٿو. هردي ڪمل ۾ رهندڙ وايوءَ کي "پران" ڪوٺيو وڃيٿو. اُن جي هڪ شڪتي نيترن ۾ وڃي ڏسڻ جو ڪم ڪريٿي؛ هڪ شڪتي چمڙيءَ ۾ پرويش ڪري ٿي؛ هڪ نڪ ۾ وڃي ٿي؛ هڪ کاڌي کي پچائي ٿي؛ هڪ زبان ۾ وڃي ڳالهائڻ جو ڪم ڪري ٿي. اهڙي پرڪار سرير کي پران هلائين ٿا جيئن ڪو يانترڪ (انجنيئر) ينتر (انجڻ) کي هلائيندو آهي. پران ۽ اپان جي گتيءَ کي ڄاڻي ۽ انهن کي وس ۾ ڪري يوگي پرش سڄاڳ رهي سگهه يوگي

جي جيئڻ سان سڀ ڪجهه وس ٿي وڃي ٿو. چت جي سنتا ڪري جڳت جي سنتا پاسي رهي آهي. اُن ڪري چت جي ناس (مٽيا پڻي جو نسچيه) ٿيڻ سان جڳت پڻ ناس ٿي وڃي ٿو. چت جي اندر سنسار انهن رهي ٿو جيئن گهڙي جي اندر آڪاش؛ ۽ جيئن گهڙي جي ناس ٿيڻ سان گهٽ آڪاش نٿو رهي تيئن من جي نروت ٿيڻ سان جڳت نٿو رهي. جڏهين هوا جو لڳڻ بند ٿئي ٿو تڏهين سڳندي خواه درگنديءَ جو ڪجهي وڃڻ بند ٿي وڃي ٿو. ساڳئي طرح چت جي نروت ٿيڻ سان دويت پاونا مٽجي وڃي ٿي ۽ ڪيول هڪ شانت اوڪاري پوم نٿو باقي رهي ٿو. هي سنسار روپي فصل من روپي ڪيتيءَ ۾ اپجي ٿو. جيئن ڪيتيءَ کان سواء فصل بڻي نٿو سگهي، تيئن چت جي شانت ٿي وڃڻ تي سنسار باقي رهي نٿو سگهي. جيئن جل ٿي لهرين ۽ بدبدن جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو تيئن چت ئي پاڻ ۽ اپاو روپ پدارٿن جي شڪل وٺي ٿو.

هي رامجي! هيءُ چت روپي سرپ ڪوٽين آشائن روپي ڪيو پيئڻ سان ۽ يوڳن روپي ڏيڏرن کائڻ سان ٿلهو متارو ٿئي ٿو. اناتما ۾ آتم بڌي ڪرڻ سان، ديهه ۾ اهمتا ممتا ڌارڻ سان ۽ استري پٽر، ڌن ڪٽمب آدڪ ۾ موه ڪرڻ سان هيءُ من وڌندو رهي ٿو.

هي رامجي! من کي ڪمزور ڪرڻ جو اپاءُ آتما ۽ اناتما جو ويچار آهي. جيئن سوار بگڙيل گهوڙي کي بک اَچ ڏيڻ ۽ گهڻيءَ سواريءَ سان پنهنجي وس ۾ ڪري

من انهن کٿو نٿي ٿو، جيئن برهمڻ جو چت کٿي جي مانس مان کٿو نٿي.

هي رامجي! مهاتمائن پراڻن جي روڪڻ لاءِ انيڪ يڪتيون ڏسيون آهن، جن مان ڪجهه ٿوري سليان ٿو. ڀهولن يڪتي پراڻايام جي آهي، جنهن ۾ ريچڪ پورڪ ۽ ڪنڀڪ جو ابياس اچي وڃي ٿو. ڪي وري اک جي چوٽيءَ کان ١٢ آڱر پري ڌيان لڳائي چت کي لين ڪن ٿا. ڪي وري ڀرون جي وچ ۾ اسٿت تاري جو ڌيان ڪري ورتيءَ کي چيتن آتما ۾ لڳائين ٿا. ڪي وري زبان جي چوٽيءَ سان ڪاڪڙي کي دٻائي پراڻن کي مٿي چڪي وٺن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح ورتيءَ کي سڄو بڻائي آتما ۾ لين ڪن ٿا. ڪي وري هڪڙي آتم تت جو وار وار ابياس ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح هي رامجي! پراڻن کي نروڌ ڪرڻ جا انيڪ رستا آهن. پراڻن جي روڪجڻ تي من شانتيءَ کي پراپت ڪري ٿو. هيءُ من مايا روپي چڪر جو مرڪز آهي. جيڪڏهين زور ڪري من کي پڪڙي اسٿر ڪيو وڃي ته هوند سنسار جو دک مٽجي وڃي. جهڙي طرح ڦيٿي جي سرانيءَ کي روڪڻ سان گاڏيءَ جو هلڻ بند ٿي وڃي ٿو، تيئن من جي روڪڻ سان سنسار جو دک ناس ٿي ٿو وڃي. ان ڪري هي رامجي! زبردست پرشارٿ جو آسرو وٺي ٻل ٻڌيءَ ۽ يڪتيءَ دوارا من کي روڪڻ ضروري آهي. سارو سنسار من جي سهاري هلي رهيو آهي. من

ٿئي ٿو اهڙو نه ڄپ ڪرڻ سان، نه تپڻ ڪرڻ سان، نه يڳيه سان ۽ نه ڪنهن ڪريا ڪرم سان. هي رامجي! آتم ويچار روپي آڳ، چت روپي وڻ جي ٻج کي جلائي ڇڏي ٿي. جنهنجو من ٻرهم ڀاونا سان ڪيڻ ٿي ويو آهي، ان گيانوان کي واسنائون ستائي نٿيون سگهن جيئن رڄ واري استان تي بادل ٻرگهٽ ٿي نٿا سگهن.

هي رامجي! من تنهنجو اصل سروپ نه آهي. انڪري تون من نه آهين. جا وسنوا گيان جي ڪري سمت پدارٿ وانگر نظر اچي ٿي اها ضرور گيان سان ناس ٿي ويندي. اهڙي پرڪار جي وري وري ويچار ڪرڻ سان هي رامجي! يڪتيءَ سان اهنڪار جي تياڳ ڪرڻ ۾ ڪجهه به تڪليف نٿي ٿئي. گل کي ٽپوڙڻ يا اکين کي ٻوٽڻ کان به اهنڪار تياڳڻ سولو ٿيو پوي.

(٢) سنڪلپ جي مهما

هي رامجي! سنڪلپ ئي من جو ٻنڌن آهي. سنڪلپ رهت ٿيڻ سان منش چت رهت ٿي وڃي ٿو ۽ چت رهت ٿيڻ سان موڪش جو اڀيو ٿئي ٿو. هي رامجي! جهڙو جهڙو سنڪلپ اٿي ٿو، تهڙي تهڙي منش جي گتي ٿئي ٿي. انجي سمجهاڻ لاءِ آءٌ توکي **شڪر** جي ڪٿا ٻڌايان ٿو.

شڪر جي ڪٿا

هڪ سمي جي ڳالهه آهي ته مندراچل پربت تي

تہ تيئن ويراڳ ۽ ابياس سان جگياسو پنهنجي مــن کي جيتي وٺي ٿو.

چت پـرم برهـم ۾ لڳائـڻ سان واسنائن رهت ٿي وڃي ٿو ۽ شڌ ٿي وڃي ٿو؛ ۽ شڌ ٿيڻ سان چت آتـم ڀاو کي پراپت ڪري ٿو. آتم ويچار د واران من ولين ٿي وڃي ٿو ۽ من جي ليءِ ٿيڻ تي ڪلياڻ جي پراپتي ٿئي ٿي. گيان وان جي لاءِ من برهم ٿي آهي. جيئن پاڻيءَ جي درشٽي رکندڙ جي لاءِ لهرون ۽ ٻد ٻدا پڻ پاڻيءَ جو سروپ ٿي آهن؛ اهڙي پرڪار چت جي نروڌ ٿيڻ تي ساماڻيہ ستا جو انڀو ٿئي ٿو.

هي رامجي! من روپي سرپ يڪتيءَ روپي منتر سان وس ڪيو وڃي ٿو. جيئن متوالو هاٿي بنا ڪنڍي جي سڌو نٿو هلي، تيئن من پڻ پوريءَ يڪتيءَ ڪانسواءِ جيتجي نہ ٿو سگهي. جيڪو پرش يڪتي کان سواءِ مـن کـي جيتڻ جـي ڪـوشش ڪـري ٿـو سو هٺي آهي. ان کي دکن پٺيان دکہ پراپت ٿين ٿا. جيڪو يڪتي رهت ٻل سان چت کي وس ڪرڻ جو يتن ڪري ٿو، سو مورکہ اهڙي فيلوان سمان آهي جيڪو مست هاٿيءَ کي ڪمل جي تنتن سان ٻڌڻ چاهي.

چت کي وس ڪرڻ جون يڪتيون هي آهن:-

١- اڌياتم گرنٿن جو اڌين ڪرڻ؛ ٢- مها پرشن جـو سـنـگ؛ ٣- واشـنـائـن جـو تـيـاڳـ، Renunciation of desires i. e. Contentment ٤- آتما جو ڌيان. هي رامجي! چت جهڙو گيان د واران شانت

سوير ڪجھ ڪال لائين چندرما جي ڪرڻن ۾ رهيا، جتان وري اناج جي داڻن ۾ پرويش ڪيائون. جنهن اناج جي داڻي ۾ شڪر جو جيو هو سو دشارڻيءَ جي ديش جي هڪ برهمڻ کاڌو؛ ۽ جنهن داڻي ۾ اپسرا جو جيو هو سو مالو ديش جي راجا کاڌو. برهمڻ جيڪو پوڄن کاڌو ان مان ويرج ٻڌيو، جنهن دواران شڪر ان برهمڻ استريءَ جي گرڀ ۾ ويو ۽ ان برهمڻ جو پٽر ٿي جنم ورتائين، ۽ اپسرا مالو جي راجا جي ڪنيا ٿي جنم ورتو. اها ڪنيا جڏهين وڏي ٿي ۽ وواهه لائق ٿـي تڏهين راجا ڪيس پاڻيهي پنهنجي ور ڳولڻ جي آگيا ڏنـي. قسمت سانگي اهو برهمڻ بالڪ (شڪر) اچي اتي نڪتو. اچانڪ ان راج ڪنيا ۽ هن غريب برهمڻ جـو پاڻ ۾ گڏجڻ ٿيو. پورب جو پريم ظاهر ٿيو ۽ ان ڪنيا هن غريب بالڪ کي پنهنجو پتي چونڊيو. ٻئي راجا وٽ رهي آنند ۾ وقت گذارڻ لڳا. ڪجهه وقت ڪـان پوءِ راجا پنهنجي نياڻيءَ کي راج ڀاڳ ڏيئي پاڻ جهنگل ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ لڳو. جڏهين شڪر جو ان ديهه سان وڇوڳ ٿيو (مرتيو ٿيو) تڏهين انيڪ جوڻين ۾ ڀٽڪيو. نيٺ هڪ برهمڻ جي گهر جنم ورتائين. اتي جڏهين بالڪ اوستا کي پراپت ٿيو، تڏهين گنگا نديءَ جي ڪناري تي ويهي ايشور جو پوڄن ڪيائين.

ڀرڳو رشي جڏهين سماڌيءَ مان اٿيو تڏهين شڪر کي نه ڏسي تلاش ڪرڻ لڳو. اُتي ڪيس خبر ملي تـہ

پرگو مٿيءَ ڪٺن تپ ڪرڻ شروع ڪيو. سندس
سيوا ڪرڻ لاءِ سندس پٽ شڪر سندس ويجهو
رهڻ لڳو. تپ ڪندي ڪندي پرگو رشيءَ جي
نروڪلپ سماڌي لڳي ويئي ۽ جنهنڪري ڪجهه
وقت شڪر کي بنا ڪنهن ڪم ڪار جي واندو رهڻو
پيو. هڪ دفعي شڪر ويٺي پرڪرتيءَ جي سوڀيا
جو ديدار ڪيو ته ڪيس آڪاش مارگ ۾ هڪ سندر
اَپڇرا ويندي نظر آئي. ان کي ڏسندي شڪر جي
من ۾ ڪام چيشٽا جو سنڪلپ اتپن ٿيو. ليڪن ڪيس
زبردست اڇا اتپن ٿي ته ديو لوڪ ۾ وڃي اپڇرائون
پراپت ڪري ڀوڳ ڀوڳجن. اهڙي پرڪار جو سنڪلپ
ڪندي ئي سندس سرير ڇڏي ويو ۽ سندس جيو آتما
وڃي سورگ لوڪ ۾ واسو ڪيو، جتي هو نموني جا
دويه ڀوڳ هر وقت حاضر هوا. راجا اندر شڪر جو آدر
ستڪار ڪيو ۽ سندس سامهون انيڪ پرڪارن جا ڀوڳ
حاضر ڪيائين، پر شڪر جو من ان اپڇرا لاءِ پئي تڙپيو
جيڪا رستي ۾ ڏٺي هئائين. ان اپڇرا جي ڳولا ڪندي
هڪ سندر باغيچي ۾ پهتو جتي ساڳي اپڇرا ڏٺائين جا
پينگهه ۾ لڏي رهي هئي. اُن جي پرسان وڃي مٿيءَ
واٽيءَ ۾ سندس لاءِ پنهنجو پريم ظاهر ڪيائين. اپڇرا
مٿس موهت ٿي پيئي، پوءِ ٻئي گڏ رهڻ لڳا ۽ آنند ۾ وقت
گذارڻ لڳا. ڀوڳ ڀوڳيندي جڏهين شڪر ۽ اپڇرا جا پن خلاص ٿيا،
تڏهين سورگ لوڪ کان هيٺ ڪريا ۽ سندن سوکم

موڪش آهي. جنهن جنهن وستوءَ مان ڪٿائي پيدا ٿئي ٿي، تنهن تنهن وستوءَ کان مڪتي ملي ٿي. هي رامچي! مڪتيءَ جي لاءِ ٻين ساڌنن جي ڪهڙي ضرورت آهي. فقط اپترونئي ڪافي آهي ته، جيڪا جيڪا وستو سواد ڏيڻ واري آهي ان کي ٻاهه ۽ زهر سمان پيئڪر سمجهجي. ويد جو پڻ اهو ئي مت آهي ته جنهن پرش کي يوڳن جي لاءِ (ڪٿائي) اپرامتا پيدا ٿئي ٿي سو جلدئي آتم پد جي پراپتي ڪري ٿو. هي رامچي! جيستائين يوڳن ۾ اداسينتا اُتپن نٿي ٿئي، تيستائين هي جيو سنسار روپي چڪر ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو. وئراڳ سان گڏ جڏهين آتم چنتن گڏجي ٿو تڏهين ڪمل جي گل وانگر سوڀيا پائي ٿو. جهڙي پرڪار ديپڪ ۽ انجي پرڪاش جو هڪ ٻئي سان سبنڌ آهي تيئن پرا درشٽي (تتو درشٽي) جي پراپت ٿيڻ سان ترشنا ناس ٿي وڃي ٿي، ۽ وري ترشنا جي ڪيڻ ٿيڻ سان پرا درشٽي پراپت ٿئي ٿي. يوڳن جي ڪٿائي سان ويچار اُتپن ٿئي ٿو ۽ ويچار سان يوڳن ۾ ڪٿائي اُتپن ٿئي ٿي. انڪري هي سڀوڌ رام! پرم پرشارت جو آسرو وٺي يوڳن ۾ ڪٿائي اُتپن ڪر. جهڙي طرح پاڻي ۽ مٽيءَ سان آهستي آهستي وڻ وڌي ٿو تيئن وشين جو وئراڳ ۽ اڀياس سان آهستي آهستي سڌ ٿئي ٿو. هي پتر! هن جڳت ۾ بنا پرشارت جي ڪجهه بہ پراپت نٿو ٿئي.

شڪر جو سرير ڇٽي ويو آهي. اهو ٻڌي ڀرڳو رشيءَ کي ڪال تي ڏاڍو غصو آيو ۽ کيس سراپ ڏيڻ جو ويچار ٿيو. ايتري ۾ ڪال ڀڳوان هٿ ٻڌي اچي ڀرڳو رشيءَ جي اڳيان ٻهي چوڻ لڳو ته هي مهراج، توهين مون کي سراپ ڏيڻ نٿا سگهو، ڇو ته آءٌ ايشور جي نيم (قانون) پٽاندڙ ڪاريه ڪري رهيو آهيان. توهانجي پٽ شڪر جو هيءُ حال سندس ڪرم واسنا ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪال ڀڳوان کيس شڪر جو سمورو احوال ٻڌايو، ۽ کيس ٻڌايو ته هن وقت شڪر برهمڻ ٻالڪ جي روپ ۾ گنگا جي ڪناري تي تپسيا ڪري رهيو آهي. ان تي ڀرڳو رشي ڪال کي پاڻ سان وٺي ان شڪر وٽ آيو. ٻالڪ انهن کي نه سڃاتو. تڏهين ڀرڳو رشيءَ کيس آگيا ڪئي ته تون چت ۾ هڪو سنڪلپ ڪر ته آءٌ شڪر جي ديهه ڌارڻ ڪيان. ان ٻالڪ ائين ڪيو ته سندس سرير ڇٽي ويو ۽ سندس جيو آتما وري وڃي شڪر جي ديهه ڌارڻ ڪئي.

هي رامچي! جيئن شڪر جو سنڪلپ سندس ٻنڌڻ جو ڪارڻ بڻيو، تيئن هرهڪ جيو جي ٻنڌڻ جو ڪارڻ سنڪلپ آهي. ان سنڪلپ مٽائڻ سان ئي مڪتي حاصل ٿئي ٿي. هي رامچي! سنڪلپ کي ناس ڪرڻ ڏکيو نه آهي. سنڪلپ سان ئي سنڪلپ کي ڪاٽي، آتما ۾ استٿت ٿيءُ.

يوگين جي اچا ڪرڻ ٻنڌن آهي ۽ ان جو ليا ٿيڻ ئي

ٿو. اهوئي سڀ کان وڏو زنجير آهي. اهڙي پرڪار جي واسنا کي مڪمل ريتيءَ سان ۽ هميشه جي لاءِ تياڳ ڪري مها منا ۽ اُدار آتما پرش پرم پد کي پراپت ڪري وٺي ٿو. هي رامچي! دک ۽ سک جي آشا جو تياڳ ڪري ڪيوپ رهت سمندر وانگر شانت ٿي رهه.

من دوارا ڪلپيل هن ٽوٽي ڦوٽي سنسار نگر ۾ نه ڪنهن جو ڪجهه وڃي ٿو ۽ نه ڪنهن جو ڪجهه گهٽجي ٿو. هن ڪوڙي مايا روپي جڳت ۾ اهڙي ڪا سٽ وستو ڪانهي جنهن جي گياني آدمي اڇا ڪري. آيُو (حياتي) سپاري جي بادل جي ڪڪريءَ وانگر کڻ ڀنگر آهي. يوگ اهڙي طرح چنچل آهي جيئن بادلن ۾ چمڪندڙ بجلي. جوڀن ۽ سندرتا جل جي پرياهه وانگر تيزيءَ سان وهي ويندڙ آهي. سوٻو گهڙيءَ ۾ ناس ٿيڻ وارو آهي. ان ڪري هي پٽ! انهن سڀني کان ورڪت ٿي نرواڻ پد کي پراپت ڪرڻ جو جتن ڪر.

هي رامچي! گيانوانن واسنائن جو تياڳ ٻن پرڪارن جو ڏسيو آهي. هڪ جو نالو "ڌيئه تياڳ" ۽ ٻئي جو نالو "گيئه تياڳ". ٻنهي پرڪارن جو تياڳ ساڳئي ڦل ڏيڻ وارو آهي ۽ ٻئي مڪتيءَ اوستا ۾ پهچائڻ وارا آهن.

هي رامچي! واسنائن ۾ ٻڌل پرش ٿي ٻڌن ۾ آهي. واسنائن جي تياڳ ٿيڻ تي موڪش پراپت ٿئي ٿو.

جو پرش وويڪ وارو ۽ ادار آتما آهي اُن کي جيتيندرين (اندرين جي جيتڻ وارو) چيو وڃي ٿو. هو سنسار سمندر ۾ واشنا روپي لهرين جي وچ ۾ هجي به گهبرائجي نٿو. جيئن راجا جي فرمان جو عملدار پالن ڪن ٿا، تيئن من جي واشنائن پٺاندڙ اندريون ورتڻ ڪن ٿيون. اڪري هي رامجي، جو پرش سنسار جي وشين ۾ من کي نٿو لڳائي ۽ پنهنجي هردي ۾ وويڪ جي الپن ڪرڻ جو جتن ٿو ڪري، سو شانتيءَ جو انڀو ڪندڙ آهي. زبردست پرشارٿ جو آسرو وٺي بديءَ پوروڪ يتن ڪري يوگين جي آشائن کي چت مان پاڙون اکيڙي ڇڏڻ گهرجي. چت اندرين روپي سپاهين جو مهندار آهي. اُنکي جيتڻ سان چوڌاري فتح ٿئي ٿي. جيئن جُتي پهرڻ واري منش واسطي سڄي ڌرتي چمڙي سان ڍڪجي وڃي ٿي تيئن چت جي شانت ڪرڻ سان چوڌاري شانتي نظر اچي ٿي.

هي رامجي! سپني مان جاڳڻ تي اهو ٿئي ٿو ته سپني جو سروپ مٿيا هو. ساڳيءَ طرح واشنائن جي ناس ٿي وڃڻ تي سنسار جا پدارٿ اسٿ پرتيت ٿين ٿا. واشنائن جي کيڻ ٿي وڃڻ تي جا استٿي ٿئي ٿي ان کي جيون مڪتي چيو وڃي ٿو. ان جي جاڻ انکي ٿي نٿي سگهي جو مڪت نه آهي. "هيءَ وستو منهنجي ٿئي" اهڙي ڀاونا کي ترشنا چيو وڃي

ٿيا ڳي ڇڏي ٿو سو مڪت آهي. هي رامچي! پورن گيان ٿيڻ سان ذات واشنائون انهن ناس ٿي وڃن ٿيون، جيئن ديپڪ جي آڻڻ سان انڌيرو ناس ٿي وڃي ٿو. جهڙي طرح رج جي پاڻيءَ مان بادل بڻجي نٿا سگهن تهڙي پرڪار گيانوان جي هردي ۾ واشنائون پيدا ٿي نٿيون سگهن.

هي رامچي! اهنڪار روپي بادل جي ناس ٿيڻ سان چت روپي آڪاش نرمل ٿي وڃي ٿو؛ آتم گيان روپي سورج جو پرچنڊ پرڪاش ٿئي ٿو. آتما روپي چندرما اهنڪار روپي بادلن ۾ جيسين لڪل رهي ٿو تيسين پرمارٿ روپي ڪمل نٿو ڪڙي. چت روپي وڻ کي اهم ڀاو روپي جڙ سوڌو اُکيڙي هردي روپي کيتيءَ کي صاف ڪر. پرم؛ موت اهم ڀاو مان ئي اٿن ٿين ٿا. اهم ڀاو جي نورت ٿيڻ تي شانتي پراپت ٿئي ٿي. هيءَ جگت روپي وڻ اهم ڀاو روپي ٻج مان اُتپن ٿئي ٿو. هي سبوڌ رام! گيان روپي اگنيءَ سان ٻج کي ڀسم ڪري ڇڏڻ تي باقي ڪجهه به نٿو رهي.

هن اهم ڀاو کي جڏهين ويچار دواران جاتو وڃي ٿو تڏهين نورت ٿي وڃي ٿو. مطلب ته ڇن مائو دريڻ ۾ جڏهين پنهنجو آتمائي نظر اچي ٿو تڏهين اهم ڀاو جي اُتپتي نٿي ٿئي.

هي رامچي! آتما جي ابياس واسطي پهرين من کي شانت ڪرڻ گهرجي. اندرين کي وس ۾ ڪري اُپرتي

هي رامچي! سنسار ڪ واشنائن کي تياڳي موکش جي واشنا به تياڳ ڪري ڇڏ. وشين جي تامسي واشنائن کي تياڳ ڪري * مئتري آدڪ شڀ واشنائن جو ڌارڻ ڪرڻ گهرجي. انهن شڀ واشنائن انوسار وهنوار ڪندي انهن جو پڻ تياڳ ڪري ڇڏ، ۽ چت ۾ سڀني واشنائن کان آزاد ٿي، چن ماتر آتما جي واشنا جو آسرو وٺ. وري اهڙيءَ چن ماتر واشنا جو پڻ تياڳ ڪري باقي جيڪي رهي ان ۾ استر ٿيءُ. شڀ واشنائن سان خراب واشنائن جو ناس ٿئي ٿو؛ مگر شڀ اشڀ واشنائن جي ڪرڻ واريءَ ڪلنا (قوتي) کي پڻ ٻاڙ سوڌو اکاڙي شانت آڪاش وانگر اوستا کي پراپت ٿيءُ. هي رامچي! جو پرش چت سان سڀني پدارٿن جو تياڳ ڪري واشنائن رهت ٿئي ٿو سوئي مڪت آهي. سماڌي لڳائي چاهي نه لڳائي، ڪرم ڪري خواه نه ڪري پر جيڪو پرش پنهنجي هردي مان سڀني ڪلائن کي

---

* مئتري، مدتا، ڪروڻا ۽ اُپيڪشا، اِهي آهن شڀ واشنائون.

(١) **مئتري**:- سڄڻن ۽ هر ڄڻن سان متر ڀاو رکڻ. (٢) **مدتا**:- جگياسين کي پرمارٿ ۾ وڌائيندو ڏسي سرهو ٿيڻ. (٣) **ڪروڻا**:- پرمارٿ کان پليل جيون تي ديا ڪري اُنهن کي پرمارٿ ۾ لڳائڻ. (٤) **اُپيڪشا**:- سنساري پوڳن ۾ موهت ٿيل جيون کان گوشو ڪرڻ.

ٿي لوڀ ۽ موهه آدڪ دوش شڌ هوندي ڪري انهن سپرش نٿا ڪن جيئن جل ڪمل کي. واشنائن جون ڳنڍيون ڪليون وڃن ٿيون ۽ غصو گهٽو گهٽ ٿي وڃي ٿو، موهه گهٽو منڊ ٿي وڃي ٿو، ڪام شانت ٿي وڃي ٿو ۽ لوڀ پڇي وڃي ٿو. اندريون وس ڪان ٻاهر نٿيون ٿين ۽ لنهنڪري دک نٿيون ڏيئي سگهن. هر طرح سيتلتا ڏيڻ واري سمتا يوگهت ٿئي ٿي.

هي رامچي! سنسار روپي انڪور جي اپن ڪرڻ واسطي واشنا روپي ٻج آهي. انکي اسنگتا روپي اگنيءَ سان جلائي ڇڏ. جنهن جي من ۾ سنگتا آهي اهو پراڻي سنسار ساگر ۾ ٻڏندو وهي ٿو؛ ۽ جنهن جي من ۾ اسنگتا آهي سو پراڻي سنسار ساگر ۾ پار ٿيل جاڻ. سنسار ۾ رهندڙ پرش کي ٻه من جيڪڏهين اسنگ آهي ته انکي مڪت جاڻ. مگر گهڻي ڪال جي تپ ڪئي به من جيڪڏهين سنگ وارو آهي ته انکي بنڌن ۾ سمجهه. هي رامچي! پاڻيءَ تي ترندڙ ڪاٺيءَ جو جيئن پاڻيءَ سان ڪو سنبنڌ نه آهي، تيئين آتما ۽ سرير جو پڻ سنبنڌ جوڙو آهي. سرير کي پنهنجو پاڻ سمجهڻ ڪري ٿي سک دک جو انڀو ڪوڙو پوي ٿو. آتما نت شڌ ۽ چيتن سروپ آهي، ديهه انت ملين ۽ جڙ آهي؛ پوءِ ڀلا انهن جو سنبنڌ ڪيئن ٿي سگهندو. هي رامچي! من کي سنسار جي رسن کان موڙي آتما جي رس ۾ مگهن ڪر. سڀني پدارٿن جي سنگ کان اسنگ ٿي جيئن جڏهين اچيو ٿي

(سنسار جي پوڄڻ کان ڪٽائي) ڌارڻ ڪري نشد (پاپ ڪرم) ۽ ڪاميہ (ڪامنا سهت) ڪرمن جو تياڳہ ڪري شوڌا رکي ڪومل آسڻ تي ويهي، آتما جو ابياس ڪر. انتهڪرڻ جي شڌيءَ لاءِ پراڻايام ڪر؛ پوءِ آهستي آهستي اندرين کي وشين کان هٽاءِ. پوءِ ديهہ، اندرين، من ۽ بڌيءَ جي جنهن جنهن تتو مان اتپتي ٿي آهي ان ان تتو ۾ کين ولين ڪر. شرير جي ماس کي پرٿويءَ ۾ ولين ڪر؛ رت وغيره جل ڀاڳہ کي جل ۾؛ اندرين مان ڪنن کي دشا ۾، چمڙيءَ کي وايو ۾، نيترن کي سورج ۾، زبان کي جل ۾ ولين ڪر؛ من کي چندرما ۾ ۽ بڌيءَ کي برهما ۾ ولين ڪر. گهڙو مٽيءَ جو روپ آهي، ۽ ڪنڊل سون جو روپ آهن. اهڙي پرڪار ڪارج ڪارڻ جو روپ آهي. پرٿوي جل جو ڪاريہ آهي ان ڪري پرٿوي کي بہ جل ۾ ولين ڪر؛ وري جل کي اگنيءَ ۾، اگنيءَ کي وايوءَ ۾ ۽ وايوءَ کي آڪاش ۾ ولين ڪر. آڪاش مايا جو ڪاريہ آهي، انڪري آڪاش کي مايا ۾ ولين ڪر. مايا آتما جي آسري استت آهي، انڪري هي رامچي! تون وار وار چنتن ڪر تہ سڀ جو آڌار سٽ چت آنند سروپ تون ئي آهين. اهڙي پرڪار ويچار ڪندي ڪنهن سمي پرم ڪارڻ ۽ پرم وياپڪ سٽا سامانيہ شڌ چيتن برهم جو انڀو ڪر.

هي رامچي! سنسار ۾ جيڪو دکہ سکہ ملي ٿو سو سڀ اهنڪار جو وڪار آهي. اهنڪار جي ڪيڻ ٿيڻ

اهڙي پرڪار جي ڀيد ڀاونا نيچ، ٻڌيءَ وارن کي ٿئي ٿي. اوچ ڀاو واريءَ ٻڌيءَ ۾ اهڙو ڀيد نه ٿو رهي. ”کهڙو استان آهي جتي آءٌ نه آهيان؛“ ۽ ”کهڙي وستو آهي جا منهنجي نه آهي؛“ هن نشچي جي پڪي ڪرڻ سان ٻڌيءَ ۾ ڀيد ڀاونا نه ٿي رهي. هي رامجي! سنسار جا سڀ پرائي تنهنجا ٻنڌو آهن، چاڪاڻ جو انهنجو تو سان سٻنڌ آهي. جڏهين هڪڙي ئي آتما سڀ ۾ موجود آهي، ته پوءِ اهو ويچار ڪيئن ٿي سگهندو ته هي منهنجو ڀاءُ آهي ۽ هي ڌاريو آهي.

هي رامجي! ڪرتوينو ڀاو (ڪرتاپڻي جي ٻڌيءَ) جي ڪيڻ ٿي وڃڻ تي من خود ڪيڻ ٿي وڃيٿو، جيئن مس جي منجهڻ تي ڪاراڻ پڻ نورت ٿي وڃي ٿي. چت ۽ ڪرتاپڻي جو ايمان ٻئي باهه ۽ گرمي وانگر سٻنڌ رکن ٿا. ٻنهي مان هڪ جي اپاو ٿيڻ تي ٻئي جو ناڻ اپاو ٿي وڃي ٿو. آتما جي اگيان ڪري ڪرتاپڻي جو ايمان اڀپن ٿئي ٿو ۽ ڪرتا ڀوڳتاپڻي جو ايمان ئي ٻنڌن جو ڪارڻ آهي. انڪري رامجي! انکي اوس تياڳ.

هي رامجي! سڀني پدارٿن جو جيستائين تياڳ نٿو ڪيو وڃي، تيستائين آتما جي پراپتي ٿي نٿي سگهي. سڀني اوستائن جي تياڳ ڪرڻ کان پوءِ جو باقي رهيٿو سوئي آتما آهي. جيڪو پرش پنهنجي سڀني ڪمن کي ڇڏي پورن طاقت سان آتما جي پاڻڻ جو جتن ڪريٿو سوئي آتما کي پراپت ڪري ٿو. جيڪو ٻيءَ ڪنهن

وڃي ٿو ڇڏهين هو سنسار جي وهنوار کي ڪري، چاهي
نه ڪري. هي رامجي! اسنسڪت (اسنگ) انڪي چيو
وڃي ٿو جيڪو اهڙي سمان ڀاو ۾ استٿت آهي جو نه
اُنجي لاءِ ڪرم ڪرڻ سرشٽ آهي ۽ نه ڪرم جي تياڳ
جي ڪيس اڇا آهي. ڪيس ڪنهن به ڪرم جي ڦل جي
چاهنا نه آهي. سندس انڀو ۾ اهو آهي ته ”هي سڀ
ڪجهه آتم ديو ئي آهي؛ ڪهڙيءَ وستوءَ جي اڇا
ڪريان ۽ ڪهڙيءَ وستوءَ جي اڇا نه ڪريان!“ هي
رامجي! هن پرڪار جي اسنسڪتي مڪت پرش ۾
ٿئي ٿي.

اهڙي پرڪار هي رامجي! هيه (تياڳڻ جوڳي)
وستوءَ مان خفي نه ٿيءُ ۽ اُپاديه (پراپت جوڳي) وستوءَ
۾ آسڪتي نه ڪر. هيه ۽ اُپاديه درشٽيءَ جو تياڳ
ڪري نرمل ڀاو ۾ استٿت ٿيءُ. جيستائين بادل ٿورهئي
وڃي تيستائين آڪاش ۾ چانڊني نظر نه ٿي اچي.
اهڙيءَ طرح جيستائين چت مان هيه ۽ اپاديه ڀاو
نورت نه ٿو ٿئي تيستائين سمتا اتپن نٿي ٿئي.

هي رامجي! جيڪو آنند سمتا ڪري پراپت ٿئي
ٿو سو نه راجائيءَ ۾ حاصل ٿئي ٿو ۽ نه سندر استرين مان
پراپت ٿئي ٿو. سمتا روپي بادل سڀني دکن جي تپت
کي شانت ڪندڙ آهي. سم درشٽيءَ وارو مهاپرش
ڀيانڪ دکن خواهه سکن ۾ هڪ جهڙو رهي ٿو.

هيءُ منهنجو متر آهي ۽ هيءُ منهنجو متر نه آهي،

جيڪو ڪجهه به گهرڻ نه ٿو ڪري، انکي ني سڀ ڪجهه حاصل ٿئي ٿو. جيڪو سڀني وستن جو تياڳ ڪري ٿو انجي آڏو پرڪرتي ننهنجن پدارٿن سان شيوا ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿي.

(٢١ ب) "آتم ويچار"

هي رامجي! نرنتر آتم ويچار ۽ ابياس سان جڳت جو پرم مٿجي وڃي ٿو ۽ شد آتما جو پرڪاش ٿئي ٿو.

هي رامجي! ڀڳوان جو حقيقي روپ نه وشنو آهي، نه شو آهي، نه اندر آهي، نه پون آهي، نه سورج آهي ۽ نه اگني آهي. نه هو ديهه ڌاري آهي ۽ نه من ڌاري آهي. هو انادي ۽ اننت آهي. هو جيگهه ستا ۽ استا روپ ڪري ورتي رهيو آهي. انجوئي تون پوڄن ڪر. آڪارن جو پوڄن نه انهن لاءِ آهي، جيڪي ننو کي ٻجهي نٿا سگهن. وشنو آدڪ ديون جي پوڄا ڪرڻ سان پرپچن ۽ ناسوان لوڪن جي ئي پراپتي ٿئي ٿي. مگر اننت ۽ انادي آتم روپ ديو جي پوڄن سان الوڪڪ آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. جيڪو الوڪڪ آنند کي ڇڏي اُپاڌيءَ وارن سکن جي پٺيان پوي ٿو سو جڻ ته آباد ملڪ کي ڇڏي اُجڙ بيابان ۾ پرويش ڪري ٿو. هي رامجي! آتم ديو سڀني ديون جو ديو آهي، برهم روپ آهي. انجي پوڄا ڪرڻ ئي سڀ کان سريشٽ آهي ۽ سڦل آهي. آتما دور نه آهي ۽ نه مشڪلات سان پراپت ٿيڻ وارو آهي. او سڀ ساڻ موجود آهي. او پرم ڪارڻ ڀڳوان روپ آهي.

وستوءَ کي پراپت ٿو ڪري سونئي هن پرم امرت روپ
آتما کي پوريءَ طرح سان پراپت ڪري سڀ ڪجهه
حاصل ڪري ٿو. سچو تياڳ اهڙي چنتامڻي آهي جنهن
سان سڀني پرڪارن جي دکن جو انت ٿي وڃي ٿو. ان
ڪري شڌ بدي ڌاري تون انجي پراپتيءَ لاءِ جتن
ڪر. سچي تياڳ سان ئي سڀ ڪجهه پراپت ٿئي ٿو.

هي رامجي! سچو تياڳ نه سڀ جي تياڳڻ سان سڌ
ٿئي ٿو، نه راڄ جي تياڳڻ سان ۽ نه جهوپڙيءَ ۾ رهي
لڪ ڪرڻ سان. وڻ جي ٻج وانگر سڀني پدارٿن جو
ڪارڻ من آهي. سڀني جي ڪارڻ جي تياڳ ڪرڻ
سان سڀني ڪارجن جو تياڳ ٿي وڃي ٿو. ان ڪري
چت جو تياڳ ئي سچو تياڳ آهي. انکي تياڳ ڪري
شويا کي پراپت ڪر.

هي رامجي! جنهن من سان ڌرم ادرم، سک دک
۽ جمڻ مرڻ جي ڀاونائن کي تياڳيو آهي سو مها تياڳي
آهي. جنهن پنهنجي بديءَ سان سڀني اڇائن جو،
سڀني شنڪائن جو، سڀني ترشنائن جو ۽ سڀني سنڪلپن
جو تياڳ ڪيو آهي انکي مها تياڳي چيو وڃي ٿو. ديهه
منهنجي نه آهي، جنم مرڻ منهنجا نه آهن، نيتي ۽
انيتي منهنجا نه آهن: اهڙو نشچو جنهن جي من ۾ ٿيو
آهي سو مها تياڳي ڄاڻ. جنهن جي بديءَ مان سڀ،
من ۽ اندرين جي ستا جو وشواس نڪري ويو آهي سو
مها تياڳي آهي.

گهٽ پٽ (ڪپڙي) آد ڪ پدارٿن کي پرڪاشي رهيو آهي. جهڙيءَطرح ڏيپڪ مان تيجه جا ڪرڻا نڪرن ٿا، تهڙي طرح چيتن انيو ڪان اندرين جي ورتي ڦرڻ روپ ٿئي ٿي. جهڙي طرح ٻاھ مان الا ظاهر ٿين ٿا، تهڙي طرح انيو ستا ڪان من جي ستوت ڦري ٿي.

جيئن سورج جي تيجه ڪان رڻ ۾ رڃ جي ندي ڏسجي ٿي، تيئن انيو ستا ڪان جگت جا پدارٿ پرتيت ٿين ٿا.

(٢٢) سماڌي

جيو جي جڏهين نروڪلپ سماڌيءَ ۾ استٿتي ٿئي ٿي تڏهين ڪيس آتم پد جي پراپتي ٿئي ٿي. هي رامجي! فقط پدم آسڻ لڳائي ويهڻ يا برهم جي آڏو هٿ جوڙي ويهڻ سان سماڌي نٿي لڳي پر من جي شانتي ٿيڻ سان ئي سماڌي سڌ ٿئي ٿي. چپ چاپ ويهڻ جو نالو سماڌي نه آهي. سيني آشائن روپي گاهه جي ڍير کي تتو گيان روپي اگنيءَ سان جلائڻ سماڌي جو سچو سروپ آهي. هي رامجي! سماڌي نالو ان پرم پرگيا (بڌيءَ) جو آهي جا استٿر آهي، نت ترپت آهي ۽ يٿارٿ تتو کي ڄاڻڻ واري آهي. جنهن بڌيءَ ۾ چنچلتا نه آهي، اهنڪار نه آهي ۽ دويت ڀاونا نه آهي ان جو نالو ئي سماڌي آهي. هي پترا! نشچو ڪر ته سماڌي من جي ان پورڻ اوسٿا جو نالو آهي جنهن ۾ ڪائي چنتا نه آهي، جنهن ۾ سڀ اڇائون پورڻ ٿي چڪيون آهن ۽ جنهن

انهي پوڄن جو طريقو آهي ”آتم پوڄ.“ پشپ، ڌوپ، ديپ (جوت) آدڪ وسٿن سان ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ آهي ٻالڪن جي ڪريڙا ڪرڻ. آتم ديو نتيه ۽ هر هنڌ ورتمان آهي، انهي پوڄن لاءِ منتر يا سامگريءَ جي ضرورت ڪانهِ آهي. گيان ڪانسواءِ ٻي ڪابه وڌي انهي پوڄن جي ڪانهِ آهي. انجو ڌيان ئي آهي انجو اَرگيه ۽ انجو ڌيان ئي آهي انجو پاديه. انجو ڌيان ئي آهي پشپ ۽ انجو ڌيان ئي آهي سامگري. ڌيان سان ئي هو ٿئي ٿو پرسن. سڀ ڪم ڪاريون ڪندي ۽ هر حال ۾ رهندي به انهي چيتن ڪرڻ سان ئي آتم ديو پرسن ٿو ٿئي. هر هڪ منش هر حال ۾ انجو ڌيان ڪري سگهي ٿو. سمهندي، جاڳندي، هلندي، ڦرندي، اَئندي وهندي مطلب ته هر حالت ۾ انجو ڌيان ڪرڻ جڳائي ۽ اِن مان ئي پرم ڪلياڻ جي پراپتي ٿئي ٿي. تون وري وري اهو ويچار ڪر ته آءٌ ڪير آهيان جو وهنوار ڪريان ٿو. هي جڳت به مان نه آهيان، چاڪاڻ ته آءٌ جڳت کي به جاڻان ٿو. جڳت اسٽ روپ آهي ۽ آءٌ سٽ روپ آهيان. هيءَ ديهه پڻ مان نه آهيان چاڪاڻ جو ديهه هڪ ڪڻ ۾ ڪال جي مک ۾ هلي وڃي ٿي. ديهه جڙ آهي ۽ آءٌ چيتن آهيان. اهڙي پرڪار من ۽ اندريون پڻ آءٌ نه آهيان، بلڪ اهمتا ممتا جي منوت کان رهت ڪيول شانت روپ آهيان. انيئو روپ چيتن هڪڙوئي پنهنجي چيتن ڀاو ۾ اسٿت آهي. سو سورج روپي چيتن

۾ هيئه (تياڳ) ۽ اُپاديه (گرهڻ) جي درشٽي نه آهي.

هي رامچندر! مهاتمائن جي سماڌي ان وقت کان آرنڀ ٿئي ٿي جنهن وقت کان گيان دوارا سندن من پورن ريتيءَ سان استر ٿي وڃي ٿو. وشين ۾ هرگز ترشنا نه ٿئي، تنهن جو نالو سماڌي آهي.

هي رامچندر! سماڌي ٻيو ڪجهه نه آهي صرف گيان دوارا من ۾ وشين جي لاءِ ڪٿائي ۽ هر طرح شانتيءَ جي انڀو کي سماڌي ڄاڻ.

چت روپي ويتال (ڀوت) جي شانت ٿيڻ تي جو آنند انڀو ۾ اچي ٿو، سو چڪروتي راجا ٿيڻ سان به پراپت نٿو ٿئي. هي رامچندر! آشائن ۽ موهه روپي ٻرسات کي دور ڪرڻ جي واسطي سرد رتوءَ روپي چت جي ناس ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪوئي ڪلياڻ ڪاري پدارٿ نه آهي. اُهي مهاپرش ٿي سکي جي سيما (چوٽي) تي پهچن ٿا، جن من کي ماريو آهي ۽ ٻڌيءَ کي شانت ڪيو آهي. هي رامچندر! چت روپي ٽامي کي سوڌي پرمارٿ روپي سون بنائڻ سان ئي سچو آنند پراپت ٿئي ٿو ۽ نه سولو روپي پٿون مان.

(۲۳) گيان جون ست ڀومڪائون

هي رامچندر! گيان جي ستن ڀومڪائن جو آءٌ توکي ورنن ٻڌايان ٿو، جنهن جي ٻڌڻ سان تون موهه جي ڪيچڙ ۾ ڪين ڦاسندين. آتما جي پوڌ ڪرائڻ لاءِ اهي ست ڀومڪائون هي آهن:-

١- شڀ اڇا، ٢- وچارڻا، ٣- تنو مانسا، ٤- ستواپتي، ٥- اسنسڪتي، ٦- پدارٿ اڀاوني، ٧- توريا.

(١) شڀ اڇا:- ويراڳ ٿيڻ تي جڏهين اڇا اٿڻ ٿئي ٿي ته آءُ اگيان کي نورت ڪريان ۽ شاسترن ۽ سڄڻ پرشن جي سهائتا سان ست وستن کي سڃاڻان تڏهين ان کي شڀ اڇا چيو وڃي ٿو. هي رامجي! انيڪ جنمن جي پاپن کان پوءِ منش ۾ وويڪ جي اتپتي ٿئي ٿي ۽ هو سوچڻ لڳي ٿو ته هي سڀ سنسار اسار آهي. مولڪي هن جي ذري به اڇا نه آهي. اهڙي پرڪار انجي هردي ۾ جڏهين ويراڳ اٿڻ ٿئي ٿو ۽ اڇا ڪري ٿو ته آءُ سنسار سمندر کان پار ٿي وڃان تڏهين هو اتم پدي۽ وارو پرش وچار ۾ تتپر ٿئي ٿو. وچار مان ڏن ٻه ڏن پنهنجي واشنائن کان اُپرام ٿيندو وڃي ٿو، ۽ ٻين جي اپڪار وارين اُدار ڪريائن ۾ مشغول رهي ٿو، جنهن مان ڪيس آنند اچي ٿو. ڪٺور چيشٽائن کان بچڻ جو جتن ڪري ٿو. ڪنهنجي به چت کي ڏکي نٿو ڪري. شڀ ڪرم ڪري ٿو. پاپ کان ڏري ٿو ۽ ڀوڳن کان اداس رهي ٿو. متا ۽ پريم پريل وچن ديش ۽ ڪال جي انسار اچارڻ ڪري ٿو. من وچن ۽ ڪرم سان سڄن پرشن جي شيوا ڪري ٿو. جتان ڪٿان شاستر هٿ ڪري انجو اڌين ڪري ٿو.

(٢) وچارڻا:- شاسترن جي وچارڻ سان ۽ مهاپرشن جي سنگ ڪري ويراڳ ۽ اڀياس سان سداچار جي طرف جڏهين پرورتي ٿيڻ لڳي ٿي، تڏهين انکي وچارڻا

یوگ واسشت سدا نت سار



گیان جون ست پوُمکائون

سک ڀوڳي ٿو. هي رامجي! اسنگتا ٻن پرڪارن جي آهي. هڪ ”ساماني اسنگتا“ ۽ ٻي ”سرشٽ اسنگتا“. **ساماني اسنگتا** وارو پرش ويچار ڪري ٿو ته آءٌ سک ۽ دک جو ڪرتا ڀوڳتو ٿي سگهان. سک ۽ دک اڳين جنمن جي ڪرم انوسار ايشور جي ادين آهي. سڀ ڀوڳ مها روڳ آهن. سڀ سمپتيون آپتيون آهن. سنجوڳ وڇوڳ لاءِ آهي. سڀني پدارٿن کي ڳرڪائڻ لاءِ ڪال هميشه رتل آهي. اهڙي پرڪار جو ويچار ڪري سندس من ۾ اسنگتا جو ڀاو اُٿڻ ٿئي ٿو. **سرشٽ اسنگتا** جو پرڪار هي آهي. آتم گيان جي اڀياس سان، مهاتمائن جي ست سنگ سان ۽ دُرجنن کان پري رهڻ سان، سچي تتو جو هستا ملڪ وت گيان ٿئي ٿو يعني اهڙيءَ طرح پرتڪش ٿئي ٿو، جيئن پنهنجي هٿ تي رکيل ڦل جي ظاهر ظهور ڄاڻ ٿئي ۽ اهڙي پرڪار جو درڙ نشچو ٿئي ٿو ته آءٌ ڪرتا نہ آهيان؛ ۽ پوءِ سنسار جي جهنجهٽن کان پري رهڻ انکي سرشٽ اسنگتا چيو وڃي ٿو.

(٤) ستوا پتي:- مٿين ٽنهين ڀومڪائن جي اڀياس سان وشين ۾ ڪتائي اُٿڻ ٿئي ٿي ۽ آتما ۽ چت جي استرتا ٿيڻ لڳي ٿي، تڏهين انکي ستوا پتي چئجي ٿو. هي رامجي! چوٿين ڀومڪا واري وِدوان کي پورڻ چندرما سمان سمپڪ گيان اُديہ ٿئي ٿو. هو چوٿين ڀومڪا ۾ پرويش ڪري سڀني وستن کي انادي انت اکنڊ ۽ سمان روپ سان ڏسي ٿو. هنجو دويت شانت

چئجي ٿو. ٿلهن هو پڇ يوڳا وارو ودوان اهڙن سرشٽ پنڊتن جي شرڻ ۾ وڃيٿو جيڪي شرتين (ويد) ۽ سمرتين (گيتا وغيره رشين جي ٺاهيل پستڪن) دوارن ڌارڻا ۽ ڌيان آدڪن جي چڱيءَ طرح سان سمجهاڻي ڏيئي سگهن ٿا. جهڙي پرڪار گرهستي پنهنجي گهر جي ڪمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تيئن هو ب شاسترن کي پڙهي پڌيءَ سان پدارٿن جو وويڪ ۽ ڪاريه اڪاريه جو نونو چڱيءَ طرح سان ڄاڻي ٿو. جهڙي طرح سرپ پنهنجيءَ ٻاهرين کل کي ڌارڻ ڪندي ب آهستي آهستي جدا ڪندو رهي ٿو تيئن هو ب مد، ايمان، ابوڪا، موه لوڀ آدڪن کي ٻاهران ڌارڻ ڪندي ب آهستي آهستي تياڳ ڪندو رهي ٿو. اهڙيءَ پڌيءَ وارو پرش شاستر گرو ۽ سجن پرشن جي صحبت ڪري گيان جي رهسيه کي پراپت ڪري ٿو.

(۳) تنو مانسا:- شڀ اڇا جي ويچارڻا جي ابياس سان وشين مان پريت هٽي وڃي ٿي ۽ من جي استولتا گهٽجي وڃي ٿي، انکي تنو مانسا چيو وڃي ٿو. تڏهن هو ٻيئن يوڳا وارو ودوان شاستر جي واڪين ۾ پنهنجي پڌيءَ کي استاپن ڪريٿو ۽ تپسوي پرشن جي آشرمن ني اڌيالمڪ اپديش پڌي ٿو ۽ پتر جي آسڻ تي ويهي سنسار جي دوش درشن ڪرائڻ وارن ۽ ويراڳ اپن ڪرائڻ وارن ويچارن ۾ مگهن رهي ٿو. هڪ ٻيئيءَ انوسار هلت ڪري ٿو ۽ اسنسڪتي (اسنگتا) جو شانت

جڙ- گرنٿي يعني من جي ڳنڍ کلي وڃي ٿي. مورس
جي ديپڪ جي لاٽ وانگر هو سدائين اسٿر رهي ٿو.
نرواڻ ۾ پرويش ڪرڻ کان سواءِ به هن جي اسٿتي نرواڻ
سمان آهي. جيئن سمنڊ ۾ رکيل پاڻيءَ سان ڀريل دلي
جي اندر ٻاهر پورنتا آهي، تيئن هنکي پورنتا جو اپيو
ٿيندو رهي ٿو.

(٧) ترِيا:- ستين ڇهن ڀومڪائن جي اڀياس تيڻ
تي ڀيد جي درشٽي ناس ٿي وڃي ۽ اکنڊ آتم ڀاو ۾
اسٿتي ٿئي تنهنکي ترِيا چيو وڃي ٿو. انجوئي نالو ترگيا
يا جيون مڪتي به آهي. هي رامجي! ڇهين ڀومڪا
کي پار ڪري هيءَ ودوان ستين ڀومڪا کي پهچي ٿو.
انکي وديهه مڪت چيو وڃي ٿو. اها شانت اوستا
سڀني ڀومڪائن جي پڇاڙيءَ جي منزل آهي. ان جو
ورنن ٿي نٿو سگهي؛ تڏهين به ڪنهن نه ڪنهن ريتيءَ
سان انجو اپديش ڪٿن ڪيو وڃي ٿو. اها مڪتيءَ جي
اوستا آهي. اها برهم جي حالت آهي. اها پورن اوستا
آهي انکي نرواڻ پڻ چيو وڃي ٿو.

(٢٤) ڪرم بندن کان ڇوٽڪارو

سنسار ۾ اهڙو ڪوئي استان نه آهي جتي پنهنجي
ڪيل ڪرمن جو ڦل نه ملندو هجي. پهاڙ، آڪاس،
سمنڊ، سرڳ مطلب ته هرهنڌ ڪرم جوئي ڦل ملندو
رهي ٿو. اڳين جنمن ۾ خواه هن جنم ۾ جيڪي ڪرم
ڪيل آهن تن جو ڦل اوس ڀوڳڻ تئي ٿو. هي رامجي!

ٿي وڃي ٿو ۽ ادويت جي ڀاونا پڪي ٿي وڃيٿي. هو سنسار کي سپني برابر ڏسي ٿو.

(۵) اَسنسڪتي:- جڏهين مٿين ڇئن ڀومڪائن جي ابياس سان آتم ستا جي پرڪاش ۾ من استر ٿي وڃيٿو ۽ سنسار جي پدارٿن ۾ مٿيا ٻڌي جو انڀو ٿئي ٿو تڏهين انکي اسنسڪتي چئجي ٿو. هي رامچي! هن پنجين ڀومڪا واري ودوان جو انڀو فقط آتم ستا جو رهيٿو. هنجون وشيش ورتيون سڀ ڪيئي ٿي وڃن ٿيون ۽ هنجي استٿي فقط ادويت ۾ رهي ٿي. دويت جو ڀان مٽجي وڃي ٿو، ۽ سندس انڀو ۾ آتما جي چاندڻيءَ جو پرڪاش ظاهر ٿئي ٿو. ٻاهرون وهنوار ڪندي به هو انتر مک ورتيءَ سبب سکوپت ۾ لين رهي ٿو. هن جون واسنائون نورت ٿي وڃن ٿيون ۽ شانتيءَ ۾ استٿت رهي ٿو.

(٦) پدارٿ اڀاوني:- جڏهين مٿي چيل ڀومڪائن جي ابياس سان آتما ۾ درڙ استٿي ٿي وڃي ٿي ۽ ٻاهر خواه اندر سڀني پدارٿن جي اڀاو جي ڀاونا پڪي ٿئي ٿي تڏهين انکي پدارٿ اڀاوني چيو وڃيٿو. هي رامچي! ڇهين ڀومڪا ۾ نه هئڻ ٻڌي جو انڀو ٿئي ٿو ۽ نه "اڻ هئڻ" ٻڌي جو انڀو ٿئي ٿو. نه اهنڪار جو نه اهنڪار جي نورتيءَ جوئي انڀو ٿئي ٿو. هن اوستا ۾ ودوان، ڀاونائن کان رهت ٿئي ٿو ۽ سندس من ناس ٿي وڃي ٿو. هن جا سڀ سنديه شانت ٿي وڃن ٿا ۽ چٽ-

هي رامچي! آتما جي اگيان سان ٿي سنڪلپ پيدا ٿئي ٿو، ۽ سنڪلپ ئي بندن جو ڪارڻ آهي. انڪري سنڪلپ جو تياڳ ڪر. سنڪلپ جي وس ٿي جيو ڪرمن جو ڦل ڀوڳي ٿو، ۽ سنڪلپ کان رهت ٿي ڪرمن جي ڦل کان مڪت ٿي وڃي ٿو. هي رگهنندن! سم، شڌ ۽ وڪار رهت بڌيءَ سان جو ڪجهه ڪيو وڃي ٿو سو دوش وارو نٿو ٿئي. آسڪتيءَ رهت من وارو مني شپ خواهه اشپ ڪريائن کي ڪندي به وري سنسار ۾ نٿو اچي؛ ۽ جنهن سڌ ڪرمن کي من سان تياڳ نه ڪيو آهي، سو جيتوڻيڪ شپ يا اشپ ڪريائون نٿو ڪري تڏهين به سنسار سمنڌ ۾ غوتا کائيندو رهندو.

هي رامچي! من ۾ جڏهين خيال اٿڻ ٿئي ٿو ته فلاڻي وستو پراپت ڪرڻ لائق آهي يعني انجي پراپتيءَ جي جڏهين خواهش ڪجي ٿي، تڏهين اُنکي ڪرتاپڻو چئجي ٿو. جڏهين ڪنهن ڦل جي پراپتي جي اڇا سان من ڪرم ڪري ٿو، تڏهين انکي منش انوسار انجو ڦل ملي ٿو. چاهي ڪوئي ڪريا ڪري يا نه ڪري، تڏهين به جهڙيون واسنائون تين تيون ٿهڙو ٿهڙو انيو هيءَ جيو سوڳ ۽ نرڪ ۾ ڪري ٿو. انڪري اگياني جيو چاهي ڪرم ڪري يا نه ڪري تڏهين به هو ڪرم جو ڪرتا آهي ۽ گياني جيو چاهي ڪرم ڪري يا نه ڪري ته به اڪرتا آهي ڇو ته هو واسنا رهت آهي. ان ڪري هي رامچي! من ڪري جو ڪرم ڪيو وڃي ٿو سوئي ڪرم آهي، ۽ من ڪري جو ڪرم نٿو ڪيو

فقط اندرين سان ڪيل ڪريا کي ڪرم نٿو چئجي بلڪ ڪرم جو پهريون سروپ مانسڪ آهي. ان ڪري من جو اسپندن (چرپر) ۽ ڪرم هڪڙي وستو آهي. ڪرم جو ٻج، من جون ڪلپنائون ۽ واسنائون آهن. اڳي توکي ٻڌايو اٿم ته ڪارج ڪارڻ کان ڀن نه آهي، ۽ ڪارج ڪارڻ جو روپ آهي. تنهن هت به ڪرم جو ڪارڻ من جون ڪلپنائون آهن. ان ڪري ڪرم من جو روپ آهي. جيئن ڪوئي گڻي (مثلا گل) گڻ (مثلا سڳنڌ) کان سواء رهي نه ٿو سگهي تيئن من جون ڪلپنائون ڪرم شڪتيءَ کان سواء رهي نٿيون سگهن. جيئن اگني ۽ اوشڻتا (گرمي) الڳ رهي نٿا سگهن تيئن من ۽ ڪرم پڻ جدا رهي نٿا سگهن.

هي رامجي! اگيانيءَ کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل انڪري ڀوڳڻو ٿو پوي جو هنجي ڪرم جو ڪارڻ سندس واسنا آهي. گيانيءَ جي واسنا ڪيه ٿي وڃي ٿي، تنهن ڪري گيانوان کي ڪرم جو ڦل ڀوڳڻو نٿو پوي. واسنائن جي اپاء ڪري سڀ ڪريائون ڦل رهت ٿي وڃن ٿيون، جيئن ٻاٽيءَ کانسواء ول سڪي وڃي ٿي. جهڙي طرح بهار جي موسم اچڻ تي سرءُ جون سڀ حالتون ناس ٿي وڃن ٿيون تيئن واسنائن جي ناس ٿيڻ تي ڪريائن جو ڦل ڪين ٿي وڃي ٿو. جيئن بيد جي ٻوٽي ۾ ڪوئي ڦل نٿو لڳي، تيئن واسنا رهت ڪريا جو اهو سڀاءُ آهي جو ڦل کي اُپن نٿي ڪري.

چاهي اُنتي ڪري ۽ هن جي لاءِ سڀ هڪ جهڙا آهن. شانت چت واري پرش لاءِ گهر ۽ نرجن بن جي سمان شانتي ڏيندڙ آهي ۽ اشانت واري پرش جي لاءِ نرجن بن ۽ وڪار پيدا ڪندڙ نگريءَ سمان آهي.

منش کي نه ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ نه ڪجهه تياڳڻو آهي. سڀ ڪجهه اَج (جنم رهت) اننت (ناس رهت) ۽ شانت روپ شو ئي شو آهي. هي رامجي! ڪرمن جي ڦل روپي ميل کي سيتل پرش وانگر پلاڻي ويدنا (ڪلنا) رهت ٿي موقعي انوسار ڪريا ڪندو رهه. جهڙيطرح شڌ آرسيءَ ۾ پرتبنب (پرڇانئي) پوڻ جي ڪريا پنهنجو پاڻ پيئي ٿئي، تيئن آسڪتيءَ رهت ٿي موقع انوسار ڪرم ڪي ڪندو رهه. هي رگهنندن! جنمن جي دکن کي دور ڪرڻ جو تمام اتم رستو اهو آهي جو واسنا رهت ٿي ڪرمن ڪرڻ جو ابياس رکُ. آتم گيانين جي واسطي نه ڪا وڌي (امر) آهي ۽ نه نشيڌ (نهي) آهي. جنهنجون سڀ اڇائون شانت ٿي ويون آهن، تنهنکي ڪجهه ڪرڻ واسطي ڪير آگيا ڪندو ۽ ڇو اهڙي آگيا ڪندو. اگياني پرش ڀلي ڀري جاڻڻ بنان وشين ۾ پرورتي ڪري مڇليءَ وانگر دکه پائي ٿو ۽ گياني پرش اندرين کي جيتي تتو گيان کي حاصل ڪري ٿو ۽ واسنائن کي تياڳي اِشت (وڻندڙ) ۽ اَن-اِشت (نه وڻندڙ) پدارٿن جي چڪر ۾ نٿو پوي. گياتوان جي واسطي نه ڪوئي ڪرم ڀرو آهي

وڃي سو ڪرم نه آهي. ڪرم جو ڪرتا من ئي آهي، سو بہ نه آهي. اهو سڌانت آهي.

هي رامجي! سڀني ڪرمن جو، سڀني اڇائن جو، سڀني لوڪن جو ۽ سڀني گڻين جو ٻج من آهي. من جي تياڳ ڪرڻ سان سڀني ڪرمن جو تياڳ ٿي وڃي ٿو ۽ سڀ دک ڪيڻ ٿي وڃن ٿا. وويڪ دواران شي خواه اشي ٻنهي پرڪارن جي ڪرمن کي ناس ڪرڻ گهرجي سو تڏهين ٿئي ٿو جڏهين گيان دواران پڪو نشچو ٿئي ٿو ته ڪرم آهئي ڪونه. هي رگهنندن! پورولي رهت، واشنا رهت ۽ ڪلپنا رهت شانت ٿي استٿت رهڻ جو نالو ڪرمن جو تياڳ آهي. جن جڙ سهت ڪرمن جو تياڳ ڪري شانتي حاصل ڪئي آهي انهن جي لاءِ ڪريا جو ڪرڻ يا نه ڪرڻ هڪ جهڙو ئي آهي. ڪرم ڪرڻ سان هنکي ڪجهه پراپت نٿو ٿئي ۽ ڪرم نه ڪرڻ ڪري هنجي ڪا هاڃي ڪانه ٿي ٿئي. انڪري هي رامجي! هن نشچي کي پڪو ڪر، ڪرمن جي شنڪائن کي تياڳ ڪر ۽ ڪلپنائن ۽ اڇائن کي ڇڏي شڌ سروپ ۾ استٿت ٿيءُ. جي پرش هن پرڪار جي سچي ڪرم تياڳ جو اڀياس نٿا ڪن ۽ فقط ٻاهرين ڪريائن جو تياڳ ٿا ڪن سي جڻ آڪاس جي ٻارڻ جو جتن ٿا ڪن. جنهن گيان دواران ڪرمن جو تياڳ ڪيو آهي ۽ واشنائن رهت جيون مڪتيءَ ۾ استٿت آهي، سو چاهي گهر ۾ رهي، چاهي بن ۾؛ چاهي سانت ڪري وهي،

ٻاهر پوورس ٿيندي آ. آتما آنند جي رس ۾ مشغول هئڻ گهرجي.

(٢٥) آتما جو انڀؤ

جهڙي پرڪار * ڪنڪ ريٺو پوئڻ ڪي ميري ٻاٽيءَ ۾ وجهڻ سان ٻاٽي ترت صاف ٿي پوي ٿو، تيئن گيان ٿيڻ سان آتما جو تروت پرڪاش ٿئي ٿو. جيئن جاريءَ جي ڪنجڻ ني پڪي آزاد ٿي اُڏامي وڃي ٿو تيئن واسنائن جي تورس ٿيڻ ني هردي جي ڳنڍ ڀلي ٿي پوي ٿي ۽ جيو، آتما جي آزاديءَ کي حاصل ڪري ٿو. اُنجو هردو شانس ٿي وڃي ٿو. هيءُ ۽ اُپاديءَ يعني اُمر ۽ لهي سندس بدڻ مان مٽجي وڃن ٿا. هن جي انڀوءَ ۾ سمتا جو روشن انين ٿئي ٿو، جيئن هوا جي بند ٿيڻ ني سمنڊ شانت ٿي وڃي ٿو. جيئن سوريه جي پرگهٽ ٿيڻ ني رات جي انڌيري ناس ٿي وڃي ٿي تيئن پوڌ ٿيڻ ني واسنا تورت ٿي وڃي ٿي. جيئن پرانهه ڪال ۾ سندر پنکڙين وارو ڪمل سورج کي ڏسي کڙي پوي ٿو تيئن واسنائن رهت ٿيڻ ني آتما جي روشن واري بدي پرگهٽ ٿئي ٿي.

هي رامچي! وشيه جي پروري ۽ توري جي

---

* نوٽ - هيءَ هڪ پرڪار جي پوٽي آهي ۽ ڦٽڪيءَ وانگر ميري ٻاٽيءَ جي صاف ڪرڻ جو ڪم ڏئي ٿي.

۽ نہ ڪوئي ڪرم ڀلو آهي. هي پاپ رهت رام! تون ڪي مهاڪرتا، مهاڀوڳتا ۽ مهاتياڳي ٿيڻ گهرجي.

مهاڪرتا اهو آهي، جو راڳ ۽ دويش، سک ۽ دک، ڌرم ۽ اڌرم، سڦلتا ۽ اسڦلتا آدڪن جو خيال ڇڏي موقعي انوسار ڪاريہ ڪندو رهي. مهاڀوڳتا اهو آهي جو نہ ڪنهن وستوءَ جي چاهنا ڪري ٿو ۽ نہ ڪنهن وستوءَ سان دويش رکي ٿو؛ بلڪ سڀ جو سڀاوڪ ريتيءَ سان اپڀوڳ ڪندو رهي. مهاتياڳي انکي چئبو وڃي ٿو جنهن پنهنجي من مان سڀني اڇائن، ترشنائن ۽ نشچت شنڪائن جو تياڳ ڪيو آهي.

هي راڄي! ٻاهران نيتي ۽ ڌرم انوسار سڀ ڪرم ڪندي بہ من جي اندر آشائن واشنائن ۽ راڳ رهت ٿي سنسار ۾ وچرڻ ڪر. جيستائين سرير آهي، تيستائين اڇائن جو تياڳ ڪري ڪرڻ جهڙن ڪرمن کي ڪندو رهجي. ست ۽ اسٽ جي وچ پنهنجي استٿي ڪر ۽ ان استٿيءَ جو آسرو وٺي اڇائن جو تياڳ ڪري وچرڻ ڪر. ٻڌيمان پرشن ۾ جيئن ڪرم ڪرڻ جي ڪامنا نہ آهي تيئن ڪرم جي تياڳڻ جي پڻ اڇا نہ ٿي ٿئي. جهڙيطرح ڪاٺ جو چيچڙو (ڪمند پيهڻ جي مشن) پاڻ رس جو سواد نٿو وٺي، تڏهين بہ ٻين جي لاءِ ڪريا ڪري ٿو، تيئن تون بہ لوڪ اپڪار جي درشٽيءَ سان ڪرم ڪندو رهہ پر انجي ڦل جو سواد نہ چک. تنهنجي اندرين جون سڀ ورتيون رسن کان اُپرام ٿيڻ گهرجن.

سو فقط اِتري ڄاڻڻ لاءِ ته من ۽ اهنڪار جيئن سڪوپت ۾ لين ٿئي وڃن ٿا، تيئن آتم اهڙي واري اوستا ۾ پڻ من ۽ اهنڪار لين ٿئي وڃن ٿا، نه ته اُها پوري پورن اوستا سڪوپت اوستا کان بلڪل نرالي آهي. آتما جو انڀو جنهن کي ٿئي ٿو سو گيانوان آهي. هو اهڙي آنند جو انڀو ڪري ٿو جنهن جي ڀيٽ ۾ لوڪ ۽ پرلوڪ جا سک تڇ آهن.

هي رامجي! راجا شکر ڌج کي سندس استريءَ چوڙالا آتم گيان جو اُپديش ڪيو سا وارتا توکي ٻڌايان ٿو.

چوڙالا جي ڪٿا

دواپر جڳ ۾ مالوا ديش ۾ شکر ڌج نالي هڪ سندر ٻلوان ۽ پرتاپي راجا هڪ سمي راڄ ڪندو هو. هن جي راڻيءَ جو نالو چوڙالا هو جا بلڪل سندر ۽ چتر هئي. هن جي ٻڌي ڪليل هئي.

هي رامجي! چڱي ڪل جي سيل واري استري پرش کي اناڌي گهري موهه کان پار ڪري ڇڏي ٿي. شاستر گرو ۽ منتر ٻه سنسار کان پار ڪرڻ ۾ ايتري سهائتا نٿا ڪري سگهن جيتري پريم ڀريل ڪلوان استري پنهنجي پتيءَ کي پار ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. گڻوان استري پنهنجي پتيءَ کي ضرورت آهر سکيا، ٻڌو، شيوڪ، گرو، ڌن ۽ شاستر جو ڪم ڏئي ٿي. جڏهن جگياسوءَ کي هم خيال واري گڻوان پتني پراپت ٿئي ٿي، تڏهن سڀني پرڪارن جي سکن کان وڌيڪ

وچواري * جا چت جي اوستا آهي سا آتما روپ جي استتي آهي!

هي رامچي! اهنڪار جي ناس ٿي وڃڻ کي جا سک ۽ پرسنتا ڏيڻ واري اوستا ٿئي ٿي اُن استت ٿيڻ جو جتن ڪرڻ گهرجي. اها اوستا سمند وانگر پورنتا واري آهي. انجو ورنن وچنن دواران ٿي نٿو سگهجي. اُنجي † اُپما (مشابهت) پڻ ڪٿي ڪري نٿي سگهجي. ان اوستا جي اُپما سکوپتي ۽ سان ڏني ويندي آهي.

---

* هن جو مطلب اهو آهي ته آتما ۾ نه پورنتي آهي ۽ نه نورتي آهي. سڀني سنڪلپن جي ناس ٿيڻ کي جڙتا ۽ ننڊ کان رهت جو پنهنجي پاڻ جو انڀوءَ آهي اهائي سروپ جي استتي آهي.

† ڪنهن پرش کي پڇايو وڃي ٿو ته بگهڙ ڪهڙو جانور آهي پر جهنگل ۾ رهندڙ آهي. اهو پرش اتفاقن جهنگل ۾ ويندي ڪهڙو جانور ڏسي ٿو. هنکي بگهڙ ڏسڻ سان گيان ٿئي ٿو ته هي بگهڙ آهي. هت بگهڙ کي ڪٿي جي اُپما ڏني وئي آهي. وسشت مهراج جو ڪٿن آهي ته آتما کي ڪنهن جي اُپما ڏئي نٿي سگهجي، ڇو ته آتما ست چت آنند روپ آهي ۽ اناتما است جڙ ۽ دک روپ آهي، يعني آتما کان سواءِ ٻيا پدارٿ آتما جي اُبتڙ سڀاءَ وارا آهن تنهنڪري آتما کي ٻئي ڪنهن به پدارٿ جي اُپما ڏئي نٿي سگهجي،

چوڙالا آتم انڀؤ جون ڳالهيون ٻڌائيندي هنس ۽ راجا انهن لي ڪو ڌيان ڪونه ڏيندو هو، ڇاڪاڻ ته ڪيس خيال ويٺل هو ته استري مونکي ڇا سيکاري سگهندي! استري ڪنشٽ (گهٽ) آهي، پرش اُتم آهي. زال ذات کي گيان ٿيڻ ناممڪن آهي سو هيءَ مونکي گيان ڇا ڏيئي سگهندي.

راڻي چوڙالا گهڻيئي جتن ڪيا ته پتيءَ کي پرت ڏيان. جتن سان يوگ جون سڌيون پراپت ڪري راجا کي پرتا ڏيکاريائين، ته به راجا جو استريءَ ۾ وشواس نه جاڳيو ۽ گيان جي اُپديش جو مٿس ڪوبه اثر نه ٿيو.

راجا جو من وهنوار مان ڪٽو ٿي ويو، ڪيس دستو نه پيو سجهي ته چت کي ڪيئن شانت ڪريان! خيال ڪرڻ لڳو ته اهڙو اُپاءُ سوچڻ کپي جو هيءُ من روپي باندر نهر پائي. هن چنچل من مونکي گهڻو وياڪل ڪيو آهي. ڪهڙو دستو ڳوليان جو هن من روپي دشمن کي وس ڪيان. هڪ ڏينهن نشچيه ڪيائين ته راڄ پاٽ کي ڇڏي وڃي ٻن ۾ رهان. اُن تي راڻيءَ ڪيس گهڻو سمجهايو ته آتم گيان واسطي ٻن ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانه آهي. ٻن ۾ انهن کي وڃڻ گهرجي جن جي گهر ۾ انيڪ پرڪارن جا سنڪٽ ۽ وگهن هجن. توهانکي ڪنهن به پرڪار جي رڪاوٽ ڪانه آهي. توهان نوسنسي آتما جي ويچار جو اڀياس ڪري سگهو ٿا، ٻن ۾ توهانکي وڌيڪ وگهن پوندا.

آنند اُن دمينتيءَ کي هڪ ٻئي جي سنگ ۾ پراپت ٿئي ٿو.

راجا شکرڌج کي ٻئي چوڙالا روپي آتم ڌن پراپت ٿيو. راجا ٻئي انجو ٻورو ٻورو قدر سڃاڻو ۽ ساڻس گهڻو پريم ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح راجا ۽ راڻي ٻئي هڪ ٻئي جي پريم ۾ آنند سان وقت گذارڻ لڳا. ڪنهن به ڀوڳ جي ڪمي ڪانه هئي. سنساري پدارٿن جو سک ڀوڳيندي هڪ ڏينهن راجا کي ويچار اُٿيو ته ڪيترا ڀوڳ ڀوڳيا اٿم تڏهن به چت ترپت نه ٿيو آهي. جواني هلندي ٿي وڃي، پل گهٽبو ٿو وڃي، پر سنسار جي پدارٿن مان من ۾ اڃان سنتوش نه آيو آهي. تڏهين راڄ جي ٻنڌنن کي گهرائي هو چوڻ لڳو ته سنسار جا سڀ ڀوڳ مونکي پراپت آهن. گهڻو ئي وقت اُنهن کي ڀوڳيو اٿم، پر پيٽ ڪونه ٿو ڀرجي. چت جي چاهه شانت ٿيڻ بدران وڌندي ٿي رهي. هاڻي ڪو اهڙو اُپاءُ ڏسيو جو چت ترپت ٿي وڃي. اُن تي ٻنڌنن اُترڏنو ته هي راجا! آتم گيان کان سواءِ چت جي شانتي حاصل نه ٿيندي. تڏهين راجا چوڙالا سميت آتم گيان جو اُپديش شروع ڪيو. راڻي چوڙالا جي ٻڌي وڏيڪ سوکيم ۽ ويچار واري هئي، تنهنڪري ڪيس آتم جو انڀو ٿيو. سندس منهن ۾ شانتي ۽ تيج بکڻ لڳو، مگر راجا جو من راجائيءَ جي ڀوڳن ڀوڳڻ ڪري استول ٿي ويو هو، تنهنڪري آتما جي پروڙ ڪيس پئجي نه سگهي.

تہ ڪنهن بہ طرح راجا کي گيان ڪرائڻ گهرجي. اهو ويچار ڪري چوڙالا هڪ جوان تيجسوي رشيءَ جو روپ ڌارڻ ڪري راجا وٽ ويئي. راجا اُن رشيءَ کي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ اُٿي اُن رشيءَ جو گهڻو سنڪار ڪيو. پوءِ اُن رشيءَ کان پڇائين تہ مهراج توهين ڪير آهيو ۽ ڪاٿون ٿا اچو. اُن تي رشيءَ جي روپ ۾ چوڙالا جواب ڏنو تہ آءٌ ديو رشي نارد جو پٽ آهيان ۽ ڪمڀج منهنجو نالو آهي. آءٌ ديو لوڪ ۾ رهان ٿو ۽ سير جي ارادي سان هت پرٿويءَ تي آيو آهيان. هن نوجوان ۾ توکي ڏسي توسان وارتا لاپ ڪرڻ جو منهنجو خيال ٿيو. راجا چيو تہ مهراج ڪميا ڪري ٻڌايو تہ توهين نارد مون اُتپن ڪيئن ٿيا. نارد تہ ڪڏهين شادي ڪانہ ڪئي. اُنتي ڪمڀج وراڻي ڏني تہ هڪ دفعي سمير پربت تي نارد سماڌي لڳائي. جڏهين سماڌيءَ مان جاڳيو تڏهين ڏٺائين تہ پربت جي هيٺان گنگا نديءَ ۾ اَروُشي آدڪ انيڪ سندر اپسرائون سنان ڪري رهيون هيون ۽ انهن جو هڪ هڪ عضوو ۽ ناز دل کي موهيندڙ هو. اِهو نظارو ڏسي نارد جي سرير ۾ ڪام جو ويگ بجليءَ وانگر پرويش ڪري ويو ۽ سندس ويريہ ڪري پيو جو نارد دلي ۾ رکي ڇڏيو ۽ ان ۾ ڪير وجهي پرائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ان دلي مان منهنجو جنم ٿيو. ان ڪري مونتي نالو ڪمڀج يعني دلي مان پيدا ٿيل پيو.

راجا کي ڪمڀج منيءَ ۾ ڏاڍو پريم ۽ شرڌا ٿي

راڻيءَ چوڙالا جي وچن راجا تي ڪو اثر ڪونه ڪيو. هڪ رات جو راڻيءَ کي گهريءَ ننڊ ۾ ڏسي راجا شڪر تج محل ڇڏي بن ڏانهن روانو ٿيو. بن ۾ پهچي هن ورت ۽ مؤن آدڪ انيڪ سادن ساڌيا. وري تيرٿ ياترا تي نڪتو. ياترا ڪري موٽي بن ۾ آيو پر ڪيس آتما جو انڀؤ اڃان ڪونه ٿيو. هوڏانهن راڻيءَ جي جڏهين اک کلي ته راجا کي محل ۾ نه ڏسي، سمجهي ويئي ته راجا بن ۾ پڌاريو آهي. ويچار ڪيائين ته راجا جي بن ڏانهن وڃڻ جو ٻڌي راجپال بکيڙو ڪندا، ۽ ملڪ ۾ معاملو مچي ويندو جنهنڪري ماڻهو دکي ٿيندا. تنهنڪري راڻيءَ چوڙالا راج هلائڻ شروع ڪيو، ۽ منترين کي گهرائي کين چيائين ته راج جي باري ۾ مخفي ڪاروبار جي لاءِ راجا اوچتو ٻئي ديش ۾ ويل آهي ۽ پنهنجي پٺيان راج هلائڻ جو اڌڪار مونکي سونپي ويو آهي.

راڻي چوڙالا راج جو ڪاروبار بلڪل چترائيءَ ۽ چستائيءَ سان هلائڻ لڳي. هاڻي ويچار ڪيائين ته راجا جو پتو ڪڍڻ کپي. يوگ جون سڌيون اڳهين ئي پراپت ڪيون هيائين سو سماڌي لڳائي سنڪلپ سان اُتي اچي پهتي جتي راجا براجمان هو. سنڪلپ دوارا راجا جي هردي ۾ پرويش ڪري ڏٺائين تہ اڃان راجا جو چت نڪي شانت ٿيو آهي، نڪي آتم گيان کي پراپت ڪيو اٿس. تڏهين راڻيءَ کي ديا آئي ۽ ويچار ڪيائين

ان تي راجا چوڻ لڳو تہ هي مهراج! ان ۾ ڏک جو ڪهڙو سبب آهي. پرش ٿيا تہ ڇا ۽ جي استري ٿيا تہ ڇا. ٻئي هڪ برابر آهن. نہ پرش آتم آهي ۽ نہ استري ليڪہ آهي. جيو کي هر ڪنهن حالت ۾ راضي رهڻ گهرجي. استري خواه پرش ٻنهي کي آتم گيان ٿي سگهي ٿو. ويچار ڪري ڏسبو تہ استريپڻو ۽ پرشپڻو ٻئي سرير ۾ آهن ۽ نہ آتما ۾.

راڻي اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ رات ٿي تہ سندر استريءَ جي روپ ۾ راجا جي اڳيان ظاهر ٿي، ۽ ڏينهن جو ڪمڀہ جو روپ ڌارڻ ڪندي هئي. رات جو استريءَ جي روپ ۾ راجا جي پرسان آرام ڪندي هئي. تڏهين بہ راجا جي چت ۾ ڪو وڪار اُٿڻ ڪونہ ٿيو. هڪ ڏينهن راجا کي چيائين تہ هي راجن! رات جو جڏهين آءٌ استري جو روپ ڌارڻ ڪيان ٿو تڏهين منهنجي چت ۾ ڪام جو ويگہ زور وٺي ٿو ۽ پرش جي سنگہ کان سواء منهنجو رهڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. ان تي راجا چيو تہ جيستائين سرير ۽ اندريون رهن ٿيون تيستائين ضرور انهن جي يوڳہ جو سڀاءُ رهيٿو. گياني پرش کي انهن جو وروڌ ڪري ٻل سان انهن کي دٻائڻ نہ گهرجي. اندرين جي جوڳہ، يوڳہ جي يوڳڻ سان نہ آتما جو ڪجهہ ٻگڙي ٿو ۽ نہ انهن کي ڪجهہ هٽائڻ سان آتما جو ڪجهہ سڌري ٿو. ان ڪري هي، ڪمڀہ جيڪڏهين استري روپ ۾ ٿوکي استرين واريون اڇائون

ويٺي. روز ٻئي ٻاڻ ۾ ملي وارتا لاپ ڪندا هئا.
ڪمڀج راجا کي آهستي آهستي آتم گيان جو اُپديش
ڪرڻ لڳو. راجا ٻڻ شرڌا سان ڪمڀج منيءَ جا وچن
ٻڌي انهن جو ويچار ڪرڻ لڳو. ويچار ڪندي ڪندي
راجا کي آتم گيان اُتپن ٿيو. سندس چت ۾ مهان شانتي
پرگهٽ ٿي. شانتيءَ سان سندس مک جهلڪڻ لڳو.
هرک ۽ شوڪ سندس نورت ٿي ويا.

هاڻي راڻي چوڙالا خيال ڪيو ته هن جي پرڪشا
(پختائيءَ) جي پريکشا ڪرڻ گهرجي. هڪ ڏينهن
ڪمڀج ظاهري شوڪ ڏيکاري اُداس ٿي اچي راجا
وٽ ويٺو، تڏهين راجا ڪانئس پڇيو ته تنهنجو من اڄ
ايترو اُداس ڇو ٿيو آهين. تون ته آتم گياني آهين.
توکي شوڪ ڇو ٿيڻ گهرجي. انهيءَ تي ڪمڀج وراڻي
ڏني ته هي راجن آءٌ توکي ڇا ٻڌايان، مونکي چوندي
لڄ ٿي اچي: اڄ جيئن ديولوڪ مان تو وٽ آيس پئي
ته واٽ تي دروواشا رشي ڏٺم ۽ سندس سرپر تي
ڪيترن نمونن جا گهٽا ۽ زنانا ڪپڙا پهريل هئا. اهڙو
انجو ويس ڏسي مونکي کل اچي ويئي ۽ مون کيس
چيو ته مهراج اڄ توهين استريءَ جي روپ ۾ پيا نظر
اچو. اهو ٻڌي هنکي ڪروڌ آيو ۽ مونکي سراپ
ڏنائين ته تون به روز رات جو استري ٿي پوندين. اُن
ڪري ديولوڪ ۾ وڃڻ کان به شرم ٿو اچي. هي راجن
اهو ئي سبب آهي جو اڄ آءٌ دکي ٿيو آهيان.

رهي ۽ وچ وچ ۾ سنڪلپ سان موٽي راڄ جي نظرباني
ڪندي رهي.

راجا جي اسٿتي پريکڪ ڪرڻ واسطي راڻيءَ چوڙالا
ٻي ليلا رچي. راجا اندر، ديوتائن سان گڏجي راجا
شکرڌج وٽ آيو ۽ کيس چوڻ لڳو ته هي راجن! سورڳ
۾ الولڪ ڀوڳ آهن، اُتي هلي آنند وٺ. راجا ورائي ڏني
ته هي اندر مونکي هرهنڌ سورڳ لوڪ ڏسجي رهيو
آهي. آءٌ آتم آنند ۾ مگهن آهيان. منهنجون اڇائون
ناس ٿي ويئون آهن. آءٌ اندرلوڪ ۾ هلي ڇا ڪيان!

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد چوڙالا راجا جي هڪ ٻي
پريکيا ورتي. سنجها جو راجا جڏهين گنگا تي سنڌيا
ڪرڻ ويو تڏهين چوڙالا يوگ ٻل سان هڪ سندر تيجسوي
نوجوان جي رچنا ڪئي ۽ ان سان پريم وهنوار ڪرڻ
لڳي. راجا موٽي آيو ته مدنڪا ۽ نوجوان کي هڪ ٻئي
جي پريم وهنوار ۾ ڏسي، ڪٽيا کان ٻاهر نڪري آيو
ته ڪين ڀنگ نه پيو. مدنڪا يڪدم ٻاهر آئي ۽ راجا
جي سامهون ڏين پاو سان بيهي پنهنجي ڏوهه جي معافي
گهرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته مهراج آءٌ اٻراڻ آهيان، مون
تي ڪميا ڪر. آءٌ استري آهيان ۽ استريءَ ۾ پُرش کان
اٺ ڀاڱا وڌيڪ ڪام ٿئي ٿو تنهنڪري هن نوجوان
کي ڏسندي منهنجي ورتي ڇڪجي ويئي. ان تي راجا
ورائي ڏني ته هي مدنڪا! مونکي توتي غصو ڪونهي
آهي. سنسار جا سڀ پراڻي سک جي لاءِ جتن ڪري.

اڀين ٿين ٿيون ته اهي سڀاويڪ آهن. ان ڪري تون ڪنهن لائق پرش جي تلاش ڪر ۽ ان جي استري ٿي رهه ته تنهنجو من شانت رهي ۽ سرير جو وينگه من کي چنچل نه بنائي.

اُن تي ڪمڀجه چيو ته هي راڄن تون منهنجو پيارو متر آهين ۽ تنهنجي ۽ منهنجي من جي ورتي پڻ هڪ جهڙي آهي. وڏوان لوڪن جو چوڻ آهي ته هڪ ورتيءَ واري استريءَ ۽ پرش کي هڪ ٻئي جي سنگ ۾ رهڻ سان جو آنند پراپت ٿئي ٿو سو سنسار جي سڀني سکن کان وڌيڪ آهي. ان ڪري منهنجي لاءِ توهان لائق پرش آهيو. جڏهين راجا وراڻي ڏني ته تنهنجو جيڪڏهين اهڙو ويچار آهي ته مونکي ان ۾ ڪو اعتراض ڪونهي. اسانجي شاديءَ ڪري جيڪڏهين توکي سک حاصل ٿيندو ته آءٌ ناڪار ڪانه ٿو ڪريان. ان ۾ منهنجي نه هاڃي آهي نه ڪو لاڀ آهي. پورنماسيءَ جي رات جو راجا ۽ ڪمڀج، جنهنجو استري روپ ۾ نالو مدنڪا هو، شاستر وڌيءَ موجب وواهه ٿيو، ۽ پوءِ رات جو پتيءَ ۽ پتنيءَ جي حالت ۾ رهڻ لڳا. راجا جي من ۾ ڪنهن به پرڪار جو وڪار اڀين نه ٿيو. چت ۾ شانتي ۽ آنند قائم هو. سرير ۽ اندريون سڀاويڪ ڪاريه ڪندا رهيا. ان ۾ ذرو به ڪيس اهمتا ممتا نٿي ٿري. راجا جي اها حالت ڏسي راڻي گهڻو خوش ٿي. اهڙي پرڪار راڻي چوڙالا پنهنجي پتيءَ جي اُڌار لاءِ چريتر ڪندي

ڪرڻ سان من جي چنچلتا پنهنجو پاڻ بند ٿي وڃي ٿي. اهڙي پرڪار هي رگهننددن! آتم پد ۾ استٿت ٿيڻ سان هرک شوڪ، من جي چنچلتا ۽ واشنائون نورت ٿي وڃن ٿيون ۽ هڪ چيتن ستا جي پوت جو پرڪاش رهيٿو.

هي رامچي! هڪ واريءَ جنهنکي آتما جو گيان ٿئي ٿو ۽ سندس هردي جي گنڍ کلي پوي ٿي، سو بندن ۾ وري اچي نٿو سگهي، جيئن وڻ مان ڪريل ڦل وري وڻ ۾ لڳي نٿو سگهي. جهڙي پرڪار ڪنهن پرش جي پريم ۾ ڦاٿل استري گهر جو ڪم ڪار ڪندي به پريتم جي پريم ۾ مگهن رهي ٿي، تيئن جنهن آتما جي آنند جو سواد چکيو آهي سو دنيوي پدارٿن ۾ ڦاسي نٿو سگهي. جنهن مرگهه ترشنا جي جل کي جاتو آهي سو اُڃايل هوندي به ان ڏانهن چڪجي نٿو وڃي، تيئن گيان وان کي اوديا پلائي نٿي سگهي. جڏهين اوديا جي پوريءَ ريتيءَ سان جاڻ ٿئي ٿي، تڏهين هوءَ سپني جي پوڳن وانگر کيڻ ٿي وڃي ٿي.

هي رامچي! جنهن جي اوديا نورت ٿي ويئي آهي تنهن کي پرم ترپتي حاصل ٿي آهي. هو ڇوي ٿو ته آءٌ موکش جي اڇا ڇو ڪيان. نه بندن آهي، نه مونکي موکش جي اڇا آهي. ڌيان ڪرڻ سان منهنجو ڪهڙو مطلب، ۽ ڌيان نه ڪرڻ ۾ منهنجي هاڃي ڪهڙي. نه مون ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ نه مون ۾ ڪا ڪمي ٿئي ٿي؛ نه مونکي پوڳن جي اڇا آهي ۽ نه انهن جي تياڳ جو

رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي جي محبت مان گهڻو آنند ملي ٿو. تنهنڪري تو جيڪي ڪيو آهي تنهن تي نه مونکي عجب لڳو آهي ۽ نه مونکي ڪاوڙ ٿي آهي. باقي اڄ کان پوءِ آءٌ توسان استري وارو وهنوار ڪو نه ڪندس. ڇو ته سماج هن ڳالهه کي نندي ٿي. آئينده فقط اسان جي اڳين مترتا جو ناتو رهندو. راجا جي هيءَ حالت ڏسي راڻي ڏاڍو پرسن ٿي ۽ يڪدم مدنڪا جي روپ جو تياڳ ڪري چوڙالا جي روپ ۾ راجا جي آڏو ظاهر ٿي. هي نظارو ڏسي راجا حيران ٿي ويو. تڏهين چوڙالا کيس سمورو ڀيد کولي ٻڌايو، جو ٻڌي راجا گهڻو پرسن ٿيو ۽ راڻيءَ جو گهڻو اپڪار مڃيائين.

راڻيءَ راجا کي موٽي راجڌانيءَ ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. پوءِ ٻئي موٽي اتي آيا ۽ جيون مڪتيءَ جو آنند وٺڻ لڳا. راجا گهڻي ڪال تائين راڄ ڪري، پرجا کي سک ڏيئي وديهه مڪتيءَ ۾ لين ٿيو.

هي رامجي! گيان جي اڀو اڀڻ ٿيڻ تي من موئي وڃي ٿو، ترشنا هٽي وڃي ٿي، موهه کيڻ ٿي وڃي ٿو، ۽ اهنڪار لين ٿي وڃي ٿو. جهڙي طرح ڦرندڙ چڪر تي وينل پرش کي پربت ڦرندا نظر اچن ٿا، پر چڪر جي بيهڻ تي پهاڙن جو ڦرڻ بند ٿي وڃي ٿو، تهڙي طرح آتما جي گيان ٿيڻ تي من جا ڦرنا بند ٿي وڃن ٿا. جهڙي پرڪار بتيءَ مان تيل کپي وڃڻ تي بتيءَ جي لاٽ پنهنجو پاڻ بند ٿي وڃي ٿي، تيئن آتما جي درشن

(٢٦) جيون مڪتي

هي رامچي! مٿي ورنن ڪيل اسٿتي جنهن پرش جي پرپڪ ٿي آهي انکي جيون مڪت چيو وڃي ٿو. ان کي سکه ۾ سکه ۽ دکه ۾ دکه اطو نه ٿو اچي. اهڙو سم درشٽي پرش ڀيانڪ دکه ۽ مها سکه جي حالت ۾ به من ۾ وڪار اچڻ نٿو ڏئي. جڳت جو وهنوار ڪندي به هنجي من ۾ وکيپ نٿو ٿئي. هي رامچي! انهيءَ کـي ئي سچي شانتي چئي سگهجي ٿو.

جيون مڪت ڀاڳوان راڳه وارو وهنوار ڪندي به

برهم گياني کي ڌ برج ايڪ - جئن † بسڌا ڪونو ڪودي
ڪونو چندن ليپ؛
برهم گياني ڪا اِهي *گناءِ - نانڪ جئن پاوڪ ڪا
سهج سڀاءُ.

† بسڌا = پرٿوي. * گڻ.

نوٽ:- جيون مڪتي جي باري ۾ سکمني صاحب جا هيٺيان واڪيه آهن:-

اسٽپدي ٩/٧ پرڀ کي آگيا آتم * هتاوي،
جيون مڪت سوئو ڪهاوي؛
تيسا هرکه تيسا اُس سوگه،
سدا آنند تهه نهين ويوگه؛
تيسا سورن تيسي اُس ماٽي،
تيسا اَمرت تيسي بکه ڪاٽي؛

خيال اٿم. مونکي جڳت جو راڄ ملي ته منهنجو واڌارو ڪهڙو! ۽ جي راڄ هليو وڃي ته منهنجو گهاٽو ڪهڙو. گهاٽي واڌي کان پري آءٌ جيئن جو تيئن پنهنجي سروپ ۾ استٿت آهيان. منهنجي نه سکن سان پريتي آهي ۽ نه دکن سان دوش آهي. هن سرير ۾ پلي انيڪ واشنائون اُٿن ۽ ناس ٿينديون رهن تنهن ۾ منهنجو ڇا! جنهن جو اهو ڀرم ڀڄي ويو آهي ته "هي سرير منهنجو آهي يا آءٌ هن سرير جو آهيان"، تنهن سرير کي رکڻ يا تياڳڻ ۾ فرق ڇا جو. فلاڻي وستو سک دائي آهي ۽ فلاڻي وستو دک دائي آهي، اهڙي پرڪار جا منهنجا ويچار کيڻ ئي ويا آهن، هاڻي آءٌ شانت سم پد ۾ آنند پورڪ استٿت آهيان.

نوٽ:- برهم گياني جي باري ۾ سکمنيءَ صاحب جا هيٺيان وچن آهن:-

سلوڪ ٨- من ساچا مک ساچا سوءِ،
اور نه پيکي ايکس بن کوءِ،
نانک اهه لڇڻ برهم گياني هوءِ.

اسٽپدي ٨-

برهم گياني سدا نرليپ - جيسي جل مهه ڪمل اليپ؛
برهم گياني سدا نردوک - جيسي سور سرب ڪَءُ سوک؛
برهم گياني کي درشٽ سمان - جيسي راڄ رنڪ کَءُ لاگي تل پوان؛

ڪيس اڇا نٿي رهي. انڪي نه ڀوڳن جي پراپتيءَ جي، نه ناموس جي، نه آدر جي، نه مرڻ جي ۽ نه جيئڻ جي ڪا اڇا رهي ٿي. ڪرتاپڻي جي ايمان کي تياڳي سڀ ڪرم ڪندو رهيٿو. انڪي سنسار جي ڪنهن به پدارٿ جي پراپتيءَ جي اڇا نه آهي تنهن هوندي به ٻالڪن وانگر سدائين ڪرم ۾ لڳو رهي ٿو. جيئن نيٺو سڀاويڪ ڏسڻ جو ڪم ڪن ٿا، تيئن جيون مڪت ودوان پڻ ورڻ آشرم انوسار سڀاويڪ ڪريا ڪندو رهي ٿو. هنجو من ڀوڳن ۾ آسڪت نٿو ٿئي. ڪرم ڪندي نشڪلتا ۽ سڪلتا جي حالت ۾ رنج خواهه خوشي نٿو ڪري. هميشه سم ڀاو ۾ استٿت رهي ٿو. هو جڳت جي وهنوار کي نه تياڳي ٿو ۽ نه انجي ڪامنا رکي ٿو. * ديس ڪال انوسار جهڙو وهنوار انجي سامهون اچي ٿو تنهن کي آسڪتيءَ رهت ڪندو رهيٿو. ڪرم ڪندي

---

* نوٽ:- ويد جو فرمان آهي ته "برهم ويتا برهم روپ ٿئي ٿو": ته جيئن برهم جي سروپ جو ورنن واڻيءَ سان ڪري نٿو سگهجي، تيئن برهم ويتا جي اوستا جو پڻ واڻيءَ سان ورنن ڪري ڪين سگهبو. تنهن هوندي به جيئن برهم جي سروپ جو شاسترن ورنن ڪيو آهي تيئن برهم ويتا جو به ورنن ڪيل آهي. انجي مراد اها آهي ته جگياسو انهن لڇڻن جو ابياس ڪري ٻاڻ برهم ويتا جي حالت ۾ پهچي ۽ ائين برهم سروپ ۾ استٿت ٿئي.

راڳ رهت رهي ٿو. هنجو وشين ۾ ورتاءُ راڳ ڪري
نہ آهي. هنجا لوڀ موه آدڪ دشمن ناس ٿي ويا آهن.
جيون مڪت پرش اڪو پدارٿن جي ملڻ تـي خوش
ٿئي ٿو ۽ اڪي ڪي پدارٿن جـي ناس ٿيڻ تـي دکي
ٿئي ٿو. هر حالت ۾ ڪيس آنند ۽ شانتي پـراپت آهي.
هو سڀني ڪرمن جي ڦل جو تياڳ ڪري ڇڏي ٿو.
ڪنهن جو بہ آسرو نٿو وٺي. هنجو چت هميشہ ترپت
رهي ٿو. پاپ ۽ پُن جي ڀاونا کان مٿي رهي ٿو. هنجي
واسنائن جـون ڳنڍيون کلي وڃـن ٿيون، غصو گهٽجي
وڃي ٿو ۽ موهہ مند ٿـي وڃي ٿو. هنجي ڇهري تـي
هميشہ پرسنتا جـي سوڀيا ڏيکاري ڏئي ٿي. هو نـہ
جيئڻ جي چاهنا ڪري ٿو ۽ نہ موت کي ڌڪاري ٿو.
هو ڪنهن بہ پرڪار جي بندن ۾ نٿو ڦاسي. هو مشڪلاتن
۽ دشمنن جي وچ ۾ اچل رهـي ٿـو. نہ هو ڪنهن کان
ڊڄي ٿو نہ ڪنهن جي اڳيان دينتا ڏيکاري ٿو. بلڪ
پهاڙ وانگر ڌيرج وان ۽ اچل رهي ٿو. هو سڀني پدارٿن
کان آزاد ۽ اڇائن کان فارغ ٿي آتما ۾ ئي سنتوش سان
نواس ڪري ٿو. آڪاس ۾ اڏامڻ آدڪ سڌين جـي

تلسا مان تلسا اپمان،
تلسا رانڪ تلسا راجان؛
جو ورتائي سائي جڳت،
نانڪ اُهہ پرک ڪهيئي جيون مڪت.

* آتم هتاوي = اندر ۾ پريت رکي ٿو.

ڪاٻه شنڪا نٿي اُٿي. شب توڙي اشب ڪرياڻن جي ڪندي به هو سمتا جو تياڳ نٿو ڪري، ۽ هنجو مـن اَلپٽي اِستٿي ۽ ناس، سڀني اوستائن ۾ سمان رهيٿو.

جنهن جي من ۾ اهڙو وچار ئي ڪونهي، ته فلاڻي وستو پراپت ڪرڻ جوڳي آهي ۽ فلاڻي وستو تياڳڻ جوڳي آهي، تنهنکي ڪرم جي ڪرڻ خواه تياڳڻ سان ڪهڙو مطلب؛ ڇو ته گياناوان کي نه ڪائي وستو سکه ڏيڻي ٿي سگهي، نه ڪائي وستو دکه ڏيڻي ٿي سگهي. ودوان کي نه ڪرم جي تياڳ ۾ لاڀ آهي ۽ نه انجي ڪرڻ ۾ هاڃي آهي؛ تنهنڪري هو موقعي اُنوسار وهنوار ڪندو رهيٿو. آتم درشٽيءَ کي نه ڀلائيندي هميشه سڀ ڪاريه ڪندي به آتما (پنهنجي سروپ) ۾ استٿت رهي ٿو؛ جنهن ڪري سدائين هو سماڌيءَ ۾ آهي. سنجوڳ وس جيڪو ڪارج سندس سامهون اچي ٿـو انکي هو ڪندو اچي ٿو. پر جيڪڏهين نه ڪري ته اُن لاءِ ڪا متس مجبوري ڪانهي. اندرين ۽ من جون جيڪي به ڪرياٿون گياناوان ڪري ٿو تن ۾ سندس ڪرتا پڻي نه آهي. تنهنڪري گياني ڪرم ڪندي به اڪرتا آهي. هنجي درشٽيءَ ۾ سڀ پدارٿ آتما جو ئي روپ آهن ته پوءِ آتم سروپ وارو گياناوان ڪنهن جي اِڇا ڪري، ڪنهنجو ڌيان ڪري، ڪنهنجي پٺيان پوي ۽ ڪنهن کي پراپت ڪري.

هي رامچي! وهنوار ۾ لڳل گياناوان خـواه وهنوار

خواهہ نہ ڪندي آنڪي اهم ڀاو اُپجڻ نٿو ٿئي. هنجي ٻڌي ڪنهن بہ ڪرم ۾ لمپٽ نٿي ٿئي. استري پٽر خواهہ ڌن آدڪ سمپتيءَ ڪي اڳين جنمن جي ڪيل ڪرمن جو ڦل ٿو سمجهي ۽ سپني وانگر ڪرڻ اسٿائي (ڪرڻ جيٽرو وقت رهندڙ) ٿو سمجهي. لوڪ واشنا خواهہ ڌن واشنا هنجون اورت ٿي ويئون آهن. هو اُپُوروُ وشرانتيءَ جو اُپڀوڳ ڪري ٿو ۽ جيئري ئي مردي وانگر نظر اچي ٿو. هيٺيون ۽ اُپاديہ (اهر ۽ نهي) آءٌ ۽ منهنجون اِهي ڀاونائون جيون مڪت پرش جون ناس ٿي وڃن ٿيون. هنجي من تي هرک شوڪ، ڀؤ، ڪروڌ، ڪام ۽ ڪرپڻتا (ڪنجوسائي) اثر ڪري نٿا سگهن. جيون مڪت پرش جو وويڪ ۾ نواس ۽ ٻوڌ روپي ٻن ۾ وچرڻ ٿئي ٿو. هو سنسار ۾ ڪڏهين بہ دکہ نٿو پائي. هو پنهنجي خيال ۾ مڪر رهي ٿو ۽ عام جي خيال جو سنگہ دوش هن تي اثر پيدا نٿو ڪري. هنجو من ٻودن ۽ ٻوڙ آهي. هو پرم روپي ٻنڌن کان آجو آهي.

جيئن نٽب ۾ سٿل پرش جي هردي ۾ منوهر روپ واري (وهوارڪ) استري ڪو اثر پيدا ڪري نٿي سگهي، تيئن جيون مڪت ودوان ڪي سنسار جو وهنوار ڪجهہ بہ آنند خواهہ دکہ ڏيئي نٿو سگهي. ٻاهران راڳہ دويش ۽ ڀؤ وغيره جو آچرڻ ڪندي بہ چت ۾ آڪاش وانگر شڌ ۽ نرليپ رهيٿو. هي رامجي! ڌرم خواهہ اڌرم ڪرمن جي ڪندي بہ جيون مڪت ودوان جي من ۾

مها ڀڄ ڪري نه ٻه گيانوان کي ڪو ڪلنڪ ڪونه ٿو
لڳي، جهڙيءَ طرح ڪيچڙ ۾ پوڻ سان سون جو ڪجهه
به نٿو بگڙي.

هي رامجي! ديو يوگ سان ٻنا خاص يتن ڪئي
گيانوان کي جيڪي ڀوڳ پراپت ٿين ٿا سي نرآسڪت
من سان ليلا طور ڀوڳي ٿو. استري آدڪ ڀوڳن جي
ڀوڳڻ سان نه هنکي آنند اچي ٿو ۽ نه دک ٿئي ٿو.
هي رامجي! جيون مڪت ودوان مها ڀوڳتا آهي.
مها ڀوڳتا اُن کي چئبو وڃي ٿو جو نه ڪنهن وشيه جي
اڇا ڪري ٿو ۽ نه ڪنهن کان نفرت ڪري ٿو، بلڪ
سڀاويڪ ڀوڳن کي ڀوڳيندو رهي ٿو. هو ڀوڳ ڀوڳيندي
به اڀوڳتا آهي. هو ڪريائن ڪندي به اڪرتا آهي. هو
لوڪ جي سڀني وهنوار کي اڇا رهت ساکيءَ وانگر ڏسي
رهيو آهي. ٻياپو ۽ جواني، موت ۽ جيئڻ، راجائي ۽
فقيريءَ کي هو هڪ جهڙو ڏسي ٿو. هو دک ۽ سک کي
سمان ڀاو سان اهڙيءَ طرح گرهڻ ڪري ٿو جهڙيءَ طرح
سمنڊ ندين کي.

هي رگهنندن! جيون مڪت ودوان آتم پد ۾
استٿت رهي ٿو، جنهنڪري سرير روپي نگريءَ تي راڄ
ڪندي به اُن سان لپائمان نٿو ٿئي. هي رامجي! هيءَ
سرير اگيانيءَ کي ڪيترن پرڪارن جا دک ڏئي ٿو پر
گيانوان کي سک ۽ آنند ڏئي ٿو. هي رامجي! اهو گياني
نه آهي بلڪ مورک آهي، جيڪو ديهه جي اوستٿا انوسار

ڪان پوءِ بن ۾ رهندڙ گيانوان ٻئي هڪڙيءَ اوسٿا ۾
اسٿت آهن. جيون مڪت ودوان جون واشنائون ناس
ٿي ويئون آهن، تنهنڪري ڪرم ڪندي بہ هو اڪرتا
آهي، جيئن ڪو ڪٿا وقت حاضر هوندي بہ من جي
ٻي خياليءَ ڪري ڪٿا ٻڌي نٿو سگهي. پر جنهن جي
چت ۾ واشنائون پيل آهن سو ڪرم نہ ڪندي بہ ڪرتا
آهي جيئن سپن دشٽا سرير سان ڪريا نہ ڪندي بہ
ڪڏ ۾ ڪرڻ جو اڀيئو ڪري ٿو. ان ڪري هي رگهنندن!
چت جو اڪرتا ڀاو ٿي اتم سماڌي آهي. اُنجا ٻيا نالا
ڪيول ڀاو ۽ پرم نورتي پڻ چيا وڃن ٿا. جنهن جو چت
پلي پانت استو آهي ۽ جنهجو اهم ڀاو روپي دوش ناس
ٿي ويو آهي، ان گرهستيءَ لاءِ سندس گهر بہ نرجن بن
جي برابر آهي. پنهنجي اندر جڏهن سيتلتا اچي وڃي
ٿي تڏهن سارو سنسار سيتل ٿي وڃي ٿو. جيڪو
پاڻ کي سڀني ڀاونائن ۽ لياقتن ڪان پري ڏسي ٿو
سو سماڌيءَ ۾ اسٿت آهي. جيون مڪت پرش
اهڙيءَ اوچيءَ پدويءَ تي پهچي وڃي ٿو، جو هن کي
ذرو بہ پرواه نٿي رهي تہ منهنجو سرير رهندو يا نہ.
هو چاهي راجائي محل ۾ رهي، چاهي سڃي بن ۾ رهي؛
شراب پي ۽ ڪاماتر ٿي نچندو نظر اچي، چاهي اسنگہ
ٿي پهاڙن ۾ رهي؛ چندن، اگر، ڪافور، وغيره
سگنڌيءَ وارا پدارٿ پنهنجي سرير تي لڳائي، چاهي
باهہ جي پنبيت ۾ ٽپو ڏئي، گهور پاپ ڪري، چاهي

ڪري ٿو جهڙي طرح برسات پوڻ تي مرگهه ترشنا جو
جل ليِن ٿي وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح پڃگل ٻج انگور کي
اُپن ڪري نٿو سگهي، تهڙي طرح جيون مڪت
ودوان جو چت وري جنم ڌارڻ نٿو ڪري. اهڙي
پرڪار لٿو گياني چت رهت ٿيو وڃي ٿو ۽ هو سدائين
پنهنجي سڀاو ۾ استٿت رهي ٿو.

هي رامجي! گيانوان هجي توڙي اگياني هجي؛
جيڪو بہ سڌين پراپت ڪرڻ جو جتن ڪري ٿو سو
اُنهن کي پائي ٿو. جيون مڪت آتم ڀاو ۾ استٿت آهي؛
هن جون سڀ واشنائون کيڻ ٿي ويئون آهن. تنهن
ڪري هو ڪنهن بہ پرڪار جو جتن نٿو ڪري. آڪاش
۾ اُڏامڻ آدڪ سڌين سان هنجو ڪهڙو پريوجن. هنکي
اِڇا بہ آشا ڪانهي تہ منهنجو نالو ڦهلجي يا مونکي
آدر سٽڪار ملي. آتم گيانيءَ کي بہ سڌيون پنهن جو
پاڻ حاصل نہ ٿيون ٿين. هن کي بہ سڌين جي لاءِ اهڙا
گهربل ساڌن ڪرڻا ٿي آهن جهڙا اگيانيءَ کي. ڌن،
ڪال، ڪريا ۽ منتر جي ساڌن سان سڌيون پراپت ٿي
سگهن ٿيون. جهڙيءَ جهڙيءَ سڌيءَ جي اِڇا هجي،
اهڙي اهڙي ساڌن ڪرڻ سان ئي سڌي حاصل ٿي
سگهي ٿي، پوءِ اِڇا ڪندڙ چاهي اگياني يا گياني هجي.

هي رامجي! جنهن گيانوان جي ٻڌي آتما کان ٻاهر
وچلت نٿي ٿئي انجو ئي جيون سڦليا وارو آهي. جنهن
جو من وشين ڏانهن نٿو ڊوڙي، سڀني حالتن ۾ هڪ

ڪرم اندرين جو وهنوار نہ ٿو ڪري. جهڙي پرڪار ٿون ۾ تيل جو هجڻ سڀاوڪ آهي تهڙي طرح جيستائين هيءُ سرير آهي تيستائين هنجون سڀاوڪ حالتون پڻ ٿينديون رهن ٿيون. جيڪو سرير جي اوسٿا پٽاندر وهنوار ٿيو ڪري سو جڻ تہ تلوار سان آڪاش کي ڪاٽڻ ٿو گهري. جيستائين سرير آهي تيستائين سميڪ ٻڌيءَ سان سداچار جي اندر ديهہ جون گهرجون ڪرم اندرين سان پوريون ڪرڻ گهرجن، پر نہ من سان.

هي رامجي! ٻاهرئين وهنوار ۾ جهڙو گياني تهڙو اگياني آهي. تفاوت فقط واشنا ۾ آهي، ڇو تہ واشنا ئي ٻنڌن ۽ موڪش جو ڪارڻ آهي. گيانوان ۾ پڻ اگيانيءَ وانگر دک سک نظر اچي ٿو، پر اگيانيءَ جو من سک دک ۾ لپٽيل آهي، جنهن ڪري هو ٻنڌ ۾ آهي ۽ گيانوان جو من اسنگ آهي، جنهن ڪري هو مڪت آهي. من ڪري ئي سچي مڪتي حاصل ٿئي ٿي، پوءِ ڀلي ڪرم اندريون ڦاٿل نظر اينديون هجن. مطلب تہ سنسار جي سک دک جو انڀو ڪرائڻ واري، چاهي موڪش جي آنند وٺائڻ واري، من جي اندري ئي آهي ۽ نہ ڪرم اندريون.

هي رامجي! موئل چت کي من ڇيو وڃي ٿو ۽ ٻوڌ واري من کي ستو ڇيو وڃي ٿو؛ من وري جنم پائي ٿو، پر ستو اُمر ٿي وڃي ٿو. هي رگهنندن! آتم گيانيءَ جو چت اُپشم (شانتي) کي اهڙيءَ طرح پراپت

ناس ٿيڻ ڏي وديھہ مڪتيءَ ۾ پرويش ڪري وڃي ٿو. وديھہ مڪت نہ پيدا ٿئي ٿو ۽ نہ انھو انت ٿئي ٿو. ھو نہ ست رھي ٿو ۽ نہ است ٿي آھي. سورج ٿي جڳت کي گرمي پھچائي ٿو، وشنو ٿي ٽرلوڪيءَ جو پالڻ ڪري ٿو، رد ر (شو) ٿي سڀني جو سنگھار ڪري ٿو، برھما ٿي سرشٽيءَ جي رچنا ڪري ٿو، ھو آڪاش جي روپ ۾ وايو منڊل جو ڌارڻ ڪري ٿو، پرٿوي ٿي سڀني لوڪن کي ڌارڻ ڪري ٿو، اگني ٿي تيج کي ڌارڻ ڪري ٿو، اندڪار ٿي ڦھلجڻ کي ڌارڻ ڪريٿو. مطلب تہ برھم سان ھڪ روپ ٿي ھرھنڌ ھر شيءِ ۾ ھر ڪال ۾ استٿت رھي ٿو. ھي رام! ھن اوستا جو نالو جيون مڪتي آھي. اھو ئي برھم آھي، اھو ئي پورن نروان سروپ آھي.

(٢٧) يوگ واسشٽ جي وشيہ

ھي رامجي! ھيءَ جو مھا رامائڻ مون توکي ٻڌايو آھي تنھن ۾ چئن ويدن، ڇھن شاسترن سڀني اتھاسن ۽ پرانن جو سڌانت مون اھڙيءَ ريت چيو آھي جو اُن سمان نہ ڪنھن اڳي چيو آھي ۽ نڪو آئينده چوندو. تون اُن جي ويچار ۾ ئي من کي لڳاءِ تہ جلد ئي آتم پد کي پراپت ٿين. ھي رگھنندن! آتم گيان، تپ ۽ سراپ وانگر نہ آھي، جو رڳو چوڻ سان سڌ ٿي وڃي، مگر آتم گيان جي پراپتيءَ لاءِ گھڻي ڪال جو اڀياس گھرجي. ھي رامجي! ماتا پتا جي شيوا، تيرٿن ۽ دان سان

جهڙو آهي ۽ آتما کي ظاهر ظهور پسي رهيو آهي، اُنجي
حياتي سندر آهي. جو اُدار چت وارو مهاتما ساري
ٽرلوڪيءَ کي هڪ ڪک جي برابر سمجهي ٿو، اُن کي
ڇڏي آپٽيون انين هليون وڃن ٿيون، جئن ناڳ جي
ڪل ٻنا تڪليف جي لهي وڃي ٿي. جنهن جي اندر ۾
ستو جو پرڪاش رهي ٿو، اُنجي لوڪ پال رکيا ڪن ٿا.
جنهن ڪـي ڪا به چاهنا ڪانهي انکي پرم امرت جـي
پراپتي ٿئي ٿي.

هو راڳ دويش جو تياڳ ڪري سيتل ٻڌيءَ سان
سڀ جو ساکي ٿي سدائين آنند ۾ رهي ٿو. سڀيءَ
درشٽيءَ کي پاڻي ليلا طور جڳت جون ڪريائون ڪندي
آنند ۾ رهي ٿو. جيئن مانسرور مان سفيد هنس جون
قطارون نڪرن ٿيون تيئن تتو وينا پـرش مان ست گـڻ
نڪرندا رهن ٿا. ان جا گڻ ٻڌي، ان جو درشن ڪري،
ان جو سمرڻ ڪري، لوڪ آنند وٺن ٿا. اهڙي پرش
جو جيون ٿي سوپنا وارو آهي. سنسار ۾ جيڪو جيڪو
ڪرم ڪيو وڃي ٿو، اُن مان آنند اُن کي ملي ٿو،
جنهن جو چت سماهت آهي. جهڙيءَ طرح بسنت رت
۾ وڻن جي سندرتا ۽ سوڀيا وڌي ٿـي، تيئن تتو گيان
جي پراپت ڪرڻ سان منش ۾ ٻڌي، ٻل ۽ تيج جو
واڌارو ٿئي ٿو.

هي رامجي! لڳندڙ هوا جيئن شانت هوا ۾ پرويش
ڪري وڃي ٿي، تيئن جيون مڪت پرش ديهه جـي

پرگهٽ ڪيو اٿو. توهان جي ڪرپا سان مان آتم پد
کي پراپت ٿي، ڪرت ڪرتيه ٿيو آهيان. هاڻي مان
اچيت چن ماترو پرم پد کي پراپت ٿيو آهيان ۽ منهنجا
سنتاپ مٽجي ويا آهن. توهان ديا ڪري انيڪ
درشٽانت ڏيئي منهنجي استول بڌيءَ ۾ سوکيم تتو
جي ڀاونا پڪي ڪرائي آهي. مون ڄاتو آهي ته آتم سٽا
کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪينهي. هاڻي منهنجو موهه ناس
ٿي ويو آهي. مونکي نه ڪنهن ۾ راڳ آهي نه دويش.
آءٌ پرم شانتيءَ کي پراپت ٿيو آهيان. نه ڪنهن ڪرم
ڪرڻ سان ڪو لاڀ اٿم ۽ نڪي نه ڪرڻ ڪري ڪا
هاڃي ٿو ڏسان. منهنجا سڀ سنديهه ناس ٿي ويا آهن.
آءٌ برهم آنند ۾ استٿ ٿيو آهيان.

(٢٨) شاستر جي مهما

هي رامجي! هي منهنجا وچن تمام پوترو آهن.
ويچاروان جگياسوءَ لاءِ هي وچن گيان جو ڪارڻ آهن.
جهڙي طرح سرد رت ۾ بادلن جي نه هئڻ ڪري
چندرمان سوڀيا پائي ٿو، تهڙي طرح اڌڪاري پرشن ۾
هي وچن سوڀن ٿا. موکش جي اپاوَ، آتما جي سروپ
ڄاڻائڻ لاءِ هن مها رامائڻ ۾ انيڪ جڳتيون ۽ طرح طرح
جا درشٽانت ورنن ڪيل آهن. جنهن پرش جا گهڻن
جنمن جا سنسڪار پڪ گڏ ٿين ٿا تنهن کي هن شاستر جو
ٻڌڻ نصيب ٿئي ٿو. نيچ پرش کـي هنجو ٻڌڻ پراپت
ٿي نٿو سگهي، نه وري اهڙي پرش جو چت هن شاستر

اهڙو ڪلياڻ پراپت نٿو ٿئي جهڙو منهنجي اُپديش جي وار وار ويچار ڪرڻ سان. تنهن ڪري هي ٻڌيوان رام! ٻيا سڀ اُپاءِ ڇڏي فقط منهنجي وچنن جي ويچار ۾ لڳي وڃ ته تنهنجا سڀ ڀرم مٽجي ويندا ۽ جلد ئي آتم پد کي پراپت ڪندين. اگيان روپي مها روڳ ڪري جيو دکي ٿي رهيا آهن. پر جنهن جي ٻڌي منهنجي اُپديش ۾ استٿت ٿي آهي سي اُن دک کان ڇٽي سؤستٿا (روڳ کان ڇوٽڪاري) کي حاصل ڪندا. هي رامجي! هن مها رامائڻ جو اُپديش سڀني سڌانتن جو سار آهي. ٻين شاسترن جي ويچارڻ سان آتم پد پراپت ٿئي يا نه ٿئي، پر هن جي ويچارڻ سان ته اوس ٿيندو. جا اوسٿا ٻين شاسترن کي گهڻي ويچارڻ ۽ ڏاڍي جتن سان پراپت ٿئي ٿي، سا هن شاستر جي ويچارڻ سان بلڪل سولائيءَ سان حاصل ٿئي ٿي. هي رامجي! آءٌ ڄاڻان ٿو ته مورک لوڪ منهنجي وچنن تي کلن ٿا، پر منهنجو ديالو سڀاءَ آهي، تنهن ڪري چاهيان ٿو ته من ترڪ روپي سنسار کان تري پار ٿين، انڪري آءٌ برهم وديا جو امولڪ اُپديش ڪليو ڪلايو ڪريان ٿو.

جڏهين وسشٽ جن اهڙو اُتم اُپديش ورنن ڪري مانت ڪئي تڏهين سري رامچندر جن شانت ۾ استٿت ٿيا. ٿوري وقت گذرڻ تي منوهر مک مان اُچارڻ لڳا، ته هي گرو مهراج! آءٌ توهان جو وڏو اُپڪار مڃان ٿو، جو منهنجي انڌڪار واري هردي ۾ گيان روپي پرڪاش

ٽيون ”اُتپتي پرڪرڻ“ آهي، تنهن ۾ سندر اُپديش درشٽانتن سان ڏيل آهن، جنهن جي ويچارڻ سان جڳت جي اُتپتيءَ جو ڀاو من مان نڪري وڃي ٿو.

چوٿون ”استٿت پرڪرڻ“ آهي، جنهن ۾ جڳت جو هئڻ پڻ سنڍ جي پٽ وانگر تُچ ڏيکاريل آهي. هن پرڪرڻ ۾ ڪلپنا واد جو وستار سان ڪٿن ڪيل آهي، جنهن جي ويچارڻ سان جڳت جو ست ڀاو مٽجي وڃي ٿو.

پنجون ”اُپشم پرڪرڻ“ آهي، هن ۾ سپني وغيره درشٽانتن سان ڄاڻايل آهي ته جڳت جو ٽنهي ڪالن ۾ اُڀاو آهي.

ڇهون ”نرواڻ پرڪرڻ“ آهي، جنهن ۾ آتم اُپديش ڪيل آهي، جنهن جي ويچارڻ سان چت نرمل ٿي وڃي ٿو ۽ جيتريون اڇائون ڦرن ٿيون سي سڀ شانت ٿي وڃن ٿيون، ۽ نرواڻ پد جي حاصلات ٿئي ٿي.

اوم شانتي!

جي ٻڌڻ ۾ لڳي سگهندو. جهڙي طرح ڌرماتما راجا جي اچا نياءُ شاستر جي ٻڌڻ ۾ ٿئي ٿي ۽ پاپ آتما جي نٿي ٿئي، تهڙي طرح ٻج آتما جي رچي هن شاستر جي ٻڌڻ ۾ ٿئي ٿي. هي رگهنندن! جو پرش هن مها رامائڻ کي شروع کان وٺي پڇاڙيءَ تائين پڙهي يا ٻڌي، ويچاريندو، تنهنجو سنسار پرم نورت ٿي ويندو. جهڙيءَ طرح نوڙيءَ جي ڄاڻڻ کري ناڳ جو پرم مٽجي وڃي ٿو، تهڙي طرح ادويت روپ آتما کي ڄاڻڻ سان سنسار جو پرم نورت ٿي وڃي ٿو.

هن شاستر جا ڇهه پرڪرڻ آهن، جن ۾ ٻٽيهه هزار شلوڪ آهن. پهريون آهي "ويراڳ پرڪرڻ"، جو ويراڳ جو وڏو ڪارڻ آهي. هي رامجي! رج ۾ وڻ پيدا نٿو ٿئي، پر ڪڏهين، وڏيءَ ٻرسات پوڻ کري اُتي به وڻ اُپري پوي ٿو؛ اهڙي پرڪار اگياني پرش جو هردو، جو رج وانگر آهي، تنهن ۾ ويراڳ روپي وڻ نٿو اُپري. پر جي شاسترن جي وچن روپي وڏي ورکا ٿئي ته اُتي به ويراڳ روپي وڻ پيدا ٿي پوي ٿو.

ٻيو "مموکش پرڪرڻ" آهي تنهن ۾ تمام نرمل وچن چيل آهن. جهڙي طرح سنڌر سان ملڻ کري ميري آرسي نرمل ٿي پوي ٿي تهڙي طرح هن پرڪرڻ جي وچن کان اگيانيءَ جو هردو نرمل ٿي وڃي ٿو، ۽ ويچار جي ٻل سان آتم پد پائڻ لاءِ سمرٿ ٿئي ٿو.

سري يوگ واسشٽ

وڏي سائيز جي ڇهن ڀاڱن ۾

هر هڪ ڀاڱي ۾ ٥٠٠ صفحا ڪپڙي جو پڪو جلد

هي پستڪ هندن جي ويدانت جو هڪ مکيه شاستر آهي. گيان، ڀڪتي ۽ موکيه جو ڀنڊار آهي.

سري رامچندر مني واسشٽ مهراج جو گيان گوشٽ

قيمت ١٣-٠-٠ رپيا

لئبررين سان خاص رعايت ڪئي ويندي

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل

سدارسيا ڪاهي رستو حيدرآباد

آتم واسي راء بهادر ديوان چين راي
جا اُتم پستڪ

١- سري مد ڀڳوت گيتا سنڌي ڪوتا ۾
پومڪا ۽ ٽيڪا سميت قيمت ٠-٨-١

٢- گيان ساگر هڪ دلچسپ ناول ۾
ستسنگ جو لاڀ ٠-٠-١

٣- جگياس مارگ مختصر پارس ڀاڳ جو سار ٠-١٢-٠

٤- جپ صاحب ٽيڪا، ارٿ ۽ پومڪا سميت ٠-٨-٠

٥- پدارٿ وديا جا چٽڪا دنيا جا نوان
چمتڪار ٠-٦-٠

٦- پورن چند سنڌي ڪوتا ۾ جهوني
سنسڪرت پستڪ جو ترجمو ٠-٤-٠

٧- سري رام گيتا سنڌي ڪوتا ۾ اڌياتم
رامائڻ مان ٠-٤-٠

٤-١٠-٠

خاص رعايت ستسنگين ۽ لئبررين لاءِ سڀو سيٽ
٢½ رپين ۾

کوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل
ڪاهي رستو حيدرآباد سنڌ

ستسنگين لاءِ سوکڙي

ڀڳتي ۽ گيان ڀريل پستڪ

شري انڀؤ گيان ساگر ٢-٨-٠
" سکيا سار ١-٤-٠
ديوان صورت بهار ١-٠-٠
حياتي جو مقصد ٠-١٥-٠
ساميءَ جا سلوڪ (ٽيڪا سان) ٠-١٢-٠
شهاڊو شاهه ٠-١٢-٠
سک جي سکيا ٠-١٠-٠
وچار چندرُديه ٠-٨-٠
ڏهه اُپنشد ٠-٨-٠
درويشي ڪلام ٠-٨-٠
هندو ڌرم جي سکيا ٠-٦-٠
دليپت صوفي جو ڪلام ٠-٦-٠
ويدانتي وڍڪار ٠-٥-٠
هندو پرپ ٠-٥-٠
روپ مالا وڏي ٠-٥-٠

ڪلياڻ گيتا ٠-٤-٠
سنتن جي سوکڙي ٠-٣-٠
سکم سنديش ٠-٢-٦
آريه ناري چرتر ١-٨-٠
ڏهن گرن جي جنم ساکي ١-٤-٠
شري ڪرشن ٠-١٠-٠
گرو گوبند سنگهه ٠-١٠-٠
ڀڳت مالا ٢ ڀاڱا ٠-١٠-٠
سنڌ جا سنت ٠-٨-٠
ست رتن ٠-٨-٠
مهاتما گانڌي ٠-٨-٠
سوامي رام تيرٿ ٠-٦-٠
" ويويڪانند ٠-٦-٠
" رامڪرشن ٠-٤-٠
" " وچن ٠-٤-٠
ڪرم يوگ ٠-٤-٠
آتم راماڻ ٠-٥-٠
ڀڳوت گيتا ٠-٤-٠

Donated from –

to

Prof. Sushila Motwani
Head, Sindhi Dept.
GCA

Β. Β. Αδνα